
مهراڻ
ABC CERTIFIED
نمبر2/2019ع
سنڌي ادبي بورڊ



## هيءَ جا لات "لطيف" جي

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگ ساتَ ڪَجَنِ،
وِچُون وَسَڻَ آئِيُون، نَہَ نَہَ مِينهَن ٿِمَن،
جِنِ مَهانگو لَهي ميڙيو، سي تا هَٿَ هَٽَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پِندِرَهن ٿِيام، اِئَن تا وَرِقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏيہَ مان، شالَ موُڏي سَبُ مَرَنِ،
وَري وَڏي وَسَ جوُن، ڪَيوُن ڳالهِيوُن ڳَنوارَنِ،
سَيّدُ چوي سَپِن، آهِ توهِ تُنهنجيِ آسِرو.

(سُر سارنگ)

***

ڪڪرن کي اَمر (الاهي حڪم) ٿيو تہ مينهن جا سانباها ڪجن. وچون برسات وسائڻ آيون، مينهن ڏماڏم پيا وسن، جن (واپارين) اَن مهانگو خريد ڪري، سانڍي رکيو، سي هاڻ پڇتائين ٿا. پنجن مان پندرهن ٿي ويا (اگهہ تيٽو رٽي ويٺا)، اِئين سندن بندين جا پنا ٿا اُٿلن، شال سڀ ڏڪاريءَ مڙيئي موُڏي ملڪ مان نابود ٿي وڃن. ڳنوارن وري وڏي وسڪاري جون ڳالهيون ڪيون آهن. شاهہ صاحب ٿو چوي تہ "اي ڏٽي! مڙني لاءِ تنهنجي مهر ئي آڌار آهي." (ڏسجي ٿو تہ اُنهيءَ زماني ۾ بہ خلق، واپارين جي آزاريل هئي).

("شاهہ جو رسالو" ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)

سائين سدائين ڪرين
مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار
عالم سڀ آباد ڪرين

## احمد سولنگي



### بي خواب هوا آئي

جنهن وقت ڪلي مون تي، آ رات جي تنهائي،
اکڙيون نہ اکيون ڪنهن پي، دل ڪنهن بہ نہ پرچائي،
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

معصوم محبت جا، لمحا هي سڙن ڇو ٿا؟
۽ دل جي قبيلي جا، خيما هي سڙن ڇو ٿا؟
ڪنهن ڇو نہ ڪئي دل جي دل سان مسيحائي؟
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

جَهتَ اک نہ لڳي رڻ جي، رولاڪ پکين جي آ،
جڻ سانت سڀي سوڙهي، پوشاڪ پکين جي آ،
ڪنهن طرف ڪڏهن گونجي، ڪا گونجَ نہ صحرائي.
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

آواز ويا وسري، نغما بہ ويا وسري،
واڪا نہ وڻن ۾ ۽ جهونڪا بہ ويا وسري،
ماحول ڪيو ڪيڏو، سُرَ ساز کي سودائي.
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

چُپ چاپ سڄو صحرا، چُپ چاپ سمندر آ،
چُپ چاپ ڏمالون ۽ چُپ چاپ قلندر آ،
چُپ چاپ ٽِڙن تارا، چُپ چاپ اڪيلائي.
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

ڪو ٽڙ بہ نہ خوابن ڪي، اُرڻ جي رڪان خواهش،
آڪاش، منڊل سارا، آڪرڻ جي رڪان خواهش،
رفتار اُتم اهڙي، مان اُن جو تمنائي.
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 69 | اپريل- جون 2019ع | نمبر 2


**سرپرست**

## مخدوم سعيد الزمان "عاطف"

چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

**انچارج سيڪريٽري**

## سيد سڪندر علي شاهه

**ايڊيٽر**

## ثمينه ميمڻ


ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

P 56592
19-7-2019



## سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

بسم الله الرحمن الرحيم

# سوچ-لوچ

**سنڌي ادبي بورڊ پاران ٽن ڏينهن جو ڪوٺايل ڪتابي ميلو:**

سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان 25- اپريل کان 27- اپريل تائين ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو لڳايو ويو. جنهن جو افتتاح بورڊ جي چيئرمين سائين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' ڪيو. بورڊ جي چيئرمين افتتاحي تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو تہ ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ڪتابن جو ميلو لڳائي ادبي بورڊ جي علمي ادبي سرگرمين جي شروعات ڪئي آهي ۽ وڌيڪ چيو تہ ڪتابي ميلي جو اصل مقصد نئين نسل کي ادب ڏانهن دلچسپي وڌائڻ آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي اڳڻ تي ٽن ڏينهن واري ڪوٺايل ڪتابي ميلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ثقافت کاتي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٽرسٽ، روشني پبليڪيشن، پيڪاڪ پبليڪيشن، ڪويتا پبليڪيشن، پوپٽ پبليڪيشن ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران اسٽال لڳايا ويا. هن ڪتابي ميلي ۾ مادر علمين جي استادن، شاگردن، شاگردياڻين سميت زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ساڃاهہ وند ڌرين شرڪت ڪئي ۽ گهڻي تعداد ۾ ڪتاب خريد ڪيا.

**بورڊ آف گورنرس جو تعارفي اجلاس:**

سنڌ سرڪار پاران مخدوم محمد سعيدالزمان "عاطف" جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو بورڊ آف گورنرس جوڙيو ويو آهي. بورڊ آف گورنرس ۾ ناميارا عالم، شاعر، اديب، جن ۾ محترم جسٽس ريٽائرڊ سيد ارشاد علي شاهہ، محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق، محترم ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، محترم مختيار ملڪ، محترم سيد شبير علي شاهہ "هاتف"، محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي، محترم سيد حاڪم علي شاهہ بخاري، محترم ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ، محترمہ نذير ناز، محترم سرفراز احمد راڄڙ، محترم عبدالقادر جوڻيجو، محترم عبدالقادر منگي ۽ تعليم کاتي جو نمائندو محترم احسان الله لغاري صاحب شامل آهن.

بورڊ آف گورنرس جو پهريون تعارفي اجلاس تاريخ 16- مئي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين محترم مخدوم محمد سعيدالزمان "عاطف" جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٿي

گذريو. جنهن ۾ مانواري چيئرمين صاحب ۽ ميمبر صاحبان پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي رٿائن، ترقياتي ڪمن ۽ ادبي رٿائن تي ويچاري ڪارائتا فيصلا ڪيا ويا.

نئين بورڊ آف گورنرس جي جوڙجڪ سان ادبي حلقن ۽ سنڌ جي باشعور ماڻهن کي ان ڳالهه جي قوي اُميد آهي ته موجوده بورڊ آف گورنرس جي اچڻ سان سنڌي ادبي بورڊ ترقيءَ جون منزلون ماڻيندو ۽ ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ جوڳا قدم کڻندو، جنهن سان سنڌي ادب کي وڌيڪ ترقيءَ جون منزلون نصيب ٿينديون. سنڌي ادبي بورڊ جي نئين چيئرمين جي مقرر ٿيڻ سان نئي سنڌي ادبي بورڊ ۾ نئون اُتساهه پيدا ٿيو آهي ۽ ملازمن ۾ پڻ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿي آهي. مخدوم صاحب جي سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن جي مسئلن تي نهايت دلچسپيءَ سان ورتل اُپائن ۾ ڪافي عرصي کان ملازمن جي رهيل ترقين ملڻ سان ملازمن جي همت افزائي ٿي آهي. اميد ته مليل ترقين سان اداري جا ملازم بورڊ جي ترقيءَ لاءِ اِجا وڌيڪ محنت ۽ نيڪ جذبن سان ڪم ڪندا ۽ پنهنجون ذميواريون بهتر طريقي سان نڀائيندا.

سنڌي ادبي بورڊ ٽه ماهي "مهراڻ" لاءِ بهتر ڪاغذ، ڇپائي ۽ معيار کي بهتر ڪرڻ سان گڏ ٽه ماهي "مهراڻ" جي قيمت ۾ اضافو انڪري -/200 رپيا ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو مهانگائي تمام گهڻي ٿي وئي آهي. ڪاغذ، مس وغيره کان علاوه سرڪاري پوسٽ خرچ ۾ پڻ سرڪار پاران تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي، انهيءَ هوندي به بورڊ طرفان رسالي جي قيمت ۾ معمولي اضافو ڪيو ويو آهي. اداري کي اُميد آهي ته پڙهندڙ رسالي جي ڇپائي وغيره تي ايندڙ خرچ جي روشنيءَ ۾ قيمت ۾ اضافي جي باوجود پنهنجو سهڪار ۽ تعاون جاري رکندي، ٽه ماهي "مهراڻ" جي سرڪيوليشن جي واڌاري ۾ پنهنجو اڳ وانگر تعاون جاري رکندا.

هتي اها ڳالهه به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته اداري طرفان هر ڏکئي وقت ۾ ٽه ماهي "مهراڻ" جاري رکي معيار کي برقرار رکندي رسالو وقت سر شايع ڪيو آهي ۽ پڙهندڙن مان پڻ ساڳئي ريت تعاون جي قوي اُميد آهي.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر

# چوليون


## وکر سو وهاءُ

- مقصود گل 9
- حسن درس 10

## تحقيق

- شاهه جو سُر ڏهر/ ڏاهر ۽ محققن جي تحقيق —عبدالقادر ڪوسو 13
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ 'تجنيس مڪرر' جو جائزو —ڊاڪٽر الطاف جوکيو 27
- سنڌ ۾ نقشبندي سلسلو ۽ ان جا نامور بزرگ —ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو 34
- موتين مُٺِ - ڊاڪٽر علي اڪبر 'اسير' قريشي 47
- ابوڙي ڪئمپ —ڊاڪٽر آزاد قاضي 67
- علامه محمد هدايت علي 'نجفي' تارڪ مفسر ۽ مترجم - پروفيسر مظهر علي قريشي 79
- ديوان گل جي اشاعت تي آخوند گل محمد هالائيءَ جي چيل قطعه تاريخن جو فني جائزو —ميرزا دبير 88

## شاعري

- امداد حُسيني 103
- ادل سومرو 104
- نصير مرزا 105
- ج.ع.منگهاڻي/امر اقبال 106
- خليل "عارف" سومرو 107
- ڪوثر سوز هالائي 108
- روبينه ابڙو 109
- رحيمداد جوڳي 110
- گُل محمد چنجڻي 111
- انجم قاضي 113
- امتياز عادل سومرو 114
- جيئند علي مهر 115
- جبار 'تاثير' سومرو/ مستقيم بازيدپوري 116
- غازي جمالي 117
- سيما عباسي 118
- بيتاب ناپَر 119
- روشن شيخ 120
- زين ڪوسو 121
- ياسين ڪنير 122
- اظهر 'آزاد' مغل 123
- ڪير چند شرما 124
- علي اصغر لاڙڪ/ فيض الله مگريو 'فنائي' 125
- ڪاشف ميمڻ 126

## مقصود گُل



(جنم: 15- اپريل 1950ع - وفات: 14- فيبروري 2015ع)

## غزل

اکين ئي اکين ۾ ستارن جُون ڳالهيون، اڃا ياد آهن اشارن جُون ڳالهيون.
وئي وقت جي ويرَ تي وِيرَ گذري، نہ وسري، نہ وسريون پيارن جُون ڳالهيون.
ڪڏهن مَنُ نہ آهي، ڪڏهن مُور ماسو، عجب هِن اسان عشق وارن جُون ڳالهيون.
سدا سُورَ سُڏڪا، ڏَجها، ڏوجهرا سَوِ، نہ هَر هَر پُڇو، حُسن وارن جُون ڳالهيون.
سُکن ۾ وڏا نهڪ ياڪيون ۽ پيرا، ڏُکن ۾ نہ سمجهن ڏُکارن جُون ڳالهيون.
هُجي سيجَ سوري، يا سُقراط پيالو، سَچيون سونَ ورنيون سچارن جُون ڳالهيون.
هليو واڳ ڏاڙهيون بہ ڏيئي ڇڏيائون، نہ پُلجي بہ پُڇجو پلارن جُون ڳالهيون.
ڪٽي گُل گُلابي نہ آڇيو اسان کي، ٻُڏي ڪير سگهندو ڳلارن جُون ڳالهيون.

# حسن درس



(جنم: 05- سيپٽمبر 1966ع - وفات: 16- جون 2011ع)

## غزل

اسان ئي ڪوي ڪاڪ ڪوتا جا راڻا، اسان سان ئي مومل ڪيا موهه ماڻا.

اسان ئي ته اونده سان الجهون ۽ انڪون، اسان جي نه ذات جا ڏيئا اجهاڻا.

اسان ڪنب ڪوهي نه خيالن جا ڇڏيا، اسان جي اندر جا عقاب اڏاڻا.

اسان ته ٻنائيءَ سندا شعر ڳايا، اوهان ئي پڙهيو پيا پرايا پراڻا.

نڪي در ڏارئين ڪنهن جو جهليوسين، نڪو نوسياسين وڃي نام ناڻا.

وساريا نه آهن اسان وڻ وطن جا، ٻلياسين نه دودي ۽ ڊونگر جا ٻاڻا.

نڪي لوڀ لالچ اسان ڪي نمايو، نڪي بيت دوها اسان جا وڪاڻا.

ڪٽي ٻات ۾ لاٽ وانن ڪي ووڙي، اسان ئي ٻره جا ڪيا هن پڇاڻا.

سيئي سنڌ تنهنجي تسبيح پڙهن پيا، "حسن" سي نه هر دم آهن اياڻا.

جڏهن کان انسان وجود ۾ آيو، تڏهن کان خبر ناهي ته ڪهڙن ڪهڙن روپن ۾ ڪيترا دؤر آيا ۽ ويا، هر دؤر جي عڪاسي يا مڪمل ڄاڻ ڏيڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه به ته ناهي جو اِهي پنهنجو پاڻ ختم ٿيندا ويندا آهن ۽ نوان دؤر اُن وقت جون نيون جدتون ۽ تبديليون ڪٺي ماضيءَ جو حصو بڻجڻ لاءِ اُڀريو، اڪين آڏو پيا ايندا آهن ۽ ڏسندي ئي ڏسندي جڻ هوائن ۾ تحليل ٿيو وڃن، جن سان آندل جدتون، روايتون، قدر ۽ سڀ ڪجهه ڪَکَ پن جيان اُڏري وڃي سڪي سڙي ڳري رک جو ڍير بڻجي ويندا آهن، هر جاندار چاهي بيجان شيءِ جيان.

اڄوڪو دؤر جنهن ۾ اسين سڀ جيون پيا ڪيئي منزلون لتاڙي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي ترقيءَ جي چوٽ کي اچي رسيو آهي، پوءِ به انسان کي پڪ آهي ته ايندڙ دؤرن جي پيٽ ۾ اِهي سموريون ترقيون جڻ ڪجهه ئي نه هونديون، توڙي جو هر گذريل دؤر جي پس منظر ۾ ٿيندڙ ايجاد يا ترقي اُن وقت جي اهم ترين شيءِ ليکبي هئي، پوءِ چاهي اُها باهه هجي، پوشاڪ هجي يا هٿيار هجن.

وقت انسان ذات کي ريل، جهاز، موٽر ڪارون ۽ اهڙيون بيون ڪيتريون ئي عجب ۾ وجهندڙ شيون تيار ڪري ڏيکاريون، پر هاڻي ڪمپيوٽر جي ايجاد سموري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. اِسڪائيپ تي ڳالهه ٻولهه آمهون سامهون پئي ٿئي، تصويرون پڻ هڪ ٻئي ڏي پَل ۾ پهچيو وڃن ۽ اهو وقت به پري ناهي جو انسان خود به ڪا سائنسي ايجاد واري ٽيبليٽ يا گولي ڳيهي جهٽ ۾ جنهن ملڪ ۾ چاهي اُتي پهچي وڃي!

هي جهان اهڙو ته ڪرشماتي آهي جو جيڪا به سوچ ذهن ۾ اچي ٿي سا ڪنهن نه ڪنهن طرح عمل ۾ پڻ اچيو وڃي، ڇو ته هي ڪائنات قدرتي معجزو آهي، رڳو "ڪُن" چوڻ سان ئي اهو مطلب حاصل ٿيو وڃي جيڪو ديني ڪتابن ۾ آهي.. جنهن موجب هي جهان جُڙي پيو، جيڪا ڄڻ احساس ۽ جذبن جي ڪا راند هجي.... ٻيو ڪجهه به نه!

**ماهتاب محبوب**

ڪتاب: "سوچون سمنڊ سمان"

ص 14_15 تان کنيل

**ٻيو علائقو چوڻاڻ:**

قديم دؤر ۾ ننگر پارڪر واري مٺي تعلقي جي اوڀر واري ايراضيءَ کي چوڻاڻ چوندا هئا. هن علائقي ۾ ڄام سپڙ جي حڪومت هئي ۽ هيءُ سما ننگر جو حاڪم هو. وسڪاري جي مُند ۾ هيءُ حاڪم چوڻاڻ واري علائقي ۾ وڃي رهندو هو، شاهه اهڙي صورتحال جي منظرنگاري هيٺينءَ ريت ڪري ٿو.

جهوڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وَٽ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪُس چوڻاڻو چِٽ ڪيو.

هن بيت ۾ شاهه سائين چوڻاڻ کان سواءِ جنهن ٻئي علائقي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو علائقو وٽ آهي.

**وٽ:** تعلقي ڏيپلي ۽ مٺي جي ڪڇ رڻ واري پٽيءَ جو نالو وَٽ آهي، هيءُ علائقو ديگهہ ۾ گهٽو ۽ ويڪر ۾ گهٽ آهي.

**ٽيون علائقو، "ٻيلو":**

ٻيلو ڪڇ جي رڻ ۾ مشهور ٻيٽ آهي، اصل سَپڙ نالي ٻہ مشهور ڪردار آهن. شاهه سُر سورٺ ۽ پريات ۾ ٻيلي جو ذڪر ڪيو آهي. سپڙ ٻہ ٿي گذريا آهن. (1) ڄام سپڙ چوڻاڻي، (2) سپڙ ولد چوڻو رونجهو ٻيلي ڌڻي.

هن سپڙ جو ذڪر شاهه سُر پريات جي بيت جي هيٺئين سِٽ ۾ ڪيو آهي:

رُونجهي رات اُپٽيا، هِيري سَندا هَٽ. (سُر پرياتي)

سپڙ رونجهو اصل ۾ لسٻيلي جو هو، اُتان ڪاوڙجي شهدادپور واري ايراضي ڪنبر "ماڙي سَپڙ" ۾ اچي رهيو جيڪا اڄ بہ ڪنبرات جي صورت ۾ موجود آهي.

شاهه سُر ڌهر ۾ جيڪو علائقو ٻيلو ڳايو آهي، اُن ۾ سَپڙ چوڻاڻي جو ذڪر آهي:

ڪيڏانهن ويا سَنگهار، جي هُئا هِني پيٽئين،
ڏور تہ ڏوريون ٻار، ٻيلي ٻنهي ڪُنٽِئين.

**پنجون علائقو "ڪريڙ":**

ڪريڙ لفظ لاءِ مرزا قليچ بيگ پنهنجي رسالي ۾ صفحہ 711 تي هڪ لفظ کي "ڪريڙ" لکيو آهي ۽ لغات لطيفي ۾ هن جي معنيٰ ڏيندي لکي ٿو تہ: هي رڻ ڪڇ جو ٻيٽ آهي.

ڪريڙ لاءِ معمور يوسفاڻي لکي ٿو تہ "ڪريڙ" رڻ ڪڇ جو ٻيٽ آهي. سنڌ جا قديم وهڪرا "ڪريڙ" ٻيٽ کي پاڻي پهچائيندا هئا. ڪونجون ۽ پاڻيءَ جا ٻيا سڀ پکي اُتي پهچندا هئا، پر ڏهين صديءَ جي آخر ۾ اُهي وهڪرا سُڪي ويا ۽ اُها زمين اهڙي تہ پکي ٿي وئي جو پکين جا پير بہ ڏُکجي پيا. آفتاب ابڙي سُر ڌهر بابت پنهنجي هڪ مقالي ۾ "ڪريڙ" لفظ جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ اهو لفظ "ڪريهر" آهي. هُو وڌيڪ ان لفظ کي سمجهائڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ جي هڪ سگهڙ جو حوالو ڏيندي رقم طراز آهي تہ هيءُ زمين جو هڪ قسم آهي ۽ انهيءَ سخت زمين کي "ڪريهر" چئبو آهي، جنهن ۾ پکي ڪوٺڙو ڪري نہ سگهندو آهي. ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي لفظ "ڪَريهر" کي اگر صحيح سمجهجي تہ هيءُ زمين جو هڪ قسم آهي، جتي پکي ڪوٺڙو ڪري نہ سگهندو آهي تہ يڪلم خيال انهيءَ پاسي وڃي ٿو تہ ڇا ڪونج پکي ڪوٺڙو ڪندو آهي؟

اصل ۾ هي لفظ شاهه جي شارحن ۽ محققن پنهنجا پنهنجا انومان ڪڍي معنائون لکيون آهن ۽ پنهنجا پنهنجا رايا ڏئي ان جي معنيٰ ۽ تشريح ڪئي آهي. اها ڳالهہ مڃجي ٿي تہ شاهه جي رسالي تي جيتري تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي آهي، ايتري اڄ ڏينهن تائين ڪير بہ سنڌي عالم نہ ڪري سگهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ ڪريڙ کي پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ "ڪريهڙ" لکيو آهي ۽ ان جي معنيٰ "ڪيڙي يا ڪيڙيل زمين لکي اٿس. هن ڪريڙ لفظ جي معنيٰ "ڪرڙي" بہ ٿيندي. هاڻي جيڪڏهن قلمي نُسخن بمبئي ڇاپن ۾ لفظ ڪريڙ لکيل آهي، مرزا قليچ بيگ بہ انهيءَ لفظ کي "ڪريڙ" ڪري لکيو آهي. معمور سفائي بہ هن لفظ کي ڪريڙ لکيو آهي، پر آفتاب ابڙي پنهنجي مقالي ۾ هن لفظ کي "ڪَريهر" لکي ڪونج پکيءَ جو ڪوٺڙو ڪرڻ واري جيڪا ڳالهہ لکي آهي، اها ڪافي مُنجهائيندڙ آهي. سنڌ جي لطيف شناس ماڻهن کي منهنجي اها گذارش آهي تہ هن لفظ جي ٻيهڪ آخر ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ مان هن لفظ جي لاءِ مَعُمور يوسفاڻي واري معنيٰ سان بہ اتفاقي آهيان تہ ڊاڪٽر بلوچ واري نئين تحقيق ڪيل لفظ "ڪريهڙ" کان بہ انڪاري نہ آهيان.

پنهي بيتن ۾ سانگن لفظ جي معنيٰ نئين ڍورو يا واهڙ وڏيڪ صحيح آهي.

ڊاڪٽر ابڙي جي هن لکيل مقالي ۾ منهنجو اختلاف جنهن ٻئي لفظ سان آهي، اهو اصل لفظ "ڪريڙ" آهي، جنهن کي بلوچ صاحب "ڪريهڙ" ۽ ڊاڪٽر ابڙي "کَريهر" لکيو آهي. ۽ ان جي معنيٰ لاءِ لکي ٿو ته: هي هڪ قسم جي زمين آهي، جنهن ۾ پکي ڪونهڙو ڪري نہ سگهندو. هاڻي سُر ڏهر ۾ شاهه اڪثر ذڪر ڪونج پکيءَ جو ڪيو آهي، ڇا ڪُونج پکي ڪونهڙي ڪندي آهي ڇا؟ ڪونج پکي لاءِ لکيو ويو آهي تہ ان پکيءَ جي جنس مادي هجي يا نرُ پر ان کي مونث جنس ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.

هن مقالي لکڻ لاءِ مُون ڪافي رسالن ۽ ڪتابن جو اڀياس ڪيو آهي. شاهه جي تمام سُرن تي ڪتاب ڇَپجي چُڪا آهن پر مان پنهنجي مطالعي جي آڌار تي اها ڳالهہ لکان ٿو تہ اسان کي اڃا "شاهه جا اکر ۽ محاورا" سمجهڻ لاءِ ڪافي وقت لڳندو. برک عالم ۽ ڏاها شاهه جي ڪلام تي تحقيق ڪري وڃي قبرن ۾ اَبدي آرامي ٿيا آهن، باقي مُون پارا اَڌ پڙهيا پاڻ کي شاهه جو پارکو سمجهي لفاظي ڪن ٿا، جن کي شاهه جي هڪ سٽ بہ پڙهڻ نہ ٿي اچي. اسان جو هر لکندڙ پنهنجي حيثيت مڃائڻ لاءِ شاهه تي لکندو رهي ٿو، اها اسان سنڌين جي خوشنصيبي آهي ۽ هر ڪنهن کي ڇُوٽ مليل آهي تہ جيڪو وڻيس سو لکي. هر پڙهئي ۽ اڻ پڙهئي، ڌنار ڪان وٺي عالم تائين چوي ٿو تہ شاهه منهنجو آهي تہ پوءِ تضاد ڇا جو آهي؟ مان هن مقالي ۾ اها راءِ لکان ٿو تہ شاهه تي جن مُحققن محبت ۽ اورچائيءَ سان تحقيق ڪئي آهي، اُنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو سگهارو آهي، جنهن پنجاهه قلمي ۽ ڇاپي رسالا پڙهي، انهن جون پڙهتيون لکي پنهنجو رسالو ترتيب ڏنو. شاهه جي رسالي جي لُغت، "روشني" ۽ "جامع سنڌي لغات" لکي ۽ لوڪ ادب تي ڇاليهہ کان وڌيڪ ڪتاب سهيڙي اسان سنڌين کي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏني. منهنجي هيءَ راءِ آهي جيڪا غلط بہ ٿي سگهي ٿي. ڪنهن کي بہ مڃرائڻ لاءِ نہ ٿو لکان، پر جنهن جو جيترو پورهيو ڪيل هجي، ان کي اوترو خراج تحسين پيش ڪرڻ گهرجي. ها ڊاڪٽر بلوچ بيتن جي چند چاڻ ڪري بيت خارج ڪيا آهن، پر انهن بيتن کي پروڙڻ جي ڪسوٽيءَ لاءِ اسان وٽ علم جا اڪابر ڊاڪٽر بلوچ ڪانهيءَ "پيو مڙئي خير آهي". ڪنهن بہ موضوع تي ڪُجهہ لکڻ، بعد ۾ اها دعويٰ ڪرڻ تہ هاڻي حد ٿي چُڪي آهي، مُنهنجي خيال ۾ تہ اها ڳالهہ مناسب نہ آهي. اختلاف راءِ رکڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي، اُهو اختلاف رکي سگهي ٿو. آءٌ ڪو اديب يا عالم ڪو نہ آهيان، فقط ٻارن کي پڙهائيندڙ آهيان، سو بہ ٻهراڙيءَ ۾ جتي اديبن ۽ عالمن جي ڪوٽ آهي، پر شاهه جي شوق ۾ بس ڪجهہ لکڻ جي قابل ٿي سگهيو آهيان. اميد آهي تہ علمي، ادبي ۽ لطيف شناسيءَ جي پڙهندڙن وٽان هن عنوان تي لکڻ لاءِ اُن کي قبوليت جو شرف حاصل ٿيندو.

هي سڀ هلڻ هارا، ڪو نہ رهندو ڪو هِت جيڏيُون.

1- اَڏيارهندا اِتهين، هـي سـڀ مـاڳ موچارا.
2- جن کي بادشاهيون بُلند هُيون، سي ڇڏي ويا ويچارا.
3- ڪُل نفس ذائقہ الموت، سمجهہ اي اشارا.
4- الا! عبداللطيف چَئي، اُت سترڪج ستارا.
ڪـونــہ رهــنــدو ڪــو هــت جيڏيُون....

◙

- **اڀياس جو عمل:**

لفظ 'مڪرّر' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ان جي معنىٰ آهي 'دهرايل'. هتي جڏهن لفظ 'تجنيس' ڪم آڻيون ٿا، تہ ان مان مراد اهڙا ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ مختلف لفظ آهن، جيڪي هڪبئي سان دهرائڻ واري عمل نسبت سلهاڙيل هجن. هتي 'تجنيس مڪرّر' جي دائري جاچڻ لاءِ لغت ۽ عالمن جي راين جي اتفاق ۽ اختلاف کي سامهون رکجي ٿو.

- **تجنيس مڪرّر جو دائرو:**

'جامع سنڌي لغات' ۾ ان جي تشريح هيٺين ريت ڏنل آهي:

"تجنيس مڪرر: ث. شعر ۾ ساڳئي لفظ جي ٻہ دفعا اچڻ واري صنعت 'گرچ گل لاءِ پريشان هزار هزار، مون لاءِ مگر هڪ تون نگار نگار.'" (بلوچ، 1981ع: ص 591)

جامع سنڌي لغات ۾ ساڳئي لفظ جي دهراءَ لاءِ 'تجنيس مڪرر' جو اصطلاح ڪم آندل آهي. حالانڪ 'تجنيس' مان مراد ئي مختلف لفظ هوندا آهن، ان سبب جامع سنڌي لغات ۾ ڄاڻايل مثال 'قافيي جو تڪرار' چئبو، تجنيس مڪرر جو مثال نہ سڏبو! تجنيس مڪرر جو دائرو اڳئين لفظ جو اڳيون حصو ڪٽي، باقي حصي کي هم قافيا ڪري رکڻ آهي.

تجنيس مڪرر جي دائريبابت مرزا قليچ بيگ ڄاڻايو آهي تہ: "هن کي 'مردد' ۽ 'مزدوج' بہ چوندا آهن. هن بيت جي پڇاڙيءَ ۾ بہ هم جنس لفظ گڏ ايندا آهن، جن مان پهرئين لفظ جي منڍ ۾، ٻئي پوئين کان هڪڙو يا ٻہ حرف زياده هوندا آهن، يا پهرئين لفظ جو پويون ڀاڱو وري ايندو آهي ۽ معنىٰ پنهنجي خلاصي هوندي اٿس.

رباعي

تنهنجي تـــي لڳي دوســـت 'پياري ياري'،
جند جان جي ڳڻتي مون 'وساري ساري'،
جي ڏينهن ٻـــ- تـــي مري ڏنم توکي ساهہ،
گويا هيءَ حياتي مون 'اُڌاري ڌاري'....."

(قليچ، 2016: 98)

ظفر عباسيءَ پڻ ساڳي تشريح ۽ مثال لاهي رکيا آهن. (ظفر، 2007: 414)

تجنيس مڪرر بابت مرزا قليچ بيگ جي وضاحت ان حوالي سان مناسب آهي تہ 'پهرئين لفظ جو پويون ڀاڱو وري ايندو آهي ۽ معنىٰ پنهنجي خلاصي هوندي اٿس.' يعني اهي بہ الڳ لفظ ٿي بيهندا، جن جي معنىٰ الڳ هوندي. ان حوالي سان 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڄاڻايل مثال مناسب ناهي.

نتيجةً، تجنيس مڪرر جو اهو دائرو بيهي ٿو تہ 'ٻہ اهڙا معنادار لفظ، هم قافيا بيهاريا وڃن، جن مان ٻہ هريون، پوئين کان پد/ پدن (Syllable/ Syllables) يا حرفن/ اکرن ۾ وڌيڪ هجي. اهي لفظ گهٽ ۾ گهٽ قدر قافيي جي جڳهہ تي ڪم آندا ويندا آهن، ٻي صورت ۾ شعر يا بيان جي ڪنهن بہ هنڌ استعمال ٿي سگهن ٿا. ان تجنيس کي 'ذوقافيتين' جو نمونو بہ سڏي سگهجي ٿو.

لغتن جي مدد سان 'تجنيس مڪرر' جو اشتقاق هيٺين ريت سامهون اچي ٿو:

- تجنيس مڪرّر: [ تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جِنْسَ = هو پچي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + مڪرّر- مُفعَّل- اسم مفعول (ڪَرَّ = هو وري وري آيو) وري وري اچڻ- ڏينهن ۽ رات جو واپس ٿيڻ- ڏاڪي جو ويڙهجڻ] علم بيان موجب ڪنهن شعر جي ٻنهي قافين يا هم قافيہ لفظن مان آخري ۽ ماقبل آخري (Second last) قافين ۾ لفظن جو اهڙو دهراءَ ٿيڻ جو اڳئين قافيي ۾ پد/ پدَ (Syllable) يا اکر/ اکرَ وڌيڪ ڪم آندل هجن، جيئن:

سِر ڪلهن چوڙي چڏيا، نازڪ پرين نِروار وار،
حسن اهڙي سان هِنيون، هٿ ڪيو هٽِي هوشيار يار.

کين ٿئي ثاني سڄڻ سان، سڄ سڄوڻي چنڊ سميت،
ناهِ ڪنهن انسان کي، اِن ڪار ۾ انڪار ڪار.

- تجنيس مڪرر جو جيڪو دائرو 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڄاڻايل آهي، سو نامناسب آهي. البت، مرزا قليچ بيگ جو ڄاڻايل دائرو بهتر آهي.
- جيئن تہ 'مڪرر' جي معنىٰ 'دهراءُ' واري آهي، ان سبب ساڳيو دهرايل لفظ (هزار- هزار) 'تجنيس مڪرر' ۾ شامل نہ ڪبو، ڇاڪاڻ تہ 'تجنيس' مان مراد ئي 'لفظن جي مختلف جنس' آهي.
- تجنيس مڪرر مان مراد اهڙا بہ هم قافيا لفظ ڪم آڻڻ آهي، جن مان پهريون آخريءَ ڪان اکرن ۾ وڌيڪ هجي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ آخري قافيو، اکرن جي نسبت، اڳين قافيي جو جز هجي ۽ پڇاڙي ساڳي هجي، جيئن:

سِر ڪلهن چوڙي چڏيا، نازڪ پرين نِروار وار،
حسن اهڙي سان هِنيون، هٽ ڪيو هٽِي هوشيار يار.

- 'تجنيس مڪرر' کي 'صنعت ذوقافيتين' جو مثال ڇئي سگهجي ٿو، ليڪن 'ذوقافيتين' کي 'تجنيس مڪرر' نہ ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ 'تجنيس مڪرر' ۾ آخري قافيو، اڳين جو جز هوندو آهي.
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ 'تجنيس مڪرر' جا ٽي نمونا نوٽ ڪيا ويا آهن، جيڪي ڪنهن بہ عَروضي شاعر وٽ ڪونہ ٿا ملن:

**1. لفظ جو اڳيون حصو ڪٽي ٻيو لفظ بيهارڻ:**

ان دائري اندر پهرئين لفظ جو آڳو ڪٽي، ٻيو معنادار لفظ بيهاري، ذوقافيتين جي صورت ۾ ڪم آڻڻ، جيئن:

سِر ڪلهن چوڙي چڏيا، نازڪ پرين نِروار وار،
حسن اهڙي سان هِنيون، هٽ ڪيو هٽِي هوشيار يار.

**2. لفظ جو وچيون حصو ڪٽي ٻيو لفظ بيهارڻ:**

ان دائري هيٺ، پهرئين لفظ جو وچ ڪٽي، ٻيو معنادار لفظ بيهاري، ذوقافيتين جي صورت ۾ ڪم آڻڻ، جيئن:

ڪٽ دو فصلي دوستَ، دائم، ڪِٽ ڪَٽي ۽ چيٽ چَٽ،
ڪاٽ ڪاٽائن نہ ڪم، تون ڪوٽ ڪاٽِي ڪيٽ ڪَٽ.

**3. لفظ جو پويون حصو ڪٽي ٻيو لفظ بيهارڻ:**

ان دائري هيٺ، پهرئين لفظ جو پويون حصو ڪٽي، ٻيو معنادار لفظ بيهاري، ذوقافيتين جي صورت ۾ ڪم آڻڻ، جيئن:

نہ تون ڪو مِير مارئيءَ وٽ مِٽن مَٽ،
پٽين پُٽ پُٽ ڪندو جيئن منجھ ھ پَٽن پَٽ.


- **حوالا/ ذريعا:**
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1981ع)، جامع سنڌي لغات. جلد: 2. ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017ع)، ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح) ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- عباسي ظفر (2007ع)، سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون. حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
- مرزا، قليچ بيگ (2016ع)، علم عَروض. ڄام شورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.



ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو

# سنڌ ۾ نقشبندي سلسلو ۽ ان جا نامور بزرگ

الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ محو رهڻ وارن ماڻهن جو ڏس پتو قديم دؤر کان ئي ملي ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته اندر اُجارڻ ۽ دل جي دنيا کي آباد ڪرڻ جو رواج گهڻو ڪري حضرت عيسيٰ عليه السلام جي حوارين کان پيو آهي، جو ته يڪسوئي ۽ تنهائيءَ ۾ عبادت ڪرڻ جو تصور به عيسائيت ۾ ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر هُو پنهنجي پر ۾ گهڻا اُجهرا ۽ اڳيرا به هئا، جو جان کي جوکو ڏئي عبادتون ڪرڻ، جبلن جي چُرن ۾ چلا ڪڍڻ، نه ڳالهائڻ، نه کائڻ ۽ ڪجهه نه پيئڻ جا روزا رکڻ، خوشبوءِ نه سگهڻ ۽ پنهنجي چاهت ۽ نفس جي مخالفت ۾ گهڻي سختيءَ کان سواءِ بيا اهڙا ڪوڙ سارا عمل ڪندا هئا، جن ۾ انتها ۽ شدت پسندي پئي جهلڪندي هئي، سندن اهڙين اُبهراين جي ڪري، الله جي آخري رسول حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته: ”لَا رَهْبَانِيَةَ فِي الإِسلامِ“ (اسلام ۾ ڪائي رهبانيت ڪانه آهي) يعني اسلام هڪ روادار ۽ وچٿرو منهب آهي، منجهس عبادتن سان گڏ معاملات ۽ حقوق الله سان گڏ حقوق العباد جو به تاڪيد ڪيو ويو آهي، تنهن ڪان سواءِ نفس کي بيجاءِ تڪليف ڏيڻ کان به اسلام منع ڪئي آهي، فرمايو ويو آهي ته: ”وَ اِنَّ لِنَفْسِکَ عَلَيکَ حَقاً“ يعني اي انسان! تنهنجي مٿان تنهنجي نفس جو به حق آهي ته جيئن سندس مناسب ۽ جائز گهُرجون پوريون ڪيون وڃن.

جيستائين نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي زماني ۾ تصوف ۽ سلوڪ جو سوال آهي ته، پاڻ ڪريمن وٽ هڪڙا صحابه قرآن جي تلاوت، ته وري بيا ذڪر اذڪار ۾ مشغول هوندا هئا، تنهنڪري گهڻن جو خيال آهي ته، مسجد نبويءَ آڏو صُفه ۾ ذاڪرين جي رهڻ ڪري، تصوف جي شروعات اُتان کان ئي ٿي آهي، ڪن جو رايو آهي ته، (صوف) اُن جو لباس پهرڻ ڪري صوفي لقب وجود ۾ آيو.

علامه سمعاني جي قول مطابق ته، اهي بزرگ ”صَفِ اول“ يعني حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پهرين دؤر جا هئا، تنهنڪري ڪين صوفي سڏيو پيو وڃي. جڏهن ته صوفي جو لقب اسان کي سڀ کان پهريان جابر بن حيان جي نالي سان ائين صدي عيسويءَ جي پڇاڙي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو هُو زهد ۽ تقويٰ ۾ هڪ خاص مقام ۽ اهميت رکندو هو.

ڪجهه چون ٿا ته، سڀ کان پهريان هڪ نالي وارو صوفي ”ابوهاشم ڪوفي“ جي نسبت ۾ سن 199هه/813ع ۾ صوفي لفظ ٻڌڻ ۾ آيو(1).

هونئن ته سلوڪ جا ڪيترائي مکيه ۽ ذيلي سلسلا آهن، پر منجهن چار طريقا جهڙوڪ: قادري، چشتي، سهروردي ۽ نقشبندي وڌيڪ مشهور ٿيا، تن مان آخري ما وراءُ النهر يعني افغانستان کان مٿي روسي رياستن ۽ هندستان کان ٿيندو سنڌ پهتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، هيءُ سلسلو، حضرت محمد بهاءُالدين نقشبند (791هه/1389ع) جي نسبت سان نقشبندي چورائڻ لڳو، نه ته هن کان اڳ ۾ ان کي ”سلسله خواجگان“ سڏيو ويندو هو.

مولانا علي الواعظ الڪاشفي (939هه/1532ع)، جو حضرت عبدالرحمٰن جو ڏوهٽو ۽ مشهور نقشبندي خواجه عبيدالله احرار (895هه/1490ع) جو مريد پڻ هو، تنهن پنهنجي ڪتاب ”رشحات عين الحيٰوة“ ۾ لکيو آهي

تہ، هيءُ سلسلو حضرت ابوبڪر صديقؓ(2) ۽ حضرت سلمان فارسيءَ کان هيٺ لهندو، جڏهن حضرت بهاءُالدين تائين پهتو تہ، ان وقت ترقي جا گهڻا مرحلا طئي ڪري چڪو هو.(3)

نقشبند جي لغوي معنيٰ تہ، نقش نگار ۽ مصور جي آهي، پر هتي مراد، الاهي علم جي تصوير چڪيندڙ يا پنهنجي دل ۾ حقيقي ڪمال جو نقش چٽڻ آهي.

حضرت بهاءُالدين، ڪنهڙڪو ڏنتو ڪندو هو، تنهنڪري ذڪر جي ٿانوَن تي بہ نقش نگاري ڪي ڇڏي فقط "الله" جا اسمَ ئي اُڪيريندو هو، ڪي چون ٿا تہ، وٽس جيڪو نئون طالب، ذڪر سکڻ لاءِ ايندو هو تہ، ڪيس ڪنهن ڦرهيءَ تي اسم ذات "الله" لکي ڏيندو هو تہ، هُو هن کي ڏسي ذڪر ڪري، جڏهن سالڪ جي ڪجهہ ترقي ٿيندي هئي تہ، کيس چوندو هو تہ اٿين ڪٿي سمجهہ تہ ساڳيو اسم ذات ڦرهي بجاءِ سندس دل تي لکيل آهي. ان مشق بعد اها تلقين ڪئي ويندي هئي تہ اهو تصور ڪري تہ سندس دل خود "الله الله" چئي رهي آهي ۽ هُو ان جي آواز کي ٻڌي ٿو. انڪري کيس "نقشبند" ۽ سندس پوئلڳ "نقشبندي" سڏجڻ لڳا، وري جڏهن حضرت شيخ احمد سرهندي (مجدد الف ثاني) هن طريقي ۾ ڪجهہ نواڻ آندي تہ ان جا سالڪ "نقشبندي ۽ مجددي" طور مشهور ٿيا. هت اسين حضرت ابوبڪر صديقؓ کان مجدد الف ثاني ۽ وري ان کان ٿيندي پير فضل علي قريشي(4) تائين سلسلي جو شجرو پيش ڪري رهيا آهيون، تہ جيئن پڙهندڙن کي ما وراءُ النهر کان سفر ڪندو هندستان تائين پهچندڙ "نقشبندي احراري" (حضرت خواجه عبيدالله "احرار" ڏانهن منسوب) سلسلي جي پروڙ پوي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم | (تہ 12 ربيع الاول سن 11هہ) | مدينة المنوره |
| 2. حضرت ابوبڪر صديق رضہ | (تہ 13هہ) | مدينة المنوره |
| 3. حضرت سلمان فارسي رضہ | (د- 568ع- تہ 657) | مدائن |
| 4. قاسم بن محمد بن ابي بڪر رضہ | (د- 38هہ، تہ 108هہ) | مدينة المنوره |
| 5. حضرت امام جعفر صادق رضہ | (د- 80هہ، تہ 148هہ) | مدينة المنوره |
| 6. حضرت بايزيد بسطامي رحہ | (د- 134هہ، 261هہ) | بسطام، ايران |
| 7. حضرت خواجه ابوالحسن خرقاني رحہ | (د- 352هہ، تہ 425هہ) | خرقان، ايران |
| 8. حضرت ابوالقاسم جورجاني رحہ | (تہ 450هہ) | جورجان، ايران |
| 9. حضرت خواجه بوعلي فارمدي رحہ | (د- 407هہ، تہ 477هہ) | مشهد، ايران |
| 10. حضرت خواجه يوسف همداني رحہ | (تہ 535هہ) | ترڪستان |
| 11. حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني رحہ | (تہ 575هہ متفق عليه) | بخارا |
| 12. حضرت خواجه محمد عارف ريوگري رحہ | (تہ 616هہ) | تاجڪستان |
| 13. حضرت خواجه محمود انجير فغنوي رحہ | (تہ 715هہ) | بخارا |
| 14. حضرت خواجه عزيزان علي راميتني رحہ | (تہ 721هہ) | بخارا |
| 15. حضرت خواجه محمد بابا سماسي رحہ | (تہ 755هہ) | بخارا |
| 16. حضرت خواجه سيد امير ڪُلال رحہ | (تہ 7725هہ) | بخارا |
| 17. حضرت خواجه بهاءُالدين نقشبند رحہ | (د- 718هہ، تہ 791هہ) | بخارا |
| 18. حضرت خواجه علاؤالدين عطار رحہ | (تہ 802هہ) | حصار |
| 19. حضرت خواجه يعقوب چرخي رحہ | (تہ 851هہ) | دوشنبه |
| 20. حضرت خواجه عبيدالله احرار رحہ | (د- 795هہ، تہ 896هہ) | سمرقند |
| 21. حضرت خواجه محمد زاهد رحہ | (تہ 936هہ) | حصار |

| | | |
|---|---|---|
| 22. حضرت خواجه دروس محمد رحہ | (ت- 970هـ) | ترکي |
| 23. حضرت خواجه محمد امکنگي رحہ | (ت- 108هـ) | بخارا |
| 24. حضرت خواجه محمد باقي بالله رحہ | (د- 971هـ، ت- 1011هـ) | دهلي |
| 25. حضرت خواجه مجدد الف ثاني رحہ | (د- 971هـ، 1037هـ) | سرهند |
| 26. حضرت خواجه محمد معصوم رحہ | (د- 1007هـ، ت- 1079هـ | سرهند |
| 27. حضرت خواجه سيف الدين رحہ | (د- 1049هـ، ت- 1095هـ) | سرهند |
| 28. حضرت خواجه حافظ محمد محسن رحہ | | دهلي |
| 29. حضرت خواجه سيد نورمحمد بدايوني رحہ | (ت- 1135هـ) | دهلي |
| 30. حضرت خواجه ميرزا مظهرجان جانان رحہ | (ت- 1195هـ) | دهلي |
| 31. حضرت خواجه غلام علي مجددي رحہ | (ت- 1240هـ) | دهلي |
| 32. حضرت خواجه شاهه ابوسعيد رحہ | (ت- 1250هـ) | دهلي |
| 33. حضرت خواجه احمد سعيد دهلوي رحہ | (ت- 1277هـ) | مدينة المنوره |
| 34. حضرت حاجي دوست محمد قنڌاري رحہ | (ت- 1214هـ) | موسيٰ زئي |
| 35. حضرت خواجه محمد عثمان داماني رحہ | (ت- 1314هـ) | موسيٰ زئي |
| 36. حضرت خواجه سراج الدين رحہ | (ت- 1333هـ) | موسيٰ زئي |
| 37. حضرت خواجه فضل علي قريشي رحہ | (ت- 1354هـ) | مسکين پور |

هندستان ۾ حضرت خواجه باقي بالله کان پوءِ جنهن هن سلسلي کي گهڻو ڦهلايو، سو حضرت شيخ احمد سرهندي، مجدد الف ثاني رحہ آهي، جيستائين سنڌ ملڪ جو تعلق آهي تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اهو پهريون بزرگ آهي، جنهن حضرت مجدد رحہ جي پٽ خواجه محمد معصوم رحہ کان فيض پرايو ۽ هتي هن سلسلي جو بنياد وڌو(5) جڏهن تہ مخدوم صاحب کان اڳ بہ اسان کي نقشبندي سلسلي جا ڪافي بزرگ ۽ پيروڪار ملن ٿا، پر مٿئين قول کي ڌيان ۾ رکندي اسان سنڌ ۾ سلوڪ واري سفر جي شروعات، مخدوم هاشم ٺٽوي کان ئي ڪريون ٿا:

## مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:

سندس پورو نالو محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمٰن بن عبداللطيف بن عبدالرحمٰن بن خيرالدين الحارثي السندي آهي، قبيلي جي لحاظ کان ڪيس پنهور سڏيو وڃي ٿو(6). ڪن ڪيس قريشي خاندان جو فرد بہ لکيو آهي(7) انهيءَ ڳالهہ جي تصديق هن مان بہ ٿئي ٿي تہ خود مخدوم صاحب بہ پاڻ کي حارث بن عبدالمطلب جو اولاد چورايو آهي، تنهنڪري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ، پاڻ اصل قريشي آهي، باقي سنڌ ۾ "پنهور" ڪيئن ڪوٺيا ويا، تنهن بابت اسان جو رايو آهي تہ، هن خاندان وٽ مال متاع ۾ جانور (پهرُو) جامَ هجڻ ۾ انهن جانورن کي ڌارڻ ۽ چارڻ(8) جي نسبت سان کين "پنهوار" يعني پهروئن کي پالڻ وارا، پوءِ مٿهن "پنهور" مان تخفيف ڪري کين "پنوهر" سڏيو، سنڌ ۾ لوڪ داستان جو مشهور ڪردار ۽ شاهہ ڀٽائي جي سورمي "مارئي" جو قبيلو پڻ اهوئي هو، هاڻي هن قبيلي وارا اُتر سنڌ ۾ "پنهوار" ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ "پنهور" سڏجن ٿا.

**ولادت:** مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 10 ربيع الاول سن 1104هـ(9) تي مخدوم عبدالغفور جي گهر ۾ اک کولي، سندس ولادت جي تاريخ عربيءَ جي هيٺين فقري مان نڪري ٿي:

وانبتها الله نباتا حسنا

1104هـ

**بيعت**: مخدوم صاحب علم جي تحصيل کان پوءِ اندر کي اُجارڻ لاءِ روحاني رهبر جي تلاش ۾ نڪري پيو، جنهنڪري پهريان مخدوم ابوالقاسم نقشبندي رحه(10) جي خدمت ۾ پهتو ته، جيئن کيس نقشبندي سلسلي ۾ تلقين ڪري. ڪانئس ذڪر وٺڻ کان پوءِ سنڌو "سرهند" هليو ويو ۽ خواجه محمد معصوم مجددي رحه (جو مٿي ڏيکاريل شجري ۾ 26 نمبر تي آهي) کان پڻ فيض پرايائين.

مخدوم ٺٽوي نقشبندي سلسلي ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ کان پوءِ قادري سلسلي جي هندستاني بزرگ، شيخ سعدالله سورتي(11) سان پڻ بيعت ٿيل نظر اچي ٿو(12).

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي خوش اخلاق، پرهيزگار، صابر ۽ خاص ڪري دين جي طالبن مٿان وڏو مهربان هو(13).

منهنجي استاد علامه غلام مصطفيٰ قاسمي هڪ قلمي بياض تان مخدوم صاحب جي هيٺين عبارت نقل ڪئي آهي، جنهن مان هدايت ۽ نصيحت سميت سندس پرهيزگاريءَ جي واضح جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

| | |
|---|---|
| چهارم هزار کتاب تکرار کردم، | چار هزار ڪتاب پڙهيم، |
| چهار سخن اختیار کردم، | تن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم، |
| یکے آنکه ای نفسِ من! | هڪ، اها ته، اي منهنجا نفس! |
| اگر طاعتِ خدائے تعالیٰ کنی بکن، | جي خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرين ته ڪر، |
| وَاِلّا رزقِ او مخور۔ | نه ته ان جو رزق نه کاءُ |
| دوم آنکه ای نفسِ من! | ٻيو هي ته اي منهنجا نفس! |
| از آنچه خدا تعالیٰ منع کرده است، | جنهن کان خدا تعاليٰ روڪ ڪئي آهي، |
| بہ پرهیز، | ان کان پاسو ڪر، |
| وَاِلّا ملکِ او دور شو۔ | نه ته ان جي ملڪ مان نڪري وڃ. |
| سوم آنکه ای نفس! | ٽيون هي ته، اي منهنجا نفس! |
| آنچه قسمتِ ازلی بتو می رسد، | جيڪو ازلي قسمت مان توکي پهچي، |
| بر آن قانع باش، | ان تي قناعت ڪر، |
| اِلّا خدا دیگر بطلب، | نه ته ٻيو ڪو خدا ڳول، |
| که قسمتِ تو زیاده کند۔ | جيڪو توکي روزي وڌائي ڏئي. |
| چهارم آنکه ای نفسِ من! | چوٿون هي ته، اي منهنجا نفس! |
| من اگر قصدِ گناه کنی، | جي گناھ جو ارادو ڪرين ته، |
| تا جاءِ پیدا کن، | ڪا اهڙي جاءِ تلاش ڪر، |
| که خدا تعالیٰ ترا نه بیند، | جتي توکي خدا نه ڏسي |
| اِلّا مکن(14) | نه ته نه ڪر. |

**وفات**: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ستر سالن جي ڄمار گهاري سن 1174ھ ۾ وفات ڪري ويو(15). ڪيس ٺٽي کان ٻاهر مڪليءَ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## مخدوم محمد زمان لنواري:

بزرگ جو پورو نالو محمد زمان والد جو نالو حاجي عبداللطيف نقشبندي آهي. سندس والده صاحبه خواجه عبدالسلام جوڻ واري جي نياڻي هئي. مخدوم صاحب جي نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان ملي ٿو(16). هيءَ خاندان عباسي خليفه مهدي يا هارون الرشيد جي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيو هو(17).

**ولادت**: مخدوم صاحب جي ولادت 21 رمضان سن 1125ھ تي سنڌ جي هڪ ڳوٺ لُنواريءَ ۾ ٿي.

**بيعت**: لنوارائي بزرگ، مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ وٽ اڃا اصول فقه جا ڪتاب پڙهي رهيو هو ته اتفاق سان سندس ملاقات خواجه ابوالمساڪين محمد ٺٽوي سان ٿي، جو ڪيس پنهنجي درگاهه تي وٺي ويو ۽ ڇهن مهينن جي ٿورڙي عرصي ۾ ڪيس خلافت ۽ هدايت جو تاج ڍڪائي واپس وڃڻ لاءِ هدايت ڪيائين(18). وري جڏهن سندس مرشد خواجه محمد، مڪه مڪرمه ڏانهن هجرت ڪئي ته پاڻ سندس مسند تي ويٺو ۽ نقشبندي سلسلي کي سنڌ، هند کان سواءِ عرب تائين ڦهلايائين(19).

مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ مخدوم محمد زمان جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته:

"ميان محمد زمان اڄڪلهه جو مرشد، ميان ابوالقاسم نقشبندي ۽ ميان محمد نقشبندي ٺٽوي جي مريدن مان آهي، ڏاڍو هدايت وارو نقشبندي سلسلي جي مريدن جي مرجع ۽ وڏين ڪرامتن جو صاحب آهي. هن وقت بدين جي ويجهو لنواريءَ جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو. هن دنيا کي فيض جي درياهه مان سيراب ڪري رهيو آهي. گهڻن ماڻهن جو اعتقاد آهي ته هن وقت سندس وجود بينظير آهي، ڪنهن به آمدني نه هوندي وٽس عام مهمان خانو هلي ٿو(20).

**خليفا**: خواجه محمد زمان جي خليفن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن مان ڪجهه مشهور بزرگ هيءَ آهن: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحہ، شيخ محمد صالح ڳهرائي رحہ، حاجي ابوطالب اگهمي رحہ، حافظ هدايت الله رحہ، شيخ شعيب ڪڇي رحہ، حافظ عبدالمالڪ عرف سائينڏنو رحہ، حافظ صدرالدين رحہ، حافظ ڪبير رحہ ۽ شيخ محمود جزري رحہ. (22)

مخدوم لنوارائي 63 ورهين جي ڄمار ماڻي 4 ذوالقعد سن 1188ھ ۾ هن جهان مان رحلت ڪئي(22).

**مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي**: پاڻ سعدالله جو پٽ ۽ ذات جو مگريو آهي،(23) وقت جو يگانو عالم ۽ مجتهد هو(24)، تنهنڪري رواجي عالمن، پيرن، فقيرن ۽ سيدن تي اک به ڪين ٻڏندي هئس، ايستائين جو ابتدائي دؤر ۾ ته، مخدوم محمد زمان لنوارائي جهڙن مجيل عالمن ۽ بزرگن تي پڻ ڇٽرون ڪندو هو. هڪ پيري خواجه محمد زمان جو ڪو مريد لنواري وڃي رهيو هو ته، گرهوڙي ڪيس بيهاري چيو ته، پنهنجي پيرَ کان پڇجانءِ ته معراج خاص طرح نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم لاءِ هو يا ٻين لاءِ به آهي....؟(25) جڏهن فقير، خواجه صاحب جي خدمت ۾ پهتو ته، ذڪر انڪار ۾ اهڙو محو ٿي ويو، جو ڪانئس گرهوڙي صاحب وارو نياپو ڏيڻ وسري ويو، هاڻي فقير مرشد کان موڪلائي وطن ٿي وريو ته بزرگ ڪيس چيو ته ابا اوهان کي جيڪو واٽ تي گرهوڙي بزرگ پيغام ڏنو هو، اهو ته اسان کي ڏنوَ ئي ڪين، هاڻي ڪيس چئجو ته بغداد جي خليفي لاءِ جا پُل ٺهرائي وئي هئي، سا اڄ سوڍو قائم آهي. حالانڪ اها خاص سندس لاءِ ئي جوڙائي وئي هئي، تڏهن به جيڪو چاهي ته اتان گذري سگهي ٿو(26). البت اُتان لنگهڻ جو حق رڳو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ئي آهي، پر بادشاهه پنيان لشڪري به لنگهي سگهن ٿا، انهيءَ ۾ ته خود بادشاهه جو فخر آهي(27). جڏهن گرهوڙي بزرگ، اهو جواب ٻڌو ته اڪين تان اولا لهي ويس، جو نيٺ خواجه صاحب جي مرتبي کي مڃيندي وڃي مريد ٿيو

۽ ٿوري ئي وقت ۾ کيس خلافت ملي. گرهوڙي صاحب چوندو هو ته اڳ ۾ آءٌ علم ۾ ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪين سمجهندو هئس پر خواجه صاحب جي بيعت کان پوءِ پاڻ ۾ علم جي کوٽ سمجهان ٿو، پوءِ پاڻ مرشد جي حڪم مطابق اچي گرهوڙ ۾ رهيو ۽ نقشبندي سلسلي ۾ ماڻهن کي روحاني تلقين ڪندو رهيو، سن 1192ھ ۾ هڪ مشرڪ جادوگر سان مقابلي ۾ شهادت ماڻيائين.(28) سندس مزار "گرهوڙ" تعلقو ڪپرو، ضلعو سانگهڙ ۾ آهي.

## مخدوم محمد معين ٺٽوي:

ڪين مخدوم ٺارو به سڏيندا هئا، سندس والده اورنگزيب عالمگير جي مير منشي مُلا عثمان سميجو جي نياڻي هئي، مُلا صاحب بادشاهه جي ويجهن ماڻهن مان هو، سوانح نگارن مان رڳو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، هڪ قلمي بياض تان مخدوم صاحب جي ولادت جي سال جو مادو لڌو آهي:

"مخدوم عالم محمد معين"

1093ھ

جنهن مان سندس ڄم جو سال معلوم ٿئي ٿو(29) مخدوم معين ظاهري علمن جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ روحاني علوم ۽ طريقت ڏانهن لاڙو رکيو، سو سڀ کان پهريان سنڌ جي مشهور صوفي بزرگ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي رحہ جي حلقهٔ ارادت ۾ شامل ٿيو ۽ وٽس سلوڪ ۽ طريقت جون منزلون طئي ڪيائين(30). پر ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ وحدة الوجود جو قائل ٿي ويو ۽ سنڌ ۾ اهڙي پرچار پڻ ڪرڻ لڳو، جنهنڪري مرشد ميان ابوالقاسم نقشبندي رحہ کانئس ناراض ٿي پيو، پر آخر ۾ مرشد کي پرچائي راضي ڪيائين، مخدوم صاحب جو نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جو ذڪر مير علي شير قانع ٺٽوي هنن الفاظن سان ڪري ٿو:

"دست ارادة نقشبنديه بخدمت درجت ميان ابوالقاسم نقشبند داده" مخدوم صاحب آخري زماني ۾ مجذوبانه زندگي گذارڻ لڳو ۽ راڳ گهڻو ٻڌندو هو، سن 1161ھ ۾ وفات ڪيائين، کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ پنهنجي مرشد ابوالقاسم نقشبندي رحہ جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو.(31)

## مخدوم ابوالحسن ڏاهري:

مخدوم ڏاهري ضلع نوابشاهه جي تعلقي دولت پور پرسان هڪ ڳوٺ ۾ اٽڪل سن 1114ھ ۾ ڄائو. سندس تعلق سنڌ جي قديم قبيلي "ڏاهري" سان آهي(32).

**بيعت:** ڏاهري صاحب، نقشبندي سلسلي جي بزرگ علامه عبدالرسول صديقي احمدآبادي سان دستِ بيعت ٿيو، جنهن ٿورڙي وقت ۾ کيس خلافت جو تاج پارايو. پاڻ (مخدوم ڏاهري صاحب) پنهنجي مشهور ڪتاب "ينابيع" ۾ اهڙو ذڪر ڪيو اٿس.

نقشبندي سلسلي بابت سندس فارسي زبان ۾ تصوف جي موضوع تي لکيل مٿي ڄاڻايل ڪتاب لاءِ منهنجي استاد علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو چوڻ آهي ته، سندس هيءُ ڪتاب، امام غزالي رحہ جي ڪيمياءِ سعادت کان ڪنهن به ريت گهٽ نه آهي(33).

مخدوم ڏاهري خلافت ملڻ بعد احمدآباد کان سڌو سنڌ آيو، ماڻهن کي ذڪر اذڪار جي تلقين سان گڏ نماز سيکارڻ ۽ کين ظاهري توڙي باطني فيض ڏيڻ جو ڪم ڪندو رهيو(34).

مخدوم ابوالحسن ڏاهري 12 ربيع الاول سن 1181ھ ۾ وفات ڪري ويو کيس دوڙ ريلوي اسٽيشن جي پرسان ضلع نوابشاهه ۾ دفن ڪيو ويو(35).

## مخدوم محمد ٺٽوي رحہ:

پاڻ مخدوم آدم نقشبندي جو پوٽو آهي، جنهن وفات وقت پنهنجي خليفي مخدوم ابوالقاسم نقشبندي رحہ کي وصيت ڪئي هئي ته، سندس پوٽي جي مڪمل طور ظاهري توڙي باطني تربيت ڪري، سو ميان ابوالقاسم پنهنجي مرشد جي حڪم مطابق صاحبزادي کي پنهنجي تربيت ۽ پرورش ۾ ورتو، کيس پنهنجي نياڻي نڪاح ۾ ڏنائين ۽ وفات وقت پنهنجي باطني امانت سندس حوالي ڪيائين.

مخدوم محمد ٺٽوي رحہ نقشبندي طريقي ۾ اعليٰ پايي جو بزرگ ۽ اهل الله هو، سندس ڪيترائي مريد، خادم ۽ خليفا هئا، پر خصوصي طور مخدوم محمد زمان لنواري سان ڏاڍو راز هوندو هئس، هڪ دفعي اهل و عيال مڪي ۾ ڇڏي واپس ٺٽي آيو ۽ چيائين صرف محمد زمان لنواري واري ڪي امانت ڏيڻ آيو آهيان.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي پنهنجي ڪتاب "فتح الفضل" ۾ پنهنجي مرشد محمد زمان لاءِ لکي ٿو ته، پاڻ سلوڪ جو طريقو شيخ محمد رحہ کان ورتو هئائون، مخدوم محمد ٺٽويءَ سن 1149هہ اربع جي ڏينهن ميدانِ عرفات تي وفات ڪري ويو. سندس مريدن ۽ معتقدن اتان جنازو ڪڻائي اچي جنت المعلیٰ ۾ دفن ڪيو.

## شاهہ فقير الله علوي:

سندس نالو فقيرالله رحہ بن شاهہ عبدالرحمٰن رحہ ۽ ڏاڏي جو نالو شمس الدين رحہ اٿس(36). سندس نسب محمد بن حنيفه رحہ جي واسطي سان حضرت علي رحہ ابي طالب سان ملي ٿو(37). انڪري ئي کين "علوي" چيو ويندو آهي.

**بيعت:** ظاهري علم جي تڪميل کان پوءِ پاڻ روحانيت ڏانهن لاڙو رکيائين ۽ نقشبندي سلسلي جي وڏي ولي ۽ بزرگ حضرت شيخ محمد مسعود دائم رحہ(38) جي هٿ تي بيعت ڪيائين. سندس طريقت جو شجرو هن ريت آهي:

"شاهہ فقيرالله رحہ عن محمد مسعود الدائم رحہ عن محمد سعد اللاهوري رحہ عن الشيخ آدم بنوري رحہ عن حضرت مجدد سرهندي فاروقي نقشبندي.(39)

**سنڌ ۾ آمد:** علوي صاحب ڪيترن ملڪن جي سير سفر کان پوءِ سن 1150هہ ۾ شڪارپور آيو ۽ هميشہ لاءِ سنڌ کي پنهنجو وطن بنايائين. هتي هڪ خانقاهہ جو بنياد رکي نقشبندي سلسلي مطابق ماڻهن کي باطني علمن جو ڏس ڏيندو رهيو(40).

شاهہ فقيرالله 3 صفر سن 1195هہ ۾ وفات ڪئي، سندس مزار شڪارپور جي هزاري در محلي ۾ واقع آهي(41). سندس ساليانو عرس تي افغانستان کان پڻ وڏي انگ ۾ زائرين ايندا آهن.

مٿي ڄاڻايل نقشبندي بزرگن جو تعلق ٻارهين صدي هجريءَ سان آهي، جڏهن ته تيرهين صدي هجريءَ ۾ به سنڌ اندر نقشبندي سلسلي جا ڪافي سالڪ ملن ٿا، پر هِت اسين انهن مان رڳو ٻن بزرگن جو مختصر احوال ڏئي رهيا آهيون:

## مخدوم محمد حسين انصاري:

پاڻ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي مهماني ڪندڙ صحابي، حضرت ابو ايوب انصاريءَ جي خاندان مان آهي ۽ دنيا جو وڏو عالم، فاضل، محدث ۽ ولي ٿي گذريو آهي. جڳ مشهور محدث مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي سندس ڀائيٽو ۽ شاگرد آهي، جيئن ته بزرگ پاڻ کي نقشبندي سڏائيندو هو، پر اهو پتو نہ پئجي سگهيو آهي ته ڪنهن جو مريد هو، ڪن سببن ڪري سنڌ کان لڏي يمن ويو ۽ اتي "حُدَيده" ۾ رهيو. سندس حضرت خضر عليه السلام سان بہ ملاقات ٿيندي هئي، اهو ائين جو جڏهن سندس پيءُ محمد مراد رحہ جي وفات جو وقت ويجهو آيو، تڏهن پنهنجي پٽ محمد حسين رحہ کي سڏي چيائين ته اجهو خضر عليه السلام ڪانئس موڪلائڻ آيو هو، سوڪيس تنهنجي پارت ڪئي اٿم ته آئي وقت ۾ تنهنجي امداد ڪندو رهي. حضرت خضر عليه السلام اچ جُده ۾ شافعي وارن جي جامع مسجد ۾ ٽپهري جي نماز تي توسان ملندو. ان کان پوءِ خضر جي شڪل شباهت ٻڌائيندي چيائين تہ، مسجد ۾ جنهن مرد جي پير جي چيچ پرواري آڱر سان مليل هجي تہ پڪ ڄاڻ اهوئي خضر آهي. مخدوم حسين فرمائي ٿو تہ، مون ٽپهري جي وقت مسجد ۾ وڃي جماعت سان نماز ادا ڪئي، واندو ٿي گهر پئي موٽيس تہ ايتري ۾ مٿين نشانين وارو مڙس مُنهن پئجي ويو، وڏو قدآور ۽ سانورو رنگ هئس، مون کي چيائين تہ، تنهنجي والد کيس تنهنجي پارت ڪئي آهي، مون اڳتي وڌي وڃي

سندس هٿ چميا ۽ برڪت حاصل ڪيم، تنهن کان پوءِ وري ساڻس ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي رهندي هئي(42). مخدوم محمد حسين انصاري سن 1211هه تي يمن جي بندر واري شهر حُديده ۾ گذاري ويو(43).

## مخدوم محمد عابد انصاري رحه:

مخدوم محمد عابد رحه سن 1196هه تي سنڌ جي تاريخي شهر سيوهڻ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم هتي پرائڻ کان پوءِ سڄي خاندان سميت يمن ڏانهن لڏي ويو، علمي دنيا ۾ سندس وڏو نالو آهي، پاڻ چوٽيءَ جو عالم ۽ محدث ٿي گذريو، نالي وارن محدثن وٽانئس حديث جي سَنَد ورتي آهي. ايستائين جو سندس مرشد خواجه محمد زمان (ثاني) لنوارائي(44) پڻ حديث جي فن ۾ سندس شاگرد آهي. هيءُ عجيب اتفاق آهي، جو خواجه صاحب هڪ ئي وقت سندس مرشد ۽ شاگرد آهي ته وري مخدوم عابد سندس استاد ۽ مريد آهي. جڏهن مخدوم محمد زمان، حج تي ويندي يمن کان گذريو ته سيوهاڻي صاحب بندر حُديده وٽ سندس استقبال ڪيو ۽ نقشبندي سلسلي ۾ کانئس تلقين ورتائين(45).

هڪ پيري ته مخدوم محمد عابد انصاري رحه سيوهاڻي، يمن کان سيڌي لنواري آيو، جيئن سلسلي جا مزيد سبق طئي ڪري، ڪجھ عرصو مرشد جي صحبت ۾ رهي واپس عرب هليو ويو ۽ مدينه منوره ۾ سن 1257هه ۾ وفات ڪيائين(46).

ٻارهين ۽ تيرهين صدي هجريءَ ۾ سلوڪ جي سفر کان پوءِ مناسب ائين ٿيندو ته ڪجھ چوڏهين صديءَ جو به ذڪر آڻجي، هن دؤر ۾ اسان ڪي نقشبندي سلسلي جي بزرگن مان مٿي شجري ۾ 37 نمبر تي آيل بزرگ پير فضل علي قريشي جو نالو ملي ٿو(47). پاڻ اصل ۾ ڪالاباغ جو رهاڪو هو، بعد ۾ شهر ۽ ڳوٺ مٽائيندو مظفرڳڙهه جي شهر سلطان پرسان ”مسڪين پور“ نالي سان نئون ڳوٺ بڌي آباد ڪيائين ۽ آخري حياتي سن 1935ع تائين اتي ئي گذاريائين. سندس خليفن جو انگ تمام وڏو هو، جي سڄي ننڍي کنڊ ۾ ته ڦهليل هئا، پر سنڌ ۾ سندن ڳاڻيٽو ڪو گهٽ ڪين هو، جن سنڌ اندر سلسلي کي زور وٺرايو، تن مان ڪجھ هيءُ بزرگ آهن:

## ميان نوربخش خواجه رحه:

حضرت نوربخش صاحب، خواجه قبيلي سان تعلق رکندڙ هو. پاڻ پنهنجي پير حضرت فضل علي قريشي رحه جي پرسان ڳوٺ ڦُلڻ (تڏهوڪو تعلقو علي پور موجوده جتوئي ضلع مظفرڳڙهه) ۾ ئي رهندو هو، انڪري مرشد سان ويجهو تعلق ۽ رابطو هئس، گڏوگڏ اڪتساب فيض به سندس لاءِ گهڻو آسان هو، پاڻ مرشد جي حڪم مطابق رياست بهاولپور سان گڏ سنڌ ۾ آمد جاري رکيائون پر ائين ڪٿي چئجي ته سندس گهڻوتڻو ڌيان سنڌ مٿان ئي هو، جنهنڪري سنڌ جي راڄڌاني سوڙو اڪثر شهرن ۾ سندس مريد ۽ خليفا ٿيا. مون (هن مقاله نگار) جو والد ميان لعل بخش مگريو بازيدپوري، شيخ علي احمد ٽنبوآدم واري سميت لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور، ٿرپارڪر ۽ ٻين ڪيترن علائقن ۾ سندس خليفا هوندا هئا(48).

پاڻ فقير طبع، سادو کائيندو ۽ سادو پهريندو هو، غير نمازي ۽ رشوت خور جي ڪڏهن به دعوت قبول نه ڪندو هو، هيءُ بزرگ سن 1955ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ پنهنجي پويان ٽي فرزند: احمد سعيد، عبدالرشيد ۽ عبدالقادر ڇڏيائون، تن مان وچون عالم، فاضل ۽ وقت جو ولي ٿي گذريو، جو پنهنجي والد ميان نوربخش رحه سميت حضرت مولانا عبدالغفور عباسي مدني جو پڻ مجاز خليفو هو(49). هيءُ ڀلارو به سن 1996ع ۾ هي جهان ڇڏي ويو، هاڻي سندس وڏو فرزند خواجه عبدالحميد صاحب، گادي نشين آهي، جو پنهنجي والد ۽ ڏاڏي بزرگ جي جماعت کي سنڀالي پيو ۽ ڏينهن رات سلسلي جي خامت ۾ رُڌل آهي(50).

### پير عبدالغفار "مٺا سائين":

پاڻ چنڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ اصل ۾ رياست بهاولپور جو رهاڪو هو، حضرت پير فضل علي قريشي ؒ جو مٺن وڏو راز هو، سن 1935ع ۾ مرشد جي رحلت بعد پنجاب کي ڇڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو، سندن وفات بعد پڻس مولانا خليل الرحمٰن رح جان نشين ٿيو، پر هيءُ بزرگ به ٿوري ئي عرصي ۾ هي فاني جهان ڇڏي ويو، تنهن کان پوءِ سندن (پير مٺا سائين جي) وڏي خليفي حضرت مولانا الله بخش عباسي صاحب، لاڙڪاڻي واري مرڪزي درگاهه کان سواءِ ڪنڌيارو (ضلع نوابشاهه موجوده نوشهروفيروز) ۽ راڌڻ ضلع دادو درگاهن جي سرپرستي ڪئي، جماعت کي منظم ڪيو ۽ گهڻي انگ ۾ مريدي خادمي کي وڌايو.

حضرت پير عبدالغفار کي سندس مريد "مٺا سائين" ڪانئس پوءِ سندس وڏي خليفي خواجه الله بخش کي "سهڻا سائين" ۽ وري هاڻي سندس پٽ مولانا محمد طاهر کي "سڄڻ سائين" ڪري سڏين ٿا. سندن ٻين خليفن جا لقب به ڪجهه اهڙي نموني جا آهن جيئن "محبوب سائين"، "ڊولڻ سائين" ۽ دلبر سائين وغيره. مٺا سائين جا مريد پنهنجي مرشد پير عبدالغفار جي نسبت سان "غفاري" به سڏجن ٿا.

### غلام دستگير شاهه لڪياري:

ساهتي پرڳڻي جي قديم شهر هالاڻي سان تعلق رکندڙ هيءُ سيد سڳورو پڻ پير فضل علي قريشيءَ جو خليفو هو، سندس زباني آهي ته هڪ پيري ملتان پنئي ويس ته رستي ۾ اوچتو خيال آيو ته ڇو نه ويندي ويندي پير فضل علي قريشي نقشبنديءَ سان ملاقات ڪجي، سو سنئو مسڪين پور (ضلع مظفرڳڙهه) هليو ويس، حضرت زمين تي ويل هو، جڏهن موٽي آيو ته حالي حوالي ٿياسين، عرض ڪيم ته هر سال ملتان اچڻ ٿيندو آهي، هن مهل به اوڏانهن پنئي ويس پر اوهان جو ٻڌي هيڏانهن هليو آيس ته جيئن اوهان جي زيارت ڪندو وڃان، بس هاڻي هلون ٿا، الله واهي! تنهن تي قريشي صاحب وراڻيو ته فقير! ملتان ڇا وڃي ڏسندءُ، اوهان کي ته اهي اکيون ئي ڪين آهن، اکيون ٿين ته پوءِ وڃجو، اڄ رات هتي ترسي پؤ، سو حضرت جي حڪم جي پوئواري ڪندي رات رهي پيس، ننڊ ۾ ڇا ٿو ڏسان ته مان قريشي صاحب سان نقشبندي سلسلي ۾ دستِ بيعت ٿيو آهيان، قريشي صاحب سندس هٿ وٺي پنهنجي مرشد خواجه سراج الدين رح جي هٿن ۾ ڏنا، ان وري پنهنجي مرشد حضرت محمد عثمان داماني رح جي هٿن سان ملايا تان ته اهو سلسلو حضرت سلمان فارسي رح ۽ حضرت ابوبڪر صديق رح کان ٿيندي هن فقير جا هٿ وڃي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي هٿن مبارڪن سان مليا. بس خواب دل ٺاري ڇڏي، باطني بيعت ته رات جو ٿي چڪي هئي، هاڻي صبح سان ظاهري طور بيعت ٿي ته قريشي صاحب يڪدم فرمايو ته، شاهه صاحب هاڻي ڀلي ملتان وڃو. سيد غلام دستگير شاهه فرمائي ٿو ته اڳي ملتان وڃي نلهي قبر ڏسي واپس هالاڻي ورندو هئس، پر هن دفعي جو ويس ته قبر واري جي زيارت به نصيب ٿي.(51)

ٿوري ئي وقت ۾ ڪين خلافت ملي، پاڻ الله جي فقيرن ۽ دين جي طالبن جي وڏي خدمت ڪندو هو، جهڙا پاڻ ظاهري طور سخي هو ته وري اهڙي طرح روحاني فيض ڏيڻ ۾ پڻ فياض هو. سندس خليفن ۾ حاجي محمد ملوڪ مڱريو "بازيدپور" وارو ۽ فقير عزيز الله اُجڻ جا نالا پڻ مشهور آهن.

پاڻ سن 1979ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا، حياتيءَ ۾ پنهنجي مرشد پير فضل علي قريشيءَ جي نسبت سان هڪ ديني مدرسو "دارالفضل" جي نالي سان قائم ڪيو هئائون، جو اڄا تائين قائم ۽ دائم آهي. هاڻي سندس پاٽيئنو سيد نثار احمد شاهه سلسلي کي هلائي رهيو آهي(52).

### ميان لعل بخش مڱريو:

ميان صاحب جي نسب جو شجرو هن ريت آهي: لعل بخش بن محمد عرس بن محمد اسماعيل بن محمد ابراهيم بن محمد آدم مڱريو، سندس ولادت سن 1901ع بازيدپور (لڳ ڪنڌيارو موجوده ضلع

نوشهروفيروز) ۾ ٿي. سال 1940ع واري ڏهاڪي ۾ مٿي ڄاڻايل نقشبندي بزرگ ميان نوربخش سان دستِ بيعت ٿيو ۽ ذڪر اذڪار تي وڏي محنت ڪيائون، پاڻ سنت ۽ شريعت مٿان گهڻو پابند هو، حلال رزق ڪمائڻ ۽ کائڻ سندس زندگيءَ جو اهم اصول هو، اهوئي سبب هو جو حرام ته پنهنجي جاءِ تي پر مشتبه شيءِ جو ڪين ڪشف يا خواب وسيلي اڳ ۾ اطلاع ٿي ويندو هو.

سندس مرشد خواجه نوربخش کيس نقشبندي سلسلي ۾ خلافت عطا ڪئي. ياد رکڻ گهرجي ته حضرت نوربخش جا خلافت ڏيڻ لاءِ گهڻا سخت شرائط هوندا هئا ته: سالڪ شريعت مطهره جو پابند، سنت تي عمل پيرا ۽ ذڪر جا سبق پورا ڪيل هجنس، جنهنڪري ٿورا ئي مريد اها سعادت ماڻي سگهندا هئا، تن ۾ ميان لعل بخش مگريو بازيدپور وارو به هڪ هو(53).

پاڻ پيرسني ۽ بيماريءَ سبب هن سلسلي کي گهڻو هلائي نه سگهيو ۽ 3 شوال سن 1382ھ بمطابق 27 فيبروري سال 1963ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، پويان ٽي نياڻيون ۽ چار پٽ: محمد اسماعيل، محمد ابراهيم، بشير احمد ۽ رفيق احمد (هن مقالي جو ليکڪ) سوڳوار ڇڏيائون، سندس آخري آرامگاهه پڻ بازيدپور ۾ آهي(54).

مٿي ذڪر ڪيل نقشبندي بزرگن کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي جيئن: مخدوم محمد زمان لنواري وارن جي شاخ، مخدوم غلام محمد ملڪاڻي وارن جي شاخ ۽ سرهندي بزرگن جي جماعت پڻ ان سلسلي جي ترقي ۽ ترويج ۾ مصروف آهي. هوڏانهن پير فضل علي قريشي مسڪين پوري جي شاخ مان ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي جماعت، مسڪين پور واري مرڪزي درگاهه کان (پير فضل علي قريشي جي ڏوهٽي پير ڪليم الله شاهه جو پٽ) پير محمد شاهه قريشي مسڪين پوري ۽ (پير فضل علي قريشي جي خليفي مولانا غلام حبيب چڪوالي جو خليفو) پير ذوالفقار احمد نقشبندي سميت (پير فضل علي قريشي جي وڏي خليفي حضرت عبدالغفور مدني جي خليفي مولانا عبدالرشيد ڦلڙ شريف واري جو فرزند) حضرت خواجه عبدالحميد نقشبندي پڻ سنڌ ۾ گهڻو اچن وڃن ٿا، نقشبندي سلسلي کي جيڪو سنڌ ۾ فروغ مليو آهي، تنهن ۾ انهن بزرگن جو وڏو ڪردار ۽ سندن خدمتون شامل آهن.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. دائرة المعارف الاسلاميه، جلد-6، دانشگاهه پنجاب لاهور، (ڇاپو پهريون)، سال 1962ع، ص 418-419.
2. ياد رکڻ گهرجي ته، سلوڪ جا سمورا سلسلا مختلف بزرگن کان ٿيندا، حضرت علي بن ابي طالب تائين پهچن ٿا، ان لاءِ محققن جو چوڻ آهي ته، حضرت علي رضہ به بيعت ته ابوبڪر صديق رحہ سان ڪئي هئي، تنهنڪري سمورن سلسلن جو منبع حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي ئي سمجهڻ کپي. (ڊ.ر.ام)
3. دائرة المعارف الاسلاميه، جلد-22، دانشگاهه پنجاب لاهور، (ڇاپو پهريون)، سال 1962ع، ص 436.
4. پير فضل علي قريشي، هن ننڍي کنڊ ۾ نقشبندي سلسلي جو وڏو بزرگ هو، پاڻ اصل ته ڪالاباغ جو هو پر پوءِ اتان لڏي پنجاب جي ضلع مظفرڳڙهه ۾ شهر سلطان جي پرسان "مسڪين پور" نالي نئون ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺو ۽ پنهنجي وفات سن 1935ع تائين ان ئي ڳوٺ ۾ رهيو، وتانئس نقشبندي سلسلي ۾ وڏو فيض جاري ٿيو، اٽڪل هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ سندس خلفاء هئا، جن ۾ ختم نبوت جو مشهور مبلغ، واعظ ۽ ڪلام جو بادشاهه سيد عطاءالله شاهه بخاري، مولانا عبدالغفور مدني، مولانا عبدالغفار چترڙ (پير مٺا سائين، جنهن جي نسبت سان سنڌ ۾ "غفاري" جماعت مشهور آهي). مولانا نوربخش ڦلڙ شريف وارو ۽ مولانا سيد غلام دستگير شاهه هالائي واري سميت ٻيا ڪيترائي بزرگ سندس نسبت ۾ شامل هئا، سنڌ يونيورسٽي جي اولڊ ڪيمپس ۾ رهائش پذير مرحوم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پڻ سندس خليفي مولانا سعيد احمد، وري ان جي خليفي ۽ تصوف تي اعليٰ درجي جي ڪتابن جي ليکڪ مولانا سيد زوار حسين شاهه جو خليفو هو. (ڊ.ر.ام)

25. گربخشاڻي هوتچند، ڊاڪٽر: "لنواريءَ جا لال"، (ڇاپو ٽيون)، ڪراچي، ايجوڪيشنل ڪمپني، سال 1987ع، ص 85-84.
26. دائود پوٽو، عمر، ڊاڪٽر: "ڪلام گرهوڙي"، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، سنڌي ادبي سوسائٽي، سال 1956ع، ص 13-14.
27. ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، (ڇاپو ڏهون)، سال 1976ع، ص 172.
(-) جتوئي علي نواز: "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام" سال 1984ع، ص 8.
28. گرهوڙي صاحب جي سوانح حيات، سندس ڪلام ۽ فڪر بابت ڏسو ڪتاب "لنواريءَ جا لال" ليکڪ: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، "ڪلام گرهوڙي" ليکڪ: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، "لنواريءَ جا لال" ليکڪ: محمد پناهه ڦرڙو، "ڪلام گرهوڙي" ليکڪ: شيخ عبدالرزاق راز، "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام" ليکڪ: پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي، "ابياتِ سنڌي" ليکڪ: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، "سوانح حيات شهيد گرهوڙي" ليکڪ: سائين بخش تاج محمد قبولائي ۽ راقم جو ڪتاب "شيخ محمد حيات سنڌي"،ڇام شورو، طبع سنڌي ادبي بورڊ، سن 2009ع، جنهن ۾ گرهوڙي صاحب جي زندگي متعلق تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.
(ڊ.ر.م)
29. الرحیم (ماهوار) علامہ غلام مصطفیٰ قاسمی، بابت "علماءِ سندھ اور شاہ ولی اللہ کے علمی روابط" شاہ ولی اکیڈمی حیدرآباد، ماہ ڈسمبر 1923ء، ص 21۔
30. قانع علي شير ٺٽوي، مير: "معيار سالڪان طريقت" مترجم سنڌي، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، سال 2010ع، ص 664.
31. مخدوم محمد معين بابت وڌيڪ لاءِ ڏسو: ڊاڪٽر محمد انس راڄپر جو ڪتاب "مخدوم محمد معين ۽ سندس فلسفو" طبع سنڌ ثقافت کاتو ڪراچي، جيئن ته هي ڪتاب اصل ۾ پي ايڇ.ڊي جو مقالو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر انس صاحب مخدوم صاحب جي هر پهلوءَ بابت ڪُلي ڪري بحث ڪيو آهي. (ڊ.ا.ر.م)
32. مخدوم ابوالحسن ڏاهري بابت وڌيڪ لاءِ ڏسو: سندس ڪتاب: "ينابيع الحياة الابديه في تاريخ الطلاب النقشبنديه" هن ڪتاب کي سنڌ جي نامياري اديب ۽ ڪاموري ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب مرتب ڪيو هو، جنهن ۾ مخدوم صاحب جي سوانح حيات ۽ سندس فڪر تي سير حاصل بحث ڪيل آهي، ان کان سواءِ هڪ ٻئي محقق ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري صاحب، جنهن پڻ مخدوم صاحب جي ڪتاب "سراج المصلي" تي پي ايڇ.ڊي لاءِ تحقيقي مقالو لکيو ۽ سندس حالات زندگيءَ بابت به گهڻو ڪجهه لکيو اٿس، هوڏانهن سنڌ جي سريلي مبلغ ۽ واعظ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب پڻ سندس ڪيترن رسالن کي ترتيب ڏئي ڇپرو ڪيو آهي. (ڊ.ا.ر.م)
33. الرحيم (ماهوار)، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي بابت "ڄار ابوالحسن سنڌي" شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، آڪٽوبر 1977ع، ص 38-40.
34. وفائي دين محمد، مولوي: "تذڪره مشاهير سنڌ" (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1985ع، ص 123.
35. کهڙائي امير احمد، مخدوم: "مقدمه بذل القوة"، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1966ع، ص 70.
36. قدوسی اعجاز الحق، مولوی: "تذکرہ صوفیاءِ سندھ" اردو اکیڈمی لاہور، سال 1959ء، ص 189۔
37. مولائي شيدائي، رحيمداد خان: "تاريخ تمدن سنڌ" (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، سنڌالاجي، سال 1995ع، ص 675.
38. علوي، فقيرالله، شاهه: مڪتوبات، مطبع اسلاميه لاهور، سن طباعت ندارد، ص 305.
39. وفائي، دين محمد، مولوي: "تذڪره مشاهير سنڌ" (جلد ٽيون)، (ڇاپو پهريون)، سال 1984ع، ص 189.
40. الوحيد (سنڌ آزاد) نمبر: مولوي دين محمد وفائي، بابت "سنڌ جا ڪي مشهور بزرگ" (ڇاپو ٻيو)، سال 1979ع،

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، ص 36.

41. کهڙائي اميراحمد، مخدوم: ”مقدمه بذل القوة“(ڇاپو پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1966ع، ص 150.

42. وفائي، دين محمد، مولوي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“ (جلد ٽيون)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 1986ع، ص 248-249.

(-) قاسمي، غلام مصطفيٰ، علامه: الرحيم ”مشاهير سنڌ، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، (ڇاپو ٻيو) سال 1988ع، ص 10-11.

43. مگريو، رفيق احمد، ڊاڪٽر: مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2018ع، ص 133.

(-) مخدوم محمد حسين انصاري جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب ”مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي“ طبع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2018ع.

44. هي خواجه محمد زمان (اول) جو پوٽو ۽ خواجه گل محمد جو پٽ آهي، پاڻ بہ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي وانگر نقشبندي سلسلي ۾ وقت جو وڏو ڪامل ولي ۽ بزرگ ٿي گذريو. - ڊ.ر.ا.م

45. مگريو، رفيق احمد، ڊاڪٽر: ”مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2018ع، ص 159.

(-) مخدوم محمد عابد انصاري جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب ”مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي“ طبع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2018ع.

46. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”عرب جي حلبي عالم“ علامه سائد بڪداش جو عربي زبان ۾ لکيل ڪتاب ”الشيخ محمد عابد الانصاري“ طبع بيروت- لبنان سال 1423ھ.

47. پير فضل علي قريشي جي تفصيلوار تذڪري لاءِ ڏسو ڪتاب ”مقامات فضيله“ مرتب: سيد ڪليم الله شاه، مسڪين پوري.

48. ڏسو ڪتاب: ”انوار فضيله“ (مطبوع) مرتب: پير طريقت حضرت مولانا خواجه عبدالرشيد نقشبندي.

49. ڏسو ڪتاب: ”مدینہ میں مدفون پاکستانی بزرگانِ دین“ مطبوع.

50. مگريو، رفيق احمد، ڊاڪٽر: ”تاريخ بازيدپور“ بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2018ع، ص 266-267.

51. ايضاً، ص 314 تا 336 (تلخيص).

52. مگريو، رفيق احمد، ڊاڪٽر: ”تاريخ بازيدپور“ بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص 268 تا 271 (تلخيص).

53. ڏسو ڪتاب: ”انوارالفضيله“ مطبوع، مرتب: پير طريقت حضرت مولانا خواجه عبدالرشيد نقشبندي.

54. مگريو، رفيق احمد، ڊاڪٽر: ”تاريخ بازيدپور“ بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص 109 تا 112 (تلخيص).



ڊاڪٽر علي اڪبر ”اسير“ قريشي

# موتين مُٺِ

هن جديد دور ۾ پاڻ کي محقق، مؤرخ ۽ نقاد سڏائيندڙ سيد مهدي شاهه سنڌي ادب ۾ هڪ نئون نالو آهي. هن جو ايترو ڪم ته ادب ۾ ظاهر ڪونه ٿيو آهي، ليڪن سندس هڪ ڪتاب ”ابڙو وڏ وڙو“ جو نالو مون ٻڌو آهي. خبر نه آهي ته ان ۾ هن محقق ڪيترو ۽ ڪيئن ڪم ڪيو آهي ۽ ڪيترو ڪامياب ويو آهي، سا سُڌ سندس کي ئي آهي.

ڪجهه سال اڳ يعني 2006ع کان هن جو قسطوار ”ڳالهه يا جُٺ“ جي عنوان تي هڪ طويل ڪالم ماهوار ”سوجهرو“ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو آهي. مون کي اهو سمورو مواد ته ميسر ٿي نه سگهيو، مگر جيڪو مهيا ٿيو آهي، ان کي مون پڙهيو آهي. ان قسطوار ڪالم جون چند ڪاپيون 2009-02-06 تي خود مهدي شاهه منهنجي ڳوٺ (جوڻاڻي شريف) مون وٽ اچي، تحفي طور ڏنيون، جن مان ڪجهه قسطون ڪٽل آهن.

هن پنهنجي مقالي جي ابتدا تحقيق جي انداز ۾ ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو ڪتاب ”علم تحقيق“ ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جي ڪتاب ”تحقيق جو فن“ تان استفادو ڪيو ٿو ڏسجي. اهڙيءَ ريت انهن ٻن محققن جي ڪتابن جي ورق گرداني ڪندي پنهنجي عنوان ”ڳالهه يا جُٺ“ موضوع بڻايو آهي، ۽ ان تي ئي پنهنجي تحقيق ۽ تنقيد جو مدار رکيو اٿس. تحقيق جي تشريح ڪرڻ کان پوءِ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”تحقيق جي معنيٰ ۽ وصف جي ابتڙ خاص ڪري ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي تحقيق جي نالي ۾ اهڙو غير معياري ڪم ٿيو آهي، جنهن سان سنڌ جي تاريخ جون سچيون حقيقتون پڌريون ٿيڻ بجاءِ، ويتر گهڻو مشڪوڪ بڻجي ويون آهن. اهو سڀ ڪجهه اسان جي هاڪارن محققن، پروفيسرن، ڊاڪٽرن جي اوڻتن ابتن راين، تصحيحن، توضيحن، تشريحن، ترجمن، حاشين وغيره سبب ٿيو آهي. جيڪڏهن اڄ جو محقق انهن وڏن نالن جي سحر ۾ ڦاسي انهن پاران تحقيق جي نالي ۾ ٿيل ڪم تي پاڙي ويهي ته هُو سچ جي روشني حاصل ڪرڻ بجاءِ، اهڙيءَ اونداهيءَ ڪڏ ۾ وڃي ڪرندو، جتي اک نه ڏسي، گوڏي کي!

جن محققن، ڊاڪٽرن، پروفيسرن ۽ اسڪالرن سنڌ جي مادر علمين، تعليمي ادارن ۽ وڏن وڏن تحقيقي ادارن ۾ ويهي سنڌ جي تاريخ سان ويل وهايا آهن ۽ عام ماڻهن کي غلط ۽ بي بنياد ڄاڻ مهيا ڪري ساڻن، تاريخي سماجي ظلم ڪيو آهي، انهن ۾ ڊاڪٽر ايم.ايڇ پنهور، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، ڊاڪٽر پروفيسر غلام محمد لاکو ۽ ٻيا اڃا حال حيات آهن، جيڪي سنڌ جي تاريخ تي ساڳئي روايتي انداز ۾ تحقيق جي نالي تي ڪم جاري رکيو اچن ٿا. ذڪر ڪيل حال حيات محققن کان علاوه پير حسام الدين راشدي، مولانا غلام رسول مهر، رحيمداد خان مولائي شيدائي ۽ ٻيا اهڙا محقق ٿي گذريا آهن، جن سنڌ جي تاريخ تي ورهاڱي کان پوءِ اهڙا تجزيا ڪيا، جنهن سان سنڌ جي حقيقي تاريخ جو نه رڳو روح ترڪيو اٿيو، پر ان جو خوبصورت چهرو به چچرجي ويو.“ [سوجهرو، 15/اپريل، 2006ع]

پهرين ڳالهه ته مهدي شاهه، ايم.ايڇ پنهور کي ڊاڪٽر سڏي ٿو، سو ايم.ايڇ پنهور ڊاڪٽر هوئي

آهي. ڊاڪٽر شوق جي اڳيان علامہ تارڪ جا هٿ اکر لکيل چاليهارو مسودا اڀياس هيٺ رهيا. انهن مان هڪ مسودو ڪليات تارڪ سنڌي بہ اهم آهي، جنهن تان استفادو ڪري، ديوان تارڪ ترتيب ڏيئي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايو آهي. ديوان تارڪ تہ ڪليات تارڪ جو هڪ حصو آهي. ڪليات تارڪ ۾ غزل، ماده تاريخ، قصيدا، ڪافيون، بيت، جهولڻا، شبد ۽ ٿورو سرائڪي ڪلام، اچي وڃن ٿا. ديوان نجفيءَ جو مڪمل مواد، ڪليات تارڪ ۾ علامہ تارڪ خود درج ڪيو آهي، جنهنڪري ديوان نجفي جي ضرورت نہ ٿي رهي. علامہ تارڪ نجفي تخلص بجاءِ تارڪ تخلص ڪتب آندو آهي. جيڪڏهن اهو ساڳيو نالو "نجفي" ڪليات تارڪ ۾ تخلص طور استعمال هيٺ آئي ها تہ ڪليات تارڪ نہ سڏجي ها. اهڙي ئي لحاظ کان چئجي ٿو تہ مهدي شاهہ جي ٻن ڪتابن جي بنياد تي ڊاڪٽر شوق تي ڪيل ٽيڪا ٽپڻي اجاتري ۽ بيجا آهي.

مهدي شاهہ پهريون ئي حوالو علامہ تارڪ جي جنم جو ڏنو آهي. علامہ نجفي شهر لالو رائنڪ ۾ جنم ورتو ۽ ابتدائي تعليم پڻ اتي ئي پڙهيو. علامہ تارڪ جي استادن جو بہ ذڪر مهدي شاهہ زير غور آندو آهي. مهدي شاهہ کي ڪابہ وڌيڪ ڄاڻ نہ آهي، هو صرف ٻن ڪتابن جي ورق گرداني ڪري اڳتي وڌيو آهي. علامہ تارڪ تي مولوي محمد عظيم شيدا ۽ حافظ احسن چنا ۽ ٻين جا مضمون آيل آهن، اهي بہ مهدي شاهہ کي پڙهڻ گهرجن ها ۽ بعد ۾ لکي ها. باقي مهدي شاهہ تہ خواہ مخواہ جا تنقيدي انبار ڊاڪٽر نواز علي شوق جي مٿان اڇلايا آهن. مٿين مضمونن کان علاوہ ٻيا بہ ڪافي مضمون ۽ مقالا ملن ٿا، جهڙوڪ: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو مضمون، ڊاڪٽر اياز قادريءَ جو مضمون ۽ ٻيا ڪوڙ سارا مضمون آهن. مهدي شاهہ ڪابہ تڪليف ۽ جستجو نہ ڪئي آهي هڪ هنڌ وڃي، ڊاڪٽر شوق کي سڌو نشانو بنائي مٿس اجائي تنقيد جا تير وسايا آهن. علامہ تارڪ تي هڪ ڪتاب "لالوءَ جو لال" مون ڳچ عرصو اڳ ترتيب ڏنو هو، اهو ڪتاب مون پنهنجي ذاتي خرچ تي سال 2011ع ۾ اشاعت هيٺ آندو آهي. ان کي پڙهڻ سان سڀ شڪ شبها دور ٿي سگهن ٿا. علامہ تارڪ جي بہ ۾ مولوي محمد عظيم شيدا جي مضمون مان بہ چار سٽون حوالي طور پيش ڪجن ٿيون، هُو لکي ٿو:

"اڳاٽو شهر ڪنبو (تعلقو وارهہ) ۾ مولانا استاد سيد عبدالعزيز شاهہ خارانيءَ جو مدرسو هو، آءٌ ٻين شاگردن سان گڏ اتي تعليم وٺندو هوس. هڪ ڏينهن استاد کان زليخا جو سبق پيو وٺان، اچانڪ هڪ خوبصورت نوجوان قدوقامت سان منهنجي هم عُمر، ڪتابن ۽ بستري سان اچي سهڙيو، سلام ڏئي مولوي صاحب جن سان تعظيم سان مليو، پنهنجي احوال ۾ ٻڌايائين تہ 'بنده جو نالو هدايت علي، فقير الهداد جو فرزند، ذات جو علوي تونيو، لعلو جي رائنڪ جو رهاڪو آهيان. سنڌي پڙهي اٿم، فارسي ڪجهہ ڄاڻان، هينئر زليخا کان مٿي هن مدرسي ۾ پڙهڻ جي ارادي سان حاضر ٿيو آهيان.' اسان جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت ٿي وئي ۽ گڏجي زليخا شروع ڪئي سون." مولوي محمد عظيم شيدا اڳتي لکي ٿو تہ:

"اسان اڃا زليخا ختم ئي نہ ڪئي تہ نجفي صاحب جن مدرسو ڇڏي هليا ويا. باقي فارسي، عربي مولوي محبت الله تنيي وٽ پڙهيا."

(ص 30- لالو جو لال/2011ع)

مهدي شاهہ جي مقالي مان ڪي چند گوشا ڪٺي هتي اپٽار ڪريان ٿو. مهدي شاهہ جي چوڻ موجب تہ شمس الدين 'بلبل'، علامہ تارڪ جو استاد نہ آهي.

اسان جڏهن ڳالهايون ٿا تہ ڪڏهن واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ ڪتب آڻيندا آهيون. مثال طور: قرآن پاڪ ۾ هڪ ٻن هنڌن تي آيو آهي تہ "بيشڪ اسان نوح عليه السلام کي پنهنجيءَ قوم ڏانهن موڪليو." هن مان ظاهر آهي تہ واحد کي جمع ۾ آندو ويو آهي، پر اسان جو مضبوط ۽ پڪو پختو ايمان آهي تہ خدا تعاليٰ واحد آهي! پر هن جملي ۾ جمع طور آيو آهي. اهي صيغا ۽ گردان ڦرندا رهندا آهن.

هتي سوال آهي تہ ”استادما“ جي معنيٰ ٿئي ٿي، اسان جو استاد. يعني گهڻن جو استاد. اهو بہ صحيح ڇئبو، پر ”استادما“ واحد طور بہ استعمال ٿيندو آهي، ۽ ٿي بہ سگهي ٿو. علامہ تارڪ، بلبل جي وفات تي فارسيءَ ۾ هڪ ماده تاريخ هن ريت لکي آهي، جنهن جي عبارت آهي:

”قطع تاريخ وفات رئيس مسٽر شمس الدين بلبل استاد صنف“.

چون رئيس آن شمس الدين رحلت نمود
شد دل احباب ازين رحلت دونيم
آن رئيس نامدار نيڪنام
سالڪ فرزانہ باطبع سليم
مشغل بودي بشغل دنيوي
هم براه شرع بودي مستقيم
شاعر زيرڪ خردمند اوسخي
بافراست بود و باقلب صميم
ازمد ذوالحج روز هفدهم
صبح شنبہ گشت درجنت مقيم
يالاهي بهر مقبولان تو
مسڪن اوڪن بگلزار نعيم
باڪرم چون بود سال رحتلش
گفت ”نجفي“ بلبل باغ ڪريم

هن قطع جي عنوان مان ظاهر آهي تہ بلبل کي علامہ تارڪ استاد تسليم ڪري ٿو. جنهنڪري مهدي شاهہ جي لکت تي ازخود پاڻي ڦري وڃي ٿو. هن ڪان پوءِ جيڪا ڳالهہ سامهون اچي ٿي سا وري سلطان علي سالڪ جي بابت آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ سلطان علي سالڪ کي علامہ تارڪ استاد سڏي ٿو، ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق درست نہ لکيو آهي. اهو درست آهي تہ سلطان علي سالڪ، علامہ تارڪ جو استاد هو. اهو مون خود حضرت علامہ تارڪ جي ان وقت جي سجاده نشين فقير قادر بخش المعروف قادن فقير (علامہ تارڪ جو سڳو پاٽيجو) کان معلوم ڪيو هو، جنهن سندس وفات ڪان پوءِ سندس درگاهہ جو ڪم سنڀاليو ۽ آخري عمر تائين اتي ئي رهيو ۽ هر اسلامي مهيني جي سترهين تاريخ ڏام ڌوم ۽ وڏي عقيدت ۽ محبت سان ملهائيندو هو. راڳ ويراڳ ٿيندو هو، جنهن ۾ گهڻو ڪلام علامہ تارڪ جو ڳايو ويندو هو. اهڙيءَ ريت فنڪارن ۽ موسيقارن کي وڏو داد ملندو هو. ان ڪان پوءِ هر سال سترهين، ارڙهين ۽ اڻويهين (ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون) محرم تي وڏو ميلو مچندو هو. اهو سڀ ڪجهہ فقير قادن رنگ رچائيندو هو. مون بہ فقير قادن سان سندس محبت ۾ رهي گهڻو عرصو گذاريو، ۽ علامہ تارڪ جي متعلق ڪيئي ڳالهيون ڪانئس ٻڌيون. اهڙيءَ ريت علامہ تارڪ جي استادن بابت پڻ معلومات ملي. ٿورن لفظن ۾ مهدي شاهہ لکيو آهي تہ ”علامہ تارڪ جو ميان سلطان علي سالڪ استاد نہ هو ۽ ميان سلطان عليءَ جي ولادت ۽ وفات جا ماده تاريخ علامہ تارڪ نہ لکيا آهن.“ (سوجهرو-2006-SEP/9ع)

فقير قادن اهو واضح طور ٻڌايو تہ ميان سلطان علي، علامہ تارڪ جو فارسيءَ ۾ استاد هو، جنهنڪري مهدي شاهہ جي تنقيد بنهہ بيڪار رهجي وڃي ٿي. ميان سلطان علي جي ولادت ۽ وفات جا ٻہ ٽي ماده تاريخ/قطعہ تاريخ علامہ تارڪ ڪڍيا آهن، جيڪي ڊاڪٽر نواز علي شوق جي تحقيق کان اوجهل رهيا، اهي قطع تاريخ مون کي علامہ تارڪ جي لکيل بياض مان مليا ۽ اهو بياض حاجي احمد نواز پيچوهي جي حق ملڪيت آهي. ان بياض مان ڪافي عرصو اڳ مون فوٽو/ نقل ڪاپي ڪري رکيا آهن. علامہ تارڪ ميان سلطان علي جي ولادت ۽ وفات جا ماده تاريخ هنن لفظن مان ڪڍيا آهن.

ميان سلطان علي ڪيا خير مولود
1288ھ
فضل خواهان ميان سلطان علي
1924ع
ميان سلطان علي آمد بما اهل نجات
سال توليد ش چنين گوئي وسيلہ مخلوقات
1288ھ
ميان سلطان علي گوهر نثار
1343ھ

ديوان تارڪ ۾ آهي:

”نہ ملن جي مزارن تي ڏٺو ”تارڪ“ ڪڏهن ميلا“.

ڪليات تارڪ ۾ وري هن طرح آهي:

شهيدا عشق جا مرقد مدامي رب ڪيا روشن
مُلن جي مرقدن تي ڪيني ”تارڪ“ ڏٺو ميلا.

ساڳئي غزل جي مطلع ۾ اصل لفظ ”اربيلا“ کي تبديل ڪري ”البيلا“ لکيو ويو آهي.

(سوجهرو، 20- ڊسمبر2006ع)

اربيلا ۽ البيلا، حالانڪ ساڳي معنيٰ ٿا رکن، انهن ۾ ڪو ايڏو تفاوت نہ آهي، پر هن کي پروف جي غلطي قرار ڏئي سگهجي ٿو.

مهدي شاھ لکي ٿو تہ: ”ديوان نجفي (1922ع) رديف الف منجهان ڪنيل باقي ترتيبوار غزلن 4-5-6 ۽ 7 ۾ پڻ ڊاڪٽر شوق لفظن جون تبديليون ڪري ديوان تارڪ ۾ شامل ڪيا آهن. اهڙا غزل ڊاڪٽر شوق پاران مرتب ڪيل ديوان تارڪ جي صفحي 32-33 ۽ 34 تي ڏسي سگهجن ٿا. (سوجهرو-20 ڊسمبر 2006ع)

مهدي شاھ کي بار بار ٻڌائڻو ۽ هتي لکڻو ٿو پوي تہ ڊاڪٽر شوق ديوان تارڪ ۾ ڪابہ ردو بدل نہ ڪئي آهي، چو تہ ڊاڪٽر شوق جي اپياس هيٺ علامہ تارڪ جا چاليهارو کن قلمي مسودا رهيا آهن. هن ڪهڙي قلمي مسودي يا ڪنهن نسخي تان ڪنيا آهن. اهو هن واضح تہ نہ ڪيو آهي، باقي ديوان تارڪ ۾ نئي لکيو اٿس تہ ”ديوان تارڪ“، ڪليات تارڪ جو پهريون حصو آهي ۽ آهي بہ ائين ئي!

**رديف/ب:**

مهدي شاھ لکي ٿو تہ: ”رديف الباء ۾ ست غزل آهن ۽ ديوان تارڪ ۾ صفحي 28 کان 43 تائين بہ ساڳيا غزل آندا ويا آهن.“ هِتي مهدي شاھ کان سهوَ ٿي آهي. اها هيءَ تہ ص 28 تي رديف الف جا غزل آهن، نہ کي رديف، ب جا، چو تہ رديف الف صفحي 37 تائين آهي، ۽ ب 38 کان 43 تائين آهي، جنهن ۾ ست غزل ڏنا ويا آهن.

رديف ’ب‘ جي ائين شعر جي ٻي مصرع ۾ اصل لفظن ”هي مرض“ کي اڳتي پوئتي ڪريمرض هي“ لکيو ويو آهي. اها پروف جي غلطي ٿي سگهي ٿي، چو تہ مهدي شاھ بہ صفحي 38 کي 28 ڪري لکيو آهي. ڀلا ان ۾ بہ ڊاڪٽر نواز علي شوق جو قصور!

رديف ”ب“ جي ٽئين غزل جي سٽ مهدي شاھ هن ريت لکي ٿو:

آلا مار هن عرف جي عشاقن جي واسطي.

(سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع)

ديوان تارڪ ۽ ڪليات تارڪ ۾ اها سٽ هن طرح آهي، پر هيءَ سٽ ديوان تارڪ ۾ آيل ٻئي نمبر غزل جي مصرع آهي.

ٿي مار من عرف جي فقيرن جي واسطي.

اڳتي لکي ٿو، ساڳئي غزل جي چوٿين مصرع جي پهرين مصرع ديوان نجفيءَ ۾ هن ريت آهي.

وساري پاڻ تون پس پاڻ ۾ پاڻان ٿيءُ روشن.

(سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع)

چوٿون غزل ديوان تارڪ ۾ ٽئين نمبر تي آهي. مٿين مصرع ۾ هن صاحب ”من“ جي جاءِ ”هن“ لکيو آهي، جيڪو سراسر غلط آهي ۽ هيئين سٽ جنهن کي ساڳيو غزل ٿو چوي، اها مهدي شاھ جي ڀُل آهي. اهو غزل ديوان تارڪ ۾ ٽئين نمبر تي آهي ۽ ان جي مصرع آهي، جنهن ۾ اختلاف ٿو ڏيکاري، اها مصرع ٺيڪ هن طرح آهي ۽ ڪليات تارڪ ۾ پڻ اهائي درج ٿيل آهي، جيڪا ديوان تارڪ ۾ آهي.

”وساري پاڻ تون پس پاڻ ۾ تان پاڻ روشن ٿئي.“

ديوان نجفي ۾ ستين نمبر تي آيل غزل جي مصرع هن ريت لکي ٿو:

حالت حلاج نجفي ان کي حاصل ٿي ٿئي.
جنهن کي آهي صلح سڀ سان خاص فقرا جي طلب.

(سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع)

ديوان تارڪ ۾ غزل جو جيڪو مصرع آهي، اهوئي ڪليات تارڪ ۾ آهي، اهو مصرع هن طرح آهي:

حالت حلاج تارڪ ان کي حاصل ٿي ٿئي،
جنهن جي صورت جي رهي سڪ اهلِ معنيٰ جي طلب.

مهدي شاهه کي ڄاڻڻ گهرجي ته حالت جي ت کي زير اضافت ۽ حلاج جي "ل" تي شد ايندي ۽ وزن ۾ پڻ شعر تڏهن ئي پورو ٿي سگهندو، نه ته اڻپورو ڇنبو ۽ معنيٰ ۽ مطلب ۾ به فرق ايندو.

مهدي شاهه اڳتي لکي ٿو ته: "شاعر نجفي تارڪ جي اصل لفظن جي مرتب ڊاڪٽر شوق پاران ڪيل تبديلي پڙهندڙن جي سامهون آهي. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر شوق، ديوان نجفي جي رديف 'ب' منجهان ڪنيل غزل ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي لفظن جون تبديليون پڙهندڙن جي سامهون آهن. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر شوق، ديوان نجفي جي رديف 'ب' منجهان ڪنيل غزلن ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي لفظن جون تبديليون ڪيون آهن." [سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع]

مهدي شاهه کي وري وري چوڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪو حرج نه ڪونه آهي، ڪيس اهو سمجهڻ ۽ سوچڻ گهرجي ته ڊاڪٽر شوق علامه تارڪ جي ڪلام/غزلن ۾ ڪيئن ٿو هيرا ڦيري ۽ ردوبدل ڪري سگهي. علامه تارڪ جي ڪلام جي اِهو اصلاح ڪري سگهندو، جيڪو علامه جي درجي کي پهتل هوندو. يا ائين ڪٿي چئجي ته علامه تارڪ جي خيالن کان واقف هوندو. باقي نواز علي شوق جهڙو نميدار نقاد علامه نجفيءَ جي ڪلام ۾ تبديل جو سوچي ئي نه ٿو سگهي.

**رديف ٻ:**

هن رديف ۾ هڪ غزل آهي، جنهن لاءِ مهدي شاهه وٽ ڪو ٻيو ذريعو ئي نه آهي، جنهن جي آڌار تي ڪا مستند راءِ جوڙي سگهي، هو لکي ٿو:

ڊاڪٽر شوق، هن غزل جي مقطع ۾ شاعري اصل تخلص "نجفيا" کي تبديل ڪري "تارڪا" تخلص آندو آهي. مرتب پاران ڪيل اهڙي هٿ چراند سبب شعر جي تجنيس حرفي واري سونهن ۾ بگاڙ آيو آهي، جيئن اصل شعر آهي:

چو لکين ٿو لوڪ ڪان لڄ چو ڪرين؟
نازنين وٽ "نجفيا" نروار ڦپ.

[سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع]

اهو ساڳيو ئي مقطع ڪليات تارڪ ۾ "تارڪا" تخلص سان علامه تارڪ خود ئي استعمال ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڪنهن ٻئي کي قصور وار نه ٿو ٺهرائي سگهجي. اها مصرع يا بند جيئن آهي، تيئن ئي ڊاڪٽر شوق "ديوان تارڪ" ۾ قلمبند ڪيو آهي. باقي ڊاڪٽر شوق کي ڪهڙي مجال جو لفظن جون اصل صورتون مسخ ڪري ۽ بگاڙ پيدا ڪري!

اهو مٿيون مقطع "ڪليات تارڪ" ۾ هن ريت آهي:

چو لکين ٿو لوڪ ڪان لڄ چو ڪرين؟
نازنين وٽ "تارڪا" نروار ڦپ.

**رديف پ:**

هن رديف ۾، ديوان نجفي ۾ ٽي غزل آهن، ديوان تارڪ ۾ به ساڳيا ئي ترتيبوار ٽي غزل آهن، مهدي شاهه لکي ٿو: "ڊاڪٽر شوق شاعر نجفي تارڪ جي رديف 'پ' وارن ٽنهي غزلن ۾ لفظن ۽ جملن جي تبديليءَ واري هٿ چراند ڪئي آهي. جيئن رديف پ ۾ پهرئين غزل جي مطلع جي ٻي مصرع هن ريت آهي:

صفائي منجهه ظلمت آهه اڻ لپ."

[سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع]

ديوان تارڪ ۾ 'صفائي ساڻ ظلمت آهه اڻ لپ' آهي ۽ هن ۾ 'منجهه' ۽ 'ساڻ' لفظن جي مٽا سٽا ڪيل آهي. ڪليات تارڪ ۾ "صفائي ساڻ ظلمت آهه اڻ لپ" جتان ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪنيو آهي، ساڳئي غزل جي پنجين نمبر شعر جي پهرين مصرع ديوان نجفي ۾ هن ريت لکيل آهي:

جهان سارو آهي ماتم ڪده ٿيو.

ديوان تارڪ ۾ هن مصرع کي اڳتي پوئتي ڪري لکيو ويو آهي. جيئن:

جهان سارو ٿيو ماتم ڪده آهه.

[سوجهرو، 20- ڊسمبر 2006ع]

اها مصرع جيئن ديوان نجفي ۾ جيئن لکيل آهي، تيئن ئي ڪليات تارڪ ۾ درج ڪيل آهي. منهنجي خيال ۾ ته اها پروف جي غلطي ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ڊاڪٽر شوق تي ڪو حرف نه ٿو اچي.

اهڙيءَ ريت مهدي شاهه لکي ٿو: "ساڳئي غزل

۾ "سڌارين" کي "اجارين" ڪيو ويو آهي.

3. غزل جي ڇهين شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظ "آشيان" کي "گلشن" ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

4. مقطع جي مصرع "تڏهن يڪدل ٿي قرب قديري حاصل" کي تبديل ڪري:

ڪرين يڪدل، ٿي تڏهن قرب قديري حاصل."

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

مهدي شاهه جيڪي پيڻا ڪئي، سا جيئن ديوان تارڪ ۾ آهي، اهائي درست آهي، جو ته علامه تارڪ، ڪليات تارڪ ۾ خود درج ڪيو آهي.

1. "سنڌ"، 2. "اجارين"، 3. "گلشن" ۽ 4. "ڪرين يڪدل ٿي تڏهن قرب قديري حاصل"، برابر آهن.

مهدي شاهه لکي ٿو، ديوان نجفي ۾ ٽئين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ چوٿين نمبر تي رکيو ويو آهي، هن ۾ هيٺيون تبديليون ڪيون ويون آهن:

1. غزل جي چوٿين شعر جي ٻي مصرع ۾ اصل لفظ "ماهرو جي منهن اڳيان" کي ديوان تارڪ ۾ تبديل ڪري "رشڪ مه منهن اڳيان" لکيو ويو آهي.

2. "مرد جي آهين تون نجفي ڪنهن جي منت ڪير ڪڻ" هيءَ مقطع واري شعر جي پهرين مصرع آهي. [سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

1- غزل جي چوٿين شعر جي مصرع "رشڪ مه جي منهن اڳيان" درست آهي.

2- مرد جي آهين تون "تارڪ" ڪنهن جي منت ڪير ڪڻ. [ڪليات تارڪ قلمي]

مهدي شاهه لکي ٿو: "ديوان نجفي ۾ چوٿين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ صفحي 50 تي پنجين نمبر تي رکيو ويو آهي، هن غزل ۾ هيٺيون تبديليون آهن:

1) غزل جي ٻئي شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظن "ڏنهن" کي تبديل ڪري "منجهان" لکيو ويو آهي.

2) غزل جي ٽئين نمبر شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظن "سان آ" کي تبديل ڪري "۾ ٿيو" لکيو ويو آهي.

3. غزل جي مقطع واري شعر جي پهرين مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

اڳتي نه چئي 'نجفي' ٿو مستيءَ کان سخن ڪو.

ديوان تارڪ ۾ هن ريت ڊاڪٽر شوق لکيو آهي:

اڳتي چئي تارڪ نٿو مستيءَ کان سخن ڪو."

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

درحقيقت ڊاڪٽر شوق کي قصور وار نه ٿو چئي سگهجي. اچو ته ڪليات تارڪ کي ڏسون ته ان ۾ ڇا لکيل آهي:

1. هن شعر جي مصرع ۾ "ڏنهن" بجاءِ "منجهان" لکيل آهي.

2. ٽئين نمبر شعر جي مصرع ۾ "سان آ" جي جاءِ تي "۾ ٿيو" آهي.

3. غزل جي مقطع واري شعر جي پهرين مصرع هن ريت آهي:

اڳتي چئي تارڪ نه ٿو مستيءَ کان سخن ڪو.

هاڻي ٻڌايو ته ڊاڪٽر شوق جو ڪهڙو ڪم جو علامه تارڪ جي غزلن کي مٽائي.

"ديوان نجفي ۾ اٺين نمبر تي غزل کي ديوان تارڪ ۾ ڇهين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن غزل جي مقطع واري شعر جي ٻي مصرع ۾ اصل لفظ "هوڻ" کي تبديل ڪري، انهيءَ جڳهه تي "پاڻ" لفظ رکيو ويو آهي." [سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

"پاڻ" لفظ بلڪل درست آهي ۽ ڪليات تارڪ ۾ پڻ اهوئي درج ٿيل آهي.

مهدي شاهه لکي ٿو ته: "ديوان نجفي ۾ نائين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ 51 صفحي تي ستين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن غزل ۾ ڊاڪٽر شوق پاران شاعر فقير نجفي تارڪ جي شاعريءَ سان جيڪا جُٽ ڪئي آهي، انهيءَ جا تفصيل هن ريت آهن:

ديوان نجفي ۾ هن غزل جي ٻئي نمبر شعر جي ٻي مصرع اصل ۾ هن طرح آهي:

قصد مان ڪوڙائيون ريش و بروت.

ديوان تارڪ ۾ هن طرح لکي وئي آهي:

ڪان قصد ڪرڙائي سي ريش و بروت.“

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

هن ۾ ڊاڪٽر شوق جو ڪوئي ڏوهه ڪونهي، مهدي شاهه خواه مخواه مٽس اُلرون ۾ جُلهون ڪيون آهن، هن پنهنجي عنوان 'جُٺ' سان پاڻ ئي جُٺ ڪئي آهي جو هيڏي وڏي جهول ۾ ڪٿي پاڻ کي وڌو اٿس. صد آفرين آهي ڊاڪٽر نواز علي شوق کي، جنهن مهدي شاهه کي ڪو جواب ئي نه ڏنو آهي، چو ته هيءَ بيجا ۽ خواه مخواه جلهه آهي، تنقيد نه آهي، ان خساري ۾ ڏي وٺ واري حساب ڪان پاڻ کي پري ڪيو اٿس.

”ساڳئي غزل جي پنجين نمبر شعر جي ٻي مصرع ۾ اصل لفظ ”نظر پيئڻ“ کي قيرائي ”ڏسين تون“ لکيو ويو آهي.“ [سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

ڪليات تارڪ ۾ ”ڏسين تون“ آهي، جنهن ڪري ديوان تارڪ ۾ آيل درست آهي.

مهدي شاهه لکي ٿو: ”ديوان نجفي ۾ ڏهين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ اٺين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن غزل جي مطلع جي ٻي مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

ڪيا سي ڪفر دين ڪان دور وحدت.

ديوان ۾ آهي:

رهن سي روز شب مامور وحدت.“

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

ڪليات تارڪ ۾ اصل اِها ئي مصرع آهي، جيڪا ”رهن سي روز شب مامور وحدت“ ديوان تارڪ ۾ آهي ۽ بهتر آهي.

مهدي شاهه لکي ٿو: ”ساڳئي غزل جي ٻئي شعر جي ٻي مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

ڪيا مستيءَ ۾ جي مخمور وحدت.

غزل جي ٽئين نمبر شعر جي ٻي مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

انهن کي شش جهت منظور وحدت.

ديوان نجفي ۾ ساڳئي غزل جي چوٿين شعر جي ٻي مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

ڪيو آءِ جن کي چڪنا چور وحدت.“

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

ديوان تارڪ ۾ مٿيون مصرعون هن ريت لکيل آهن:

1. رهن مستيءَ ۾ سي مخمور وحدت.
2. سي سڀ هردوجهان منظور وحدت.
3. رهن جي روز شب مسرور وحدت.

هي ٽيئي مصرعون جيئن هتي آهن، تيئن حرف به حرف ڪليات تارڪ ۾ داخل آهن، جن لاءِ شوق صاحب کي آجو قرار ڏئي ٿو سگهجي. چو ته شوق جو ڪوبه قصور ڪونهي، جو ديوان تارڪ ايڏي مٽا سٽا ڪري.

مهدي شاهه سوجهري جي اٺين قسط ۾ لفظ به لفظ ڪٿي اڳيان بيٺو آهي، ۾ سندس محنت ته رائگان آهي، ۽ نه وري ڪارگر! مهدي شاهه لکي ٿو ته: ”ديوان نجفي ۾ يارهين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ نائين نمبر تي رکيو ويو آهي، هن غزل ۾ جن لفظن کي تبديل ڪيو ويو آهي، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

1) غزل جي ٽئين نمبر شعر جي ٻئي مصرع ۾ اصل لفظ ”جي“ جي جاءِ تي ”سان“ رکيو ويو آهي.

2) غزل جي چوٿين نمبر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظ ”هن“ جي جاءِ ”ٿيا“ رکيو ويو آهي.

3) غزل جي پنجين شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظ ”شرع“ جي جاءِ تي ”ادب“ رکيو ويو آهي.

4) ساڳئي غزل جي مقطع واري شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل لفظ ”منجهه“ کي ”ڪان“ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.“ [سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

هي جيڪي به لفظ مَٽايا ويا آهن، سي ڪليات تارڪ تان ڪٿي ديوان تارڪ ۾ درج ڪيا ويا آهن، چو ته ديوان تارڪ جو مدار ڪليات تارڪ (قلمي) تي آهي. هن ۾ ڊاڪٽر شوق جو ڪوبه قصور ڪونهي.

مهدي شاهه لکي ٿو: ”ديوان نجفي ۾ تيرهين نمبر تي آيل غزل کي ديوان تارڪ ۾ ڏهين نمبر تي رکي وئي آهي. هن غزل ۾ هيٺيون غلطيون/تبديليون ڪيون ويون آهن.

جدا جانيءَ ڪان ناهين ڪي، پري ڳولڻ ۾ جيءُ نا ڦٽ.

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

اصل ۾ هن غزل ۾ ڊاڪٽر شوق ڪابه تبديلي نه ڪئي آهي، هيءُ جملو مهدي شاهه جو غلط آهي، اهو هيءُ ته ”ساڳين ڪجهه غزلن ۾ ڪجهه اشعار گهٽائي ڏنا ويا آهن.“ جڏهن ته هن رديف ۾ آهن ئي ڪجهه غزل يعني چار! ڪو وڏو انگ نه آهي. مهدي شاهه کي ائين لکڻ گهربو هو ته هڪ ٻن غزلن جا ڪجهه اشعار گهٽائي لکيا ويا آهن، جيڪو درست آهي:

1. هن غزل ۾ ”اهڙو“ جي جاءِ تي ”هردم“ آهي.
2. هن غزل جي مصرع هن ريت آهي، جيڪا ديوان تارڪ ۾ آهي:

جدا جانيءَ ڪان ناهين ڪي پري ڳولڻ ۾ جيءُ نا ڦٽ.

[ڪليات تارڪ قلمي]

ديوان نجفي ۾ آيل ٻئي نمبر غزل ۽ ديوان تارڪ ۾ صفحي نمبر 58 تي آهي، جنهن ۾ هيٺيون تبديليون ڪيون ويون آهن:

1. غزل جي ٽئين نمبر شعر لفظ ”مٿس“ کي بدلائي ”اٿس“ ڪيو ويو آهي.
2. ساڳئي شعر جي ٻيءَ مصرع ۾ اصل لفظ ”ڪي“ کي بدلائي ”لئي“ ڪيو ويو آهي.
3. غزل جي چوٿين نمبر شعر ۾ ”جيئن سڪ وڏي ٿي“ لفظن کي تبديل ڪري ”جيئن شڪ وڏي ٿي“ لکيو ويو آهي.
4. غزل جي مقطع ۾ ”علما“ کي مٽائي ”زاهد“ ڪيو ويو آهي. اصل ۾ ڊاڪٽر شوق غزلن جي لفظن جي مٽا سٽا جو ذميوار نه آهي، اچو ته ڪليات تارڪ جي روشنيءَ ۾ مٽاسٽا کي جاچيون ته حقيقت کهڙي پاسي آهي.

1. ”مٿس“ جي جاءِ تي ”ٿس“ لکيل آهي.
2. ”ڪي“ جي بدران ”لئي“ لکيل آهي.
3. ”جيئن سڪ وڏي ٿي دل ۾“ درست آهي. سڪ جي ’س‘ کي ’ش‘ ڪيو ويو آهي. يعني شڪ ڪيو ويو آهي، جيڪو غلط آهي. هن ۾ پروف جي غلطي آهي.
4. ”عُلما“ جي جاءِ تي ”زاهد“ لکيل آهي.

[ڪليات تارڪ قلمي]

”ديوان نجفي ۾ رديف ت جي ٽئين نمبر غزل کي ديوان تارڪ ۾ به ٽئين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن ۾ هيٺيون تبديليون ڪيل آهن:

(1) غزل جي ٽئين نمبر جي پهرين مصرع ۾ ”زخم دل“ کي مٽائي ”ڪي اثر“ ڪيو ويو آهي.

(2) غزل جي چوٿين نمبر شعر جي پهرين مصرع ۾ ”ماهروين“ کي ”ماهر ويان“ ڪيو ويو آهي.

(3) غزل جي پنجين شعر جي پهرين مصرع جي اصل لفظن ”سهڻن جي اڳيان“ کي تبديل ڪري ”تن جي روبرو“ لکيو ويو آهي.

(4) غزل جي ستين شعر جي ٻي مصرع جي اصل لفظ ”ڦٽڪائين ٿو نيڻن جو نٽ“ کي تبديل ڪري ”ويتر ٿي ڏسي نيڻن جو نٽ“ لکيو ويو آهي.

(5) غزل جي ائين شهر جي ٻي مصرع ۾ اصل لفظن ”دل صفا ڪاري جو“ کي تبديل ڪري ”دل ڪري اطهر جو“ لفظ لکيا ويا آهن.

[سوجهرو، 21- ڊسمبر 2006ع]

درحقيقت جيڪا لفظن جي مَٽ سَٽ ڪئي وئي آهي سا علامه تارڪ جي ڪيل آهي، نه ڪي ڊاڪٽر شوق جي! ڪليات تارڪ ۾ هن ريت آهي:

1- ”زخم دل“ جي بجاءِ ”ڪي اثر“ آهي.

2- ”ماهروين“ جي جاءِ تي ”ماهرويان“ لکيل آهي.

3- ’سهڻن جي اڳيان‘ ان جي روبرو“ آهي. ديوان تارڪ ۾ ”تن جي روبرو“ غلط آهي. منهنجي سوچ مطابق، اها به پروف جي چُڪ آهي.

4- ”ڦٽڪائين ٿو نيڻ جو نٽ“ جي بدران ”ويتر ٿي ڏسي نيڻن جو نٽ“ آيل آهي.

5- ”دل صفا ڪاري جو“ جي بجاءِ ”دل ڪري اطهر جو“ لکيل آهي، درست آهي.

”ديوان نجفي ۾ چوٿين نمبر غزل کي ديوان تارڪ ٽئين نمبر تي رکيو ويو آهي. ديوان نجفي ۾ هن غزل ۾ ست شعر آهن. جڏهن ته ديوان تارڪ ۾ هن غزل ۾ ڪل ڇهه شعر ڏنا ويا آهن. غزل جي

۾ "رديف ج" ۾ ست غزل ملن ٿا، جن جا ترتيبوار 1 کان 6 تائين غزلن جي ترتيب ساڳي ديوان نجفيءَ واري آهي، جڏهن ته ديوان نجفي ۾ شامل ستين نمبر غزل کي ديوان تارڪ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. هن رديف "ج" جي غزلن ۾ ڊاڪٽر شوق جيڪا ڦيرڦار ڪئي آهي، انهن جا تفصيل هن ريت آهن:

1) غزل جي چوٿين نمبر مصرع ۾ اصل لفظ "تار مطلب ۾" کي مٽائي "تار منجهه طلب" ڪيو ويو آهي.

2) غزل جي ڇهين نمبر شعر جي ٻيءَ مصرع ۾ اصل لفظن "اهڙو نه سوال ڪج" کي ڦيرائي "نه اهڙو سوال ڪج" لکيو ويو آهي.

3) غزل جي اٺين نمبر شعر جي پهرين مصرع ديوان نجفي ۾ هن ريت لکيل آهي:

آءٌ درد دل جو ظاهر ڪيو يار جي اڳيان.

ديوان تارڪ ۾ آهي:

"مون درد دل جو پيش ڪيو يار جي اڳيان."

4) غزل جي مقطع جي پهرين ديوان نجفي ۾ هن ريت آهي:

تارڪ جي نقد جان ڏني بازار عشق ۾."

[سوجهرو، 9- جنوري 2007ع]

مهدي شاهه کي مون جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيڪو منهنجي علم ۾ آهي، سو شائقين ۽ ادب جي گهڻگهرن اڳيان حاضر ڪيو اٿم. مهدي شاهه هن غزل ۾ چار نقص نروار ڪيا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

(1) ديوان تارڪ ۾ "تار طلب نه" بلڪ "تار منجهه طلب" آهي، جيڪو درست آهي.

(2) ديوان تارڪ ۾ "نه اهڙو سوال ڪج" درست آهي.

(3) ديوان تارڪ ۾ "مون درد دل جو پيش ڪيو يار جي اڳيان آهي" سو بلڪل ٺيڪ آهي.

(4) "تارڪ جي نقد جان ڏني بازار عشق ۾" سو صحيح آهي.

ڪليات تارڪ ۾ ائين درج ڪيل آهي، جيئن ديوان تارڪ ۾ داخل آهن. انهن ۾ ڪوبه ڦير نه آهي. "هن رديف ج جو ٻيو غزل ديوان تارڪ ۾ 72 صفحي تي ملي ٿو.

1- هن غزل جي ٻئي نمبر شعر جي پهرين مصرع ۾ اصل ۾ لفظ "مچڻ" کي مٽائي "مچ" لکيو ويو آهي.

2- غزل جي مقطع ۾ شاعر جو اصل تخلص 'نجفي' مٽائي 'تارڪ' لکيو ويو آهي.

[سوجهرو، 9- جنوري 2007ع]"

مهدي شاهه جي جواب ۾ ته "مچڻ" جي بجاءِ "مچ" ڪيو ويو آهي، سو درست آهي.

غزل جي مقطع ۾ "نجفي" جي بدران "تارڪ" لکيو ويو آهي. سو بلڪل صحيح آهي.

"هن رديف جو ٽيون غزل ديوان تارڪ ۾ صفحي نمبر 72 ۽ 73 تي آيل آهي. هن ۾ هيٺيون غلطيون آهن:

(1) ديوان نجفي ۾ آهي: مهجور مرن جيڪي، جاني اهي جيارج."

ديوان تارڪ ۾ مٿين مصرع هن طرح آهي: "مهجور جي مرن ٿا جاني اُهي جياريو."

(2) هن غزل جي مقطع ديوان نجفي ۾ آهي: "جي چوڪ شعر نجفي ۾ نڪته چيين ڏسين ڪا."

ديوان تارڪ ۾ هن ريت آهي: "ڪا چوڪ جي شعر تارڪ ۾ نڪته پين ڏسين ڪا."

[سوجهرو، 9- جنوري 2007ع]

مهدي شاهه پهرين مصرع جيڪا لکي آهي، سا ديوان تارڪ ۾ درست آيل آهي.

غزل جي مقطع جي پهرين مصرع ڪليات تارڪ ۾ هن ريت داخل ٿيل آهي، جيڪا درست آهي.

جي چوڪ شعر تارڪ ۾ نڪته چين ڏسين ڪا.

ڪليات تارڪ جو اڀياس ڪندي معلوم ٿيو ته پهرين مصرع درست آهي ۽ ان ۾ لفظ جياريو آيو آهي سو جيارج صحيح آهي. اها پروف جي غلطي چئي سگهجي ٿي. باقي مقطع جي مصرع ڪليات تارڪ ۾ ائين لکيل آهي، جيڪا مٿي پيش ڪئي اٿم. اهڙيءَ ريت مهدي شاهه هڪ مصرع "نڪته

3- هيءَ مصرع ڪليات تارڪ ۾ علامہ تارڪ سائين هن طرح درج ڪيو آهي:

جو انجي موت کان پٺي ان جي دلبرن ۾ روڄ.

هيءَ مصرع ديوان نجفي ۽ ديوان تارڪ ۾ جيڪا آهي، سا غلط آهي.

4- ڪليات تارڪ ۾ هيءَ مصرع هن ريت داخل آهي:

'جني کي منهن نہ ڏيکاريو اُٿي مرڻ جي وقت'.

درست آهي

5- هيءَ مصرع هن ريت علامہ تارڪ ڪليات تارڪ ۾ جمع ڪئي آهي.

وگر نہ پنهنجي غم پٺي ٿو مرد زن ۾ روڄ.

6- مقطع ۾ نجفي بجاءِ تارڪ آهي، سو تارڪ درست آهي، جو تہ ڪليات تارڪ ۾ ئي ائين لکيل آهي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ هن غزل ۾ جيڪي بہ غلطيون سامهون آيون آهن، تن ۾ ڊاڪٽر شوق جو جوابدار هئڻ غلط آهي جو تہ ديوان تارڪ 'ڪليات تارڪ' جو هڪ حصو آهي، ۾ جيڪي غلطيون يا ڪچايون ڦڪايون ۽ مُنسٽا ڪئي وئي آهي، ان لاءِ ڊاڪٽر شوق کي بورڊ وارن کان پڇڻ گهرجي ها، مگر ڊاڪٽر شوق ائين ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو هوندو، جنهنڪري 1989ع کان وٺي اڄ تائين چُپ چاپ ۾ رهيو، تان جو مٿس تنقيد جا پهاڙ ڪيرايا ويا، تڏهن بہ اِهو طويل عرصو نهايت ماٺ ۾ گذاريائين. منهنجون تہ سائنس ڪافي ڪچهريون بہ ٿيون آهن، ليڪن اِن معاملي يعني مهدي شاهہ جي ڪيل تنقيد ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪچيائين.

ڊاڪٽر شوق جي متعلق مهدي شاهہ لکي ٿو:

"ڊاڪٽر شوق پاران مرتب ڪيل "ديوان تارڪ" جي رديف الف کان رديف ج تائين رديف وار غزلن ديوان نجفيءَ جي روشنيءَ ۾ تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر شوق، مرتب جي حيثيت ۾ شاعر فقير هدايت علي نجفي تارڪ جي شاعريءَ ۾ لفظن، مصرعن، قافين، رديفن ۽ تخلص جون تبديليون ڪري، ڪيتري وڏي ادبي خيانت ڪئي آهي. ڊاڪٽر شوق هڪ طرف مواد کي غلط نموني پيش ڪري ڪراچي يونيورسٽيءَ کان پي ايچ ڊي حاصل ڪري قانوني ڏوهہ ڪيو آهي تہ ٻئي طرف سنڌي ادب ۾ فقير هدايت علي نجفي تارڪ جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت غلط ۽ بي بنياد ڄاڻ تي مبني ڪتاب 'ديوان تارڪ' جو واڌارو ڪري قومي ۽ اخلاقي ڏوهہ ڪيو آهي." [سوجهرو، 10- جنوري 2007ع]

مهدي شاهہ وٽ صرف بہ ڪتاب ديوان نجفي ۽ ديوان تارڪ آهن، جن جي سهاري هيٺ پنهنجي عنوان "ڳالهہ يا ڄٽ" سان نيبهہ ڪيو آهي، مهدي شاهہ کي اهو سوچڻ ۽ سمجهڻ گهرجي تہ ڊاڪٽر شوق نہ اناڙي آهي نہ اڻڄاڻ! هو علامہ تارڪ جي ڪم کان بلڪل واقف آهي ۽ هو ڪنهن بہ قسم جي ڪا تبديلي نہ ٿو ڪري سگهي پر اهڙي مُنسٽا جو سوچي بہ نہ ٿو سگهي، جنهن کي علامہ تارڪ جي ڪم جي خبر نہ هجي، اهوئي اهڙو تبديليءَ وارو ڪم ڪري سگهي ٿو.

◙

مان ڪو ماڻھو روانو ڪيو جيڪو مون کان زمين جو قبضو وٺي خدا جي واسطي زمين جو قانوني دستاويز مون کان جلد وٺندا.“

ان سلسلي ۾ مير صاحب زمين ۾ ان وقت بيٺل فصل جيڪو پنجن هزارن کان وڌيڪ اُپت ڏيڻ وارو هو، ان سان پڻ پنهنجي لاتعلقي جو اظهار ڪندي گهُر ڪئي ته: ”مرڪز مان جلدي ماڻهو موڪليو ته جيئن اهو زمين ۽ ملڪيت جو حساب مون کان وٺي. منهنجي زمين هاڻي توهان جي ۽ قوم جي ملڪيت آهي.“

مير صاحب پاران ڪيل ايڏي وڏي فيصلي خاڪسار تحريڪ جي رهبر علامه عنايت الله مشرقيءَ کي پڻ تذبذب جو شڪار ڪري وڌو، ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته پاڻ ڪهڙو فيصلو ڪري. ان سلسلي ۾ علامه صاحب پنهنجي رسالي ’الاصلاح‘ ۾ مير صاحب جي همت، حوصلي ۽ قربانيءَ تي شاندار ادارتي نوٽ لکيو جنهن ۾ ڪيس حضرت ابوبڪر جهڙو جيئرو جاڳندو مثال پيش ڪرڻ جهڙو مثال ظاهر ڪندي، سندس لاءِ وڏا تفريقي جملا بيان ڪيا، پر پوءِ پاڻ ايڏي وڏي قرباني قبول ڪرڻ بابت ڪوبه فيصلو ڪري نه سگهيو. پاڻ لکي ٿو ته: ”مان هن خط تي لڳاتار ٽن ڏينهن تائين سوچ ويچار ڪندو رهيس. مير نورحسين ٽالپر جو ايثار منهنجي وهم ۽ گمان کان به وڌيڪ آهي ۽ مان سوچي سوچي ٿڪجي پيس. ٻه ٽي راتيون انهيءَ هيجان ۽ شاديءَ مرگ جي ڪري منهنجا اعصاب جواب ڏئي ويا. ننڊ صرف ٽي ڪلاڪ آئي.“ اهڙي ڪيفيت مان گذرڻ کان پوءِ مشرقي صاحب، مير نورحسين ٽالپر ۽ سنڌ جي سالار اڪبر محمد نصير خسان نظاماڻي کي ڏار ڏار ٽيليگرام ڪيا. مير نورحسين کي سندس اهڙي عمل تي دلي واڌايون ڏيندي لکيائين ته: ”جائيداد جي منتقليءَ جو انتظام ڪري رهيو آهيان، پر هڪ دفعو ٻيهر انهيءَ تي سوچ ويچار ڪيو.“ جڏهن ته سالار اڪبر کي لکيائين ته: ”مير نورحسين پنهنجي سموري ملڪيت هن اداري جي بيت المال کي ڏيڻ لاءِ ايلاز ڪري رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ تار جي ذريعي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا.“ (پرين جي پچار، حصو ٽيون، ص 65)

نائين نومبر 1936ع تي مشرقي صاحب کي ٻنهي تارن جو جواب پهتو. مير نورحسين خان ڪيس لکيو: ”مون هيءُ سڀ ڪجهه ڪري ڏاڍو سستو سودو ڪيو آهي، لاهور ڪيمپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اچي رهيو آهيان.“

جڏهن ته نصير محمد نظاماڻي ڪيس لکيو ته: ”جاگير جي اڌ آمدني قبول ڪئي وڃي.“

مشرقي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: ”انهيءَ مسئلي تي مون لاهور جي وڏن وڏن وڪيلن سان صلاح ڪئي آهي. قرباني ايڏي وڏي آهي جو عقل انهيءَ ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ته اڄ جي دور ۾ ائين به ٿي سگهي ٿو. منهنجو ايمان ايڏو طاقتور هجي ها جيڏو مير نورحسين جو آهي ته مان انهيءَ آڇ کي جهٽ قبول ڪريان ها. لڏيانه جي پبلڪ ميٽنگ ۾ اهو مسئلو پيش ڪيو ويو. صلاح اتي بيٺي ته مير صاحب جو ذاتي سامان ڪڍي جائيداد قبول ڪئي وڃي ۽ انهيءَ کي وقف ڪيو وڃي. ڏسون مان ڪهڙي حوصلي جو مالڪ بڻجان ٿو ۽ ڇا ٿئي ٿو.“ (ماهوار خاڪسار سپاهي، ڊسمبر 1936ع)

مير صاحب طرفان جماعت جي بهتريءَ لاءِ ڏنل اها پيشڪش ته عملي روپ وٺي ڪانه سگهي (اهو تفصيل هن مضمون جي موضوع سان لاڳاپيل ناهي) البت سنڌس پاران ڏنل ايڏي قرباني جي قدر طور ڪيس خاڪسار تحريڪ جي پاڪباز فورس جو سالار مقرر ڪيو ويو. اها فورس ”انهن ماڻهن تي

مشتمل هئي جيڪي پنهنجي جان سان گڏ جائيداد ۽ مال ملڪيت جي قرباني ۽ ايثار جو مظاهرو ڪندا هئا.“ (پرين جي پچار، ص 66)

مير صاحب پاران ڏنل ايڏي وڏي قرباني، جنهن بابت علامہ مشرقي سوڌو اعليٰ قيادت مهينن تائين غور ويچار ۽ صلاح مصلحت ۾ مصروف رهيا، ان عمل مير صاحب جو خاڪسار تحريڪ جي ڪارڪنن ۾ وڏو مرتبو پيدا ڪري ڇڏيو. سندس شهرت ۽ مقبوليت جو اندازو هن هڪڙي مثال منجهان لڳائي سگهجي ٿو. دهليءَ مارچ 1937ع تي سڄي هندستان جي جانبازن جي ڪيمپ لڳي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مير صاحب جهاز رستي ويو هو، پاڻ جڏهن 10 مارچ 1937ع تي دهلي ايئرپورٽ تي پهتو تہ هزارين خاڪسار سندس هڪ جهلڪ ڏسڻ ۽ هن کي سلامي ڏيڻ لاءِ آيل هئا. انهيءَ ڪيمپ جو سالاراعظم يعنيٰ وڏو نگران مير صاحب کي ئي بڻايو ويو.“ (پرين جي پچار، ص 66)

ان ڪانفرنس تان موٽڻ کان پوءِ مير صاحب خاڪسار تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ پنهنجي زمين (جاگير) ادوڙي تي جماعت جي هڪ شاندار ڪئمپ لڳرائي، جنهن ۾ علامہ مشرقي سوڌو هزارين ڪارڪن شريڪ ٿيا. ان ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ مير صاحب چاليهہ کان پنجاهہ هزار رپين تائين خرچ ڪيو هو. ادوڙي ۾ لڳل اها ڪئمپ سنڌ جي سياسي تحريڪ جو هڪ اهم باب آهي. سياسي تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ، ان ڪئمپ جو تفصيلي پروگرام پيش ڪجي ٿو تہ جيئن اهو نئين نسل جي مطالعي لاءِ محفوظ ٿي سگهي. هيءُ پروگرام تحريڪ جي رسالي خاڪسار سپاهي ڊسمبر 1938ع ۾ سپليمينٽ طور ڇپرو ڪيو هو. - آزاد قاضي]

(ڪئمپ جون تاريخون 31 ڊسمبر 1938ع ۽ 1-2 جنوري 1939ع)

## (زيرِ قيادت مير نورحسين خان ٽالپر، جانباز نمبر 157، پاڪباز نمبر 2، سالار اول عهيدارن جي مڪمل فهرست

### نصير محمد خان نظاماڻي بي.اي، ايل.ايل.بي، سالار اَپر سنڌ

| | |
|---|---|
| | نائب سالار اول |
| 1- پير الاهي بخش روينيو منسٽر سنڌ | نائب سالار اول |
| 2- الهداد خان شجره شڪارپور | نائب سالار اول |
| 3- پير مخدوم منظور احمد شاهہ سجاده نشين، قادر پور ان ملتان | نائب سالار اول |
| 4- سيد الهہ بخش شاهہ ايم.اي، ايل.ايل.بي، عليگڙهہ | نائب سالار اول |
| 5- عبدالعزيز جانباز نمبر 136، ڪوئيٽا | نائب سالار اول |

### مير الله بخش خان ٽالپر ايڊيٽر رسالہ خاڪسار سپاهي، سالار منزل

| | |
|---|---|
| 1- ڊاڪٽر قاضي محمد اڪبر ميونسپل ميمبر حيدرآباد | سالار منزل |
| 2- مير جان محمد خان پاڪباز نمبر1 | نائب سالار منزل |
| 3- محمد يوسف خيراتي، ڪراچي | نائب سالار منزل |
| 4- مولوي احمد شير، ماتلي | نائب سالار منزل |
| 5- مولوي شفيع محمد خان نظاماڻي | نائب سالار منزل |
| 6- نواب ايوب خان رئيس اعظم مردان سرحد | نائب سالار منزل |

**ميان احمد شاه بئريسٽر چارسده سرحد، سالار تبليغ**

| | |
|---|---|
| -1 الشيخ الفاضل ملا مروت مشهور خطيب، سرحد | نائب سالار تبليغ |
| -2 الشيخ الفاضل شاڪرالله صدر جمعيت العلماء، سرحد | نائب سالار تبليغ |
| -3 پروفيسر تجمل مرزا جلال پور جٽان گجرات | نائب سالار تبليغ |

**پير رشيدالدوله، گجرات سالار اشاعت و معلومات**

| | |
|---|---|
| 1. شاهه دين اسلم، لاهور | نائب سالار اشاعت و معلومات |
| 2. ملڪ محمد اڪرم، راولپنڊي | نائب سالار اشاعت و معلومات |
| 3. حاجي غلام رسول مرچنٽ امرتسر | نائب سالار اشاعت و معومات |
| 4. پير صدرالدين شاهه جهنڊي وارو سرهاري | نائب سالار اشاعت و معومات |
| 5. ملڪ عبدالعزيز سالار، ڪوئٽا | نائب سالار اشاعت و معومات |

## سالارانِ محفوظ

ڪئمپ جي هيڏي وڏي عملي جي ادوڙي ڪئمپ ۾ حاضريءَ ڪان پوءِ هيءُ امڪان باقي آهي ته ڪئمپ جا ڪي آفيسر بيماري يا ڪنهن ٻي ضروري سبب ڪان پنهنجي ديوٽي ڏئي نه سگهن، تنهنڪري سالارن ڪي جيڪڏهن ڪئمپ ۾ حاضر هجن ته سالار محفوظ سمجهيو ويندو، ته غير حاضر سالارن جي جاءِ پري سگهن.

1. ملڪ احمد شيخ بي.اي، سالار لاهور
2. ميان محمد شريف سالار اڪبر، گجرات
3. مهر محمد صادق بي.ايم، ايل.ايل.بي وڪيل، لائلپور
4. مولوي محمد شريف بي.اي.ايل.ايل.بي، سالار فيروزپور
5. مير حضرت شاهه ايم.اي، ايل.ايل.بي، ڪئمپل
6. خواجه غلام محمد بي.اي. ايل.بي.بي، سالار لڌهيانه
7. ڊاڪٽر غلام محمد ايم.بي.بي.ايس، امرتسر
8. عبدالرحمين بي.اي سابق سالار امرتسر
9. پروفيسر ظهورالدين، راولپنڊي
10. ملڪ محمدالدين بئريسٽر، هوشيارپور
11. شير زمان خان سالار راولپنڊي

## ادوڙي ڪئمپ جو روزانه پروگرام ۽ اداره عليه جا حڪم

**1**- ادوڙي ڪئمپ جي ڪنهن آفيسر ڪي ڪئمپ مان غيرحاضر رهڻ جي اجازت ملي نه سگهندي. جيڪڏهن ڪو آفيسر انهي وقت موت جي بستري تي پيو هجي ۽ اهڙي ثابتي ملي ته اها ڳالهه جدا آهي. ڪئمپ جي آفيسر لاءِ، غير حاضري جي سزا انتهائي خواري آهي، جنهن ۾ دُرن جي سزا ٿي سگهي ٿي.

**2**- 25 نومبر 1938ع جي اخبار 'الاصلاح' ۽ ماه نومبر 1938ع جي رسالي 'خاڪسار سپاهي' ۾ شايع ٿيل تعداد موجب سڀ ڪنهن سالار ڪي پنهنجو تعداد پورو ڪرڻو ٿيندو. ٻي صورت ۾ سخت ۾

سخت سزائون ڏيڻ ۾ ايندیون، تعداد پوري ڪرڻ لاءِ ناقص وردي واري يا بنا وردي سپاهي کي اڌ سپاهي سمجهي تعداد پورو ڪري سگهجي ٿو.

3. سپاهين جي مقرر ڪيل تعداد جي ذميداري سالار کان سواءِ انهي جي سپاهين کي پڻ آهن. سالار انهي سپاهي ڪئمپ ۾ سزا ڏياري سگهي ٿو، جنهن تعداد پوري ڪرڻ ۾ هن کي پوري طرح مدد نه ڏني هوندي، انهي حساب سان عمدي سپاهي کي انعام به ملي سگهي ٿو.

4. سنڌ کان ٻاهران آيل سپاهين جا نالا اداره عليه جي خاص رجسٽر ۾ داخل ٿيندا، اهو رجسٽر سالار امين وٽ هوندو، بشرطيڪ اهو سپاهي ٻڌائي پنهنجو نالو اهڙي طرح لکائي.

**5. ڪئمپ جو پروگرام: 29 ڊسمبر 1938ع ڏينهن خميس صبح جو 7:00 بجي کان رات جو 11:00 بجي تائين جماعت جي داخلا.**

سڀ ڪو دستو يا سِڪا جماعت باب الاسلام جي ٻاهران اچي بيهندي ۽ بگل وڄائيندي، پوءِ نائب سالاران قائد وردين جي تپاس ڪندا، وردين جا نقص ڪئمپ کان ٻاهر درست ڪرڻ بعد جماعت جو سالار هرهڪ سپاهي جي داخلا 5 آنا في سپاهي جي حساب سان نائب سالار قائد کي ڏيندو، نائب سالار قائد انهي دستي کي وٺي وڃي سالار قائد جي تنبو جي اڳيان ”پاش“ ڪرائيندو. (اهو تنبو باب الاسلام کان ٻاهر هوندو.) سالار قائد پنهنجي سلامي وٺڻ بعد نائب سالار قائد کي انهي دستي جو اجازت نامو ڏيندو، پوءِ نائب سالار قائد سالار امين وٽ ويندو (جنهن جو تنبو پڻ باب الاسلام جي ٻاهران هوندو) انهي دستي جي داخلا في ڏئي رجسٽر ۾ داخلا ڪرائي ۽ اجازت نامو پيش ڪري باب الاسلام مان لنگهي سالار منزل جي خيمي وٽ وڃي، سالار منزل کي سلامي ڏياريندو، جتان سالار منزل تنبن جا نمبر ڏيندو“ جن ۾ انهي دستي کي رهڻو هوندو ۽ ڪئمپ جي پنجن ڏينهن جو پروگرام به دستي جي سالار کي ڏيندو. خيمي ۾ پهچڻ تي 15 منٽن اندر سڀ سپاهي پنهنجو سامان ترتيب سان رکي چست ٿي وڃن ۽ سالار منزل جي شايع ٿيل پروگرام تي عمل ڪن. تنبو ۾ داخل ٿيڻ کان پوري اڌ ڪلاڪ بعد اهو دستو چست ۽ درست ٿي سالار اول جي اڳيان مقرر رستي کان اچي لنگهندو ۽ علم ۽ سالار اول کي نهايت چست غائبانه يا حاضر خاموشي سان سلامي ڏيندو ۽ موٽي پنهنجي خيمي ۾ ايندو.

**29. ڊسمبر جو سالار منزل جو شايع ڪيل پروگرام هيٺيون هوندو.**

ستين بجي صبح کان يارهين بجي رات تائين جماعت جي داخلا، هن ڏينهن تي سڀ ڪنهن سالار کي اجازت آهي ته ڪئمپ جي اندر داخل ٿيل جماعتن سان پنهنجي جماعت جي ملاقات پنهنجي ڪمان ۾ ڪرائي ليڪن ڪابه بدنظمي پيدا نه ٿئي. ٻارهين بجي ماني کائڻ جي گهنٽي، ماني کان پوءِ وضوع ڏيڍ بجي نماز ظهر باجماعت (امام سالار اول) 5 بجي نماز عصر با جماعت (امام مخدوم منظور احمد شاه) ساڍي ڇهين بجي نماز مغرب باجماعت (امام حڪيم محمد معاذ). ساڍي اٺين بجي نماز عشا باجماعت (امام بشير احمد صديقي).

**30. ڊسمبر ڏينهن جمع:** ڇهين بجي صبح بيداري جو ٻگل ۽ حاجت ضروري ستين بجي نماز فجر (زير امامت مولوي فضل احمد) ان کان پوءِ قرآن خواني ۽ دعا اٺين بجي کائڻ پيئڻ ۽ تياري ساڍي نوين بجي جنرل پريڊ جو ٻگل، سڀ جماعتون باوردي پنهنجي پنهنجي خيمي جي اڳيان سالار جي

ماتحت بيهي وجن. ڏهين بجي اداره عليه جي تنبو جي اڳيان ”مارچ پاسٽ“ زير ڪمان سالار اول، سڀني جي اڳيان ڪئمپ جي آفيسرن جو دستو مارچ ڪندو ۽ سلامين جي حالت ۾ لنگهي سڀئي انهي تنبو جي ڪاٻي پاسي ”چار قطار“ جي حالت ۾ قد جي لحاظ سان بيهندا ويندا. سالار قائد هن رسم کان پوءِ پنهنجي نائب سالارن کان قائد جي مدد سان سڀني دستن ۽ ڪئمپن جي آفيسرن جا نالا ۽ رهڻ جو هنڌ ۽ علائقه وار تعداد ۽ نالو سالار جو وغيره جي مڪمل فهرست ۽ سنڌ جي ۽ سنڌ کان ٻاهرين سپاهين جي جدا جدا ياداشت قائد تحريڪ کي پيش ڪندو. ان کان پوءِ اداره عليه کي حڪماً زير قيادت سالار اول 15 ضرب گولن جي سلامي ڏني ويندي.

سوائين ٻارهين بجي اداره عليه جي حڪم سان سالار اول کي 31 سر گولن سان سلامي، هڪ بجي ماني کائڻ ۽ نماز جمع جي تياري، ڏيڍ بجي نماز جمع باجماعت (امام ملا مروت) اڍائي بجي کان پنج بجي تائين ڪئمپ کان ٻاهر جدا جدا ميدانن ۾ (1) بندوق جي نشاني بازي (زير قيادت ملڪ محمد اڪرم خان) (2) گهوڙن ڀڄائڻ جي شرط (زير قيادت ڪپتان محمد حسين) (3) گتڪي بازي (زير قيادت غلام موسيٰ حسين شاهه) (4) تلوار زني (زير قيادت ايوب خان) (5) ڪشتي (زير قيادت گلشير خان) (6) پهلواني ۽ ورزش جا ڪم (زير قيادت محمد اشر) (7) رسو ڇڪڻ (زير قيادت پير الاهي بخش) (8) بائيسڪل جو مقابلو (زير قيادت سيد الهه بخش شاهه) (9) موٽر سائيڪل ريس (زير قيادت نواب محمد داؤد) (10) ڊوڙ (ريس) (زير قيادت ملڪ احمد افضل) (11) تير زني (زير قيادت عبدالڪريم ميمڻ) (12) باڪسنگ (زير قيادت شير اڪبر خان) (13) ڪوڏي ڪوڏي (زير قيادت چوڌري ذڪاءالله) (14) ترڻ (زير قيادت شير بهادر خان بدرستي) (15) جنگي ڪرتب (زير قيادت صوبيدار غلام حسين) (16) سنڌي ملهه (زير قيادت الهداد خان شجراه) جا مظاهرا ٿيندا. سڀني ميدانن جي تياري ۽ سامان موجود ڪرڻ سالار اول جو فرض آهي ليڪن جيڪي سپاهي هنن مظاهرن ۾ داخل ٿيڻ گهرن ٿا، اهي پنهنجو سامان مثلاً: بندوق، تلوار، گهوڙا، موٽر سائيڪل، باڪسنگ گلوز، گتڪا، تيرڪمان وغيره وغيره پاڻ سان آڻين. سالار اول 16 نقد انعام مهيا ڪندو، نماز عصر کان پوءِ 5:30 بجي هي انعام اداره عليه پنهنجي هٿن سان تقسيم ڪندو ۽ انعامن سان گڏ سَندون به ڏيندو، سَندون سالار اول تيار ڪندو.

مقرر ٿيل آفيسرن کي گهرجي ته پنهنجن پنهنجن مظاهرن جو مڪمل انتظام ۽ داخل ٿيڻ وارن سپاهين جون فهرستون، ڪيلن بابت هدايتون 29- ڊسمبر 1938ع کان وٺي تيار ڪرڻ شروع ڪن جيئن پوري اڍائي بجي سڀ انتظام مڪمل ٿي وڃي. ڪيلن ۽ مظاهرن جي مڪمل انتظام ۾ الهداد خان شجره ۽ پير محمد منظور احمد شاهه سالار اول کي هرممڪن مدد ڏيندا.

پنجين بجي نماز وچين امام جماعت (امام شيخ الفاضل شڪرالله ساڍي پنجين کان سواءِ ڇهين بجي تائين تقسيم انعامات ساڍي ڇهين بجي نماز مغرب باجماعت (امام تجمل مرزا) (هر شخص باوضوع رهي) ستين بجي ماني کائڻ تفريح ۽ سپاهين جي پاڻ ۾ ملاقات ساڍي اٺين بجي نماز عشاء (امام حاجي عبدالله خان) ساڍي اٺين بجي عام مجلس اداره عليه جي قيادت ۾ قائدِ تحريڪ جي تنبو ۾ ساڍي ڏهين بجي تائين، هن مجلس ۾ ڪجهه ڪجهه آزادي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ، تقريرون ۽ تجويزون ٿينديون. يارهين بجي رات جو سمهڻ جو بگل ۽ سڄي رات پهرو.

**31_ ڊسمبر 1938ع ڏينهن ڇنڇر:**

ڇهين بجي صبح بيداري جو بگل ۽ حاجت ضروري ان بعد 30 تاريخ وارو ساڳيو پروگرام ساڍي نائين بجي صبح جنرل مارچ جي تياري جو بگل سڀ جماعتون باوردي پنهنجي تنبن جي اڳيان باوردي بيهي وڃن ڏهين بجي سالار اول محمد اڪرم خان، محمد افضل خان، شاهه دين اسلم، گلشير خان، مستري عبدالعزيز، اميرحبيب الله خان، سيد الهه بخش شاهه ۽ محمد اشرف جي مدد سان انهن جماعتن مان جيڪي تنبن جي اڳيان بيٺيون هونديون. ٻه ٻه سؤ سپاهين جا نهايت چست عمده وردين جا قداور دستا تيار ڪندو، جن مان ويهن ويهن سپاهين تي هڪ سالار قطار ڪان ٻاهر مقرر ٿيندا، دستا اٺن قطارن ۾ هوندا. هي دستا هڪ ٻئي کان ويهن ويهن گزن جي مفاصلي تي هوندا. ٺيڪ ساڍي ڏهه بجي بينڊ سان سيني دستن جي مارچ لاءِ تياري ٿيندي. سڀني کان پڇاڙي ۾ انهن سپاهين جا دستا هوندا جيڪي اڳي دستن ۾ شامل ٿي نه سگهيا هوندا يا جن جي وردي ناقص هوندي يا ڊرل پوري نه ڄاڻندا هوندا.

ساڍي ڏهين بجي کان ساڍي ٻارهين بجي جنرل مارچ انهن هنڌن تي جيڪي سالار اول مقرر ڪندو. هن مارچ ۾ موسيٰ حسين شاهه، عنايت الله خان المشرقي، ميان احمد شاهه، شير اڪبر خان، پير الاهي بخش، پير مخدوم منظور احمد شاهه، بشير احمد صديقي، نصير محمد خان بطور سالار ضبط جي ڊرا هٿن ۾ کڻي گڏيا مارچ ڪندا ۽ انهي سپاهي کي بي ڏوڪ سزا ڏيندا، جنهن جو قدم نئو ملي يا چست مارچ نئو ڪري، ڊرا سالار اول موجود ڪندو، ساڍي ٻارهين بجي جنرل مارچ کان برخاست بذريعه بگل ڏيڍ بجي نماز ظهر جماعت (امام سالار اول) ۽ ڏيڍ بجي تائين آرام، ماني کائڻ ۽ باوضوع ويهڻ ٻين بجي ڪئمپ جي اندر تقريرون، تبادلہ خيالات، مشورات زيرقيادت ادارهِ عليہ.

پنجي بجي نماز عصر باجماعت (امام ميان احمد شاهه) نماز کان پوءِ ساڍي ڇهين بجي تائين ڪئمپ جي اندر سپاهين جو پاڻ ۾ تبادلہ خيالات سڀ سپاهي زمين تي گول دائرن ۾ ويهي خوش مزاجي ڪن، سڄي ڪئمپ ۾ نظام ۽ سليقو ڏسڻ ۾ اچي سالاران محتسب جابجا بيٺا هجن. جيئن نظام برقرار رهي ساڍي ڇهين بجي نماز مغرب باجماعت (امام ملا مروت) ستين بجي بگل ماني کائڻ تفريح ۽ نماز عشاء جي تياري ۽ باوضوع ٿي وڃڻ، ساڍي اٺين بجي نماز عشاء (امام مولوي فضل احمد) پوڻين نوي بجي بگل عام مجلس اداره عليہ جي قيادت ۾ قائد تحريڪ جي خيمي ۾ پوڻين يارهين بجي تائين سالار محاسب شير بهادر خان بدرشي هيٺئين موجب جدا جدا فهرستون اداري جي حضور ۾ پيش ڪندو.

1- سنڌ جي سپاهين جو ڪل تعداد، جي ڪئمپ ۾ شريڪ ٿيا.

2- سنڌ جي ٻاهران آيل سپاهين جو ڪل تعداد، جي ڪئمپ ۾ شريڪ ٿيا.

3- سنڌ جي سپاهين جو تعداد علاقہ وار هن فهرست ۾ جريده الاصلاح 25- نومبر 1938ع جي صفحه 10 واري مقرر ڪيل فهرست کي رکي مقابلو ڪيو ويندو. ڪيتري تعداد آڻڻ جو حڪم هو ۽ ڪئمپ ۾ داخل ٿيا ته انهن کي هن طرح 70 ٻاڳي 70 ڏيڪاريو وڃي ماتحت هالار سيد عبدالرزاق جو ڪم 12 ٻاڳي 20 ڪري ڏيکارجي ۽ سيد شاهه نواز جو ڪم 13 ٻاڳي 10 ڏيڪاريو وڃي.

4- تعداد علائقن جي لحاظ سان هڪ فهرست، جنهن مان معلوم ٿئي ته ڪهڙي سالار سڀني ڪان گهڻو تعداد سپاهين جو آندو، انهي ڪان پوءِ علائقي جي آفيسرن جا نالا انهن جي تعداد جي لحاظ سان نمبر وار درج هوندا (مثلاً مير نورحسين خان ٽنڊو باگو، 520- پير منظور احمد شاهه ڏگهڙي، 520- وليداد خان ڊاڪٽر سلطان احمد سيٺ علي ڏنو بدين، 350 وغيره وغيره.

5- سالار محاسب شير بهادر خان بدرشي هڪ فهرست پيش ڪندو، جنهن ۾ سالار اول جي سفارش سان شاباس جي مستحق سالارن جا نالا پيش ڪري. قائد تحريڪ انهن فهرست جي پڙهڻ ڪان پوءِ اعلان ڪندو ته ڪهڙا ڪهڙا سالار اداره عليه جي خوشنودي جا مستحق آهن.
هن موقع تي اداره عليه جي طرفان خطاب هلي سگهن ٿا.

6- ڪئمپ جي غير حاضر آفيسرن جي فهرست (اداره عليه انهن جي سزا مقرر ڪندو) هي سڀ فهرستون سالار محاسب شير بهادر خان، بدرشي سالار امين ۽ سالار قائد جي آفيسن جي مدد سان تيار ڪندو ۽ مڪمل فهرست مقرر وقت تي علحده علحده صاف لکيل پيش ڪندو.

پوٽين ڏهين بجي بگل ڪان پوءِ اداره عليه جي عام مجلس ٿيندي جنهن ۾ سنڌ جا سالار تحريڪ کي وڌائڻ جون تجويزون ۽ شڪايتون پيش ڪندا، سڀ ڪنهن سالار کي فقط ٽي منٽ ڳالهائڻ جو حق هوندو، سالار محتسب سڀ ڪنهن کي ٽن منٽن ڪان پوءِ ميز تي زور سان ڌڪ هڻي اشارو ڪندو ته وقت ختم ٿي ويو آهي. پوٽي يارهين بجي هي مجلس ختم ٿي ويندي.

سالار امين نظام الدين خان نظاماڻي هن اجلاس جي سموري ڪاروائي کي قلمبند ڪندو ويندو، قائد تحريڪ جي تنبو ۾ عام خاموشي هوندي، سالار محتسب پنهنجي پنهنجي ڊيوٽي تي هوندا. ڪابه بي قاعدگي نه ٿئي. سالار منزل ڏهن سالارن جو دستو قائدِ تحريڪ جي جاءِ نشست جي پٺيان بيهاريندو. قائدِ تحريڪ هڪڙي طرف سالار اول، ٻي طرف سالار اڪبر صوبو سنڌ ويٺا هوندا، باقي سڀ ڪئمپ جا آفيسر ٻنهي پاسي هڪ جيتري انداز ۾ هوندا. سامهون سڀ خاڪسار قطارن ۾ ويٺا هوندا. سالار منزل هن سموري اجلاس جو انتظام قائد تحريڪ جي خيمي ۾ ڪندو، يا جيڪڏهن تنبو ڪافي نه هجي ته مناسب جاءِ پسند ڪندو ۽ ساڍي يارهين بجي سمهڻ جو بگل ۽ سڄي رات پهرو.

**1_ جنوري 1939ع ڏينهن آچر:**

ڇهين بجي صبح بيداري جو بگل ۽ فراغت ستين بجي نماز فجر باجماعت (امام شيخ فاضل شاڪرالله) هن ڪان پوءِ ساڳيو پروگرام جيڪو 30- ڊسمبر 1938ع تي هو، نائين بجي تياري جو بگل سڀ جماعتون باوردي پنهنجي پنهنجي تنبن جي اڳيان بيهي وڃڻ ۽ 31- ڊسمبر جي مظاهري وانگر ساڍي نائين بجي تائين، 31- ڊسمبر تي مقرر ڪري سالار اول جي قيادت ۾ ڪئمپ جي اندر جهنڊي جي سامهون نهايت عمدي ترتيب سان بيهي وڃن. جيئن عَلم جي سلامي ٿي سگهي، قطارن ڪان ٻاهر فقط قائد تحريڪ ۽ سالار اول پهرين قطار ۾، ۽ انهن جي پٺيان نائب سالاران اول هڪ قطار ۾ انهن ٻنهي قطارن جي پٺيان سڀ دستا ٻارهن ٻارهن جي قطار ۾ هوندا، ۽ سڀني جو رخ جهنڊي ڏانهن هوندو، انهي ڪان پوءِ نظام الدين خان نظاماڻي سالار امين عَلم کي سلامي جو حڪم ڏيندو ۽ 51 ضرب گولن سان عَلم کي سلامي ڏني ويندي (وقت ٺيڪ ڏهه بجا). هن ڪان پوءِ قائد تحريڪ قطار ڪان ٻاهر نڪري اتاترڪ غازي مصطفيٰ ڪمال جي تعزيت جي اظهار ۾ ڏهن منٽن تائين عَلم کي سرنگون ڪرڻ جو حڪم

ڏيندو، ۽ نظام الدين نظاماڻي سالار امين علَم کي سرنگون ڪندو، ان وقت سڀ ڪنڌ جهڪيل هوندا ۽ رنج ۽ افسوس جي حالت طاري هوندي، ٻن منٽن کان پوءِ سالار اول حذرنه جو حڪم ڏيندو، ۽ شيخ الفاضل ملا مروت جي امامت ۾ نماز جنازه ساڳي ترتيب سان ادا ٿيندي، ڏهن منٽن کان پوءِ پنجن منٽن تائين اتاترڪ غازي جي حق ۾ مغفرت جي دعا ٿيندي.

سوا ڏهين بجي بگل، انهي ترتيب کي، برقرار رکي هيٺيون سلاميون، اداره عليه جي حڪم سان ٿينديون:

| | |
|---|---|
| (1) عصمت پاشا انونو | 2 منٽ |
| (2) محمد بن قاسم فاتح سنڌ | 2 منٽ |
| (3) لال قلعه دهلي | 2 منٽ |
| (4) شاهان اسلام | 2 منٽ |
| (5) ليڊران اسلام | 2 منٽ |
| (6) ليڊران هندو | 2 منٽ |
| (7) وائسراءِ بهادر ۽ گورنران هند | 2 منٽ |

هر سلاميءَ کان پوءِ مناسب تمهيدي تقرير قائد تحريڪ جي طرفان ٿيندي، سڀ سلاميون يارهين بجي تائين ختم ٿي وڃن. يارهين بجي بگل ۽ رخصت ڏيڍ بجي تائين جنهن ۾ ماني وغيره شامل آهي. سڀ سپاهي باوضوع ٿي وڃن. ڏيڍ بجي نماز ظهر (امام تجمل مرزا) ٽين بجي مصنوعي جنگ ڇهين شام تائين سموري مصنوعي جنگ جي قيادت ڪپتان محمد حسين جي هٿ ۾ هوندي. ٽين بجي تائين پهريون ٻم گولو ڇٽي ويندو. جنگ ڪم از ڪم ٻن ميلن جي اندر هجي. 31- ڊسمبر 1938ع تي نماز ظهر بعد سڀني سالاران جنگ جي مجلس مشاورت ٽين بجي کان ڇهين بجي تائين هجي، جنهن ۾ جنگ جون سڀ ضروري ڳالهيون فيصل ٿي وڃن. جنگ ۾ ذري جيتري به بي قاعدي ٿيڻ نه گهرجي، سموري جنگ، جنگي اصولن تي هجي.

سالار جنگ کي اجازت آهي ته 29- ڊسمبر 1938ع کان ئي جنگ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جيڪي تجويزون مناسب سمجهي سي سالار اول جي اجازت سان عمل ۾ آڻي جن سپاهين کي تربيت ڏيڻ گهري ٿو، تن کي حڪماً گهرائي تربيت ڏئي سالار جنگ ۽ سندس نائب ڪئمپ جي وقت ۾ جنگي تدبيرن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ مارچ ڪرڻ يا اجلاس ۾ شامل ٿيڻ کان معاف آهن. بشرطيڪ هُو انهي وقت جنگ جي تجويزن ۾ مشغول هجن، 1- جنوري 1939ع تي ڏيڍ بجي کان ساڍي ڇهين بجي تائين صرف سالار جنگ ۽ سندس نائبن جي حڪومت آهي. ڪئمپ ۽ خزاني جي پهريدارن کان سواءِ ٻيا سڀ ڪئمپ جا آفيسر بنا شرطن جي حڪم جي ماتحت آهن، پر جيڪڏهن هُو هنن کي اصلوڪين ديوٽين تي ويهڻ ڏئي ته بس. ڪنهن به شخص کي مجال ناهي جو سالار جنگ جي انهي عرصي ۾ حڪم عدولي ڪري سگهي.

پنجين بجي بگل نماز عصر (امام گل شير خان) ٻنهين طرفن جا سپاهي هڪ امامت ۾ نماز ادا ڪن، ڇهين بجي تائين جنگ ڪنهن به صورت ۾ ختم ٿيڻ گهرجي.

ڇهين بجي کان ساڍي ڇهين تائين (علامہ مشرقي جي تقرير) ساڍي ڇهين بجي بگل نماز مغرب باجماعت (امام مولوي فضل احمد). هن کان پوءِ ڪئمپ ۾ سڀني خاڪسارن ۽ بالا آفيسرن کي مڪمل رخصت آهي ۽ يارهين بجي تائين ڪوبہ بگل نہ وڄندو. نماز عشاء سڀ سپاهي جتي چاهين باجماعت ادا ڪن.

يارهين بجي رات جو بگل سمهڻ جو ۽ سڄي رات پهرو.

**2۔ جنوري 1939ع ڏينهن سومر:**

ڇهين بجي بيداري ۽ فراغت ستين بجي نماز فجر باجماعت (امام حڪيم محمد معاذ) هن کان پوءِ اهوئي پروگرام آهي جيڪو 30- ڊسمبر 1938ع تي هو ساڍي نوين بجي تائين سڀ سپاهي ڪاڻي پي پنهنجن پنهنجن تنبن جي اڳيان ٻاهر بيٺا هوندا، ساڍي نوين بجي بگل تي سڀ دستا مارچ لاءِ تيار ٿي وڃن، ترتيب ساڳي اها جيڪا اڳي هئي يارهين بجي تائين مارچ زير هدايت سالار اول ۽ ڪمان ملڪ محمد اڪرم خان جي هٿ ۾ هوندي.

انهي وچ ۾ ساڍي نوين کان ٻارهين بجي تائين سنڌ جي سڀني سالارن جي مجلس مشاورت ۽ حڪومت سنڌ جي عائد ڪيل پابندين بابت ۽ مطالبن بابت زير قيادت اداره عليہ هنديہ قائد تحريڪ جي خيمي ۾ ٿيندي ۽ وزيراعظم سنڌ ڏانهن وفد موڪلڻ جو انتخاب ٿيندو. يارهين بجي دستا ڪئمپ ۾ داخل ٿيندا ۽ برخاست- هن کان پوءِ ڪاڻ پيئڻ بہ باوضو، ٽيڻ ڏيڍ بجي نماز ظهر (امام پير مخدوم منظور احمد) ٻي بجي بگل ڪئمپ جي ايوان ۾ ساڍي پنجين بجي تائين زير قيادت اداره عليہ عام مجلس مشورت، سالاران تبليغ جي ڪم جون رپورٽون، آئينده طرز عمل پروگرام بابت سمجهاڻي ۽ الوداعي تقريرون ساڍي پنجين بجي بگل ڪئمپ برخاست.

## 6۔ ڪئمپ جي آفيسرن جي ڊيوٽين جو اختصار

### (1) سالار اول:

ڪئمپ جو مختيار مطلق ۽ ان جي انتظام جو اڪيلو ذميوار آهي، سڀ بالا عملدار [مصنوعي جنگ جي وقت کان سواءِ جنهن وقت سڄي ڪئمپ سالار اول سميت سالار جنگ جي حڪمن هيٺ هوندا] هن جي حڪم هيٺ هوندا، ۽ سالار اول ڪئمپ جي سڀني خرچن ۽ پروگرام تي مڪمل هر وقت عمل ۽ ڪئمپ جي عام بهبودي لاءِ جيڪي مفيد تجويزون ٿي سگهنديون تن جو انتظام ڪندو.

**نائب سالار اول:** نصير محمد نظاماڻي ڪئمپ جي وقت سالار منزل جي سڀني معاملات جو آخري فيصلو ڪري، پير الاهي بخش ڪئمپ جي وقت ۾، سالار امين جي سڀني معاملات جو آخري فيصلو ڪري، پير مخدوم منظور احمد شاهہ ڪئمپ جي عرصي ۾ تبليغ ۽ اشاعت معلومات وٽي معاملي بابت آخري فيصلو ڪري، مستري عبدالعزيز ڪئمپ وارو عرصو سالار قائد جي سڀني ڳالهين جو آخري فيصلو ڪري، سيد الهہ بخش شاهہ ڪئمپ وارو عرصو سالار جنگ ۽ هلال احمر بابت سڀني ڳالهين جو آخري فيصلو ڪري.

### (2) سالار منزل:

اداره عليہ، سالار اول ۽ نائب سالاران اول کان سواءِ سڀ ڪئمپ جا آفيسر سالار منزل جي حڪم هيٺ آهن ۽ ڪئمپ جي روشنائي صفائي خيمن جي تقسيم ۽ ڪئمپ جو اندروني انتظام وغيره سندس ڊيوٽيون رهنديون.

**نائب سالار منزل**: مير جان محمد ڪئمپ لڳائڻ ۾ مدد، روشني ۽ پاڻي جو انتظام.
مولوي احمد شير: ڪئمپ لڳائڻ ۾ مدد رات جي پهري جو انتظام.
مولوي شفيع محمد: ڪاڌي پيتي جو بندوبست حفظان صحت جو بندوبست.
محمد يوسف* خيراتي: ڪئمپ جي صفائي جو انتظام اجازت ناما جاري ڪرڻ ۽ گهوڙن جو انتظام.

**ايوب خان**: پبلڪ ۽ سپاهين کي ضبط ۾ رکڻ جو انتظام، تنبن جي اندر باقاعدگي رکڻ، سڀ نائب سالاران منزل، سالار منزل جي حڪمن موجب ڪم ڪندا.

**(3) سالار قائد: سالار:**

قائد وردين جي تپاس ڪري سپاهين کي داخل ڪرائيندو ۽ داخلا ختم ٿيڻ کان پوءِ سالار محتسب جا فرائض بجا آڻيندو.

**(4) سالار امين:**

داخلا في جمع ڪندو، ڪئمپ جو حساب ڪتاب رکندو، داخل ٿيل سپاهين جون جدا جدا فهرستون تيار ڪندو.

**(5) سالار محتسب:**

ڪئمپ جي پروگرام تي عمل ڪرائيندو، ڪئمپ ۾ ڪابه بيقاعدگي ٿيڻ نه ڏيندو ۽ بيقاعدگي ڪندڙ سپاهي کي اتي جو اتي سزا ڏيندو.

**(6) سالار هلال احمر:**

جنگ ۾ زخمين جي مرهم پٽي، ڪئمپ ۾ بيمارن جو علاج، ڪاڌي پيتي جي تپاس وغيره.

**(7) سالار تبليغ:**

تحريڪ جي تبليغ بابت سڀ انتظام رکندو.

**(8) سالار اشاعت و معلومات:**

تحريڪ جو لٽريچر پکيڙڻ بابت سڀ انتظام رکندو.

[5- ڊسمبر 1938ع، اداره عليه هنديه]



پروفيسر مظهر علي قريشي

# علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ

## مترجم ۽ مفسر

علامه محمد هدايت علي قريشي علوي المعروف تونيو ساڪن لعلورانئڪ تعلقو وارهه ضلع قنبر- شهدادڪوٽ تخلص 'نجفي' ۽ 'تارڪ' جيتوڻيڪ هفت زبان شاعر، نثرنويس، عالم ۽ صوفي بزرگ جي حيثيت سان ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونهي، پر ڪيس هڪ نئين روپ يعني مترجم، مفسر ۽ شارح قرآن جي حيثيت سان پيش ڪرڻ تمام ضروري آهي، ته جيئن حقيقت ڪان سڀ واقف ٿي سگهن.

علامه تارڪ جي مادري زبان سنڌي هئي، پر هُو سرائڪي، هندي، اردو، عربي، پارسي ۽ پشتو ٻولين جو به وڏو ماهر هو ۽ انگريزي ٻوليءَ جو به سٺو ڄاڻو هو. شاعر جي لحاظ ڪان جهڙس اڄ سوڌو ڪوبه هفت زبان شاعر پيدا ڪونه ٿيو آهي. سندس شاعري مٿين مڙني ٻولين ڪان علاوه پارسي، انگريزي گڏيل لفظن تي مشتمل آهي. شاعري توڙي راڳڻين جي سڃاڻپ ۽ مهارت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ڪلام ۾ جيڪي به خاص خصوصيتون آهن، تن مان هڪ اهم خاصيت هي آهي جو ڪٿي ڇهن زبانن جي گڏيل ڪلام تي تمام انوکي انداز ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن مان علامه تارڪ جو مذڪوره ٻولين تي مڪمل طور عبور حاصل هجڻ جو پتو پوي ٿو.

علامه تارڪ شاعريءَ جي ميدان ۾ جيتوڻيڪ هفت زبان شاعر آهي، پر نثرنويس جي حيثيت سان ڏسبو ته پاڻ تقريباً نثر جي هر صنف تي قلم کي تحرڪ ۾ آندو آهي. مذهبي لحاظ ڪان علامه تارڪ جون ڪيل خدمتون ڪنهن به طرح سان وسارڻ جوڳيون نه آهن. جن مان وڏو ڪارنامو نه رڳو قرآن پاڪ جون ٽي قلمي تختيون لکڻ هو، جن مان هڪ سعودي عرب موڪليل ڇپي وڃي ٿي ۽ ٻه تختيون لعلو رانئڪ ۽ پيچوها ڳوٺ ۾ اڄ سوڌو صحيح سالم موجود آهن، پر قرآن شريف جو منظوم



علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ

سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمو وڏيءَ اهميت جو حامل آهي. ليڪن افسوس! جو سندس راهه رٻانيءَ ڏانهن رواني ٿيڻ بعد پشتو ڪلام سان گڏ بيقدر بادشاهن جي ور چڙهي ويو ۽ اهي ماڻهو اڄ سوڌو ڪنهن به طرح تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. علامه تارڪ قرآن شريف جي منظوم ترجمي ڪان علاوه مختلف سورتن جي آياتِ الاهيءَ جو منظوم تفسير ۽ تشريح هڪ اهڙي عجيب ۽ انوکي صوفيانه رنگ ۽ ڍنگ ۾.

كئي آهي، جنهن جيان اڳ توڙي هن وقت تائين ڪنهن به ٻئي عالم ۽ صوفي بزرگ اهڙي صوفيانه انداز ۾ تشريح ڪانه ڪئي آهي، ان ڏس ۾ علامه صاحب جو هڪ قلمي ڪتاب "برهان الواصلين" هڪ منفرد مقام جو حامل آهي، علامه صاحب جي جنهن مسودي تان "برهان الواصلين" ورتو ويو آهي، ان ۾ سندس ٻه ٻيا ڪتاب "نظم مقبول ترجمه مثنوي بهلول ۽ راز اظهار ترجمهٔ بيسر نامهِ عطار" منظوم مثنويءَ ۾ آهن. ان کان ٻين شاعرن جو سنڌي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڪلام درج ٿيل آهي. هيءُ نسخو علامه تارڪ جي هٿ اکرين لکيل آهي ۽ حاجي احمد نواز پيچوهي جي پوين وٽ محفوظ آهي. نظم مقبول جو منظوم سنڌي ترجمي ۾ تحرير ڪيل آهي.

برهان الواصلين ڪتاب ۾ قرآن شريف جي مختلف سورتن مان چند مختلف آيات ڪريمه جو تمام دلڪش، دلنشين ۽ دلپذير پيرائي ۾ سنڌي منظوم ترجمو ۽ تفسير 9 آڪٽوبر 1932ع ۾ تحرير ڪري مڪمل ڪيو ويو آهي. هن جي آخر ۾ علامه تارڪ"خاتمة الڪتاب" جو عنوان ڏيئي ان کي منظوم صورت ۾ 32 بيتن تي مشتمل مذڪوره آيتن جي تفسير جي تاريخ قمري توڙي شمسي سنن جي اکرن ۾ آندي آهي. علامه تارڪ اهو سمورو ڪتاب پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪتابت ڪيو آهي. جنهن مان سندس جفاڪشي ۽ اسلامي خدمات لاءِ دلي لڳاءَ جو پتو پوي ٿو. سندس خوشخطي تمام وڻندڙ ۽ خوشنما آهي، مذڪوره ڪتاب اڄ سوڍو قلمي صورت ۾ موجود آهي.

علامه تارڪ ڪتاب برهان الواصلين ۾ جن ٻه آيتن جو تفسير ڪيو آهي، اهو هڪ جداگانه صوفيانه رنگ ۾ رتل آهي، جنهن ۾ هڪ انوکو ۽ عجيب انداز اختيار ڪيو ويو آهي. سندس اختيار ڪيل طريقهٔ ڪار اهڙو آهي جو ٻين مفسرن کان بلڪل نيارو ۽ نئون آهي. علامه تارڪ سڀ کان پهريائين مذڪوره ڪتاب جي ص 298 تي سڀني آيتن آيات ڪريمه کي يڪجاءِ تحرير ڪيو آهي، جيڪا هڪ نموني ۾ فهرست جو ڪم ڏئي ٿي، ان کان پوءِ صفحي 300 تي "برهان الواصلين" عنوان لکڻ بعد ان جي پاسي ۾ "خدا جي وڏائي" عنوان تحرير ڪيو آهي. هن ۾ جملي 44 بيت 'حمد' جا چيل آهن. حمد کان بعد نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ساراهه ۾ ٻه بيتن جو ساڳيو تعداد چيل آهي. حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ثنا کان بعد سندن معراج ماڻڻ بابت 71 بيت ڏنا ويا آهن. معراج کان پوءِ چئن يارن جي واکاڻ ۾ 80 بيت چيا ويا آهن. هنن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته علامه تارڪ اهلِ سنت و جماعت جو هجڻ سان گڏ اصحابه ڪرام ۽ امامن جو به عاشق صادق هو، جنهنڪري سندس مسلڪ جي لحاظ کان ائين چئي سگهجي ٿو ته هُو ڪنهن سان به بغض ڪين رکندو هو، مطلب ته علامه تارڪ حسد ۽ بغض کان بلڪل پاڪ ۽ پري هو. چئن يارن جي واکاڻ کان پوءِ "ٻارهن امامن جي مدح" جي باري ۾ جملي 73 بيتن چوڻ بعد "سيدنا مخدوم عثمان قلندر قطب الدين لعل شهباز سيوهاڻي" جي نسبت ۽ تعريف ۾ 45 بيت ۽ پنهنجي مرشد جي مدح ۾ 51 بيت چوڻ کان پوءِ "ساقي نامون" تحرير ڪيل آهي، جنهن ۾ 59 بيت چيل آهن.

مٿين سڀني عنوانن مان صاف واضح آهي ته علامه تارڪ نبين، رسولن، صحابن، اوليائن ۽ بزرگن ۽ مرشد ڏانهن ڪيتريقدر عقيدتمند هو "ساقي نامون" جنهن جو موضوع آهي "شراب آڻي ڏيندڙ/شراب پياريندڙ يعني محبوب ۽ معشوق." هن ۾ بيت هڪ کان 18 تائين عاشق صادق صرف ساقيءَ کان شراب گهرندو رهي ٿو ۽ ان کي سڏي ٿو. بيت نمبر 19 کان 25 تائين قدرتي مناظر يعني آسمان تي ڪارن ڪڪرن، کنوڻ، گجگوڙ ۽ پورب پار جي برسات ۽ بوند پوڻ سبب نمودار ٿيل نرمل نظاري جو نقش چٽيو ويو آهي، جنهن کي اهڙي ته ادائگيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي، ڄڻڪ آسمان تي ساڳي من موهيندڙ مينگهه ملهار ۽ ساڳيو هوبهو دلڪش نظارو موجود آهي. يعني ته علامه تارڪ تمام خبرداريءَ سان عاليشان محاڪات کان ڪم ورتو آهي، جو پورب کان پوندڙ برسات سبب سڪل ڌرتيءَ تي گاهن سان

پيدا ٿيل گلزاريءَ جو نقشو اکين اڳيان اچيو بيهي ٿو. اهڙيءَ طرح آسمان توڙي زمين تي باغ و بهاريءَ واري پياري ۽ من موهيندڙ موسم ۾ محبوب ۽ عاشق جي وصل واري وڻندڙ نرمل نظاري پيش ڪرڻ بعد وري وري بيت 31 کان 59 تائين ٻيهر ساقيءَ کي سڏي ٿو ۽ کيس مخاطب ٿيندي ڪانئس شرابِ طهورا جي طلب ڪندو رهي ٿو، جنهن جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

-2 مئي ڏي ساقي، آيو وه فصل بهار،
جو گلن سان باغ پرجي ٿيو تيار.
-4 مئي ڏي ساقي، ٿيون وسن بوندان عجب،
گلشن عالم تي آهي، فضل رب.
-19 آسمان تي ٿيا ڪڪر ڪارا تمام،
گاج ڪنوڻ آهي مٿس ڪئي ڌوم ڌام.
-21 خوب اڄ پورب سندي برسات آهه،
مئي ڏي ساقي مشڪيءَ جي تات آهه.
-28 بوسه شيرين ڏي مون کي دلربا،
مئي جي تلخيءَ کي وڃائج مهلقا.
-59 ساقيا مئي ڏي ڪريان هي نظم بند،
پايان مون 'تارڪ' ٿي وحدت جو ڪمند.

مترجم جي حيثيت سان ڏسبو ته علامه تارڪ ڪيترن ئي اسلامي عربي ڪتابن جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو آهي، جنهن جو احوال ديوان تارڪ ۾ قلمبند ٿيل آهي. علامه تارڪ پنهنجا تخلص، نجفي ۽ تارڪ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. مصنف جي لحاظ کان تارڪ وڏو مصنف به هو، جنهن ترجمي ۽ تاليف کان سواءِ ڪيترن طبعزاد ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تحرير ڪيو آهي، جن مان گهڻو تعداد مختلف سنڌي خواندن توڙي سنڌس مائٽن جي ٽجوڙين جي نزاڪت بڻيل آهن. سنڌس اهڙن قلمي ڪتابن مان ڇپيل ڪتابن جو تعداد ٿورو ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو تعداد تمام گهڻو آهي. جيڪي اڃا تائين قلمي صورت ۾ آهن، سندس سمورا ڪتاب ڪانن يا ڪانهن جي ڪِلڪ ۽ ڪاري ناهيل مس سان لکيل آهن. بهرحال مترجم جي حيثيت ۾ ڪيترائي اسلامي ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترجمو (ڪي نثر ۾ ته ڪي نظم ۾) ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجي سموري زندگي اسلام جي خدمت ڪرڻ ۾ صرف ڪندو رهيو.

هن مضمون ۾ علامه تارڪ جي قلمي ڪاوش کي مختصر نموني پڙهندڙن ۽ عوام جي فائدي لاءِ مثال طور پيش ڪيو وڃي ٿو.

علامه تارڪ قرآن شريف جي چند آيات ڪريمه جو جيڪو صوفيانه طرز تي مشتمل سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم سنڌي تفسير ۽ ناياب تشريح پيش ڪئي آهي، ان مان سندس ذهانت، فهم و فراست، تخيلات، اسلام سان عقيدت عربي ٻوليءَ تي عبور هجڻ ۽ شاعريءَ جي لوازمن ۽ فصيح ۽ سليس زبان ڪم آڻڻ جي ڏانءُ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

'برهان الواصلين' ۾ ابتدائيه بيتن کان بعد 'سورة بقرة' جي رڪوع 20 مان آيت. (سورة البقرة، آيت 164)

ترجمو: (بيشڪ آسمان ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦِرڻ گهِرڻ ۽ انهن ٻيڙين (جهازن) ۾ جيڪي سمنڊ ۾ هلن ٿيون، جنهن سان انسانن کي فائدو پهچائين ٿيون ۽ (انهيءَ برسات جي) پاڻيءَ ۾ جنهن کي الله تعاليٰ آسمان تان لاٿو (وسايو) پوءِ انهيءَ (پاڻيءَ) سان زمين کي سندس مرڻ (غيرآباد ٿيڻ) کان پوءِ زنده (آباد) ڪيائين ۽ انهيءَ (زمين) ۾ هر نموني جا چرندڙ (حيوان) پکيڙي ڇڏيائين ۽ هوائن جي بدلجڻ ۾ ۽ ماڻهن لاءِ ضرور نشانيون آهن، جيڪي عقل رکن ٿا).

علامه صاحب مذڪوره آيتن جو جيڪو صوفيانه طرز تي منظوم تفسير ڪيو آهي، ان مان چند بيت مثال خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

-1 تانڪ ٿيو تحقيق منجهه پيدا ٿيڻ،
آسمانن ۽ زمينن جي هجڻ.
-2 قدرت ايزد تعاليٰ جو اثر،
آهه ظاهر جو چوڻ کان ٿيو ٻهر.
-3 رات باطن آهه ظاهر ڏينهن جاڻ،

5- شڪر گهڻ جيڪو ڪندو ٿيندو زبون،
ڪاڻي پي حق جون گهڻي ٿي نعمتون.
6- نيت ويندا سڀ مري ڌرتيءَ اندر،
۽ وري ٿيندا قيامت ۾ ٻهر.
7- رات ڏينهن جي ٿو ڪري مَٽ سَٽ اهو،
اهڙو ڪم ان ريءَ ڪري ٿو ڪونه ٻئو.
8- جي نه ڄاڻو ٿا وڃو وٽ عارفن،
جي اوهان کي رمز کان آگاهه ڪن.
9- 'تارڪ' اندر صحبتِ عارف گذار،
راز اِن الله ينطق ڏيان ڏار.

سورة فرقان جي رڪوع 6 مان ٻن آيتن سڳورين جو منظوم تفسير صفحي 341 کان صفحي 342 تائين 41 بيتن ۾ تحرير ڪيل آهي. مثال خاطر ڪجهه بيت ڏجن ٿا:

1- سو مبارڪ آهي جنهن منجهه آسمان،
برج ٻارنهن خوبتر ٺاهيا عيان.
2- تن ۾ ڪو خاڪي ته ڪو بادي ٿيو،
آتشي ڪوئي ته ڪو آبي ٿيو.
3- برج ٻارنهن تن ۾ ڪيائين هڪ ڏيو،
هڪ قمر روشن منور ٿي ويو.
4- هي اهوئي آهي رب العالمين،
روز شب ڪيئين هڪ ٻئي جا جانشين.
5- بي ڏيان آهي خدا جي رهه کان رد،
ڪاڻ تنهن کي ٿي ملي رب جي مدد.
6- جو ڪري شڪرانئہ پروردگار،
سو ڏسي آثار بيچون بار بار.
7- برج ڄاهِن چنڊ سج ڄاهي عيان،
رات ۽ ڏينهن آهه ڇا آيا ڪتان.
8- عارفن لئي 'تارڪ' آهن هي مثل،
قل هو الله ۽ ڇڏي ڏي قيل قال.

علامہ صاحب مذڪور ڪتاب ۾ آخري منظوم تفسير صفحي 342 کان صفحي 343 تائين سورة الشعراء جي رڪوع 2 مان ڇهن آيتن جو جملي 24 بيتن ۾ ڪيو آهي. انهن مان ڪجهه بيت مثال لاءِ پيش ڪجن ٿا:

تفسير:

1- هيئن چيو فرعون رب العٰلمين،
ڪير آهي ڪيئن ٿيو آهي مبين.
2- ان کي موسيٰ چيو ته رب دوجهان،
آپ ۽ ڌرتيءَ ۾ رهي ٿو جو عيان.
3- خود اوهان ۽ جي اوهان جا ٿيا وڏا،
جملہ جو رب آهي سو رب العلا.
4- چيائين اوپر اولهہ ۽ جيڪي منجهن،
آهه تن جو رب بيشڪ ذوالمنن.
5- جي رکو ٿا عقل ۽ هوش ۽ خرد،
دل سان لايو قول الله الصمد
6- ختم ڪر 'تارڪ' هتي پنهنجو ڪلام،
چؤ نبي ۽ آل ان جي تي سلام.

مٿي ذڪر ڪيل 13 رڪعتن مان مختلف آيات ڪريم جي منظوم تفسير پيش ڪرڻ بعد علامہ صاحب ساڳئي ڪتاب جي آخر ۾ "خاتمہ الڪتاب" جي عنوان سان ڪل 32 بيت ڇپيا آهن. انهن بيتن ۾ مذڪوره آيتن جو تفسير لکيل پورو ڪرڻ جي تاريخ وغيره پڻ تحرير ٿيل آهي، جنهن مان ڪجهه بيت مثال خاطر ڏجن ٿا:

1- مون ڪيو پورو لکي هي خوش ڪتاب،
هي ڪتاب مستطاب آهه لاجواب.
2- ختم ٿيو تفسير آياتِ مبين،
سان مدد الله ربّ العٰلمين.
3- ڏينهن آچر جو ۽ وقت نيمروز،
هيءُ پُٺو منهنجو ڪتابِ دلفروز.
4- ٿيو جمادي الثاني ماهِ نيڪ تر،
۽ ستين تاريخ ان جي معتبر.
5- سال تيرنهن سؤ ۽ ايڪونجاهه هو،
مثنويءَ کي مون ڇٺي پورو ڪيو.

6- ماه آڪٽوبر سنڌو هو ڏينهن نائون،
جنهن ۾ ٿيو سنڌو هو نائون
7- سال پڻ اٺويهه سؤ ٻٽيهون هو،
هي ڪلام دلربا جنهن ۾ پُنو.
8- جو پڙهي مون کي ڪري تهدل دُعا،
پڻ سنواري جي ڏسي ڪاتي خطا.
9- مان نه آهيان شاعر اهڙو نامور،
شهر جنهن جي ۾ نه ٿئي گهٽ وڌ اڪر.
10- مون پڇي تاريخ پي جامِ نبيد،
مون کي چيو هاتف چئه شغل جديد.
1351هه
21- سروَ جي موسم ۾ پورو ٿيو سخن،
واهه عاليءَ جي ڪپر تي ٿيو وطن.
30- ختم ڪر 'تارڪ' تون شعر بي بها،
ٿيو نگهدار ان جو هردم ڪبريا.
31- پڙهه محمد تي صلواتون ۽ درود،
بردر يزدان تون ڪر صدقاً سجود.
32- بند ڪر پنهنجو ڪتاب لاجوابه
ڄاڻ تون الله اعلم بالصواب.

علامه صاحب منظوم تفسير ۾ سنڌي آسان ٻولي ڪم آڻڻ ۽ ان کي قديم نموني جي صورتخطيءَ ۾ تحرير ڪان ڪم ورتو آهي. سنڌس اکر نهايت سنا ۽ پڪا آهن، جنهن ۾ قديم عربي، سنڌي تحرير ۽ موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪافي فرق آهي، جنهن جا ڪي مثال هن ريت آهن:

| قديم تحرير | جديد تحرير |
|---|---|
| 1) جهن | جنهن |
| 2) ٻيءَ | ٻئي |
| 3) ڏيهن | ڏينهن (هڪ ڏينهن) |
| 4) ٻي | ٻئي |
| 5) تهن | تنهن |
| 6) ٿيءَ | ٿئي |
| 7) پيءِ | پئي |
| 8) مون | مان (منجهان) |
| 9) ڏنئن | ڏنئين (ڏنائين) |
| 10) تن کي | تن کي- تنکي |
| 11) بخشياءِ | بخشيائين |

مختصر ته مٿي ٻڌايل ڪارنامو ڪنهن به طرح معمولي ڪارنامو نه آهي، پر سندس پورهيو پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. تارڪ کي وڏو جَس آهي جو ايترا سارا نثري ڪتابه ترجمو توڙي طبعزاد ۽ منظوم ڪتاب مٿي ٻڌايل سڀني ٻولين ۾ پنهنجي هٿن سان پاڻ تحرير هيٺ آندا آهن. سندس هيءُ ڪارنامو انڪري به وڏي وقعت ۽ اهميت جو حامل آهي جو اهڙو ڪارنامو ٻئي ڪنهن بزرگ طرفان تحرير ڪيل منظر تي نه آيو آهي. سندس تحرير ڪيل ڪتابن جي ايتري تعداد کي نظر ۾ رکي ايئن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو، پر اها هڪ حقيقت چئبي ته "علامه تارڪ به سنڌيءَ جو وهائو تارو هو." پاڻ وڏو جفاڪش، عالم، هفت زبان شاعر، قرآن شريف جو مفسر ۽ شارح، وڏو نثر نويس توڙي نظم نويس هجڻ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ دين اسلام جو وڏو بي تعصب شيدائي هو، جنهن پنهنجي پوري ڄمار اسلام ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي گذاري ۽ هر لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر توڙي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪري سنڌي ادب کي مالامال ڪري ڇڏيو آهي.


وَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهُ

ديوان گل

جو گل ميين جو ونجاه

اکرن سنڌي ۽ فارسي

۽ عربي

جي

سعيدي پريس جو ترتيب ڪتابن جي ساڻ خط فقير حقير حافظ
عثمان جي منجهه ڪارخاني محمد حسين پٽ محمد سليم جي بنج بندر
بمبئي جي ڇاپيو تاريخ ٧ مهيني جمادي الثاني سنه ١٢٧٥ هجري

ديوان گل جو سرورق

پهريون ڪتاب آهي، جنهن جي اشاعت تي ديوان جي آخر ۾ سنڌي، هندي ۽ فارسيءَ ۾ 25 قطعه تاريخون ڏنيون ويون آهن، جنهن مان 1270ھ جو سن حاصل ٿئي ٿو.

سنڌي ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ قطعه تاريخ جي فن تي عموماً ۽ آخوند گل محمد جي تاريخ گوئيءَ تي خصوصاً ڪو ڌيان نه ڏنو ويو آهي. هُو نه فقط سنڌي غزل جو وڏو ۽ باڪمال شاعر هو، پر ڪيس تاريخ گوئيءَ تي به خاصو مَلڪو حاصل هو ۽ هُن سنڌي توڙي فارسي ۽ هنديءَ ۾ قطعه تاريخون چئي پنهنجي سخنوري جا جوهر پَسايا آهن، پر ڪيس تاريخ گو جي حيثيت ۾ اُهو مقام حاصل نه ٿي سگهيو، جنهن جو هُو حقدار هو.

آخوند گل محمد پنهنجو ديوان سنه 1270 هجريءَ ۾ لکي پورو ڪيو ۽ پوءِ ديوان جي مڪمل ٿيڻ تي پاڻ ئي سنڌيءَ سان گڏ هندي ۽ فارسيءَ ۾ قطعه تاريخون چيون، جن ۾ سن 1272ھ لکيو ويو آهي، پر انهن تاريخن مان ابجد جي قاعدي موجب 1270ھ جو سن حاصل ٿئي ٿو. ان کان سواءِ قطعه تاريخن مان سنڌيءَ جي 2، 4 ۽ 5، هنديءَ جي 1، 2 ۽ فارسيءَ جي 1، 4، 5، 6، 7، 11 تاريخن کي ”رباعي“ لکيو ويو آهي، پر علم عروض ۾ رباعيءَ جا 24 اوزان مقرر ڪيا ويا آهن[6] ۽ اِهي تاريخون رباعيءَ جي بحر ۾ نه ٿيون اچن، تنهنڪري هِنن کي قطعه ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

”ديوانِ گل“ جون قطعه تاريخون ڏيڻ کان پهرين، هِتي قطعه تاريخ جي فن جو مختصر تعارف ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي مقرر ڪيل اکرن جي مُلهه بابت ڄاڻ ڏيڻ به ضروري آهي.

”قطعه تاريخ“ علم بديع جي صنعتن مان هڪ صَنعتَ آهي، جنهن ذريعي مُتَڪَلِم ڪنهن لفظ، مصرع يا ان کان وڌيڪ ڪنهن عبارت مان واقعي جو سال ظاهر ڪري ٿو ۽ اُهو هجري يا عيسوي سال انهن اکرن جي عددن مان جُمل جي حساب مطابق ظاهر ٿئي ٿو. سيد فاضل شاهه قطعه تاريخ جي تعريف ”ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي“ ۾ هن ريت لکي آهي:

> تاريخ اُها غزل وانگي ۽ قصيدي وانگي ۽ رباعي طرح به ٿئي. پر پوئين مصرع مان انهيءَ جي، عدد وٺي ابجد جا، سن ڪڍجي. پوءِ يا ته اُها تاريخ هوندي جمڻ جي يا شادي جي يا اڏپ جي يا مرڻ جي. پر جي پوئين مصرع سڄي جي عددن مان سن پورو نه نڪتو ته تڏهن يا عدد وڌي ويا هوندا ته پوئين بيت ۾ ڪو اهڙو اشارو ڪبو جنهنڪري پوئين مصرع مان انهي جي، ڪاٽي پورو سن ڪبو ۽ جي عدد ورهه کان ڪٽل هوندا ته ٻيا وجهي سن پورو ڪبو[7].

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

ظاهر انگن ڏيڻ جي بدران اهڙا بامعنيٰ لفظ يا جملا يا آيتون يا شعر ٿا ڏجن، جن مان اکرن جي ملهه پٽڻ ۽ جملي ڪرڻ سان گهربل تعداد موجود ٿئي ٿو. ڪي ڪي ته اوچتو اهڙا عجيب لفظ ۽ جملا ايندا آهن، جو حيرت لڳي ويندي آهي[8].

ميرزا فتح علي بيگ وري هن طرح بيان ڪئي آهي:

تاريخ گوئي اُهو نظم آهي. جنهن جي مخصوص لفظ، جمله يا مصرع مان ابجد جي طريقي سان شهادت، انتقال، ولادت، شادي، عمارتن جي تعمير ۽ ڪتابن جي تصنيف و تاليف ۽ مشهور واقعات جي آغاز ۽ اختتام تي نمايان طرح سال ڄاڻايو وڃي ٿو[9].

”قطعه تاريخ“ جي فن جو بنياد جمل جي حساب تي آهي ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي ترتيب مطابق هرهڪ اکر جو مُلهه مقرر ڪيو ويو آهي. ابجد جي انهن اکرن کي ٽن يا چئن اکرن جي گروهه ۾ گڏ ڪري، انهن جي عددن جي اعتبار کان اهڙي ريت ترتيب ڏنو ويو، جو پهرين ڏهن اکرن جا عدد ايڪن ۾ 01 کان 10 تائين، پوءِ ائين اکرن جا عدد ڏهاڪن ۾ 20 کان 90 تائين ۽ باقي ڏهن اکرن جا عدد سَوَن ۾ 100 کان 1000 تائين مقرر ڪيا ويا آهن. جمل جي قاعدي موجب ابجد جي ائين لفظن جو مُلهه هِن ريت مقرر ڪيل آهي:

| ابجد | هوز | حطي | كلمن | سعفص | قرشت | ثخذ | ضظغ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا: 1 | هه: 5 | ح: 8 | ڪ: 20 | س: 60 | ق: 100 | ث: 500 | ض: 800 |
| ب: 2 | و: 6 | ط: 9 | ل: 30 | ع: 70 | ر: 200 | خ: 600 | ظ: 900 |
| ج: 3 | ز: 7 | ي: 10 | م: 40 | ف: 80 | ش: 300 | ذ: 700 | غ: 1000 |
| د: 4 | | | ن: 50 | ص: 90 | ت: 400 | | |

جيئن ته ابجد جا اکر عربي حروف تهجي مان ورتل آهن، انڪري ان ۾ اُهي اکر شامل نه آهن، جيڪي سنڌي الف-ب ۾ موجود آهن. سنڌيءَ ۾ تاريخ چوڻ لاءِ انهن اکرن جو استعمال ٿئي ٿو، تنهنڪري انهن اکرن جا عدد مقرر ڪرڻ ضروري هئا، جنهنڪري فن جمل جي ماهرن اِنهن اکرن کي آئيوٽا جي ترتيب مطابق، ابجد جي ائين لفظن ۾ آيل هر اکر جي عدد برابر ان کان پوءِ واري اکر جا عدد مقرر ڪيا. مثال طور: ”ب“ کان پوءِ وارن اکرن ”ٻ“، ”ڀ“ ۽ ”پ“ جا عدد ”ب“ جي عدد برابر ٻه ٿيندا ۽ اهڙيءَ ريت ٻين اکرن جا ٻه عدد مقرر ڪيا ويا، جن کي آخوند گل محمد هالائيءَ سال 1275هه/1859ع ڌاري بمبئيءَ ۾ ڇاپيل پنهنجي ديوانَ ”ديوانِ گُل“ جي ”چٽائي“ جي واٽ يارهين ۾ تشڪيلي صورت ڏني. سندس مقرر ڪيل اکرن جو مُلهه هِن ريت آهي:

چڻ اکرن ۽ انگن ۽ ڳڻتي مڙني اکرن سنڌي ۽ فارسي ۽ عربي جو مٿي ليکي ابجد جي[10]

| اکر | انگ | ڳڻتي | اکر | انگ | ڳڻتي | اکر | انگ | ڳڻتي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | 1 | هڪڙو | ڊ | 4 | چار | ڦ | 80 | اسي |
| ب | 2 | ٻه | ڍ | 4 | چار | ق | 100 | سو |
| ٻ | 2 | ٻه | ڌ | 4 | چار | ڪ | 20 | ويهه |
| پ | 2 | ٻه | ڏ | 4 | چار | ک | 20 | ويهه |
| ڀ | 2 | ٻه | ذ | 700 | ست سؤ | گ | 20 | ويهه |
| ت | 400 | چار سؤ | ر | 200 | ٻه سؤ | گھ | 20 | ويهه |
| ٿ | 400 | چار سؤ | رؕ | 200 | ٻه سؤ | ڳ | 20 | ويهه |
| ٽ | 400 | چار سؤ | ڙ | 200 | ٽي سؤ | ڱ | 20 | ويهه |
| ٺ | 400 | چار سؤ | ز | 7 | ست | ل | 30 | ٽيهه |
| ث | 500 | پنج سؤ | ژ | 7 | ست | لؕ | 30 | ٽيهه |
| ج | 3 | ٽي | س | 60 | سَٺ | م | 40 | چار |
| جھ | 3 | ٽي | ش | 300 | ٽي سؤ | ن | 50 | پنجاهه |
| ڄ | 3 | ٽي | ص | 90 | نَوي | نؕ | 50 | پنجاهه |
| ڃ | 3 | ٽي | ض | 800 | اٺ سؤ | ڻ | 50 | پنجاهه |
| چ | 3 | ٽي | ط | 9 | نَوَ | و | 6 | ڇهه |
| ڇ | 3 | ٽي | ظ | 900 | نَوَ سؤ | ه | 5 | پنج |
| ح | 8 | اٺ | ع | 70 | ستر | ي | 10 | ڏهه |
| خ | 600 | ڇهه سؤ | غ | 1000 | هزار | | | |
| د | 4 | چار | ف | 80 | اسي | | | |

2

جب کنا گل دک جفا کے باغ کا — تب بنا گلبن صفا کے باغ کا
اسکے کھلنے کے برس میں گل کہا — کہ کلا اب گل وفا کی باغ کا

1270ھ

3

کلا یوں کب گل دیوان سندھی — کسی گلزار میں ایسا کو کم ہے
تماشا دیکھ کے تاریخ اس میں — کہا ہاتف نے وہ باغ ارم ہے

1270ھ

4

بنا جب نظم میں دیوان گل گل — ہر ایک دیکھے کہا وہ واہ وہ واہ
ایون تاریخ میں گل خوب بولا — گل باغ صفا وہ واہ وہ واہ

1270ھ

5

جب کلا خوش نظم میں دیوان گل — اسکی رنگت دیکھ گل بوٹا ہوا
خوب خوش تاریخ میں گل گل کہا — گلشن توحید کا بوٹا ہوا

1270ھ

## قطعہ مُعما:

6

جب کلا دیوان گل بولن لگی — اوپر سمن اگل پہ بلبل زاغ تا
طبع طوطی گل کہا تاریخ یون — خوب خوش لی رنگ گل تا داغ بن

1270ھ = 1005 - 2275

## فارسي قطعہ تاريخون:

1

شُد نظم چون چند بيت مفصل — در ذکر بيان راز مجمل
نامی بديوان گل بتاريخ — گل باغ کمال اهل کُمل

1270ھ

2

چون شگفته غنچهء ديوان گل — در گرفته دامنش خار عيوب
جستم از هاتف بتاريخش عدد — گفت او بادا پذيرا در قلوب

1270ھ

---

[1] يعني "تھا"

قطعہ معما:

11

چو خوش بستان گل منظوم بی خار | چه خوش خندان گل منظوم بی خار
چه خوش به شگفت گل خوش گفت تاریخ | چه خوش دیوان گل منظوم بی خار

2071 - 801 = 1270ھ

قطعہ تاريخن ڪانپوءِ آخر ۾ هيءَ قطعہ ڏني وئي آهي. هِن کي بہ رباعي لکيو ويو آهي، پر رباعيءَ جي بحر وزن ۾ ناهي:

بَخش هِنَ عاصي کي ڏٺيم جنهن لکيو جوڙيو ڪتاب
جيڪِين گهڻ وڌ ٿيو چوڻ ۾ عفو ڪر تنهن جو حساب
جو پڙهو ان کي پروڙي پوءِ ڍڪي يا جوڙي عيب
اجر ڏي ان جو گهڻيرو ان کي سانيم تون ثوابُ

مٿي ڏنل قطعہ تاريخن مان اِها ثابتي ملي ٿي تہ، آخوند گل محمد پنهنجو ديوان سنہ 1270ھ ۾ لکي پورو ڪيو. پر ”ديوانِ گل“ جي اشاعت سنہ 1275 هجريءَ ۾ اُن وقت ممڪن ٿي، جڏهن پاڻ حج تي پئي ويو. اُنوقت آخوند صاحب ٻيهر پنهنجو ديوان نظر مان ڪڍندي، ان جي اشاعت تي معنوي صورت ۾ هيءَ قطعہ تاريخ[21] جوڙي:

ٿيو جڏهن ديوان گل پورو ڪُلي | سَبَ ڏسي چيو آهي وہ وہ خوب خوب
محمدي مطبع ۾ پوءِ محمد حسين | ڇپئو چٽئو آهي وہ وہ خوب خوب
وره ڇاپڻ جو پڇئم دل کان درست | ڇيائين ڇپيو آهي وہ وہ خوب خوب

1275ھ

جڏهن تہ ديوان جي ڇپجڻ ڪاتب حافظ عثمان فارسيءَ ۾ قطعہ تاريخ[22] چئي، ”باغ عرب“ مان معنوي صورت ۾ اشاعت جو سن 1275ھ اخذ ڪيو آهي:

ای صاحب عزت و مسند خلافت | عزيز هر دل و جان ذی ولايت
برآن شرطی که فيما بين صادر | وفا از بندہ شد باحکم قادر
هنوز ايشان وفا ناکردہ وعدہ | بذمہء آنحضور نيک ماندہ
بشد اتمام از مسکين عثمان | بتاريخ سيوم از ماہ شعبان
اگر ارسال پرسی هوش خرد کن | شمردن نيک از باغ عرب کن

1275ھ

آخوند گل محمد هالائي سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي شاعرَ جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو ۽ سندس ديوانُ کي ”سنڌي غزل جي پهرين ديوان“ جو شرف بہ حاصل آهي، پر آخوند گل محمد هڪ تاريخ گو جي حيثيت ۾ بہ پاڻ مڃايو آهي، جنهن جو مثال سندس چيل قطعہ تاريخن مان پَرکي سگهجي ٿو.

## حوالا:


1) انوشه، حسن: (1997ع)، "فرهنگنامه ادبي فارسي" (جلد دوم)، تهران: سازمان چاپ و انتشارات، ص 602.

2) RICHARDSON, JOHN: (1806). A DICTIONARY, PERSIAN, ARABIC AND ENGLISH (VOL:I). LONDON. P:453.

3) هاشمي، عبدالقدوس: (1987ع)، "تقويم تاريخي" (قاموس تاريخي)، اسلام آباد: اداره تحقيقات اسلامي، ص 319

4) Garg, Ganga Ram: (?). International Encyclopedia of Indian Literature (Vol. VIII- Sindhi). New Dehli: Mittal Publications.

5) ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، (1972ع)، "ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي"، ٽماهي "مهراڻ" رسالو، (1972/2ع)، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ص 169.

6) صائب، عبدالقيوم: (2013ع)، "عروض جا اهڃاڻ"، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ص 439.

7) فاضل شاه، سيد: (1883ع)، "ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي"، ڪراچي: وديا ونود، ص 6-7.

8) قليچ بيگ، مرزا: (2006ع)، "سنڌي وياڪرڻ"، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 76.

9) شاهد، فتح علي بيگ، ميرزا: (2008ع)، "تاريخي قطعات"، روهڙي: بيدل يادگار ڪاميٽي، ص07.

10) هالائي، گل محمد، آخوند: (1275هه)، "ديوان گل"، بمبئي، ص 10.

11) ڏسو حوالو نمبر 8، ص 70.

12) جنگ وَلا، نواب عزيز، شمس العلماء، (1998ع). "غرائب الجمل"، نئين دهلي. قومي ڪونسل برائي فروغ ادب اردو زبان، ص 95.

13) ڏسو حوالو نمبر 10، غزل 40، ص 21.

14) ڏسو حوالو نمبر 10، غزل 127، ص :62.

15) قنبر، ميرزا غلام حيدر بيگ، "بياض قنبر" (قلمي). ملڪيت: ميرزا منظور علي بيگ

16) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (2007ع)، "جامع سنڌي لغات" (جلد ٽيون). حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص 1799.

17) ڏسو حوالو نمبر 12، ص 113.

18) ڏسو حوالو نمبر 12، ص 162

19) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (2007ع)، "جامع سنڌي لغات" (جلد ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص 1112.

20) سرهندي، وارث: (1993ع)، "جامع علمي اردو لغت" لاهور: علمي ڪتاب خانه، ص 439.

21) ڏسو حوالو نمبر 10، ص 11.

22) ڏسو حوالو نمبر 10، ص 87.

# شمشيرالحيدري



(جنم: 15- سيپٽمبر 1931ع - وفات: 10- آگسٽ 2012ع)

## گيت

دلڙي توسان اڙي،
جندڙي توسان جَڙي،
توکي ساهہ سمايم_ او سانگيئڙا.
نياپا نيڻ ڏين،
منَ جا موڙَ ٿِلن،
چپڙن چنگ ڇُرن،
اکڙيون ڇيڄ وڄن.
تنهنجي نيهن نچايم_ او جانيئڙا.
تنهنجي قُرب ڪيا،
مون تي وارَ گهڻا،
تنهنجي پُورن ۾،
پنهنجو پاڻ وڃان.
تولئہ سيج سنواريم_ او جهانگيئڙا.
اکڙين اوڏا رهن،
ڏاڍا ڏور پرين،
توسان ڪيئن سليان،
پنهنجا ٻورَ پرين.
تنهنجي مانَ منجهايم_ او ڍانيئڙا.

## گيت

اڄ موج آئي منَ تي،
نغما ڇُريا چَپن تي،
هيءَ ڳالهہ آئي ڪنَ تي،
وانگي وريا وطن تي.

سڄڻن جي سارَ آئي،
ڏک درد ليا توائي،
بنَ ۾ بهار آئي.

گُل گُونج ليا گسن تي،
ڪا ڇاتَ پئي چنن تي،
پهراڻ پيا پنن تي،
ليو ڇهڇنو چمن تي،
ديدار ليا درن تي.

## شاعري

شاعريءَ جي ڪلاسيڪيت، عروضيت کان وٺندي جديديت واري سفر ۾ صدين جو ٿڪ شامل آهي، جنهن ۾ ڪيترائي شاعر پنهنجو وارو وڄائي وڃي آرامي ٿيا، سواءِ آڱرين تي ڳڻڻ جي، اڄ هزارها شاعرن جا نالا پڙهڻ، ٻڌڻ ۾ به نه ٿا ملن. ورهاڱي بعد شاعريءَ ۾ ڪيترائي نوان لاڙا متعارف ٿيا، جن شاعريءَ ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ شاعريءَ ۾ فارسيءَ جو اثر هئڻ ڪري، اسان جي ديس جو شاعر ڌرتيءَ جي اهنجن، عام ماڻهن جي ڏکن سورن کان غير واقف ۽ مافوق الفطرت جو رهندڙ هو. اڪثر شاعرن جي شاعريءَ ۾ فارسي داخل ٿي وئي، جنهن سبب شاعري پنهنجي ٻوليءَ ۽ وطن سان، پنهنجي ماحول ۽ ماحول جي اهڃاڻن سان، پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب سان پنهنجو سنبنڌ ڄڻ ته ڇني ڇڏيو هو. ان قسم جون روايتون ڪلاسيڪل دؤر کان پوءِ ملن ٿيون، جن روايتن ۾ خيال ۽ معياري فن گهٽ پر تُڪبندي ۽ بي معنيٰ سکڻي لفاظي وڌيڪ هئي، ان قسم جي شاعريءَ ۾ اهڃاڻ سنڌ جا ناهن، ترڪيبون پنهنجون ۽ اصلوڪيون ناهن، جنهن ۾ علامتون پنهنجون ناهن، استعارا پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ماحول جا ناهن، نتيجن اهو هڪ اهڙو دؤر رهيو، جنهن ۾ اسان جي شاعريءَ جي جيڪا عظيم ڪلاسيڪل روايت هئي، اُها نه رڳو پنهنجي سماج، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي وطن ۽ فطري توڙي سماجي ماحول کان ڪٽجي اوپرائپ جو شڪار ٿي وئي، اهڙي جمود کي ترقي پسند دؤر ٽوڙي ڦٽو ڪيو، اهڙي دؤر ۾ جديديت جو دؤر پڻ شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪشنچند بيوس، ڪيئلداس فاني، شيخ اياز، نارائڻ شيام، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، امداد حسيني، ابراهيم منشي، استاد بخاري، سرڪش سنڌيءَ، آڪاش انصاري، وفا ناٿنشاهي کان وٺندي اياز گل، ادل سومرو، زخمي چانڊيو، سعيد ميمڻ، حسن درس ۽ هاڻي ٻنهي نئين نسل اشفاق آذر، سرواڻ سنڌي، سعيد سومرو، امر اقبال، خالد چانڊيو تائين انيڪ باڪمال شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي نوان لاڙا متعارف ڪرائي حسناڪي بخشي آهي.

**ساجد چانڊيو**

ڪتاب: "توکي ڪيڏو مون سانڊيو آهي ساهه ۾"

ص 6_7 تان کنيل



## امداد حُسيني

### انهيءَ وائيءَ وَرُ!

اچو تہ
پنهنجي لاوارثيءَ جا وارث ٿيون
هڪ لڙڪ رُئون- هڪ آهہ پريون
اچو تہ
پنهنجي ٻِڏٽڪائيءَ جا ڏٽي ٿيون
امرت سمجهي زهر پيُون
جاڙ ٿي سهي پوءِ بہ جيون
اچو تہ
پنهنجي لاتعلقيءَ کي تعلق چئون
نابينائيءَ کي بينائي چئون
اچو تہ
پنهنجي غلاميءَ کي آزادي سڏيون
بربادِيءَ کي آبادي سڏيون
غميءَ کي شادي سڏيون

اچو تہ هر رهزن کي رهبر سمجهون
ديوار هجي بہ تہ در سمجهون
ٿوري ۾ اهو تہ وائيءَ وَرُ سمجهون!

### غزل

رات بہ آهي جڻ راتاهو،
ڏينهن بہ جڻ سِرڪڻ ڦاهو!

گوشت کپيس رڳو رڙڪڻ لئہ،
ماڙهوءَ جو يا ڳائو ماهو!

ڪُرسيءَ تي جو ويٺو هو،
ماڙهو هو، سوئر هو، چا هو!

جيڪو جيڏو ڪوڙو آهي،
ايڏوئي سَڏجي ٿو ڏاهو!

توسين پريت ڪري او پريتم،
ٻلي چڙيوسين سِر تان آهو!

ڪيئن نہ ڪنڌا ڪنڌا ٿي ويو،
ماڙهو هو؟ يا هو ڪو چاهو!؟

بي ويساهو جڻ بي ساهو،
بي ساهو جڻ بي ويساهو!

## ڪوثر سوز هالائي



# نظم

نہ تنهنجي شهر آياسين،
نہ منهنجي شهر ڏي آئين،

اها پنهنجي ڪهاڻي آ،
اوهان جي شهر جا رستا،

ديوارون مون ڏٺيون آهن.
گلن تي گوليون داغيون،

ڪنڌن جون ڪوڙ رڪشائون،
دلين جون ڏار دنيائون،

وڇوڙا وڻ وڏا آهن،
نہ ڪو ٽاريون نہ ڪي ڇائون،

دلين جون ڏارَ دنيائون،
اِجهو ٿو تون اچين مون ڏي،

اجهو ٿو مان اچان تو ڏي،
تنهنجو امڪان پنهنجو هو،

# نظم

دلين جون ڏارَ دُنيائون!
اڻ ڏٺل دوست جي نانءُ.

اڪيون اقرارَ دنيائون، منهنجو امڪان پنهنجو آ،
دلين جون ڏار دنيائون، نہ ملياسين اسين ٻيئي،
ڏٺيون سين پيار پنهنجي ڪي، جدائيءَ جي پهاڙن تان،
رڳو لڙڪن جون ٻيٽائون، اڃان تائين لٽا ناهيون،
وفا جا واعدا ويهي، اوهان جي يادگيرين جو.

٭٭٭

رهيا ڪنهن راهَ اوکيءَ ۾، پرين سامان پنهنجو آ،
وڏو ويساه اوکيءَ ۾، منهنجو سامان پنهنجو آ،
صدائن کي روانو ڪيو، تنهنجو ارمان پنهنجو آ،
اسان هو شهر تنهنجي ڏي، منهنجو ارمان پنهنجو آ.

٭٭٭

اوهان جي شهر جو درياھُ، اوهان جوڙي رکيون هونديون،
اسان جي سمنڊ ۾ سانڍيلُ، سواڳت لاءِ مالهائون،
نہ ڪنهن نر جي نشاني آ، دلين جون ڏار دنيائون،
نہ ڪنهن ٻڙجو حوالو آ، لڏيون سين درد سان لائون.

# غزل

تنهنجون جفائون، زورُ وٺي ويون،
منهنجون وفائون، زورُ وٺي ويون.
بهار کي ڪنهن گس ۾ بيهاريو،
تڏهن خزائون، زورُ وٺي ويون.
ڏيئن کي ڏيو ڏهہَ پيرا آٿت،
هاٺي هوائون، زورُ وٺي ويون.
باھ جا ڪهڙا منظر ڏسجن،
سڙيون چتائون، زورُ وٺي ويون.
أتاوِلا من ٿورو ڌيرج،
سڻ صدائون، زورُ وٺي ويون.
دل جي گيت جي گونج لڳن ٿيون،
چاهنائون، زورُ وٺي ويون.
ڪونہ مليو هو ڪونہ مليو آ،
تڏهن پڇائون، زورُ وٺي ويون.
راوَڻُ راهہَ جا پٿر ٻڌيا،
پر سيتائون، زورُ وٺي ويون.

## رحيمداد جوڳي



### رنگين خواب

هاڻي هُو
جڏهن شهر ۾
رهن ٿا ته
ڳوٺ جي سُنهري شام جا
خواب ڏسن ٿا
۽ جڏهن ڳوٺن ۾
رهندا هئا ته
اڪثر شهر جي روشنين جا
خواب سندن ننڊ ۾
داخل ٿي ويندا هئا!
خوابن
سندن يادن کي
رنگين بڻائي ڇڏيو آهي!!

٭

### اڪيلائيءَ جي شَهر ۾

ماڻهن جي ڳوٺ مان
وڇڙي
اڪيلائيءَ جي شهر ۾
وڃائجي ويو آهيان!!

٭

### ننڍڙو نظم

مون ننڊ وڪڻي
نظم ورتا
تون نظم ڪڻي وڃ
مون کي ياڪر ڏئي وڃ!!

### هوءَ

هوءَ سچي وات
سفر ۾
خاموش ٿي رهي!
اسان
شوڪارا پئي پريا!!

٭

### پاڻي ۽ ڇوڪري

سمنڊ جو پاڻي
خواب ناهي ڏسندو
هُو پنهنجي اندر ۾
نمڪين ڇوڪريءَ جهڙو آهي!!

٭

### منهنجو درد

اڄ چنڊ
ڪونڄ اُپرندو
آسمان هيٺ ڪِري پيو آهي!
منهنجو درد
سمنڊ جيڏو آهي!!

٭

### وڏا ماڻهو

وڏا ماڻهو
واعدن جا ڪچا
دشمنيءَ جا پڪا هوندا آهن!!

٭

### تعريف....

شاعر
عورت
۽
خدا کي
پنهنجي تعريف وڻندي آهي!!

## 8_ فارسي

درِي فيضَ قلندر سنڌ رَسِيدَ مَ
سراري بُودکَ بهار دَستُمَ
اَيَا عثمان مَرَوَندي پَوشترَ حُسين اِمام
آهي قلندر توکي سلام.

**ترجمو:**

در فيض جو قلندر سنڌ ۾ آهي
اِسرارَ ظاهر بودلو بهار آهي
جنهن تي سندس جو هٿ آهي
۽ توهان امام حُسينؑ جي پونيئر مان آهيو

## 9_ بنگالي

ڪوَنوَ لوگ خالي زائي نا ٽيڪي ٿمار دربار
ڪوَئو مانوش دُعا ئي مانگ تي آشيا سَي مُرشد مزار
توز لنگر چَلتِيا سَي شڪل اَرَ شندام
آهي قلندر توکي سلام

**ترجمو:**

ڪوبہ ماڻهو خالي ناهي ويندو دربار مان
سڀني جي اميد پوري ٿيندي آهي مرشد تو وٽ
تنهنجو لنگر خير هلندڙ آهي صبح ۽ شام

## 10_ پشتو

اَبو مَزائي ڪَليَ تان مُنگ سيواڻي
مِنا محبت ڪَي دلتا راغلي تان مُنگ سيواڻي
دَهَ شُڪر دي مَقبرا بابا اِسترگي وَليام
آهي قلندر توکي سلام.

**ترجمو:**

پاڻي ماني گوٺ هيو سيواڻي
اسان چاهت ۾ آيا آهيون سيواڻي
۽ ڪرم آهي جو روضو اکين سان تو ولي جو ڏٺو

## 11_ انگريزي

شهباز اوڪي اِز سيوَهَن سنڌستان
يُو آر موسٽ اينڊ نيرُ عثمان
هَيئر از بيوٽي ڦل روز اِن سنڌ فلاوَر فامَ
آهي قلندر توکي سلام.

**ترجمو:**

شهباز ٺيڪ آهي اوهان جو سيوَهڻ سنڌ ۾
اڄڻ توهان اهم آهيو ۽ نالو اوهان جو عثمان
تون خوبصورت گل آهين سنڌ جي اندر.

## 12_ عربي

وَلقهُ اَرَفعُ شهباز قلندر
لَمّا طَلَعَتِ الشمَسَ يَعَلَمِعُ القمَرَ
قَلبُ مُنوَره اَنتَ دينُ ال اِسلام
آهي قلندر توکي سلام.

**ترجمو:**

توهان جو لقبُ اعليٰ شهباز قلندر آهي.
۽ چمڪو ٿا سج ۽ چنڊ وانگر
۽ دل اوهان جي روشن آهي دين اسلام لاءِ

## بيتابُ ناپر



## غزل

ديپَ کي پيھر پاريُون!
هارَ هڪدم چو واريُون!

ها، آهن! ڪارا ڪَکَر،
ڪين هن بُونڊُون ڪاريُون:

خُون پنهنجي سان خويش!
باھ ٻرندڙ کي ٺاريُون!

موٽندا آخر پَکي،
ٻهڪنديُون پيھر ٽاريُون!

ارڳ ۾ آهن مرد،
نرڳ ۾ آهن ناريُون!

درد آهي تہ آهي،
مُرڪ کي چالڻ ماريُون!

بند نڪُ پنهنجو ڪري،
گندَ ۾ چالڻ گھاريُون!!

## غزل

پاڻ کي لهرُن ۾ آڻي ٿي تہ چو!
موت کي نہ موٽ ڄاڻي ٿي تہ چو!

ماهيت ڄاڻڻ بنا مَهراڻ جي،
تيزُ تر تُرهي کي تاڻي ٿي تہ چو!

ڪين تُنهنجي مَرڻ جي آهي عُمر،
موت ـ سان ميلاپُ هاڻي ٿي تہ چو!

گُلُ ڪري، خوشبوءِ ڌري تو ۾ ڏٺيءَ،
ماڻُ پنهنجو نہ سُڃاڻي ٿي تہ چو!

شاعرن هوندي، ستارن ڏانهن سَکي!
لفظ موتيئڙا اُماڻي ٿي تہ چو!

ڪنهن مهل تہ پاڻُ بہ ساراھِ ٿون!
چنڊ کي ويڻي واڪاڻي ٿي تہ چو!

مان چوان ٿو اڄُ ڀنائيءَ تي هَلؤن،
تون چئين پيئي سُياڻي ٿي تہ چو!



روشن شيخ

## نثري ٽُڪرا

### حسابن ڪرڻ سان محبت هلي ويندي

زندگيءَ ۾ ڪيترا غم مليا،
ڪيتريون خوشيون،
ڪنهن بيوفائي ڪئي،
ڪنهن ڪک ۾ خنجر هنيو،
ڪنهن چرچي صورت ۾،
"صورت وڃائي"
ڪنهن لاءِ آئون
"عام هيس"
ڪنهن لاءِ وري "خاصُ"
ڪنهن خلوص جو غلط مطلب ڪڍيو،
انهن چڪرن ۾ آئون،
ان ڪري به پنجي ناهيان سگهندو،
جو آئون حسابن ۾ جڙيو ئي رهيو آهيان،
۽ بقول ڪنهن شاعر جي:
حسابن ڪرڻ سان،
محبت هلي ويندي آ.

### ڪجين جيڏو وڇوڙو

مون تو ڏي،
پنهنجي نظمن جو ڪتابُ
ڪجهه پراڻيون تصويرون،
۽ ڪارڪون اماڻيون هيون،
تو نظمن جي ڪتاب کي،
پڙهڻ بنا راءِ ڏني ته،
"مان پاڳل ماڻهوءَ جو،
ڪتاب پڙهي ڪري،
پاڳل ٿيڻ نٿي چاهيان"
۽ اهو چئي تصويرون تو ساڙي ڇڏيون ته
"سڀ تصويرون به سانڍي ناهن رکبيون"
ڪارڪن جي بدلي،
ڪجين جيڏو وڇوڙو،
مون کي هميشه لاءِ ڏئي ڇڏيو.

# زين ڪوسو



## وائي

چاھ ڏنا جي ڏنڀ،
سيني ۾ سڀ سانديم.
ڪامون، لڪڙا، ٺوٺيون،
درد ٻٽيا ھن ٿنڀ،
سيني ۾ سڀ سانديم.
اُڏري ويون ھن سارِيون،
خوشيون ٻٽجي ڪنڀ،
سيني ۾ سڀ سانديم.
ڪنھن ٻي ھڏيون ڪينڪي،
ريھون ۽ رنڀ،
سيني ۾ سڀ سانديم.

## غزل

اڄ ٻي دل آ ڄاٽي ڄاٽي،
ڪانھي من جي آڳ اجھاٽي.
مک تي آھي مرڪ سجايل،
اکڙين ۾ آ ٻاٽي ٻاٽي.
دولت خاطر ماريو ويو آ،
پنھنجن پاران ڄاٽي واٽي.
پنھنجا پاپي پيٽ ڀرڻ لئہ،
اڳواڻ ھٿان قوم وڪاٽي.

## بيت

بک ڪيو بدحال، ڏڪر ڏڪايو ڏيھ ڪي،
چا ھي نٺون سال، آٽيندو ان مان آڇپو.
ڏڪر ڏڪايو ڏيھ ڪي، آندي بک بدحالي،
ھر ڪا اک آلي، مرڪي ٿي ھت مفلسي.
ھر ڪا اک آلي، مارو مرن وگھي بک،
ڏيھين جا ھي ڏک، گھڻبا ڪڏھن ڪينڪي؟
ھر دم ھاڻ ھجي، جھرندو ڏسي جھانگيئڙن ڪي،
پورا نيء پجي، محل ھن جا ماڙيون.
ڪڻ ڪڻ وسيو مينھن، ڪيڏو وڏيو سيء آ،
پڙڪر ڪائي نينھن، جاڳيو آھي جوش سان.
ڪڻ ڪڻ وسيو مينھن، جاني جنبا جاڳيا،
نھٹو منھنجو نينھن، پٽرو ٿي پيو پرار ڪان.
ڪنگھي پيو ڪٽ تي، مرڪي مٿس مفلسي،
جوء پٽي پٽ تي، مرندو ڏسي مڙس ڪي.
مرڪي مٿس مفلسي، غربت ٻٽيس گار،
ڪيئن وٽيس سنسار، جوٽي ھن جھان ۾.
جھوٽا جھوٽا جاڳ ۾، جاڳ ٻہ جھڙو اجاڳ،
ماٽيندا سين ڪيئن ماڳ، آھي جو ننڌ نياڳ جي.
وجھڻ سٽن منجھ ساھ، سولو ناھي سامري،
اياز بخاري شاھ، سرت ڏني سنڌ ڪي.
سرت ۽ ساجاھ، سولي ناھي سامري،
پٽڪيل ڪي راھ، ڏکيو آھي ڏيڪارڻ.
گوري ڏاٽو ھٿ ۾، لوسڻ ويئي ٿي لٽي،
ساھيلين جي سٿ ۾، ٿھي ڪيڏو ناھوڪڙي.
پنھنجي انا جي آڙ ۾، رمشا ماري تو،
ماٽھپو ۽ مردانگي، تو ۾ رھي ناھي ڪو،
ظلم ڪيئي جو، نياٽي نماٽي مٿان.

اظهر "آزاد" مغل



# غزل

صداقت جي عدالت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو،
ء انسان جي حرمت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

ڏين ٿا ساهه سچ تي قوم جو ڪن ڳلٽ اوچو ٿا،
ء جوڌن جي صداقت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

وطن جي ويرين سان پيا رکن ٿا ويڙهه جيون ڀر،
دليرن جي شجاعت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

سچائي تي ڏئي سِرڙو ٿين ٿا سرخرو سرها،
وفائن جي عمارت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

ڪري ڪاپي ڏئي ڏوڪڙ وٺن ٿا خوب کي مارڪون،
زماني جي نزاڪت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

غريبن جي مدد سان روح روشن ٻه ٿئي ٿو هت،
مگر تن جي ته خدمت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

لُهو جو بيگناهه آدمين جو پڻ وهي ٿو پيو،
مقام آدميت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

محبت جو مچائي پاڻ ميلو ڪيو وڏو قهر آ،
اندر جي ان قيامت کي نه تو سمجهيو نه مان سمجهيو.

## ڪيم چند شرما

# نثري ٽڪرا

تنهنجي
جواني واري
شاعري!
مون کي
ڪنهن نيڪ بزرگ جي
چاندي
جهڙي
مقدس
سفيد سنواري
جهڙي لڳي!!
تنهنجي
پوڙها پڻ واري شاعري
الائجي ڇو؟
سفيد وارن تي
لڳل خضاب جهڙي لڳي!!

❊

حسين
جيون کي
حسرتن جي
بيساکي جو
عادي نہ بڻاءِ!
هي
حسرتون
جيون جي عمارت ۾
ڏار وجهي ڇڏينديون!!
ڏار پيل
ديوارن کي
ڪنهن مهل بہ
نااُميدي جو واچوڙو
ڪيرائي ڇڏيندو!!

علي اصغر لاڙڪ

## حمدِ باري تعاليٰ

الله ٿو هلائي سموري جهان کي،
سجدو ڪبو خدا کان سوا ڪنهن نہ خان کي.

پرور جي ذات پاڪ کي آهي رڳو بقا،
باقي نہ ڪجهہ بہ رهندو رهندو سڀ فنا،
قائم رکي ٿو جيڪو زمين و زمان کي.

يادِ خدا ۾ دل جو دوامي سڪون آ،
ذڪر خدا سان صاف ٿئي ٿي تہ دل صفا،
تازو سدائين رکجي ذڪر سان زبان کي.

ڳڻجن ڳڻي نہ سگهبيون خدا جون نعمتون،
انسان نيڪ لاءِ قبر ۾ بہ رحمتون،
روزي خدا ڏئي ٿو ڪراڙي ۽ جوان کي.

"اصغر" گذار نيڪ ڪمن ۾ تون زندگي،
نيڪين سان ميٽجي ٿي گناهن جي گندگي،
روشن ڪندو خدا پو قبر جي مڪان کي.



فيض الله مگريو "فنائي"

## وائي

ويٺي نير مان وهايان،
توکي ساري سڄڻ ڙي.

ٿي لڙڪ لوڪان، لڪايان،
توکي ساري سڄڻ ڙي.

منهن جو مون کان مَٽي وئين،
ڏيئڙ جيان پاڻ جلايان،
توکي ساري سڄڻ ڙي.

منهنجو تہ سڀڪجهہ تون ئي هان،
پنڌ ٽُنهنجا پئي تہ پُڇايان،
توکي ساري سڄڻ ڙي.

مگريئي اڱڻ جي اچين اڄ،
تہ گيت خوشيءَ سندا ڳايان،
توکي ساري سڄڻ ڙي.

افسانو (Short Story) جنهن کي سنڌيءَ ۾ مختصر ڪهاڻي ٿا سڏين، نثري ادب (Fiction) جي سڀ کان دلچسپ صنف سمجهي وڃي ٿي، جيڪا 1820ع کان پوءِ يورپي ادب يعني انگريزي، فرانسيسي، روسي، اٽالين ۽ اسپينش ادب ۾ شروع ٿي، ۽ گڏوگڏ امريڪن ادب بہ ان ۾ پير پاتا، جتي ان جو پهريون نشان واشنگٽن ارونگ (Washington Irving) 1858_1837 جي ڪهاڻي (Rip Von Winkle) کي امريڪا جي پهرين مختصر ڪهاڻي چيو ويندو آهي. حالانڪ هن کان اڳاتو امريڪي ليکڪ ايڊيگرايلن پو آهي، ليڪن هن جون اوائلي ڪهاڻيون انگلينڊ ۾ لکيل هيون، جن ۾ اُتي جي ماحول جي عڪاسي ڪيل آهي. هن جي مشهور ڪهاڻي (Pit and Pendolim) بہ انگلستان جي نوابي ماحول جي عڪاسي ٿي ڪري، جنهن کي مون ريڊيائي تشڪيل ڏني هئي ۽ اهو ڊرامو 'مهراڻ' رسالي ۾ شايع ٿيو هو.

فرانس ۾ ان جو بنياد وجهندڙ بالزاڪ ۽ موپاسان هئا، جن 1840_1820 ۾ تمام بهترين ڪهاڻيون لکيون، جڏهن تہ روس ۾ هنن جي همعصر پشڪن، چيخوف، دوستوفڪسي، گورڪي، ترگنيف ۽ ٻيا ماسٽر ڪهاڻيڪار پنهنجو نالو ڪڍي ويا. حالانڪ اٽليءَ جي مشهور ليکڪ گيواني بوڪيشو جو مشهور ڪتاب، ڊي ڪيمريون (Decameron) (1375) جيڪو الف ليليٰ جي طرز تي لکيل آهي، هنن کان گهڻو اڳاتو لکيل هو ليڪن اهي ڪهاڻيون فني لحاظ کان افساني کان مختلف هيون.

برصغير ۾ جڏهن بين الاقوامي ادب، ترجمن جي صورت ۾ متعارف ٿيو تہ هندي ۽ بنگالي ڪهاڻيڪارن سان گڏ، انگريزي ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪارن ۽ ليکڪن، جن ۾ نئي نئشنل هاٿورن، جنهن جي ڪهاڻي ٽوائس ٽولڊ ٽيل (Twice told Tale) کي امرلعل هگوراڻي تہ سنڌي رنگ ۾ 'آبِ حيات' جي نالي سان صرف ڪردارن جا نالا ۽ ماحول مقامي بنائي لکيو، هن ئي موپاسان جي افساني مون لائيٽ (Moon Light) کي 'هيءَ بہ رانجهو سنڌي رمز' جي نالي سانُ ماخوذ ڪيو، ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ مقام حاصل ڪري ورتائين. اهڙيءَ طرح ڪلڪتي جي فورٽ وليم ڪاليج ۾ پروفيسر جان گلڪرائسٽ جي زيرنگراني بين الاقوامي ٻولين جا هندوستاني ٻولين ۾ تمام گهڻا ترجما ٿيا جن ۾ ناول بہ هئا ۽ افسانا ۽ ڊراما بہ، جن جو اثر لازمي طرح بنگال ۾ پهرين پهتو ۽ اتي ڪيترائي مشهور ليکڪ انهن ڪاوشن جي زيراثر افسانا لکڻ لڳا جن ۾ شرت ڪمار چيٽرجي، بينڪ بينرجي، جهڙا ليکڪ شامل آهن، جن افساني جي صنف ۾ بنگال جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي جيوت جو احوال تمام خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو، ۽ انهن بنگالي شهپارن جي اثر هيٺ هندي ٻوليءَ ۾ بہ، منشي پريم چند (1880ع) ۾ فسانہ نگاريءَ جي شروعات ڪئي، جنهن پڻ معاشرتي مسئلن تي قلم آزمائي ڪئي ۽ هندستان ۾ افساني جو بنياد وجهندڙ سڏجڻ لڳو.

**ڊاڪٽر قاضي خادم**

ڪتاب: "اندر جي عدالت" (مهاڳ) ص 8_9

هال مان ڪجھ ٻيا نوجوان بہ اٿي بيٺا، انھن بہ اِن مطالبي جي حق ۾ آواز بلند ڪيو. ماحول کي بگڙندي ڏسي، مجبوراً آفيسر کي ضد تان لھڻو پيو.

”اڇو محترم، ويھو پنھنجيءَ سيٽ تي.“

وڏو شوڪارو ڀري، سندس سلپ ڏسي، لسٽ ۾ نالو ٽِڪ ڪري ھن ڪيس پيپر ڏنو. ”ٿئنڪيو سر“ چئي، ھُوءَ سيٽ تي وڃي ويٺي...... ھڪ بجي وقت ختم ٿيو، تہ ھوريان ھوريان سڀ نڪرڻ لڳا. شينا نظر ڦيرائي، ان نوجوان کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ھُو ڪجھ دير اڳ ۾ نڪري چڪو ھو. پنھنجي محسن کي ٿورو نہ مڃي سگھڻ جو افسوس ڪٿي، ھوءَ گھر پھتي. ماءُ کي سڄي حقيقت تفصيل سان ٻڌايائين، تہ اھا بہ نوجوان جي ڪردار کان متاثر ٿيڻ کان رھي نہ سگھي.

”ڀڪ ٿي ڀڪ اھو نوجوان سنڌي ھوندو پٽ، جو اجرڪ تي غيرت ڪلائين، نہ تہ پرائي ڦڏي ۾ ڪير ٿو پوي ڪنھن ڪٿي ملي وڃي تہ ٿئنڪيو چئي ڇڏجانس.“

ٽيسٽ کي ھفتو گذري ويو، پر نوجوان ھن کي نہ ملي سگھيو..... ھڪ شام ھوءَ ماءُ سان گڏ ڪٿي وڃڻ لاءِ نڪتي. گارڊن ايسٽ واري روڊ تان گذرندي ھنڊا 125 تي سوار ڪو نوجوان، تيزيءَ سان ھِنن جي ڀر مان گذريو، تہ شينا کان رڙ نڪري ويئي.

”اھو ئي آھي امي، اھوئي آھي. گاڏي تيز ڪري پڇينس....!“

”ڪير آھي پٽ، ڪنھن کي پڇان، ڇرڪ پرائي ڇڏيئي....“

”اھو ڪاري شرٽ وارو بائيڪ تي وڃي پيو، اھوئي آھي منھنجو ٽيسٽ وارو وڪيل. گاڏي تيز ڪر نہ....“

”ڪيتري تيز ڪريان پُٽ، گاڏي گاڏيءَ سان ملي پئي آھي. ايڪسيڊنٽ ڪرائيندينءَ ڇا؟ اڳيان سگنل تي ھلي بيھندو، تہ پاڻ بہ پڇي ويندا سينس.“

ايم.اي جناح روڊ وارو سگنل گليل ھو. ييلو لائٽ دوران ھُو نڪري ويو، تہ سنگل بند ٿي ويو. ھنن جي گاڏي نڪري نہ سگھي. شينا ڪاوڙ مان چپ پڪوڙي رھجي ويئي.....

صدر مان گذرندي، ھوءَ نظر ڦيرائي ڪيس ڳوليندي رھي، پر ھوا جي گھوڙي تي سوار نوجوان، خبر ناھي ڪھڙي پاسي گم ٿي ويو.

”ڪٿي سي.وِيو ڏانھن نہ ويو ھجي.“ ھوءَ پنھنجي مُنھن ڀُڻڪي.

”امي ڪلفٽن واري پاسي ھل.“

”پٽ، تون تہ سچي پچي سيريس پئي لڳين. زندگيءَ ۾ اھڙا واقعا پيش ايندا ٿا رھن. ضروري ڪونھي، تہ ماڻھو انھو ٻڌي ان جي پويان لڳي پوي ڇڏينس بہ ڪٿي.“

”ڇڏيانس ڪيئن امي، منھنجي من تي ھيڏو سارو بوجھ چڙھيل آھي، جيستائين ملي ”ٿئنڪس“ نٿي چوانس، مون کي سک نہ ايندو.“

”تنھنجي مرضي، پر ڇڳو ڪو نہ پئي ڪرين.“

ھُوءَ ايڪسپو سينٽر ۾، ”انٽرنيشنل بوڪ فيئر“ ڏسڻ، ماءُ سان گڏ پھتي، دنيا جي وڏن وڏن پبلشرن جي شاندار اسٽالن تي ڪتاب ڏسندي، ورق گرداني ڪندي، رستي جي ھِئي پاسي، ”آڪسفرڊ ڪارنر“ تي ان نوجوان کي بيٺل ڏٺائين، تہ اندر مان اڇل اڇي ويس. ٻي قلبو ٿي، ماءُ وٽان کِسڪي اتي وڃي نڪتي.

”ھيلو سر! مان شينا آھيان. سڃاتو اٿوَ؟“

”اوھ، شينا! ڪيئن آھيو؟“

”سر، پھرئين ٻڌايو، سڃاتو تہ اٿوَ نہ؟“

”جي جي بلڪل. پي.ٽي.وي واري ٽيسٽ ۾ ملاقات ٿي ھئي نہ؟“

”جي سر. اوھان جھيڙو ڪري، مون کي اجازت تہ ڏياري ھئي، پر آئي ايم ساري مان اوھان کي ٿئنڪيو بہ نہ چئي سگھي ھيس. توھان جلدي نڪري ويا ھئا سر، تڏھن کان لڳاتار مان اوھان کي ڳوليندي ٿي وتان..... سر اچو، مان اوھان کي پنھنجي اميءَ سان ملايان.“

ھُو واپس ساڻئي اسٽال تي پھتا، جتي سُرمئي ساڙھي ۽ بلائوز ۾ ملبوس، ھڪ باوقار خاتون ڪتاب کنيو بيٺي ھئي.

"امي ڏسو، هيءُ آهي منهنجو محسن، منهنجو سر، اڄ نيٽ ملي ويو مون کي."

"اسلام عليڪم ميڊم."

"وعليڪم سلام."

"سر هيءُ آهي منهنجي مٽر، مسز فضيلت حسين. ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي."

"نائيس ٽوميٽ يُو ميڊم."

"ٿئنڪيو. پٽ، شينا ته اوهان جي تلاش ۾ چري ٿي پئي هئي، اڄ خبر ناهي ڪيئن ملي ويا آهيو هن کي."

"ان کي اتفاق ئي چئجي، ته غلط نه ٿيندو ميڊم. ورنه مان به هن شهر ۾ نئي هئس."

"سر، پهرئين پنهنجو نمبر ته ڏيو، ڪٿي ڳالهين ڳالهين ۾ رهجي نه وڃي..." هوءَ موبائل ڪڍي، نمبر نوٽ ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي.

"منهنجو خيال آهي، ته ڪٿي هلي ويهجي ٿوري دير لاءِ ۽ ڊڪ چانهه جا به پيجن، ته آرام سان ويهي ڳالهيون به ڪجن."

"ويري نائيس، امي منهنجو به اهوئي خيال آهي. ڪيئن سر؟"

"جيڪا اوهان جي مرضي."

هُو ٽورو اڳتي هلي، ڪافي هائوس ۾ ويٺا. نمبر ايڪسچينج ٿيا، تعارف به ٿيو. ڪافيءَ سان گڏ گفتگو به ٿيندي رهي.

"سر پاڻ واري ٽيسٽ جي ڪا خبر پئي، ڪڏهن ٿي رزلٽ اچي؟"

"ٻه ڏينهن اڳ، آفيس وارن کان پڇيو هئم. چيائون ته اڃا ڪوئيٽا ۽ پشاور ۾ ٽيسٽ ٿيڻي آهي، ان بعد رزلٽ ٿهندي."

"پٽ اها ٽيسٽ آخري هئي، يا ان کان پوءِ به ڪو مرحلو هوندو؟"

"ميڊم ٽيسٽ ته آخري هئي، ان ۾ جيڪي پاس ٿيندا، تن کي وري انٽرويو لاءِ اسلام آباد سڏائيندا. ڏکيو مرحلو ته اهو هوندو. مشڪل سان ڏهه ٻارنهن اميد وار ئي ان مان چڙهي سگهندا."

"ٻڌين پئي شينا؟ روز ٿي چوانءِ ته پنهنجي تياري ڪري وٺ، پر توکي ڪو فڪر ئي ڪونهي."

"امي، ٽيسٽ ڪليئر ڪيان، ته انٽرويو جي تياري به ڪيان نه. ڪيئن سر؟"

"ڏسو، توهان بار بار "سر" چئي مون کي شرمندو ٿيون ڪريو. سر انهن کي چئبو آهي، جيڪي انتهائي قابل ۽ لائق استاد يا عالم ۽ دانشور هوندا آهن. آءٌ هڪ عام نوجوان آهيان. "سر" چوائڻ جي لائق نه آهيان."

"سر، منهنجي لاءِ ته اوهان "سر" ئي آهيو. مون کي سر چوڻ ڏيو سر پليز....!"

"مرضي اوهان جي، آهي ته وڏي زوراوري"

"پٽ، اڄو نه ڪيڏي مهل اسان وٽ. شينا کي به ٿورو گائيڊ ڪريو."

"ضرور اچبو ميڊم، پر اچجي ڪٿي؟"

"گارڊن ويسٽ ۾ پاڪستان ڪوارٽرس آهن، نشتر روڊ تي، اتي پهچي ڪنهن کان به پڇبو، ته پروفيسر اڪبرحسين جوگهر ڪٿي آهي، ته هر ماڻهو اوهان کي ٻڌائيندو. وري به احتياطاً ڪوارٽر نمبر D-129 ياد رکجو."

"ٺ سر، اچڻ کان اڳ، فون ضرور ڪجو."

***

هفتو سجو گذري ويو، شينا پنهنجي مهمان جي اچيان لاءِ بيچين رهي، پر هن رابطو نه ڪيو. مجبوراً هن پاڻ سائس ڳالهايو.

"سر، مان شينا پئي ڳالهايان... اڄ اسان وٽ اچي سگهو ٿا سر؟"

"ساري شينا، اڄ ته مشڪل آهي. ڪو ٻيو ٽائيم رکو... اوهان چئو سڀاڻي اچي ٿو سگهان؟"

"ڀَن سر! بلڪل ڀَن!!" هن خوشيءَ مان اڇل کائي، رڙ ڪئي.

"اسان صبح کان ئي اوهان جي انتظار ڪنداسين سر!"

"صبح کان ته نه، شام واري چانهه اوهان سان گڏ پيئندس. ٺيڪ آهي؟"

"ٺيڪ آهي سر، ٿئنڪيو ويري مچ سر..." هن پرجوش انداز ۾ چيو.

"ڇا چيو آهي تنهنجي سر، ڪجهه اسان کي به ٻڌاءِ مائي."

"امي، سر اسان جي دعوت قبول ڪئي آهي. سڀاڻي شام واري چانهه، اسان سان گڏ پيئندو" هن يڪساهيءَ چيو.

"ويري گڊ پر لنچ تي اچي ها، ته مزو ٿئي ها

"ايندو، ايندو، لنچ تي به ضرور ايندو. هڪ دفعو اچي ته سهي!"

"توڪي ٽائيم ملي ويو آهي. هينئر کان ئي تياريون شروع ڪري ڇڏ."

ماءُ ۽ ڌيءُ ان وقت ئي تيارين ۾ لڳي ويون. ڪم واري مائيءَ کي به مدد لاءِ روڪي ورتائون.... شام تائين چڱو ڪم اُڪلائي ورتائون. رات دير تائين پاڻ ۾ صلاحون ۽ رٿائون ڪنديون رهيون. صبح سان ئي رهيل ڪم کي جُنبي ويون. گهر سيٽ ڪري، نڪري ويون صدر ڏانهن. بيوٽي پارلر مان تيار ٿي، بيڪريءَ پهتيون، اتان وري گلن جي دوڪان تي شاپنگ مڪمل ڪري گهر موٽيون، ته مهمان جي اچڻ جو وقت به ٿي ويو. ڊرائينگ روم ۾ فريشنر لڳائي، فون جو انتظار ڪرڻ لڳيون، ته ڪيڏي مهل مهمان اچي در تي بيٺو. فضيلت بيگم سندس آجيان لاءِ ٻاهر نڪتي.

"اسلام عليڪم ميڊم."

"وعليڪم سلام، اچو پٽ، اچو...."

هن ادب سان جُهڪي ڪيس هٿ ڏنو. ڊرائينگ روم ۾ پهتا، ته شينا به مستاني چال سان، وارن کي لهرائيندي، ماحول کي حُسن بخشيندي "مون براپس" جيَ خوشبوءِ وکيريندي پهچي وئي. مهمان سان گرم جوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيائين.

"ويلڪم سر. اوهان ته واقعي ٽائيم جا پابند آهيو."

"ظاهر آهي مس شينا، چڱن سان، چڱو ئي هلبو آهي."

"پٽ، گهر ڳولڻ ۾ تڪليف ته ڪا نه ٿي نه؟"

"بلڪل به نه ميڊم. نمبر ياد هو، سولائيءَ سان پهچي ويس."

شينا اٿي، اندر وئي، ڪولڊ ڊرنڪ جي جمبو بوتل ۽ فينسي گلاس کڻي آئي . ٻئي لمحي کائڻ جون شيون پليٽن ۾ سينگاري، ڇري، ڪانٽن ۽ چمچن سميت اچي رکيائين.

"پٽ وٺو نه." بيگم صاحبه، مهمان کي کائڻ جي دعوت ڏيندي چيو. "ٿئنڪيو ميڊم." هن فروٽ ڪيڪ مان ننڍڙو پيس کڻي کنيو. "سر. ٿورو گائيڊ ته ڪريو، انٽرويو ۾ ڇا ڇا پڇندا؟"

"مس شينا، ٽي.وي وارن دوستن ٻڌايو ته انٽرويو ۾ اميدوار جي شخصيت، علمي قابليت، ذهني رجحان ۽ دلچسپيءَ کي ڏٺو ٿو وڃي، ته آيا هُو اداري لاءِ ڪارگر ثابت ٿي به سگهندو، يا نه."

"پُٽ، پڇن ڇا ٿا، ڪا خبر آهي؟"

"مئڊم، ٽي.ويءَ جي وڏن فنڪارن، ڊائريڪٽرن، ليکڪن، شاعرن، موسيقارن ۽ گلوڪارن جا نالا ٿا پڇن. انهن جي مشهور پروگرامن بابت ٿا پڇن. مقصد آهي، ته اميدوار کي ٽي.وي ۽ ان جي پروگرامن سان ڪيتري دلچسپي آهي."

"پٽ، اوهان ڪجهه کائيندا به هلو، هي سڀ ڪجهه اوهان لاءِ ئي ته آهي."

"جي ميڊم، پر کائڻ کان وڌيڪ ضروري ڪم، مس شينا کي سمجهائڻ جو آهي."

"شينا به سمجهي ويندي. اوهان جهڙو گائيڊ جو مليو اٿس....!"

پٽ اوهان پنهنجي باري ۾ به ڪجهه ٻڌايو. جاب ڪهڙي ٿا ڪيو، رهائش ڪٿي اٿوَ، سيلري وغيره ڇا اٿوَ؟"

"جنهن کي باقاعدي جاب چئجي ميڊم، سا في الحال ته آهي ڪونه. باقي پاڪيٽ منيءَ لاءِ، ٽيوشن سينٽر ۾ ڪم ڪيان ٿو. ان کان علاوه، جاب لاءِ مختلف ادارن ۾ ٽيسٽ ۽ انٽرويوز به ڏنل آهن، نتيجي جو انتظار آهي. سي.ايس.ايس جي تياري به لڳي پئي آهي."

"رهائش ڪٿي اٿوَ؟"

"رهائش گلستانِ جوهر ۾ آهي، پنهنجي ڪزن وٽ رهان پيو."

"اڇا... يعني بيروزگار هجڻ سان گڏ، بي گهر به آهيو خير سان!"

"بس، ڇا ڪجي، حالتون ئي ڪجهه اهڙيون رهيون جو......"

فضيلت بيگم جي چهري جي سموري نفاست لمحن ۾ اڏامي ويئي، اتي ڪرختگيءَ ۽ ناگواريءَ جون هلڪيون ريکائون اڀري آيس. شهزاد اهو سڀ ڪجهه چڱيءَ ريت محسوس ڪري ورتو ۽ وڌيڪ ترسڻ مناسب نه سمجهيائين.

”چڱو ميڊم، آءٌ هاڻي اجازت وٺندس.“

”نيڪ آهي پٽ.“ تڪلفاً به ڪيس ڪجهه ترسڻ لاءِ نه چيو ويو. ماءُ جو بدليل موڊ ڏسي، شينا به مصلحتاً خاموش رهي. مهمان کي رخصت ڪري موٽيون، ته شينا حيرت مان پڇيو:

”امي ڇا ٿيو؟ اوچتو اوهان جو موڊ ڇو بدلجي ويو؟“

”مائي، تنهنجو سَر ته بلڪل بيروزگار ۽ بيڪار آهي، نه پنهنجو ڪو گهر گهاٽ اٿس، نه وري ڪو ڪم ڌنڌو ٿو ڪري. خواه مخواه هُن لاءِ هيڏي تياري ڪري پنهنجو نقصان ڪيوسون.“

”ڇا مطلب؟ هن پنهنجو ڪيريئر داءَ تي لڳائي، آئوٽ آف دي وي منهنجي مدد ڪئي هئي، تڏهن اسان هن کي گهرايو هو. هن جي روزگار ۽ رهائش سان پنهنجو ڇا؟“

”ٻار آهين اڃا. نٿي سمجهين نه؟ مان ماءُ آهيان تنهنجي، توکان اڳتي به گهڻو ڪجهه، سوچيان ٿي....“

”اڇا....تڏهن ته ائين چوندو آهي، ته ڇڱا واسطا به آخر ۾ رشتي تي ئي پهچي دنگ ڪن ٿا!“

”ان ۾ شڪ به ڪهڙو آهي؟“

ماءُ جي گفتگوءَ کان پوءِ، شينا سخت ٽينشن ۾ اچي ويئي. در دريون بند ڪري، پنهنجي ڪمري مان شهزاد کي فون ڪيائين.

”هيلو مس شينا، ايڏو جلدي فون ڪئي اٿوَ. آهي ته خير نه؟“

”سَر، اهو ضروري ته ڪونهي، ته ماڻهو چوويهه ڪلاڪ گلمون سچار ٽينلو وجي وقت ۽ حالتن کي ڏسي، ماڻهو ڪيڏي مهل ڪو بي ضرر قسم جو ڪوڙ به ڳالهائي ٿو، ته ان ۾ ڪو حرج ته ڪونهي!“

”ساري شينا، آءٌ سمجهي نه سگهيو آهيان. ۽ هيءُ گلمون سچار جو حوالو ڪهڙي سينس ۾ ڏنو اٿوَ؟“

”سر. اميءَ سان سچي ملاقات سهڻي نموني هلي، پڇاڻيءَ تي پهچڻ واري هئي ته آخري گهڙين ۾، اوهان پنهنجي بيروزگاري ۽ بي گهر هجڻ جو ذڪر ڪري، سڄي ماحول تي پاڻي ڦيري ڇڏيو! اميءَ تي ان جو ايڏو ته نيگيٽو-امپريشن پيو آهي، جو...“

”آئي ايم ساري، آءٌ جو ئي آهيان، سوئي آهيان. مون سڄي زندگي ڪوڙ نه ڳالهايو آهي. اڳتي به مون مان اهڙي توقع نه رکجو!“

”سر، پليز ناراض نه ٿيو. سچوئيشن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. اوهان جي ڪري، گهر ۾ منهنجي پوزيشن خراب پئي ٿئي، ته مان هڪ بي گهر ۽ بيروزگار ماڻهوءَ جي پويان لڳي آهيان.“

”ته نه لڳو نه! ڪير ٿو اوهان کي مجبور ڪري ته لڳو؟“

هُن فون ڪٽي ڇڏي شينا هيلو هيلو ڪندي رهي..... پروفيسر ٻاهران آيو، ته ڊرائينگ روم ۾ ڦهليل خوشبوءِ ۽ ماحول ڏسي پڇيائين.

”مهمان آيو هو ڇا؟“

”جي سائين.“

”ڪيئن هو؟“

”بلڪل بيڪار، بي گهر، بيروزگار، چوڪ جو چنبو.....!!“

فضيلت بيگم، مهمان جون خوبيون ڳڻائيندي، جنبلتي ٿي ويئي. ”هُو چوندا ڪونه آهن، ’نام ٻڙا، ديهه ويران‘. ان جو زنده مثال!“

”اڇا.... ته هاڻي اسان وٽ اهڙا مهمان به اچڻ لڳا آهن؟ اِن سلسلي کي اِتي ئي ختم ڪريو.“

”ختم ئي سمجهو سائين... منهنجي صلاح آهي ته هاڻي ڇوڪريءَ جو مڱڻو ڪرائي ڇڏيو ته جان ڇٽي پوي.“

”مڱڻو به ڪو مذاق ڪونهي بيگم، ڍنگ جو ڪو رشتو اچي ته سوچجي نه.“

”منهنجي خاندان وارن سان ته اوهان جي لڳي ئي نٿي. پنهنجي خاندان ۾ ئي ڏسو، ڪو مناسب نوجوان هجي ته.....“

”منهنجن ۾ وري ڪهڙا سقراط ۽ بقراط ويٺا آهن، اهي به اهڙا ئي اڱوٺي ڇاپ آهن. البت، سؤٽ

عبدالوهاب جو پٽ ڪامران مناسب ڇوڪرو آهي، پر هُو اڃا پڙهي پيو لنڊن ۾، اهو نہ هُوند راضي ٿي پوي، تہ پيو ڇا ڪيو!"

"اوهان ڊائريڪٽ رابطو ڪري ڏسوس. اهڙو رشتو پيو ڪونهي."

"ڪمال ٿي ڪرين بيگم! مان ڊائريڪٽ فون ڪري چوانس تہ منهنجي ڌيءَ سان اچي شادي ڪر!!

"تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ ڇوڪري ڏينهون ڏينهن وڃي پئي سرڪش ٿيندي، ڪٿي..."

"اهڙي جرئت ئي ڪانہ ٿيندس. تون بي فڪر ٿيءُ."

"ايڏا بي فڪر بہ نہ ٿيو سائين، دور بدلجي ويو آهي. ٻار هاڻي ساڳيا نہ رهيا آهن!"

***

"ڇا پئي ڏسين اخبار ۾ پٽ؟"

"جاب ايڊورٽائيزمينٽ پئي ڏسان. ٻڌو اٿم، تہ ليڪچررس جون پوسٽون آيون آهن، پر هن ۾ تہ نظر ڪونہ ٿيون اچن."

"تنهنجي پي.ٽي.وي واري ٽيسٽ جو ڇا ٿيو؟ هاڻي تہ ڪافي ڏينهن ٿيا آهن."

"ڪا خبر ڪانهي امي، ٽيسٽون وٺي، پوءِ بي فڪر ٿي وساري ٿا ويهن. اميدوار تہ نہ گهر جو ٿو رهي، نہ گهاٽ جو."

"تنهنجو ابو تنهنجي لاءِ فڪرمند آهي پٽ چئي پيو، تہ زماني ۾ رهيو ڪونهي، شريف ماڻهوءَ لاءِ عزت سان وقت گذارڻ مشڪل ٿي پيو آهي. شينا کي چؤ تہ بنا ضرورت ٻاهر اچڻ وڃڻ کان پاسو ڪري!"

شينا جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. منهن ڦيرائي، پورو ڌيان ماءُ ڏانهن ڪري پڇيائين:

"اِهو ملڪ عاليہ جو حڪم آهي، يا مغل اعظم جو فرمان."

"شرم ڪر ڇوڪري. ڪجهہ حياءُ ڪر ماءُ پيءُ تي بہ طنز ٿي ڪرين! ڇو اچي دماغ خراب ٿيو اٿئي؟ جوان نياڻين جا ماءٽ پريشان ٿيندا ئي آهن، اها قدرتي ڳالهہ آهي. تنهنجي بابا، تو لاءِ رشتو ڳولي ورتو آهي. ڇوڪرو لنڊن ۾ پڙهي پيو. اهڙي خوش قسمتي هر ڇوڪريءَ جي ڀاڳ ۾ ڪٿي ٿي اچي!"

"اها خوش قسمتي ٽشو پيپر وانگر ويڙهي پاڻ وٽ رکو، ڪڏهن ايمرجنسيءَ ۾ ڪم ايندوَ. خبردار جو منهنجي مٿان، فيصلي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿوَ! نہ تہ سڄي زندگي پڇتائيندؤ...!!"

"مائينڊ يوئر لينگوئيج شينا! ڇو ٿي اسان لاءِ عذاب پيدا ڪرين؟ ڪيڏي پيار، محبت ۽ نازن سان توکي پاليوسين، ان جو بدلو اِهو پئي ڏئين؟ ماءُ پيءُ جو ادب لحاظ بہ وسري ويو تو مان؟"

"پالڻ اوهان جو فرض هو، جيڪو سهڻي نموني پورو ڪيو اٿوَ. هاڻي مان جوان ٿي چڪي آهيان. پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ڪنديس. اهو منهنجو پيدائشي حق آهي. مغل اعظم کي ٻڌائي ڇڏ، تہ منهنجي لاءِ پريشان نہ ٿئي..."

هوءَ تکائيءَ مان ڪمري کان نڪري ويئي. ماءُ حيرت مان ڪيس ڏسندي رهجي ويئي.

***

"هيلو سر... ڪٿي آهيو؟"

"گهر ۾ آهيان شينا، جوهر ۾."

"در کوليو سر."

"جي؟"

"سر چوان پئي، گهر جو در کوليو."

هن در کوليو، سامهون شينا بيٺي هئي. حيرت مان ڦاٽل اکين سان پڇيائين:

"توهان هتي...!!"

"ڇو سر، نہ اچڻ گهرجي ها مون کي؟"

"نہ نہ، منهنجو مطلب آهي... اچو اچو... اندر اچو پليز..."

هُو لائونج مان گذري، ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿيا. شينا جي حالت ڏسي شهزاد فوراً پاڻيءَ جي بوتل آڻي اڳيان رکيس. بوتل چپن تي چاڙهي هن بہ ٽي وڏا ڍُڪ ڀري ورتا.

"مس شينا، ڪمال ڪري ڇڏيو اٿوَ. گهر ڪيئن لڌو اٿوَ؟"

"ڳولڻ سان تہ خدا بہ ملي ٿو وڃي سر، انسان تہ وري بہ انسان آهي، زمين تي ئي رهي ٿو."

"منهنجو مطلب آهي تہ اوهان کي سُونهون ڪنهن ڪيو؟"

”انلبريس ته سر اوهان پاڻ ڏئي هئي، سمجهائي به ڇڏي هيوَ. ان ڪان پوءِ به ڪير منجهي ٿو، ته پوءِ اوڙي پاڙي وارن ڪان به پڇي ٿو وٺي.“

”پلا اچڻ ته خير ۾ ٿيو آهي نه، ڪجهه پريشان ٿيون لڳو؟“

”ها سر، مان واقعي پريشان آهيان. انسان جڏهن پريشان هوندو آهي نه سر، ته هُو مدد لاءِ اعتماد وارن دوستن ڏانهن ڏسندو آهي. اوهان منهنجي ڪا مدد ڪري سگهو ٿا؟“

”حڪم ڪريو، منهنجي وس ۾ جيڪي هوندو، ضرور ڪندس.“

”واعدو ڪريو.“ هن پنهنجو هٿ ڪولي اڳتي وڌايو.

”پڪو واعدو.“ شهزاد سندس هٿ مٿان هٿ رکي ڇيو.

”مون سان شادي ڪندو؟“ اکين ۾ اکيون وجهي پڇيائين.

”جي!!!“ اوچتي سوال تي، شهزاد کي لاٿونءَ وارا چڪر اچي ويا.

”مان اوهان ڪان ڪجهه به نٿي گهران. بس، نڪاح ڪري، گهر وٺي اچو.“

”هي آءٌ ڇا پيو ٻڌان، مس شينا، ڪنن تي اعتبار نه پيو اچي....!“

”اوهان بلڪل صحيح پيا ٻڌو، سر مان اوهان سان شادي ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”هيءُ اوچتو شاديءَ جو خيال ڪيئن آيو اٿوَ؟ ان جو به ڪو سبب ته هوندو؟“

”مان هاڻي گهر وارن تي بار ٿي پئي آهيان سر، رشتو پيا ڳولين منهنجي لاءِ. ان ڪان اڳ، جو ڪنهن اڻڏني انسان جي مُنڊي پارائي، مون کي پابند ڪيو وڃي، مان چاهيان ٿي ته اوهان سان منسوب ٿي وڃان....“

”وڃائي ڇڏيو اٿوَ مس شينا، منهنجو ته ذهن سُن ٿي ويو آهي، ڇا چوان، ڪهڙو جواب ڏيان؟“

”ڪجهه به نٿي سر، اڄ مون کي منڊي ضرور پارائي ڇڏيو. اُن سان اِهو ٿيندو جو ٻئي ڪنهن جي رستي روڪ ته ٿي پوندي!“

”ڏسو، اوهان جو تعلق هڪ معزز علمي گهراڻي سان آهي، پاڻ به اعليٰ تعليم يافته آهيو. منهنجي صلاح اٿوَ، ته اهڙو ڪچو ڪم هرگز نه ڪريو. ڪجهه وقت لاءِ اِن ڪم کي ٽاري ڇڏيو. آءٌ ڪوشش ڪندس، ته ڪو عزت ڀريو رستو ڪڍي وٺان.“

”ايترو وقت ڪونهي سر. اوهان جي انڪار جي صورت ۾ منهنجي لاءِ صرف ٻه رستا هوندا، يا ته خودڪشي ڪري جان ڏيئي ڇڏيان، يا اکيون پوري ڪيڏانهن نڪري وڃان، پوءِ جيڪي قسمت ڪري....!“

”مٿان اهڙي حرڪت ڪئي اٿوَ!! اهڙو ڪِريل خيال، اوهان جي ذهن ۾ اچي به ڪيئن ٿو؟ ان جو معاشري ۾ ٻين ڇوڪرين تي ڪهڙو اثر پوندو؟ صبر کان ڪم وٺو، حالتون بدلجي به سگهن ٿيون....“

”مشوري لاءِ مهرباني.“ هوءَ اٿي وڃڻ لڳي.

”ڪيڏانهن ٿيون وڃو؟“

”ملڪِ خدا تنگ نيست، پاءِ گدا لنگ نيست.“

”مس شينا، ان حالت ۾ وڃڻ نه ڏيندو سانوَ. ٿورو ترسو، ذهن کي ٿڌو ڪري ڪجهه ڪٿي پي، پوءِ نڪرو.“ هو سندس رستو جهلي بيٺو.

”ڪلڙ پيئڻ جي بک ڪانهي سر، بک آهي پنهنجائپ جي، خلوص جي، محبت جي، جيڪا اوهان وٽان ڪا نه ٿي ملي!“

جملي جي شوخيءَ، شهزاد کي توڏي ڇڏيو! حيرت مان هن کي گهوري ڏسڻ لڳو. شينا، بيشڪ بولڊ سهي، ووڪل سهي، پر محبت جي اهڙي بَرجسته اظهار جي، هن مان توقع ڪانه هئي. شهزاد بنا ارادي اڳتي وڌيو. سندس هٿ جهلي، اکين ۾ اکيون وجهي پڇيائين:

”ڪڏهن محبت گهري به اٿوَ، جو اوهان کي نه ملي هجي؟“

”ڇا، محبت به گهُري وٺبي آهي سر؟ محبت کي ته پنهنجي الڳ لينگوئيج هوندي آهي. اکين جي پُتلين مان، ساهن جي بي ترتيبيءَ مان، بدن جي بي چينيءَ مان ۽ چپن جي ڇُرپُر مان ان کي پڙهي ٿو سگهجي. بشرطيڪ، ايتري گهرائيءَ ۾ وڃڻ جي ڪنهن ۾ صلاحيت به هجي!“

اچون پيا، گهر ۾ انتظار ڪري وٺ.“ اسٽيٽ فارورڊ ٿي ڏيکار....“

پروگرام مطابق، ٻئي سوٽ شينا جي گهر پهچي ويا. ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ پروفيسر صاحب پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو.

”اڇا.... رشتو کڻي آيا آهيو مون وٽ....! عمر ڏٺي اٿوَ پنهنجي؟ حُليو ڏٺو اٿوَ پنهنجو؟ ڪنهن عزت واري ماڻهوءَ وٽ رشتو گهرڻ ائين وڃبو آهي.... هان؟“

”سر...سر، دراصل....“ سجاد وضاحت ڪرڻ چاهي، پر....

”خاموش! ڪانهي ضرورت وڌيڪ بَڪ ڪرڻ جي....“

”فضيلا....“

هوءَ تيزيءَ سان اندر آئي.

”هيءُ ڪهڙو تماشو لڳايو اٿوَ؟ ڪير آهن هي؟“

”سائين، هنن بابت مون رات اوهان کي ٻڌايو ته هو، ياد ڪريو. هيءُ رڳو اوهان جي مرضي معلوم ڪرڻ آيا آهن. اوهان رضامندي ڏيکاري، ته پوءِ هنن جا وڏا، باقاعدي رشتو کڻي اوهان وٽ ايندا.“

”ڪا ضرورت ڪانهي ڪنهن جي اچڻ جي، منع ڪري ڇڏ هنن کي.“

صورتحال کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي، بيگم فضيلا رازدلريءَ واري انداز ۾ چيو:

”سائين، هي نوجوان، پنهنجي شينا جي مرضيءَ سان آيا آهن، سمجهي وڃو نه.“

”شينا ڪير ٿيندي آهي مرضي هلائڻ واري؟ دماغ خراب ڪري ڇڏيو اٿئي ڇوڪريءَ جو. ڇڱي ڀلي گهر کي مذاق بنائي ڇڏيو اٿوَ....“ هُو اٿي اندر هليو ويو.

”معاف ڪجو پٽ. صاحب جو BP چڙهيل آهي. هارٽ جو به ٿورو پرابلم اٿس، هينئر هي ڪنهن جي به نه ٻڌندو. موڊ ڏسي، وري به مان ڪوشش ڪنديس ته راضي ٿي پوي.... هينئر اوهان ڀلي وڃو.“

”ٺيڪ آهي مس شينا کي ٻڌائي ڇڏجو، ته واعدي مطابق اسان آيا هئاسين.“ هُو ڪنڌ جُهڪائي نڪري ويا. شينا سڄي رات، پيءُ جي انهيءَ رويي تي ڪڙهندي رهي. صبح ساڻ شهزاد کي فون ڪري، گهر ۾ رهڻ جي تلقين ڪيائين ۽ پاڻ به تيار ٿي پهچي ويئي.

”آئي ايم ساري سر! بابا کي ائين ڪرڻ نه کپندو هو. جڏهن ته رات اميءَ مون کي خاطري ڪرائي هئي، ته هوءَ بابا کي راضي ڪري وٺندي.“

”پليز شينا، ڇڏيو اهي ڊرامي بازيون. گهر ۾ گهرائي، ذليل ڪرائڻ جو مقصد ڇا هو؟ شاديءَ لاءِ مون اوهان کي مجبور ته نه ڪيو هو. بلڪ اها ته اوهان جي پنهنجي خواهش هئي. شينا دنيا جي آخري ڇوڪري ته ڪانهي، جو ان کان سواءِ آءٌ ڪنوارو رهجي ويندس!“

”سر، توهان جذبات ۾ اچي منهنجي بي عزتي ڪري رهيا آهيو، ڇا توهان سمجهو ٿا، ته اِن ۾ به ڪا منهنجي چال هئي؟ فارگاڊ سيڪ سر مون کي ايئن ته نه ڪيرايو....“

”ته پوءِ هن ذلت کي ڪنهن جي کاتي ۾ شمار ڪيان؟ ڪنهن کي ذميوار سمجهان، ٻڌايو....؟“

جڏهن کان اوهان سان واسطو ٿيو آهي، بابا مون کي پاڻ کان ڪافي پري ڪري رکيو آهي، منهنجو ڪو به ڪم پسند نٿو اچيس. هاڻي اوهان ئي ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان؟“

”اهو اوهان جو گهرو معاملو آهي آءٌ ان بحث ۾ پوڻ نٿو چاهيان، پر گهر وارن کي راضي ڪرڻ، ته اوهان جو ڪم هو نه؟ اعتبار ڪري اسان کي ذليل ٿيڻو هو، سو ٿياسين. اهي ڳالهيون، اتي ختم نه ٿينديون. اوڙي پاڙي ۾ به ڦهلبيون، اجا به رسوا ٿينداسين، اجا به خوار خراب ٿينداسين. شريف ماڻهوءَ وٽ ڦرڻ جهڙي شيءِ، هن جي عزت ئي ته آهي، سا به ڦرائي ويٺاسين، وڌيڪ اسان کان ڇا ٿيون چاهيو؟“

”پليز شهزاد، مون کي آزمائش ۾ نه وجهو قسم سان، مان جان ڏيندي به دير ڪانه ڪنديس ڀلي ڪجهه به ڪريو، مان اوهان سان گڏ آهيان حڪم ڪري ڏسو، پڇي هلون شائسته عالماڻي ۽ بلخ شير مهر وانگر، ٻڌايو....؟“

ڏڪو پاڻ کي ڏنو، جنهن ۾ هن جو ضمير هيٺ ڪِري روڊ تي هلندڙ ٽرالر جي ڦيٿي هيٺان چيڀاٽجي مري ويو. هن ٻيو ڌڪو اهڙي عورت کي ڏنو، جيڪا ان ساڳي پلنگ تي ڪِري جنهن تي ڪڏهن هن جي ماءُ سان ڏاڍائي ڪئي وئي هئي.

گهر جي ان واحد ڪمري ۾ هاڻي ڪوبہ نہ هو سواءِ خاموشي ۽ اوندهہ جي، جنهن ۾ نواب الدين نوروز جون سِسڪيون اُڀرنديون هيون. هن جون آهون ائين اُڀرنديون هيون جيئن سانوڻ جو سج، جنهن ۾ صرف سوجهري جو احساس هوندو آهي ۽ سج پاڻ ڪڪرن پويان لڪيل هوندو آهي. هن جي سڏڪن ۾ مينهَن ڪٽڻ جو آواز سمايل هو ۽ هن جو انتقام اهڙي وچ جنهن پويان ڏک گجگوڙ ڪندو آهي. پلنگ سامهون لڳل سندس پيءُ جي فوٽوءَ ۾ ڪڏهن ڪا جنبش پيدا نہ ٿي. ان ڪمري جي ڇت کي لڳل چارو نواب الدين نوروز جي ذهن مان نڪتل تاندورا هئا، جن ۾ يادن جا ڪوريئڙا وچڙي وقت جو ڪاڄ ٿي ويا. هُو فلٽر وارو سگريٽ پي سوچي نہ سگهندو هو. جڏهن فلٽر پچندو هو تہ پوءِ سوچڻ جي قابل ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن هن آندل اوٺويهن سالن جي عورت جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس حيرت جي ڪا حد نہ رهي. هن جا جذبا سرد ٿي ويا. ان جو سبب سندس پلنگ سامهون لڳل پيءُ جو فوٽو هو. هن جڏهن عورت کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيس لڳو پويان ڪنهن آواز ڏنو هجي. هن ڏٺو سامهون لڳل پيءُ جي فوٽوءَ ۾ جنبش ٿي. هن محسوس ڪيو سندس پيءُ جڻ فوٽوءَ ۾ جيئرو ٿي پيو هجي. اهو پهريون دفعو هو جو هن سامهون اهڙو لقاءُ رونما ٿي رهيو هو. هن کي فوٽوءَ مان پيءُ جون اکيون گهوريندي نظر آيون. انهن ۾ ناراضگيءَ جو اظهار هو. ۽ ڪيس محسوس ٿيو فوٽوءَ جو فريم لڏي ويو هجي. جڏهن تہ اهو فريم پٽ ۾ تمام مضبوطيءَ سان لڳل هو. هن کي لڳو ڪمري ۾ ڪو روئندو هجي. هُو اٿيو ۽ غور سان ڏنائين ڪيس محسوس ٿيو جڻ فوٽوءَ جي اکين مان ڳوڙها وهندا هجن. فوٽوءَ ۾ پيءُ جي اکين کي ڇُهي ڏٺائين، هن جون اکيون آليون ٿي ويون. ڪيس حيرت ورائي وئي تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ پراڻي فوٽوءَ مان تازا ڳوڙها وهندا هجن.

هُو واپس پلنگ تي موٽيو ۽ هن ڏٺو عورت جا ڳل وڌيڪ روشن هئا. اهي ڳوڙهن جي پاڻياٺ ۾ چمڪي رهيا هئا. هن سوچيو تماشام آهي. شفق جي روشنيءَ ۾ ماڪ پنهنجو اثر ڏيکاري رهي آهي. سمنڊ ويجهو آهي. هر شيء اندر گهر سمائجي ان کي آلو ڪري ڇڏيو آهي. نواب الدين نوروز پنهنجن جنسي جذبن کي گڏ ڪري عورت جي ويجهو آيو تہ ڪيس احساس ٿيو تہ پويان هن جي پيءُ جون اکيون ڪيس ڏسي رهيون آهن.

هُو پٽ ۾ لڳل فريم ويجهو آيو ۽ پنهنجن هٿن سان فريم کي پٽڻ شروع ڪيائين. فريم مضبوطيءَ سان لڳل هو ۽ پٽ جي پلاسٽر ۾ جميل هو. هُو وحشي ٿي پيو ۽ سوچيائين فريم پٽي ان کي اونڌو ڪري ڇڏي، جيئن پيءُ جي نظر هن تي نہ پوي. نيٺ هن فريم کي لوڏي ڪوڪن سوڌو ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ان کي اونڌو ڪري ڏٺائين تہ هن ڪان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي. پويان هن جي ماءُ جو فوٽو هو، جيڪو سندس پيءُ اتي لڪائي ڇڏيو هو. ماءُ جو فوٽو ڏسي سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. مُڙي پلنگ تي ويٺل عورت جي معصوم منهن کي ڏٺائين. ان جي شڪل هوبهو هن جي ماءُ جهڙي هئي. فوٽوءَ ۾ ان جي ماءُ جو چهرو اهڙو ئي خوبصورت ۽ جوان هو جهڙو ان پلنگ تي ويٺل عورت جو. هُو وڌيڪ ڏسي نہ سگهيو. پٽ ۾ فريم جو، پيءُ وارو پاسو ٽنگي واپس مڙيو تہ ڪيس پيءُ جي نظرن کان خوف محسوس ٿيو. ڏڪندو پلنگ تي آيو ۽ اتي ويٺل عورت پويان لڪي ائين ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو، جيئن ڪڏهن شرم کان ماءُ پويان لڪندو هو.

ابراهيم ڪرل

# خوابَ_ اکيون



گل لاله جي اکين تان ڊاڪٽر جڏهن آهستي آهستي پٽي لاهي رهيو هو، ته سامهون سندس ڪراڙو پيءُ علم الدين بيٺو هو، جنهن جي هٿن تي مُرُ چڙهيل هئي، اکين جي هيٺيان پيل گهنج، اڌ صديءَ جي اهنجن کي ائين پڌري نروار ڪيو، جيئن ايڪسري ۾ ٽٽل پيل هڏيون بيڪ لائيٽ پوڻ سبب ظاهر ٿي پونديون آهن. سندس اکين ۾ چمڪ هئي، هُو پُر اميد هو، ته هاڻي سندس اڪيلي ڌيءَ هن خوبصورت دنيا کي ڏسي سگهندي، سندس هڪ اهڙي خواب ساپيان پئي ماڻي، جنهن کي هُو مسلسل 20 سالن کان ڏسندو پئي آيو، پر وٽس ايترو ڌنُ ڪونه هو جو ڌيءَ جي اکين ۾ روشني آڻي سگهي. هن وَسَ ته ڏاڍا ڪيا هئا، اسپتالن جا چڪر ڪاٽيا هئا، ڊاڪٽر جي پيرين پيو هو. پارليامينٽ جي ڀاهران مختلف سرنديءَ وارن وزيرن، ايم.اين.ايز اڳيان پنهنجو حال رکيو هو، پر سندس غريبيءَ تي ڪنهن کي به ڪهل ڪونه آئي هئي. هن مسلسل ڏهه سال ڪمند جي ڳنن مٿان چلهون لاهي فٽ پاٿ تي مشين هٿي ڪمند جو رس ڪپايو هو ۽ ڪپائي رهيو هو، پر صرف پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ لاءِ ٻن ويلن جي ماني ئي سندس نصيب ۾ لکجي سگهي هئي.

اسلام آباد جي ڀاهران سندس ابي ڏاڏي جي ٿوري زمين هئي، جنهن تي به سندس وڏي ڀاءُ گل محمد پنهنجو حق ظاهر ڪري ڪاغذن تي آڱوٺا هڻايا هئا، ته پيءُ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ گل محمد ئي سندس علاج ڪرايو هو. علم الدين زال کي وٺي شهر ۾ هڪ ڪارخانيدار جي ڪارخاني جو چوڪيدار ٿي سندس ئي عطا ڪيل سرونٽ ڪواٽر ۾ اچي رهيو هو. گل بيبي پاڙيوارن بنگلن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ هن ڪارخاني جي چوڪيداري شروع ڪئي هئي. ڪجهه مهينن کان پوءِ سندن گهر ۾ گل لاله جو جنم ٿيو هو، گل لاله جو چهرو ڏسي مٿس اهو نالو رکيو هئائين. پر افسوس جو ان سهڻي گل کي اکين جي ديد ڪونه ملي هئي. سندس وڏو ڀاءُ گل محمد جڏهن گهر واريءَ سميت وٽس آيو هو ته گل لاله جو چهرو ڏسي کيس چيو هئائين ته گل لاله منهنجي گهر جو روشن چراغ بڻجي، پوءِ جڏهن کيس سڌ پئي هئي ته گل لاله اکين جي نور کان محروم آهي، ته هن پنهنجا پير جهلي جڏيا هئا ۽ ڇهه ماهي ڀاءُ سان ڪارخاني ۾ ملي ويندو هو پر گهر جو در نه ڏٺو هئائين. گل محمد کي هڪ پٽ خان بابا هو، جنهن تي هن پنهنجي ڏاڏي جو نالو رکيو هو.

اڄ جڏهن گل لاله جي اکين تان ڊاڪٽر اڪبر پٽي لاهي رهيو هو ته سندس پيءُ علم الدين سامهون بيٺل هو، نه گل محمد هو، نه خان بابا هو، نه سندس چاچي هئي ۽ نه ئي سندس ماءُ هئي.

گل بيبي ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿي چار سال اڳ فوت ٿي وئي هئي. پنهنجي آخري ڏينهن ۾ شوڪت خانم اسپتال جي وارڊ ۾ هن گل محمد کي گهرايو هو ۽ گل لاله جو هٿ وٺي سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو هو ته ”ادا مان پنهنجي گهر جو هيءُ سهڻو گل تنهنجي حوالي ڪيان ٿي، اميد اٿم ته توهان هن کي اڪيلو نه ڇڏيندؤ. گل محمد هٿ ڇڏائڻ جي ڪئي هئي پر ڏيندڙ هٿ ان وقت بي ستو ٿي سيني تي ڪري پيو هو ۽ ٿئي هٿ هڪٻئي کان جدا ٿي ويا هئا.

گل بيبي دفن ٿي وئي ۽ اها ڳالهه به دلين ۾ دفن ٿي وئي.

ڊاڪٽر اڪبر، گل لاله جي اکين تي ٻڌل پٽيءَ

جو آخري وکر کوليو ۽ هڪ ڦوٽو ڪڍي سندس سامهون بيٺو "گل لالہ اکيون کول."

گل لالہ اکيون کوليون تہ مُرڪي پئي "بابا مان ڏسي سگهان ٿي." پيءُ وڏي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو.

"پر هي ڪير آهي؟" گل لالہ ڊاڪٽر اڪبر جي هٿن ۾ جهليل ڦوٽوءَ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

"هي اهو شخص آهي، جنهن جون اکيون توهان کي مليون آهن." ڊاڪٽر اڪبر جواب ڏنو. مُرڪندڙ چهرو اکين جي مٿان اڇو چشمو پهريل جڻ ڪيس مبارڪ ڏيندو هجي.

"واهہ تہ هي اکيون مون کي مليون آهن، مان انهن ئي اکين سان ڪيس ڏسي رهي آهيان." گل لالہ جو چهرو سرخ ٿي ويو.

علم الدين جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي ٿو اچي.

گل لالہ، ڊاڪٽر کان تصوير وٺي سيني سان لڳائي ٿي ڇڏي.

"ڪاش امي زندهہ هجي ها ۽ منهنجون اکيون ڏسي سگهي ها ۽ مان اميءَ جي خوشيءَ کي هنن اکين سان ڏسي سگهان هان."

ڊاڪٽر اڪبر وڏي وڃي دريءَ جو پردو هٽائي ڇڏيو، جنهن جي ساوڻ شيشن مان سامهون پيد تي، گلن جون ڪونڊيون پيل هيون، جن ۾ ڳاڙها، نيرا ۽ پيلا گل لڳل هئا، جن تي پوپٽ لامارا ڏئي رهيا هئا.

گل لالہ اهڙو منظر ڏسي سيني تي پيل ڦوٽوءَ کي چمي ڏني ۽ تتو ساهہ ڀريو. "مون کي ائين ٿو لڳي تہ مون اهي منظر اڳ بہ ڏٺا آهن."

"هي ڪير آهي ڊاڪٽر صاحب؟"

"هي سنڌ جو شاعر هو، وڏي ڳالهہ تہ هي ڊاڪٽر بہ هو، فطرت سان ڪيس پيار هو، گل، ٻار ۽ پوپٽ ڪيس وڻندا هئا. حسن ۽ فطرت جي عڪاسي ڪندڙ هي شاعر سنڌ ۾ "ورڊس ورٿ" جي لقب سان سڃاتو ويندو هو."

"هاڻي ڪٿي آهي؟ منهنجو پڇڻ جو مطلب، تہ سندس تدفين ڪٿي ٿي؟ ڇا هي اکيون سنڌ مان هت آيون؟" گل لالہ پنهنجو موقف چٽو نہ رکي سگهي، هوءَ گهبرائجي وئي......

"مون کي بہ ائين ئي لڳي ٿو تہ هو پنهنجون اکيون عطيو ڪرڻ اسلام آباد آيو هو ڇو تہ هو هتان جو مستقل رهاڪو ڪونہ هو، سندس پٽ قائداعظم يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو آهي، جيڪو لاهور ۾ بہ ليڪچر ڏئي ٿو ۽ هو ٻاهرئين ملڪ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري آيو آهي، ڪيس هڪڙو ئي پٽ آهي، جنهن سان هن زندگيءَ جون آخري گهڙيون گڏ گذارڻ ٿي چاهيون، جن گهڙين لاءِ هن کي پنهنجي سنڌ ڇڏڻي پئي. سندس روح جو رشتو سنڌ سان جڙيل هو، جنهن کان چڱو تہ سندس ساهہ جو سڳو ٽٽي پيو."

گل لالہ جي انهن اکين ۾ لڙڪ تري آيا جيڪي شاعر جون اکيون هيون، احساس گل لالہ جا هئا ۽ اکيون شاعر جون. هن اکيون بند ڪيون تہ سندس ذهن جي اسڪرين تي ڪجين جا وڻ، گيڙو رتا لباس، جن جي هٿن ۾ طنبورو، چپڙيون هيون ۽ هو ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل قبن واري درگاهہ آڏو رقص ڪري رهيا هئا.

سندس ڪنن ۾ الستي آواز گونجڻ لڳا "ڳليان پريم نگرديان حضرت عشق ڳهاير جوڳي رمزالاير".

ڪيس لڳو جڻ اهي ٻول هن ڪيترائي ڀيرا ٻڌا آهن، انهن صوفي سنگ جي فقيرن کي ور ور ٻڌو آهي.

گل لالہ اکيون کوليون "بابا سنڌ ڪٿي آهي؟"

علم الدين سندس مٿي تي هٿ رکيو "سنڌ هتي ئي آهي، تنهنجي دل ۽ دماغ ۾ آهي." ڊاڪٽر مرڪ ڏئي مڙيو تہ گل لالہ ڪيس سڏ ڪيو "ڊاڪٽر صاحب مون کي معلومات کپي، ان ماڻهوءَ جي باري ۾، جنهن جون اکيون منهنجي اونداهين جيون کي روشن ڪري ويون آهن."

ها هو هتي ئي دفن ٿيل آهي، شايد هو پنهنجي اکين جي ڪري ئي هت رهي پيو هجي."

"سچ ڊاڪٽر، هو هتي آهي!" گلا لالہ جي رخ تي حيرانيءَ جا تاثر ڦهلجي ويا.

"ها هو هتي اسلام آباد ۾ دفن ٿيل آهي." ڊاڪٽر مُرڪي وارڊ مان نڪري ويو.

"بابا مون کي ان جي قبر تي وڃڻو آهي ۽ ڏيئا

ڦري آئي.“

گل محمد چپل پلئيندي ڪِري پيو، علم الدين ڪيس سهارو ڏنو.

”بابا سان ٻه اسپتال هلنديس.“ گل لالہ اجرڪ کي ٺاهيندي چيو.

”نہ ڌيءُ تنهنجي چاچيءُ جي طبعيت ٺيڪ ڪانهي، تون ڪيس سهارو ڏي، اسان وڃئون ٿا.“

گلا لالہ پاڻ روڪي نہ سگهي، ۽ پيءُ جي ڪڍ لڳي وئي.

”يوٽرن وٽ خان بابا جو ايڪسيڊنٽ ٿيو. ڏوهہ ڪار واري جو نہ هو، خان بابا ٽرن ڪرڻ وقت پوئتي ڪونہ ڏٺو، ڪيس مٿي ۾ شديد ڌڪ رسيا آهن. ڪار وارو ڪو ڊاڪٽر هو جيڪو تسلي ڏيئي ڪيس اسپتال کڻي ويو آهي.“ هڪ همراهہ سهڪي ٻہ رهيو هو ۽ بيان ٻہ ڪري رهيو هو.

❋❋❋

اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ پيهہ متل هئي، گل لالہ سائيڊ ۾ رکيل بئنچ تي ويٺي. گل محمد ۽ علم الدين اڳتي وڌي ويا.

”هي آهي خان بابا جو پيءُ گل محمد.“

ڊاڪٽر اڳتي وڌي آيو. ”چاچا منهنجو نالو اڪبر آهي، منهنجي ڪار سان اوهان جي پٽ جو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي.“

”منهنجو پٽ ڪٿي آهي؟“

”چاچا علم الدين توهان هتي؟“ ڊاڪٽر اڪبر علم الدين سان هٿ ملائيندي پڇيو.

”ها، گل محمد منهنجو ياءُ آهي ۽ خان بابا منهنجو ڀائٽيو......

گل لالہ ٻہ آئي آهي؟

”ڪٿي آهي“

گل لالہ بئنچ تان اٿي اڳتي آئي ۽ ڊاڪٽر جي سامهون بيٺي. ڊاڪٽر سندس مٿي تي هٿ رکيو.

”توهان مون سان، منهنجي ڪمري ۾ اچو.“

سڀئي ڪمري ۾ آيا.

”دراصل خان بابا کي مٿي ۾ شديد ڌڪ لڳا آهن، رت جي ضايع ٿيڻ ڪري هو هوش ۾ ناهي. مون رت جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. حياتي بچي

وئي آهي پر......“

”پر چا ڊاڪٽر توهان چپ چو ٿي ويا آهيو، ٻڌايو چو نٿا؟“ گل محمد ڊاڪٽر جي ڳچيءُ ٽائين پهچي ويو.

”چاچا مان چوان ان ۾ اسان جو ڪو ڏوهہ ڪونهي، اسان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي پر الله کي ڪجهہ ٻيو منظور هو. سندس اکين کان ڏسڻ واري صلاحيت ڪسجي وئي آهي.“

”يا خدا هي ڇا ٿي ويو، منهنجو اڪيلو پٽ، هي پهاڙ زندگي ڪيئن ڇي سگهندو؟“

”صبر ڪيو چاچا جيڪو الله کي منظور.“ گل لالہ، گل محمد جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

”اهڙي زندگي ڪهڙي ڪم جي جيڪا سهاري سان گذارڻي پوي.“

گل لالہ چاچي جي وات تي هٿ رکيو. ”مايوسيءُ جون ڳالهيون نہ ڪريو الله وڏو آهي.“

”اڙي منهنجي دنيا ئي لُٽجي وئي.“

ڊاڪٽر اڳتي وڌيو ”چاچا هي ٻہ تہ اوهان جي گهر جي نياڻي آهي. هن ٻہ تہ همت ۽ حوصلي سان تڪليفن کي منهن ڏنو آهي......“

عورت جي ڳالهہ ٻي آهي، اها تہ گهر سان نباهي ٿي وڃي، هي تہ مرد آهي، ڪيئن گذاري سگهندو هي اجگر زندگي، مان پوڙهو ماڻهو ڪيترو سهارو ڏيئي سگهندو سانس، منهنجو تہ گهر اُجڙي ويو.“

”مان سهارو ٿينديس خان جو، مان اکيون ٿينديس خان جون....“ علم الدين جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو.

گل محمد تي سڪتو طاري ٿي ويو.

”مون کي اکيون آهن، جن هميشہ ٻين کي اڳتي ڏسڻ چاهيو آهي، جن ٻين کي ڪجهہ ڏيڻ چاهيو آهي. مان ڪنديس خدمت خان جي.........“

ڊاڪٽر اڪبر شاعر جي تصوير ڪڍي سڀني جي سامهون ٿي بيٺو ۽ شاعر جو شعر پڙهيو.

”ڪجهہ ڏيئي ويندا سين، ڪجهہ نہ ڪٿي ويندا سين، ٻور آهيون ڏيئي ميوو ڇٽي ويندا سين.“

(تنوير)

◙

اجا تازوئي اُڀريو هو. جنهن جي ڪِرڻن ۾ رنگن جي بهار هئي ۽ رنگن مان ڪيترائي جيوَ محفوظ ٿي رهيا هئا.... اهي ڪِرڻا ڏاڪائين در مان داخل ٿي ڇڙ سانول کي ڳولي رهيا هئا... ۽ وري سانول جو روح ڪِرڻن جي سهڪار سان آثار قديمه جي کاتي جي ڪنهن سرڪردي ڏانهن خط لکي رهيو هو. جنهن ۾ چاٽائي رهيو هو ته "هن پراڻي اسڪول جي عمارت کي تاريخي قرار ڏئي، ان جي حفاظت لاءِ جوڳا بندوبست ڪيا وڃن...!!" سانول جي روح ڊوڙي وڃي اهو خط ڳوٺ جي ٻڍڙي پوسٽ مين جي هٿ ۾ ڏنو...! پوسٽ مين جا هٿ ڏڪي رهيا هئا...! سانول جي سوچ سندس پيءُ جي ڏڪندڙ هٿن ڏانهن هلي وئي... ۽ رٽائرمينٽ جي ويجهو پهتل اسڪولي زماني واري ان استاد جي هٿن ڏانهن...!! جنهن ڪيس ڪڏهن چيو هو: "قلم جي حفاظت ڪمزور هٿن کي مضبوط بڻائيندي آهي...!!" هن اهو ٻڌي تڏهن پنهنجي هٿ ۾ جهليل قلم کي ڏٺو هو ۽ ان جي طاقت جو اندازو لڳايو هئائين. ليڪن شعور جي سطح هيٺ هئڻ ڪري ان جو درست اندازو نه ڪري سگهيو هو!

هن جو روح شديد ڏک ۾ ونجي ويو، جڏهن ڇت ۾ ڏٺائين ته هڪ وڏو سوراخ هو، جنهن مان آسمان نيري ٽُنل اگهڙيءَ جيان ڏسجي رهيو هو. هن کي لڳو "هن جي دل ۾ سوراخ ٿي ويو آهي... ۽ احساس ان سوراخ جي زخم جي شدت سبب روئي رهيا آهن" ته هن کان به هڪ اوچنگار نڪري وئي...!! پريان پيءُ ڪنڌ ۾ ننڍڙو فرشتو به ڏڪارو ٿي ويو...! ۽ ڏاڪائين در مان ٻاهران تڪيندڙ سندس من کي به زبردست جهٽڪو لڳو...!! سانول لاءِ سندس هيءُ پهرين مادر علمي، ماءُ مثل هئي، جنهن کي هيو جنم ڏنو هو، جنهن جي جسم تي ڇڙ ڪپڙا ڪونه هئا...!! آسمان به ان سوراخ مان اندر ڏسي اشڪبار ٿي رهيو هو...!!

سانول کي اسڪولي زماني ۾ ڪمري جي اُڀرندين پٽ تي شيٽ تي لکيل اهو بيت ياد آيو: "اڙي غافل! سنڀالي هل، زمانو بيوفا آهي...!!" ته هن ان پٽ ڏانهن چتائي ڏٺو ته ڪيس ان پٽ تي گاري جو هڪ اٽڙيل چاپڙ ئي نظر آيو... ۽ اتي ڪوبه بيت وغيره لکيل نه هو. هن پنهنجي دل جي ديوار تي هٿ رکيو ته اتي ڪيس هڪ گاري جو چاپڙ اٽڙيل محسوس ٿيو...! هن ڪرسي ڳولي، بئنچون ڳوليون... ڪرسيءَ تي ويٺل سندس آخري ڪلاس واري استاد کي ڳوليو...!! پر ڪيس انهن مان ڪوبه نظر نه آيو. سندس وات مان بي اختيار نڪتو: "اڙي غافل! سنڀالي هل، زمانو..." زمانو کان اڳتي باقي حرف ڪانئس اُڪلجي نه سگهيا... ۽ هن پاڻ کي ڏاڪائين در جي ٻاهران بيٺل ڏٺو. سج هاڻ سندس مٿان بيٺل هو. هن ڪنڌ مٿي ڪري سج ڏانهن ڏٺو، اکيون پورجي ويس ۽ قدم پاڻمرادو گهر ڏانهن کڄندا ويس... پر هُو ڪن گهرين سوچن ۾ وري الاءِ ڪيڏانهن پوئتي پوئتي پئي ڌڪجندو ويو...!!!

بس هن جي خواهش هئي ته ڪنو ٿي نه مري! جهڙي ريت جوانيءَ ۾ ڪو پورهيو هو. هن جو موت به شاندار طريقي سان ٿئي. سوچي رهيو هو ته ڪاش ڪُتن جي ان لڙائيءَ ۾ هُو پڻيءَ تي مارجي وڃي ها، پر ايئن نه هو، هن کي ڏک ڪجهه اهڙي طرح جا لڳا هئا جو نه جيئرن ۾ هو نه مئلن ۾ هو.

ڍِڪن جي شدت هن کي نستو ڪري ڇڏيو هو، خودڪشيءَ بابت سوچي ٿي رهيو هُو ته هن جي پرسان ان گهر جو مالڪ لنگهيو، جنهن لاءِ هو سدا سوچيندو رهندو هو ته اهو ئي هن جو مالڪ پڻ آهي . مالڪ کي ڏسي هن پڇ لوڏيو، هن جي پيرن ۾ وڃڻ جي ڪئي. پهرئين به ته هُو مالڪ کي ڏسي ائين ئي ڪندو هو. هن جي ان حرڪت تي مالڪ خوش ٿي هن کي ٻچڪر ڏئي داد ڏيندو هو، پر اڄ ايئن نه ٿيو مالڪ هن کي دڙڪي جي انداز ۾ ’ نڪر ‘...ڇئي پاڻ کان پري ڪرڻ جي ڪئي. اهو ڏسي هن جي اندر ۾ ايتري ته تڪليف جي لهر اٿي جو مٽي جو ڏک به وسري ويس!

ڪجهه گهڙيون ته چڻ پنڊ پهڻ ٿي ويو. خاموشيءَ سان پيرن کي پوئتي ڪري ان ساڳي جاءِ تي اچي وينو، جتي اڪثر ويهندو هو، پر هاڻي اهو ان جو آخري ويهڻ هو. اهڙي ذليل زندگي ڪير جي سگهندو. بس هن پڪو فيصلو ڪري ورتو ته وڌيڪ زنده رهڻو ناهي.

هاڻي ڪتي جي اڳيان، فقط اهو معاملو هو ته پاڻ کي ڪيئن ماري!؟ آخر ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ هن کي اڳيان آپگهات جو هڪ آسان طريقو نظر آيو. هُو اُٿيو، هڪ نظر ان گهر تي وڌائين، جنهن جي حفاظت لاءِ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ...هڪ نظر ان گهٽيءَ تي ڌريائين، جنهن ۾ ٻاروتڻ کان ڦوهه جوانيءَ جو عرصو گذاريو هئائين. ڳرن قدمن سان گهٽيءَ جي آخري ڇيڙي تي پهچڻ وقت هن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا!

هن پاڻ کي سنڀاليو ۽ تيز وکون کڻندي، گهر ۽ گهٽيءَ کان ڪافي ڏور نڪري آيو. ان کان اڳ هن کي پاڻ مارڻ جو آسان طريقي به سُجهي ويو هو. ڪُتي تيز وکون کڻندي ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري چڪر لڳائڻ شروع ڪيا. هن کي آس هئي ته ميونسپل ڪاميٽي وارن وٽ ڪتن مارڻ جو زهر هوندو آهي، هن جي حالت ڏسي يقينن سندس اڳيان مانيءَ ۾ زهر ملائي اڇلائيندا، هُو خوشي خوشي اها ماني کائيندو ۽ پوءِ سڀ تڪليفون هڪ لحظي ۾ لهي وينديون .........پر هن کي اهو ڏسي مايوسي ۽ حيراني ٿي ته ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري چار پنج چڪر ڪاٽڻ ڪانپوءِ به هن جو ڪنهن نوٽيس نه ورتو آهي!

آخر هُو ٿڪجي ڪاميٽي گيٽ تي ويهي رهيو ته من ڪو هن جو زخم ڏسي چتو سمجهي مارڻ جي ڪوشش ڪري. هن جي اميد تڏهن ختم ٿي جڏهن هن ميونسپل آفيسر کي هڪ ڀنگياٽيءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو. آفيسر ڀنگياٽي جي ڇاتيءَ کي تڪيندي سرٻاٽن ۾ چئي رهيو هو ”تو واري مڙس کي ڊِڪٽيءَ ۾ ڊُڪ پاڻي ٻڌي مرڻ گهرجي، ڪتن مارڻ لاءِ اينڊرُ زهر ڪپائي به تنهنجي خاندان جي پوري ڪريان ٿو، پر تنهنجي مڙس جا اعتراض ۽ غيرت ختم نه ٿي ٿئي!......“

ڪتو، وڌيڪ گفتگو نه ٻڌي سگهيو، البته ’ ڊِڪٽي ...ڊُڪ ۽ مرڻ ‘...واري ڳالهه هن کي سمجهه ۾ اچي وئي. جسم ۾ ڦڙتي اچي ويس. ڪنڌ ڊاري تيز وکون کڻندو شهر جي مين رستي ڏانهن رخ ڪيائين، جتي ڪافي وقت کان ’ڊِڪٽيءَ جي ڊِڪ ‘ کان وڌيڪ پاڻي بيٺل هو...

رشيد ڳالهائڻ جي رواني ۾ الائي ڇا ڇا چوندو رهيو، ثناء ڪيس تڪيندي رهجي وئي. هو ڪڏهن گاڏيءَ جي چاٻي رکي هليو ويو، هن کي خبر ئي نہ پئي!

ان رات جي ڪنهن پهر هن جي اک کُلي، هوءَ پگهر ۾ شل هئي. اڪيلائيءَ جو احساس هن کي کائڻ لڳو. ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي، سامهون لائونج ۾ سندس ڏاڏي تهجد جي نماز پڙهي سلام ورائي رهي هئي.

ثناء ٻوڙندي وڃي هن جي جهوليءَ ۾ ڪِري، "امان سڀئي هڪ هڪ ڪري مون کي اڪيلو ڪري ويا آهن، توهان تہ مون کي نہ ڇڏي ويندو؟" ڏاڏيءَ سندس پيشاني چمي، "ڌيءُ! سڀني جو پنهنجو پنهجو وقت مقرر آهي." نہ امان توهان مون کي نہ ڇڏي وڃجو، آخر مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو مون سان هي سڀ ٿي رهيو آهي؟ آخر ڇو؟ ڇا لاءِ؟"منهنجي جاني ڌيءُ! سوره العصر جو مفهوم آهي: 'الله سائين عصر جي وقت، مطلب جڏهن آب و تاب سان چمڪندڙ سج لهڻ جو منظر پيش ڪري ٿو جو قسم کڻي چئي ٿو: بيشڪ انسان خساري ۾ آهي، يعني انسان پنهنجي عمر وڃائي ٿو، سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا." ثناءخاموش ٿي ڏاڏيءَ جي ڳالهين کي ڌيان سان ٻُڌندي رهي.

"ڌيءُ، ايمان خدا جي اهڙي نعمت آهي، جيڪو اسان جي دِلين کي نرم رکي ٿو ۽ نرم دل انسان ڪنهن کي ڏک ڏيڻ تہ پري پر ڪنهن جو ڏک برداشت بہ نہ ٿو ڪري سگهي. انسان جو اخلاق اهو آهي تہ ان جي هٿ، پير ۽ زبان کان ٻيا ماڻهو محفوظ رهن، درگذر ڪرڻ دنيا جي معاملن ۾ مصلحت ۽ مفاهمت کان ڪم وٺڻ، ڪنهن کي خسيس نہ سمجهڻ، وڏن جو ادب، ننڍن سان پيار سان پيش اچڻ. انسان سوچي ٿو تہ مون وٽ طاقت، همت ۽ حيثيت حاصل آهي، پر نادان انسان اهو نہ ٿو ڄاڻي، تہ اهو سڀ الله تعالیٰ جي طرفان عطا ٿيل آهي، جيڪڏهن هو نوازي ٿو تہ واپس بہ وٺي سگهي ٿو. ڇو تہ هو هر شيءِ تي قادر آهي. هي سڀ الله جا فيصلا آهن. پنهنجي رب کان استغفار ڪجي. بيشڪ هُو توبهہ قبول ڪرڻ وارو آهي." اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائڻ وقت ڏاڏيءَ جون آگريون ثناء جي وارن ۾ هيون، جن ۾ هوءَ آهستي آهستي هٿ ڦيري رهي هئي.

"امان منهنجي دل ڀرجي آئي آهي، مان روئڻ ٿي چاهيان پر ڳوڙها نہ ٿا نڪرن." ثناء، ڏاڏيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريو. هن جي نيڻن مان بي اختيار نير وهڻ لڳا، ڄڻ هن جون اکيون صدين کان اڃايل هيون!

ڏاڏيءَ سان دير تائين ڳالهيون ڪري هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ واپس آئي.غير ارادي طور تي وضوع ڪري مصلو وڇايائين. دل مان آواز اچڻ لڳس: "منهنجا پالڻهار مون خطاوار کي معاف ڪر... مان ڄاڻان ٿي تہ زماني جي چاهت ۾ ايتري مصروف رهيس جو خبر ئي نہ پئي، تہ ڪڏهن تون مون کان رُسي وئين. دنيا جي طلب جو پردو اکين تي اهڙو چڙهيو جو پنهنجي شهہ رڳ کان بہ ويجهي رب ڪريم کي محسوس نہ ڪري سگهيس.

ها مان خطاوار آهيان. منهنجا ربہ منهنجي آزمائش کي ختم ڪر... مون کي پنهنجي چاهت ۾ بيخود ڪري ڇڏ تہ جيئن ٻئي ڪنهن بہ شيءِ جي خواهش نہ رهي... منهنجا رب! بيشڪ تون سواليءَ کي خالي نہ موٽائيندي."

فجر جي اذان جو آواز هن جي ڪنن تي پيو. نيڻن مان لڙڪ ٻيهر سندن ڳلن تي تري آيا. هوءَ سجدي ۾ ڪِري پئي، اذان پوري ٿي. ٻاک ڦٽڻ لڳي، پاڻ کي ڏاڍو هلڪو محسوس ڪيائين. ڪجهہ دير لاءِ اک لڳس تہ در تي ڪڙڪو ٿيو، ڪو فقير هو، جيڪو چئي رهيو هو:"امان، الله جي نالي خيرات ڏي... جيجل، سواليءَ کي خالي نہ موٽاءِ...!" هن پنهنجي پرسان پيل پرس مان هڪ سؤ جو نوٽ ڪڍيو، اکين جي آلاڻ جيڪا اڃا بہ تازي هئي اُگهي ۽ در تي وڃي فقير کي خيرات ڏنائين. خيرات وٺڻ کان پوءِ فقير رمندو رهيو. ٻئي طرف ثناء در تي بيٺي رهي. هوءَ اڄ پاڻ کي تمام گهڻي روحاني سڪون ۾ محسوس ڪري رهي هئي.

◙

23 مارچ 2019ع تي ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي بورڊ پاران ڪوٽايل ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو



سنڌي ادبي بورڊ پاران ٽن ڏينهن جي ڪوٽايل ڪتابي ميلي ۾ بورڊ جو چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' افتتاح ڪري رهيو آهي. بورڊ جو انچارج سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهه ۽ بورڊ جو ميمبر سرفراز احمد راڄڙ پڻ موجود آهن



ڪتابي ميلي ۾ بورڊ جو چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' هڪ اسٽال تي ڪتاب ڏسي رهيو آهي

## حضرت علامہ ميان غلام محمد مهيسر جي 83 هين ساليانِي عرس جي موقعي تي ڪوٺايل علمي ادبي ڪانفرنس




علامہ ميان غلام محمد مهيسر جي 83 هين ساليانِي عرس جي موقعي تي ٽرسٽ ڪمال ديرو پاران ڇپايل سوونيئر 2019ع/ 1440ھ جو مهورت ڪيو پيو وڃي



ڪانفرنس ۾ ساڃي ڪان: شوڪت حسين شورو، نياز پنهور، نصير مرزا، ڊاڪٽر مخمور بخاري، حافظ ارشد انڙ، منور علي مهيسر، رحمان ڏنو مهيسر، سجاد ميراڻي، پير عثمان مصطفيٰ راشدي، غلام اظفر مهيسر، رياض حسين وساڻ، منظور اڃڻ، پير سيد بچل شاھ جيلاني، سيد گل محمد شاھ بخاري، مخدوم نديم هاشمي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام اڪبر مهيسر خطاب ڪري رهيا آهن

## ماهوار سورمي ڪراچيءَ پاران 24 اپريل 2019ع تي سيما عباسيءَ جي ڪتاب "لاشا لڙڪن جا" جي ڪوٺايل مهورتي تقريب




مهورتي تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: سيما عباسي، نصرت سحر عباسي، پروفيسر مظهر جميل، مدد علي سنڌي ۽ عبدالغفار تبسم



محترمہ نصرت سحر عباسي، عبدالغفار تبسم، پروفيسر مظهر جميل، مدد علي سنڌي، ادل سومرو ايوب شيخ، ريحانہ روحي، سيما عباسي، غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ سنڌو نواز خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ جو اولهه وارو پاسو ڪاڇو جيڪو کيرٿر جبل جي اوچين چوٽين سان ڇڙ سرحدي بارڊر آهي. سنڌ جي سرزمين درياهه بادشاهه جي نالي سان سڏجي ٿي. جنهن سنڌ جو صحيح اچار سنڌو آهي. اولهندي ملڪن ۾ (Indus) جي نالي سان سڏجي ٿي. هي نالو سڪندر اعظم جي سائين سالارن پنهنجي ڪاهن ۾ تذڪرن ۾ استعمال ڪيو ۽ پوءِ عام استعمال ۾ اچي ويو. جيئن سنڌوءَ جو پاڻي پاڻ سان آنڊل لٽ سان تهن مٿان تهه جوڙيندو آهي. تيئن ڪاڇي جا درياهه (نيون) پاڻ سان گڏ لٽ آڻي، ڪاڇي جي ڌرتي ڪي تهن مٿان تهه جيان ڍڪيو آهي، ڏنو وڃي ته هڪ پاسي سنڌو درياهه سوين هزارين ميلن ڪان مختلف ڪيميائي ۽ زرخيزي وارو لٽ سنڌ ۾ آندو آهي، تيئن ڪاڇي جي دريائن سوين هزارن ميلن ڪان جبلن مان ڪيميائي ۽ زرخيزي وارو لٽ ڪاڇي مٿان وڇايو آهي. اهوئي سبب آهي جو، هيئين سنڌ ۽ مٿين سنڌ ڪاڇي وارو علائقو پاڻي سان انتهائي زرخيز ٿئي ٿو، سنڌ جو هيٺيون پاسو سنڌو درياهه ذريعي آباد ٿئي ٿو، ان پاسي جي زمين کي پوکي کان ساهي پٽڻ جو موقعو گهٽ ملي ٿو، حالانڪه ان جي زرخيزي بي مثل آهي، پر ڪاڇي جي زمين هيٺين ڪان وڌيڪ زرخيز ۽ طاقتور آهي. شايد اهو به سبب آهي جو ڪاڇي جي زمين کي برسات نه پوڻ سبب دريائن (نين) نه اچڻ سبب ساهي ملي ويندي آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪاهي جي زمين جڏهن نين ۽ برساتن جو پاڻي ڏئي ڪري پيئندي آهي ته ان ربيع سان بنيءَ مان به فصل پوکي ۽ ڪٽي سگهجن ٿا.

دريائي لٽ سان ڪڇي ۾ به چند وڻن ڪانسواءِ، ڪاڇي وارا ساڳيا وڻ ٿين ٿا. گاهه ٿين ٿا، پر ڇو ته سنڌو درياهه بادشاهه وهندڙ آهي. تنهنڪري ان جا وڻ ڪنڊا، ٻير، لئو قد ۾ وڏا ٿين ٿا ۽ ٻيٽ ۾ به ڀريل هوندا آهن.

پر ڪاڇي جا وڻ پاڻيءَ جي اڻهونداڻي سبب جيئڻ ڄاڻن ٿا. ڀلي ٻه ٽي سال برسات نه پوي، پر پوءِ به، پاڻ سنياليون بيٺا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪاڇي جي مخلوق به پاڻيءَ جي اڻاٺ، بک ۽ ڏُکن ۾ به سخت جان ٿي جيئڻ جي قوت ماڻي ويندي آهي.

**نور حسين ڪلهوڙو**

ڪتاب: "منهنجو ڪاڇو"

ص 113_114 تان کنيل

ڪي بہ رومانوي رنگ ڏني، دل ۾ اهو خيال پيدا ڪيائين تہ ڪاش آءُ بہ ماستر هجان ۽ ائين ڪنهن من مهڻيءَ سان عشق جي آگ ۾ ٽپو ڏيان. ان ڪان پوءِ ترقي پسند اديبن: ع.ق.شيخ، اياز قادري، رباني، حميد سنڌي، جمال ابڙو، شيخ اياز ڪان نسيم ڪرل، امرجليل، علي احمد بروهي جي مزاحيہ افسانن، آغاسليم، شمشيرالحيدري، ناصر موراني، موهن، ڪلپنا، سندري اُتمچنداڻي، ۽ ڪيئي ليکڪن جا افسانا ۽ ناول پڙهيم ۽ خوش قسمتيءَ سان انهن مان تمام گهڻن سان زندگيءَ جو وڏو عرصو دوستيءَ ۾ بہ گذريو. جيڪو انهن مان ڪيترن جي گذاري وڃڻ باوجود لڳي ٿو تہ جڻ اهي اڃا بہ مون سان گڏ هجن ۽ پنهنجي قلم رستي منهنجي ذهني پرورش ۾ حصو وٺندا هجن. انگريزي ادب ۾ بہ ناول ۽ افساني سان ڏاڍو شوق رهيو. ڪيئين ڪتابہ انگريزيءَ ۾ توڙي اردو، سنڌي ترجمن جي ذريعي پڙهيم. انهن ۾ بہ مونکي رومانوي ۽ ايڊونچر قصا ڪهاڻيون وڌيڪ وڻنديون هيون. تنهنڪري فرينچ، انگريزي، اٽالين، روسي، امريڪن ۽ اسپين جي ناولن مان ڪيترا مشهور ناول پڙهيم ۽ انساني فطرت جي سدا بدلجندڙ سياءَ مان واقفيت ملي ۽ مون پاڻ بہ انهن مان ڪي ناول ترجمو ڪيا، جن ۾ فرانس جي ناول نگار البر ڪامئو جو 'ناول 'دي فال' زوال نالي سان دوستوسڪي جو ناول دي گيمبلر جواريءَ جي نالي سان ترجمو ڪيم، جيڪي شايع ٿيا. ان ڪان پوءِ جيمزهلٽن جو ناول 'گڊباءِ مسٽر چپس ترجمو ڪيم جيڪو ان وقت قسطوار خادم وطن اخبار ۾ شايع ٿيو ۽ فرانس جي پيري لوئي جو ناول 'ايفروڊائٽي' سونهن جي ديويءَ جي نالي سان ترجمو ڪيم جيڪو پڻ شايع ٿيو ۽ ان ڪان سواءِ ساوتريءَ جي طويل ڪهاڻي، 'اتيمسي' جو ترجمو 'پيار' جي نالي سان شايع ڪرايو ۽ افسانا بہ ڪيترائي ترجمو ڪيم، جيڪي ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا. ائين آءُ - افسانا، ناول ۽ ڊراما بہ لکندو رهيس جيڪي سڀ جا سڀ شايع ٿي چڪا ۽ اڃا بہ ٿين پيا. اڃا مون اٽالين ليکڪ البرٽوموراويا جو ناول دي ايمپٽي ڪينواس ۽ دي وومن آف روم، ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا هئا ليڪن خبر ناهي ڇو مڪمل ٿي نہ سگهيا. جڏهن تہ آسڪروائلڊ جو مشهور ناول 'پڪچر آف ڊورن گري' بہ اڌ ترجمو ڪيم.

مون اهو محسوس ڪيو تہ سيڪس ۽ ڪرائيم تي لکيل ناول آئون دلچسپيءَ مان جلد پڙهي ويندو هوس. ليڪن چارلس ڊڪنس وليم ميڪپيس ٺيڪري توڙي سمرسيٽ ماهم جا ناول مون درسي ڪتابن وانگر آهستي آهستي پڙهيا. جيڪي ڪتاب آءُ تمام دلچسپيءَ سان ۽ جلدي پڙهي سگهيس انهن ۾ ليڊي چيٽرليزلور.ايچ لارنس) مادام بواري (بالزاڪ) دس ارٿ ازمائين (پرل ايس بڪ) مور (مئڪسيم گورڪي) دي گڊ ارٿ ۽ سرآرٿر ڪانن ڊائل مشهور ڪردار شرلاڪ هومز جا قصا بہ انهن ۾ شامل آهن. هاڻ سوچيان ٿو تہ ايترو وقت ڪيئن مليو جو ايترا ڪتاب پڙهي سگهيس ان تي پڻ هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

✲✲✲✲✲

سنڌ جي ننڍن ڳوٺن ۾ سياري جا رنگ بہ عجيب هوندا آهن، هالا پراڻا ڪان وٺي، جاتي، سجاول ۽ ٺٽي تائين، سيوهڻ ڪان وٺي ڏوڪري، وارهہ ۽ رتي ديري تائين، اوباڙي ۽ دادوءَ ۾، جيڪي وري عام ڳوٺن کان وڏا بہ هئا ۽ دادوءَ کي ڇڏي باقي شهرن ڪان ڪجهہ ننڍا هئا ليڪن اردگرد ٻنيون باغ ۽ وڻڪار هجڻ سبب اتي جون راتيون سياري ۾ بدن ۾ ڪنبڻي وجهي ڇڏينديون هيون. هالن پراڻن ۾ تہ اسين رات جي ماني بہ بورچيخاني ۾ صندليون وجهي کائين ۽ چيڻن جي باهہ جي چوڌاري پنهنجو پاڻ کي سيڪيندا، کائيندا هئاسين ۽ گرم پاڻيءَ سان هٿ ڌوئي ڊڪندا، اگڙ ٽپندا ڪمرن ۾ وڃي ڳرين سوڙين ۾ لڪندا هئاسين. ٻاهران ايندي رات مان دونهان نڪرندا ڏسي خوش ٿيندا هئاسين. صبح جو سوير وري ٻاهر ڌنڌ ۾ وڏن وڻن توڙي ڪٻڙن، ٻپرن ۽ اڪ جي پتن تي ماڪ جا جميل ڄاري وانگر ڦڙا جرڪندا ڏسبا هئا. سياري جي اها ماڪ هاڻي خوشبو شهرن ۾ تہ ڪانهي، پر ڳوٺن مان بہ موڪلائي وئي آهي. انڪري جو ماڻهن وڻن کي بيدرديءَ سان قتل ڪري، لکين ٻڪين جا اجها برباد ڪري ڪاٺ وڪيو ۽ اتي پنهنجا گهر جوڙائي ڇڏيائون نہ رهيا وڻ ۽ اها نہ اها سرديءَ جي نشاني.

اسين تہ سياري جي مند جا مزا ياد ٿا ڪريون، پر انهن غريبن ڪان ڪير پڇي جيڪي ڪائيون بہ ٻاري

جو رهاڪو دادن شاهه حيدرآباد واري قبرستان ۾ آهن. ڪيترا اهڙا به آهن جيئن ڪوٽڙيءَ جو رهواسي ۽ بابا جي سائي مختياڪار عبدالقيوم ڇنا جو پٽ مشتاق ڇنا، جنهن کي پي.آءِ.اي ۾ نوڪري دوران ڪراچيءَ ۾ خون ڪيو ويو هو، اهو خبر ناهي ته ڪراچيءَ ۾ آهي يا دادوءَ ۾، پر منهنجو، وڏو ڀاءُ مشتاق قريشي ڪراچيءَ جي ڊفينس واري پهاڙيءَ تي ابدي آرام ۾ آهي. شڪارپور جو آغا سليم- پٽ شاهه تي وڃي پهتو، جنهن جي مزار تي ڪجهه ڏينهن اڳ، شيخ اياز جي ورسيءَ جي موقعي تي تاج جوئي سان گڏ وڃي حاضري ڀري آيو هئس ۽ ڪيترو نه عجيب لڳو هئم ته هڪ دلبر دوست جيڪو پاڻ وارو پيار ڏيندڙ هو. خاموشيءَ سان قبر ۾ آرامي آهي. هتن گذاري ويل دوستن سان گذاريل وقت جا داستان به طويل آهن. هر شخص جي هڪ ڪهاڻي آهي. ڪن سان گڏ پڙهياسين ڪن سان گڏ گهمياسين، ڪن سان وري لکڻ واري دور ۾ دوستي ٿي ته ڪن سان پڙهڻ واري دور ۾ ۽ پڙهائڻ واري دور ۾، جن سان پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ڏٺي سين سنڌوءَ جي ڪناري تي ڪچهريون ڪيوسين ته ڪن سان سمنڊ جي ڪناري ۽ مري توڙي بالاڪوٽ ۾ راتيون گذاريوسين، حيدرآباد جي ڪيترن دوستن سان اسلام آباد، پشاور ڪوئيٽا ۽ ملتان ۾ وڃي هنن سان ملياسين جن ۾ عبدالڪريم بلوچ، آغا سليم، پير اسحاق جان سرهندي. ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو ۽ ٻيا به ڪيترا جن جون ڪچهريون ۽ محبتون وسارڻ جون ناهن. دوستن ۾ ڪچهريون، محبتون ته هونديون ئي آهن، پر ان دور ۾ دوستيءَ جي تعلقات ۾ عزت به شامل هوندي هئي. ننڍ وڏائي جو فرق نه هوندو هو. نجم عباسي منهنجو عزيز ترين دوست هو. توڙي جو عمر ۾ مون کان وڏو هو. شمشير وڏو هو آغا سليم به وڏو هو. بلڪ شيخ اياز ته بابا جو دوست هو، پر مڙني وٽان جيڪو پيار ۽ مانُ ملندو هو تنهن جي ڪوٽ جو هاڻ ٿو احساس ٿئي.

ابن حيات پنهور، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، تاج صحرائي، ڪريم بخش خالد، مقبول صديقي، شيخ عزيز، عزيزالرحمان بگهيو. شيخ علي محمد، محمد بخش جوهر، محمد حيات ڪاڪا پروفيسر ياسين خان، ادريس خان، سراج الدين، شفقت غني جيڪو حال حيات آهي، الياس عشقي، محمد علي ٻوهارا وارو، ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، عبدالقيوم صائب، مراد علي مرزا ڪنهن ڪنهن جا نالا ڪڻجن. جيڪي بابا جا هم عصر ۽ هم عمر هئا ته به هنن سان مليءَ دوستي ۽ پنهنجائپ جو جيڪو مزو ملندو هو اهو هاڻ نظر نٿو اچي. باقي شل وڏي عمر مائين مظهرالحق صديقي ۽ حميد سنڌي وڃي بچيا آهن، جن وٽان اجا آڪسيجن ملي ٿو.

*****

اڳي ٻڌندا هئاسين ته پراڻي چانور جو مزو ئي پنهنجو آهي هاڻي ان جو مطلب پيو سمجهه ۾ اچي.

لڏپلاڻ ڪيتري نه ڏکي ڳالهه آهي ان جو احساس تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ماڻهو هڪ هنڌان لڏي پلاڻي ٻئي هنڌ وڃي رهائش اختيار ڪندو آهي، جتي هن کي هرڳالهه نئين سر ڪرڻي پوندي آهي، ناهڻي پوندي آهي. ۽ پراڻين شين کي نئين جڳهه تي فٽ ڪرڻو پوندو آهي، پر جي اها لڏپلاڻ هڪ ماڳ کان ٻئي ماڳ واري هوندي آهي ته اها اجا به دشوار هوندي آهي، ديوار ۾ لڳل فوٽو کان وٺي پلنگ ٽائين. هرشيءَ کي نئين سر فڪس ڪرڻو پوندو آهي.

اها لڏپلاڻ هڪ ماڳ کان ٻئي ماڳ وڃڻ واري هوندي آهي ته اجا به دشوار لڳندي آهي ان جو ته گهڻو تجربو به آهي، جو بابا جي نوڪري سانگي مون پنهنجو ننڍپڻ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ، هڪ اسڪول کان ٻئي اسڪول وڃڻ ۽ هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃڻ ۾ ڏينهن ۽ راتيون گذرندي ويندي هيون. هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃبو هو اتي نه صرف ماڻهو مختلف هوندا هئا ليڪن گهر رستا، گهٽيون بلڪ موسم به مختلف هوندي هئي ته ٻولين ۾ به تفاوت هوندو هو. اٻاڙي جو لهجو هڪ ته جاتيءَ ۾ ان جي بلڪل ابتڙ وري جو ڇاڇري وڃبو ته ڇڻ نئين سر ڳالهائڻ سکبو هو، نيٺ جڏهن بابا رٽائر ٿي ويو ته اسين حيدرآباد اچي وياسين تڏهن وڃي هڪڙي لهجي تي بيناسين.

اهي ڳالهيون سوچي جڏهن انهن انسانن جو سوچجي ٿو، جن کي جان بچائڻ خاطر وطن مٽائڻو پيو ته جڻ دل کي هڪ مُڪ ٿي لڳي وڃي. اهڙي لڏپلاڻ سنڌ ۾ 1947ع کان ٿيندي ڏٺي جيڪا وڏي عرصي تائين جاري رهي. جڏهن هڪ طرف سکر ۽ پني عاقل، جاتي سجاول جا هندو وڃي هندستان پهتا جن ملڻ کن کي بمبئي پناهه ڏني، کن کي پوني ته کن کي احمد نگر ۽ گانڌي ڌام جڏهن ته اُتان لڏي آيلن وري اچي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن تي قبضو ڪيو، هنن جي ٻولي ڪلچر ته جدا جدا آهي. ليڪن سوچون يقيناً ٻنهي جون ساڳيون هونديون.

✲✲✲✲✲

سنڌ ۾ ويسي رکڻ جو رواج عام آهي، جنهن لاءِ چاچا حفيظ قريشي هميشه چوندو هو ته اها پوئر اڪانوميءَ جي نشاني آهي ليڪن آئون سمجهان ٿو ته اها هڪ ڏاهپ (Wisdom) واري سوچ هئي ته پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اوڌر کڻڻ يا وياج تي بئنڪ يا پٺاڻ کان پئسا وٺڻ جي بدران جيڪڏهن ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي هڪ مخصوص انگ جا پئسا گڏ ڪري مهيني در مهيني ڪنهن به هڪ شخص کي ڏئي ان جي ضرورت جو پورائو ڪري، ته اهو ڏاڍو ڪارائتو ٿئي ٿو. ائين ڪي ماڻهو گڏجي هڪ مخصوص انداز ۾ پئسا ڪنهن مخصوص وقت لاءِ گڏ ڪري، ان مان پنهنجي اهم ضرورت جو پورائو ڪندا هئا. مون اڳ به لکيو آهي ته اسان جو الهداد چنڊ جي ڳوٺ وارو گهر، جيڪو خريد ڪرڻ مهل صرف هڪ وڏي صفحي ۽ ننڍي اڱڻ تي مشتمل هو، اهو امان 15000/ روپين جي ويسي وجهي ان مان نهرايو هو، جيڪا رقم 1958 ۾ ڪا ننڍڙي رقم ڪونه هئي انهن پئسن مان ورانڊو نهي ويو وڏو اڱڻ به ته وهنجڻ جاءِ ۽ ڪاڪوس به ته ڪڏ تي وڃڻ لاءِ ڊڪيل ڏاڪڻ به نهي وئي، بلڪل ائين جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ اوائلي ڏينهن ۾ مون ڪرولا ڪار 67 جو ماڊل صرف -/10000 ڏهن هزارن ۾ خريد ڪئي هئي ته ان وقت هڪ هزار روپيه به ڪونه هئا، ليڪن اسان آپا عزيز وٽ پندرهن هزارن جي ويسي وڌي هئي، جيڪا پرچين تي نڪرندي هئي ۽ ان مهيني ڊاڪٽر ممتاز پٺو، جيڪا مسلم هسٽري ۾ پروفيسر هئي ۽ منهنجي دوست حسين پٺي مرحوم جي گهر واري هئڻ ڪري هن کي آءٌ هميشه ڀاڀي ڪري سڏيندو آهيان، تنهن جي ويسي کُلي هئي. هن پاڻمرادو فون ڪري مونکي چيو هو ته ادا. هن دفعي منهنجي ويسي کُلي آهي جيڪڏهن توهان کي گهُرجي ته پلي توهين کڻو. انڌو الله کان ڇا گهري؟ منهنجو ڪم خودبخود ٿي ويو. ڪار ۾ ملي وئي ۽ ڪو قرض به کڻڻو ڪونه پيو. باقي پئسا هر مهيني ڪٽجندا رهيا.

اهڙي طرح يونيورسٽيءَ ۾ ويهين هزارن جي هڪ ويسي وڌي هئيسين، جنهن ۾ نالا اڳواٽ ئي پرچيون لکي ڪڍي ورتا هئاسين، هميشه جيان منهنجو ۽ اقبال قريشيءَ جو نالو آخري مهينن ۾ نڪتو ليڪن جڏهن اسان کي ويهن هزارن روپين جي ويسي ملي ته اقبال کي اسٽروڪ ٿي پيو ۽ هُو ڳتي جهڙي حالت ۾ وڃي راجپوتانه اسپتال ۾ آءِ.سي.يو پهتو ۽ سندس اُهي پئسا ئي ان وقت ڪم آيا، جڏهن ته منهنجي زال کي به بيماريءَ سبب ايمرجنسي ۾ راجپوتانا اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو ۽ منهنجي ويسي به ان ۾ لڳي وئي. سوچيان ٿو ته آخري ويسي نڪرڻ جو شايد اهوئي سبب هو ته ان اشد ضرورت جي وقت پئسا ڪم اچن.

پوءِ جڏهن بئنڪن مان قرض ملڻ ۾ ڪجهه سهوليتون مليون ته مون ويسيون وجهڻ ڇڏي ڏنيون، ته به گهر جي ٻين ڀاتين، منهنجي ڌيئرن يا نُهرن، جڏهن ڪا به ويسي وڌي آهي ته منهنجون هڪ ٻه ويسيون ان ۾ ضرور هونديون آهن پوءِ اهي به ڪين ئي ڪم اينديون آهن.

هينئر به منهنجي وڏي ڌيءَ پنهنجي ڌيءَ جي شادي لاءِ وڏيون ويسيون وڌيون هيون تڏهن وڃي پورائو ٿيو هوس اجا به منهنجون هڪ ٻه ويسيون ڪٿي نه ڪٿي ٽنبيون پيون.

"پنهنجي مدد پاڻ ڪريو" جو هيءَ آسان طريقو آهي ۽ عزت وارو به. پناهگير به ويسيون وجهندا آهن، پر ان کي ڪميٽي چوندا آهن. انسان ڀلي ڪهڙي به رنگ نسل جو هجي، پر هن جون ضرورتون

سيريز جون مزاحيه فلمون ڏيکارڻ لڳا ۽ ان کان پوءِ مٿن فلم ڏيکاريندا هئا. انهن فلمن ۾ ٽام ۽ جيري جهڙن ڪارٽونن جو مزو ته اسان کي ايندو هو، پر ان مان هڪ ٻيو فائدو به هوندو هو جو جيڪڏهن فلم ۾ وقت تي نه پهچبو هو ته به اصلي فلم ڏسي وٺبي هئي جيڪا انهن کان پوءِ ڏيکاري ويندي هئي.

ڪارٽون فلمن ۾ ٽام اينڊ جيري جيڪا ڪوئي ۽ ٻلي جي عجيب وغريب ڪارنامن تي مشتمل هوندي هئي، اها ٻارن سان گڏ وڏن ۾ به ڏاڍي مشهور هئي. خاص ڪري انهن جا رنگبرنگي نظارا اڄ سوڌو وساري نه سگهيا آهيون، ليڪن وڌيڪ مزو نين ايندڙ فلمن جا ٽريلر ڏسڻ ۾ ايندو هو، جن ۾ فلمن جا چونڊ دلچسپ ٽڪرا ڏيکاريا ويندا هئا جنهن ڪري انهن فلمن جي اچڻ جو انتظار رهندو هو.

❊❊❊❊❊

وڏي عرصي کان پوءِ مارچ ۾ مينهن جو مُنهن ڏٺو اٿم. جوانيءَ جا اهي ڏينهن جڏهن دل پنهنجو پاڻ کي پنهنجي وجود کي ڏيکارڻ چاهيندي هئي ۽ هاڻي جڏهن پاڻ کي پنهنجو پاڻ کان به لڪائڻ تي دل چوندي آهي، تڏهن تيز هوا سان ڍڪيل آسمان ۽ تيز بوندن جون ڇهنڊڙيون محسوس ڪري آءُ گهر کان ٻاهر نڪري پيس. شايد اهو ڏسڻ لاءِ ته متان زمانو به اهو ساڳيو نه اچي ويو هجي. جڏهن بادل ۽ برسات ۽ ٿڌڙيون هيرون مست ڪري ڇڏينديون هيون ۽ وري مست سائين سان گهاريل گهڙيون جيڪي ڪراچيءَ جي سمنڊ کان ڇاڇري جي ريگستان تائين پکڙيل هيون، ڪٿي نظارن جي روپ ۾، ڪٿي گلن ۽ ٻوٽن جي روپ ۾ ته ڪٿي مست ۽ نشيلن نيڻن جي روپ ۾، ڪلفٽن کان المنظر تائين جا نظارا ۽ ڪڏهن پرينءَ جي پر ۾ ويهي سنتوءَ جا منظر ڏسڻ، جيڪي هن وقت به يادن تي هر وقت ڇانيل آهن.

گهر کان نڪري واڌو واهه ڏانهن ويندي هلڪڙين نازڪ پرين جهڙين بوندن دل ۾ اُڌما ۽ اُمنگون اٿڙيون ته پيدا ڪيون جو ڪجهه دير لاءِ وسري ويو ته انهن اُمنگن جا ساٿي ۽ ماڳ سڀ بدليل آهن. ڪٿي الهداد چنڊ جي ڳوٺ جو جادوئي منظر، ڪٿي هالا پراڻا جي ڇيڪي مٽي جي خوشبو؟ نه وقت ساڳيو نه منظر، البته ڪڏهن ڪڏهن يادگيريون ڪر موڙيو ماضي ۾ پهچايو ڇڏين.

❊❊❊❊❊

اسان جي وقت ۾، يعني 20 صديءَ جي پوئين اڌ ۾، جڏهن انگريزن کي هتان وئي وڏو عرصو ڪونه ٿيو هو ۽ اڃا به بازارن ۾ انگلنڊ ۽ جپان جو ڪپڙو ۽ ٻيو سامان ملندو هو ڪجهه اهڙا، گرم، سوٽ ۽ ريشمي ڪپڙا ڏٺم، جيڪي هاڻ نظر ڪونه ٿا اچن. خاص ڪري گرم ڪپڙي ۾ سرج، جيڪا بليو رنگ جي هوندي هئي ۽ ريلوي جي آفيسرن لاءِ لازمي هوندي هئي، ٽڪيٽ چيڪر کان وٺي اسٽيشن ماسٽر تائين، سڀ سرج جا نيرا ڪوٽ يا سوٽ پاتل نظر ايندا هئا. ان موضوع تي آداب عرض رسالي ۾ هڪ نهايت دلچسپ ڪهاڻي به پڙهي هئم. مون پاڻ به نيري سرج جو ڪوٽ ورتو هو. جيڪو گهڻو پائيندو هوس ۽ پوءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ان سرج جهڙو ئي بليزر جو بلو يا سائو ڪوٽ پائبو هو، ليڪن ان ۾ سرج واري نرمي ۽ گرميءَ جو مليل احساس ڪونه ٿيندو هو ان سان گڏ ڪوٽن لاءِ گيبرڊن جو ڪپڙو ڏاڍو مشهور هو. اهو گهڻو ڪري بادامي رنگ ۾ ملندو هو ته وري پئنٽن لاءِ وورسٽيڊ ڪلاٿ، جيڪو سرمائي يا ناسي هلڪي ۽ تکي رنگ ۾ ملندو هو. ان جو سوٽ ڪونه پائبو هو. جڏهن ته بابا کي ڪراچي جي مشهور درزي عنايت الله مغل، ان جو فل سوٽ ناهي ڏنو هو، جنهن جو دلچسپ واقعو آءُ اڳ ئي لکي چڪو آهيان ته ڪيئن هن بابا کي هڪ ئي ڪپڙي ۽ رنگ جا ٻه سوٽ سبي ڏنا هئا.

شڪاري ڪلاٿ به ان وقت وڏيرن ۽ ميرن پيرن ۾ مشهور هوندو هو. اهو ڏسڻ ۾ ته خاڪي ۽ سونهري رنگ جو مليل جُليل روپ لڳندو هو، پر اُس ۾ هن مان ڪيئن رنگ ڦُٽي نڪرندا هئا. ان جي گرمي ۽ نرمي به لاجواب هئي ٽوئيڊ جا ڪوٽ يا ڪارڊراءِ جون پئنٽون ۽ جيڪيٽ جوان شوق سان پائيندا هئا. جينز جو اڃا رواج ڪونه پيو هو ليڪن مشهور امريڪي پاپ سنگر ۽ اداڪار ايلوس پريسلي جي سوڙهن پانچن واريون پئنٽون نوجوانن ۾ ڏاڍيون مقبول ٿيون. حيدرآباد جي ڪيترن دولتمند ۽ شوقين نوجوانن ته پريسلي وانگي گٽار ڪٽي رستن تي ڳائڻ ۾ به ڪا گهٽتائي ڪانه ٿي سمجهي.

اهي فيشن، جيڪي جلديٰ جلدي بہ بدلجندا رهندا هئا، ڪڏهن سوڙها پانچا تہ ڪڏهن بيل بٽم ۽ ڪڏهن راجڪپور ٽائپ ٽوريون لُنڊيون پتلون بہ ڏٺيوسين انڪري جو اهو سڀ ڪجهه ان دور ۾ فلمن ۾ ڏيکاريو ويندو هو. رومانوي انگلش فلمون ۽ امريڪي فلمون اهڙن ڪپڙن جي شوق جو ذريعو بڻجي ويون هيون جڏهن تہ ٽوباءِ ٽو پاپلين جون قميصون چئرمن يا پريزيڊنٽ لٺي جون سلوارون بہ وڏيرن ۾ توڙي وچولي درجي طبقي ۾ مانُ رکنديون هيون- البتہ غريبن جو ڪپڙو مليشيا يا ڪاڏي سمجهي ويندي هئي جيڪا هاڻ آسمان سان ٿي ڳالهيون ڪري بلڪ ڪورين جون اٿيل سوسيون ۽ گربيون، جيڪي غريب عورتون پائينديون هيون، تن کي اهڙي تہ ثقافتي اهميت ملي آهي، جو ان کي پائڻ لاءِ بہ پئسو هئڻ ضروري آهي، اهي ڪپڙا هاڻي ماڻهو ٻاهرين ملڪن ڏانهن پيا موڪلين جتي ان جي وڏي قيمت آهي. اهو تہ ٿيو پائڻ جو ڪپڙو، پر جيڪا اجرڪ اُس ۽ سيءَ کان بچائڻ لاءِ اوڍبي هئي ان جون بہ بش شرٽون زنانا وڳا ۽ ڊرائنگ روم جا پڙدا ناهيا ٿا وڃن، جنهن مان لڳي ٿو تہ هلڪي ۽ اپري سيري ڪپڙي کي بہ اهميت ملي وئي آهي ۽ جي ان کي ثقافتي سلٽ ملي تہ اها ماڻهن جي سڃاڻ بڻجي ٿي وڃي.

ڪپڙن جون چا ڳالهيون ڪجن شڪاري ڪلاٽ کان شارڪ اسڪن تائين سڀ پائي ڏٺوسين، پر جيڪا آرام جي ننڊ سلوار قميص ۾ ٿي اچي. اها هنن ۾ ناهي.

✽✽✽✽✽

19 جنوريءَ تي صبح جو اخبار تي اک پئي تہ پهرين ئي صفحي تي ڊاڪٽر ايس.ايم قريشيءَ جي تصوير نظر آئي ۽ گڏوگڏ سندس وفات جي خبر جيڪا پڙهندي ئي ذهن تي اهي پراڻا ڏينهن تري آيا، جڏهن هن سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جا موقعا ملندا هئا. خاص ڪري سندس پي.وي.سي ٿيڻ واري دور ۾ ۽ پوءِ تہ تمام گهڻو وقت بلڪ هميشہ لاءِ دوستي ۽ احترام جو رشتو قائم ٿي ويو. ايس.ايم قريشي بختيارپور جي قريشين مان هو، جن مان سائين احمد علي قريشي وڪيل، اعجاز قريشي جو والد تہ بابا جو تمام سنو دوست هئو. ۽ جڏهن بابا 1955ع ۾ سيوهڻ ۾ مختيار ڪار هو تہ هن جي تمام گهڻي اچ وڃ رهندي هئي، بابا بہ هن کي چوندو هو تہ پاڻ اصل ۾ مائٽ آهيون، ليڪن هن مائٽ سان گڏ هڪ سٺي دوست جو رستو بہ قائم رکيو ۽ مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي اعجاز قريشيءَ پنهنجي مسلم سوسائٽي حيدرآباد واري عاليشان گهر ۾ معمول مطابق هڪ دعوت ڪئي هئي، اُتي سائين احمد علي قريشي مون سان ملندي ئي بابا جو ذڪر ڪيو ۽ اکين ۾ آب پرجي آيس. اهڙو ئي قرب مون کي ايس.ايم قريشي صاحب بہ ڏيکاريندو هو. هن سان گڏ پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ ٿيندڙ فنڪشن ۾ يا امريڪن سينٽر ۽ برٽش ڪائونسل لائبريريءَ ۾ ٿيل ملاقاتون تہ هميشہ ياد رهنديون ليڪن خاص ڳالهہ اِها آهي تہ هن مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ٿيڻ کان وٺي سيڪريٽري تعليم ۽ يو.جي.سي ۾ جيڪي اعليٰ عهدا ماڻيا، تنهن ۾ پنهنجي تعلقات ۾ ڪو تڪلف پيدا ٿيڻ نہ ڏنائين، جڏهن تہ هن سان گڏ پيا جيڪي پي.وي.سي مقرر ٿيا ۽ پوءِ وائيس چانسيلر بہ ٿيا تن ۾ اها جوت ڪونہ هئي.

قريشي صاحب ڪنهن موقعي مهل تي چاهي يونيورسٽيءَ جو وسي هوندي يا خان محمد پنهور جي ورسيءَ جي صدارت ڪندي يا ڪنهن بہ شادي ۽ غميءَ جي موقعي تي جڏهن ۾ مليو، هميشہ اُٿي ڀيٽندو هو ۽ هميشہ جيان پيار جي ڀاڪرن ۾ ڀريندو هو.

هن شخص جتي بيشمار خوشيون ڏٺيون اتي غم بہ ڏٺا، پر منجهنس سٺيون عادتون ڪڏهن ڪونہ بدليون، تڏهن تہ هن جهان مان وڃڻ کان پوءِ بہ نہ صرف ياد آهي بلڪ هن سان گڏ گذاريل يادون وري بہ جي پيون آهن.

✽✽✽✽✽

مون پنهنجي جوانيءَ واري دور ۾ جيڪي گرم توڙي سوٽي ڪپڙا پاتا، انهن جو هاڻ ڪو خاص نالو ڪونہ ٿو ٻڌجي بلڪ هاڻ تہ ڪپڙن ۾ اها نفاست ۽ مضبوطي بہ نہ رهي آهي جيڪا ان دور ۾ هوندي هئي. سوٽي ڪپڙن ۾ قميص لاءِ ٽوباءِ ٽوپاپلين نهايت ئي مشهور بہ هئي تہ آرامده ۽ ٽڪائدار بہ، جڏهن تہ سلوار لاءِ چيئرمن پٽيو (لٺو) نهايت مشهور هوندو هو. پريزيڊنٽ لٺو بہ هوندو هو ۽ غريب غربو بافتي جي شلوار پائيندو

قلمي نالو شهزادو گلفام هو، جنهن سان گڏ ڪيئين دلچسپ يادون ۽ مزيدار واقعا وابسته آهن، جيڪو عبرت اخبار ۾ قلمي صفحو به ڪڍندو هو، جتي محمد علي ۽ مصطفيٰ قريشيءَ جهڙا فلمن جا متوالا پيا هن وٽ چڪر هڻندا هئا ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ به فيچر ۽ ڊراما لکندو هو، جيڪي نج سنڌي ثقافتي زندگيءَ جي ترجماني ڪندا هئا ۽ عوامي سطح تي ايترا ته مقبول هوندا هئا، جو ريڊيو جا ٻڌندڙ هن جي ٻلاري ۾ تمام گهڻا خط موڪليندا هئا، جيڪي خطن جي پروگرام ۾ نشر ٿيندا هئا. نه صرف ايترو پر 1965 جي جنگ ۾ هو به اسان سان گڏجي ريڊيو تان هندستان جي اڳرائيءَ جي موضوع تي مفت فيچر لکي ڏيندو هئو، جيڪي جڏهن نشر ٿيندا هئا ته ماڻهو پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي وڃي ريڊيو کوليندا هئا.

اهو گلفام ٿيٽر جو به شوقين هو ۽ سندس ڪيترا ڊراما اسٽيج تي پيش ٿيا، جن جا اداڪار هر وقت هن سان گڏ پيا هلندا هئا. انهن ۾ هڪ ته جڏهن هن سان گڏ ڪراچي کان ٺٽي جي رستي حيدرآباد، بس ۾ پئي آيو ته نئين ڳاج وٽ بس کي بيهاري ڇڏيائون. ان ڪري جو ان وقت بارشن جي ڪري نئين زور شور سان پئي وهي ۽ اهو ڇوڪرو تجسس کان جڏهن نئين جي ويجهو ويو ته، پاڻي هن کي لوڙهي ويو، هن واقعي گلفام کي تمام گهڻو ڏک پهچايو.

گلفام جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيو ۽ ڪيس سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڪانٽريڪٽ تي رکيو ويو تڏهن اردو شعبي جو استاد ۽ اديب مرزا سليم بيگ، منهنجي افسانن جو اردو ترجمو سهيڙي آيو ۽ ڇاپڻ جي خواهش ڏيکاريائين. مون چيومانس ته پلي ڇاپي ۾ گلفام سان به صلاح ڪر. هن مسودو وڃي گلفام کي ڏنو، جنهن نه صرف اهو ڇاپڻ جو ذمو کنيو، پر پنو به خبر ناهي ڪٿان هٿ ڪيائين. ٽائيٽل به پاڻ ئي ٺاهيائين، بلڪ ڪرائي هن جي هٿ تي "قاضي خادم کي افساني" رکيائين. ائين مرزا سليم بنا به ڪنهن پئسي ٽڪي خرچ ڪرڻ جي پبلشر ٿي ويو.

گلفام، آفتاب شيخ، خورشيد شيخ ۽ نثار شيخ جو دوست به هئو، وڏو وقت اسين هر وقت گڏ هوندا هئاسين، هُو به هاڻ هن جهان ۾ ڪونه آهن، گلفام پريس ۾ به ڪم ڪندو رهيو. اسان جي پريس ڪلب واري بينڪ ۾ به اچڻ جاري رکيائين. جنهن کانپوءِ جڏهن مون پريس ڪلب کان موڪلايو ۽ ڏيٺلداس ڪلب ۾ آيس ته مون سان گڏ پيا به ڪجهه سائي پريس ڪلب ڇڏي هليا آيا، جن مان صحافي نثار چنا، اداڪار طاهر رضوي، چوڌري ايلياس ته گذاري ويا، هاڻ 24 اپريل تي گلفام به گذاري ويو.

هُن بردبار، سنجيده ۽ پيار ڪرڻ واري ايماندار شخص جو تفصيلي احوال ضرور لکڻ گهرجي. جنهن سڄي ڄمار جدوجهد به ڪئي پر ڪنهن جي اڳيان سوالي نه بنيو ۽ نه ڪو بي ايمانيءَ جو ڏنڪو ڪيائين، تنهن ڪري هميشه خوش رهندو هو. مون هن کي صرف ٻه دفعا ڏکويل حالت ۾ ڏٺو. هڪ دفعو جڏهن سندس وڏو ڀاءُ ننڍي محمد خان ۾ گذاري ويو هو ۽ ٻيو دفعو جڏهن سندس گهر واري گذاري وئي هئي. ورنه هميشه متوازن شخصيت رهيس، آخر تائين ڪتابن ۽ راند روند جو شوقين رهيو ۽ اوچتو اهڙي بيماري اچي ورايس جنهن کان بچي نه سگهيو. مون کي افسوس صرف اهو آهي ته آءٌ هن جو توڙي اسان جي پياري دوست آفتاب شيخ جو آخري ديدار نه ڪري سگهيس.

❊❊❊❊

منهنجو دوست ۽ يونيورسٽي فيلو محمد علي ڏيپلائي، سنڌ جي نامور اديب ۽ انقلابي محمد عثمان ڏيپلائي جو پٽ هئو، جيڪو عمر ۾ اسان کان وڏو هوندي به اديب هئڻ ناتي اسان کي پنهنجو دوست ئي سمجهندو هو. محمد علي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڪنامڪس شعبي مان بي.اي آنرز فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۽ سي.ايس.ايس امتحان ۾ ڪامياب ٿيو. محمد عليءَ صرف پنهنجي ذهانت ۽ محنت پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ تمام وڏا عهدا ماڻيا ۽ هميشه پيءُ جي زندگي ۽ ادب کي اجاگر ڪرڻ ۽ زنده رکڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو. هُو 10 اپريل تي وفات ڪري ويو. مون کي هن کان سواءِ ٻيو صرف نادر ابڙو ئي اهڙو نظر ٿو اچي، جيڪو هر سال پنهنجي پيءُ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي ورسي ٿو ملهائي.

ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر ايوب جروار ۽ ٻين دوستن سان ٿي.

ڄام شوري جي شوخ ۽ چنچل هوائن ۾ هڪڙي شام ويلا ۾، جڏهن ڊاڪٽر محبت ٻرڙو البيروني هال جي ڇت تي لغڙ اڏائي رهيو هو ته مون ڪانئس سوال ڪيو ته: سياسي ڪارڪن جي وصف ڇا آهي؟

هن مرڪندي جواب ڏنو هو ته: ”هر فن مولا يعني جيڪڏهن دنيا جي سڄي ڏاهپ، حسن، سچائي، ايمانداري، وفاداري، سهپ، رواداري ۽ قربانيءَ جي جذبن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ان منجهان ڪو سلڇڻو، باڪردار ۽ باعمل انسان ٺاهي سگهجي، ته اهو سياسي ڪارڪن هوندو.“ سندس ڪارڪن لاءِ اها تشريح اڄ تائين نه رڳو منهنجي ذهن ۾ زنده آهي پر مون ڊاڪٽر محبت کي زندگيءَ جي هر موڙ تي ڪارڪن جي ان تشريح جي حقيقي روپ ۾ ڏٺو. هو هر فن مولا شخص هو، باڪردار هو، ايماندار ۽ وفادار هو، باشعور ۽ باضمير هو، سرگرم ۽ سهڪاري هو، هو پنهنجي سِرشتِ ۾ پنهنجن ئي خيالن وارو سياسي ڪارڪن هو. هُو لطيف جي ان سٽ:

گندي ۽ گراهه جن ۾ سانديو ساهه سين،
تنين ڪان الله، اڃا ۾ آڳاهون ٿيو.

جي هوبهو ڦوٽو ڪاپي هو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا 1972ع ۾ ٿي. هيءُ اهو دور هو، جڏهن پاڪستان وڏي عرصي کان پوءِ، ڏکهي سياسي سازش ۽ مارشل لائي آمريت کي خيرآباد چئي، پنهنجي تاريخ جي پهرين صاف ۽ شفاف، بالغ راءِ دهي تحت اليڪشن ڪرائي چڪو هو. ان کان اڳ ون يونٽ ٽُٽي چڪو هو ۽ ذوالفقارعلي ڀٽو، هن خطي جو وڏو شعلہ بيان مقرر ۽ عوامي اڳواڻ طور سامهون اچي چڪو هو، سندس زور خطابت ۽ فڪري سبز باغن ڪيترن ئي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ اڳواڻن جا ٽيهريءَ تي روزا ٽوڙي وڌا هئا ۽ ڪين پنهنجي اُميدن جي ساپيان ڀٽي صاحب جي سياست ۾ نظر اچڻ لڳي هئي.

تعليمي ادارن ۾ هڪ طرف ڀٽي جي سحر انگيز قيادت ۾ سپاف ميدان مارڻ جي جوش جذبي سان لٽل هئي، ته ٻئي طرف ايس. اين. ايس. ايف ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ڪميونسٽ ۽ قومپرست ڌڙن جي شڪل ۾ سامهون اچي چڪي هئي ۽ تعليمي ادارن ۾ قومپرست ڌڙو جي. ايم. سيد جي رهبريءَ هيٺ جساف جي نالي ۾ منظم ٿيڻ لڳو هو آزادي جو رومانس ۽ مهر جوئي جي جذبي گڏجي شاگرد سياست ۾ هڪڙو هيجان آڻي ڇڏيو هو.

جڏهن 1970ع جي آزاد اليڪشن جا نتيجا، اسٽيبلشمينٽ جي منشا موجب نه آيا ته ملڪي سياست ۾ هڪڙو وڏو ڀونچال اچي ويو هو ۽ غالب امڪانُ اِهي هئا ته ملڪ هڪ ڀيرو ٻيهر مارشل لا جي آمريت جي ور چڙهي ويندو. بنگالين جي پرامن جمهوري جدوجهد رياستي ڏاڍ سبب آهستي آهستي پنهنجو رنگ تبديل ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ اها ڏاڪي ۾ ڏاڪي عليحدگي ۽ قومي آزاديءَ طرف وڌي رهي هئي. حڪمرانن جي هوڏ ۽ هندستان جي مدد ٻرندڙ تي پيٽرول جو ڪم ڏنو ۽ اوڀر پاڪستان آخر بنگلاديش ٿي ويو.

گاهه ڪٽي، آخري گوليءَ ۽ آخري سپاهيءَ جي ساهه تائين وڙهڻ جي دعويٰ واريءَ گهرڙن وانگر، هوا جي هڪڙي جهوٽي تي ڍهي پٽ پئجي وئي. جنرل نيازيءَ جي ڪمانڊ هيٺ نوي هزار فوجين وڏي شان ٻي نيازيءَ سان پنهنجي سموري جنگي ساز ۽ سامان سان گڏ هندستاني جنرل اروڙا اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري سرينڊر ڪيو، جيڪو منظر سڄيءَ دنيا پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ڪنن سان ٻڌو. پاڪ فوج بنگالين سان ڪهڙا ڪُلور ڪيا ۽ ڪهڙيون قيامتون برپا ڪيون، سو هاڻ تاريخ جو حصو ٿي چڪو آهي.

جي.ايم.سيد ان سڄي صورتحال کان متاثر ٿيندي پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ هڪڙي نئين نعري جو اضافو ڪندي سنڌوديش جو پروگرام ڏئي ڇڏيو.

اڪثر ڪري سفر ۾ ساڻس ضروري شين سان گڏ ڪتاب به ساڻ هوندا هئا. اهي ڪتاب ڏيکارڻ واري فيشن تحت نه بلڪ زندگيءَ جي هر پل کي ڪارائتو بنائڻ لاءِ هوندا هئا. هو بس، وين ۽ ريل گاڏيءَ ۾ به مطالعو ڪندو هو، جيڪا عادت به ڪيس ننڍپڻ کان ئي هئي.

هو علمي ۽ ادبي رسالن: شاگرد ميگزين، سنڌي پبليڪيشن، انجيڪشن پبليڪيشن ۾ مضمون، ڪهاڻيون ۽ تبصرا به لکندو هو ته انجيڪش پبليڪيشن جو ڪاتب به پڻ هو. سندس هٿ اکر موتين جي مالها لڳندا هئا. ڪيس سياسي بحث مباحثي جو تمام وڏو فن هو، هو ٿوري ئي دير ۾ پنهنجي ڀرپور دليلن سان مخالفن کي يا ته قائل ڪري پنهنجو حمايتي بڻائي ويندو هو يا کين ڪُنائي بس ڪرائي ڇڏيندو هو. سندس ساڳي شوخي ۽ دليلن جي پختگي سندس تحريرن ۾ به نمايان طور نظر ايندي، خاص طور تي سندس تنقيدي ڪتاب "جيڪو سچ چوي" سندس شوخ، اڪابر ذهن جو اعليٰ نمونو ۽ هڪڙو لازوال شاهڪار آهي. هن جي لکڻ جو پنهنجو ڍنگ ۽ اسلوب هو، هُو جڏهن تنقيد ڪندو هو ته سندس لفظن ۽ دليلن جي چونڊ ڪنهن "نشتر" کان ڪنهن به طور گهٽ نه هوندي هئي.

سندس شاگرديءَ جي زماني ۾ ڪيترائي وڏا واقعا پڻ ٿيا، جن شاگرد سياست توڙي عام سياست ۾ وڏا ٽرٽلا آڻي ڇڏيا هئا. انهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ڪنووڪيشن ۾ ان وقت جي وفاقي وزير قانون ۽ تعليم عبدالحفيظ پيرزادي کي چماٽ لڳڻ، محترم نصرت ڀٽي جي موجودگيءَ ۾ بيگم رعنا لياقت علي خان جي ساڙهيءَ تائين شاگردن جا هٿ پهچڻ ۽ ان کان پوءِ سنت ئي ان دور جي صوبائي وزير ٽرانسپورٽ مسٽر زيديءَ جو سنڌ يونيورسٽي لڳ اغوا ٿيڻ، شاگردن جون هڪ ٻئي سان خونريز جهڙپون ٿيڻ ۽ سيد علي مردان شاهه جو قتل ٿي وڃڻ، تمام وڏا واقعا هئا جيڪي شاگردن جي مهم جوئي جو نتيجو هئا، پر ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ڪڏهن به ان سياسي رومانس جو نه رڳو حصو نه رهيو پر انهن کان متاثر به نه ٿيو ڇو ته هن وٽ سياست جو تصور ئي جاڻ ۽ ڏاهپ سان هو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پنهنجي ميڊيڪل جي پڙهائي پوري ڪري ٻن سالن لاءِ لازمي ملٽري سروس ۾ هليو ويو ۽ جڏهن هو ڊاڪٽر ڪيپٽن جي نوڪري ڇڏي واپس آيو ته سنڌ جي صورتحال ۽ سياسي وايومنڊل ڪافي تبديل ٿي چڪو هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته سياسي پارٽيون جن شين جون فڪري طور تي مخالف هونديون آهن، وقت گذرڻ سان گڏ انهن ئي شين جون چيمپئن بڻجي پونديون آهن. تيئن عوامي تحريڪ جيڪا شخصيت پرستي، جهالت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي مخالف هئي، نين ۽ شاندار روايتن جي امين هئي، گڏيل قيادت ۽ گڏيل ڏاهپ جي قائل هئي، سوال اٿارڻ ۽ دليل ڏيڻ طرف راغب هئي، سا ڏاڪي به ڏاڪي انهن ئي شاندار روايتن جي مخالف ڏس طرف وڌڻ لڳي ۽ رات وچ ۾ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ کي لڪ چپ ۾ طلاق ڏئي ساڳي ئي روايتي سياست جي مروج مزاج جي ڏٻڻ ۾ ڦاسڻ لڳي ۽ لوڻ جي کاڻ ۾ لوڻ بڻجڻ لڳي هئي.

اهو عمل روسي انقلاب جي بحران سبب هيڪاري تيز ٿي ويو ۽ ڪيترائي ڏسٽا وائسٽا، نام ڪُنيا انقلابي اڳواڻ توبهه تائب ٿي جُوڻ مٽائڻ جي ڪرت سان لڳي ويا. ڪن وچي تبليغي جماعتون ۽ فيروزي فرقن ۾ پناهون ڳوليون ته ڪن ڳچين ۾ توا ٽنگي، ترقي پسنديءَ کي در، در تي گيسيون ڪرائي معافيون ۽ تلافيون وٺڻ شروع ڪيون.

اهڙي ماحول ۾ به ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پنهنجي پوري سگهه ۽ استقامت سان ترقي پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ جو حامي ۽ حمايتي رهيو. هن ڪڏهن به پنهنجي فڪري واٽ تي حرف اچڻ نه ڏنو ۽ نه وري ڪو پڇتاءُ ڪيو، ڄڻ ته هو انهن فڪري جامڙن کي چئي رهيو هجي ته:

سي ڪانئر ڪڙم ڪنهن ٻئي منجهان،
جـي لائـي نينهـن پڇتـائـن ٿـا. (اياز)

عالمي صورتحال جي تبديليءَ سان گڏ سندس پارٽي جون ترجيحون به بدلجي چڪيون هيون، پر ڊاڪٽر محبت برڙي جو خيال هو ته عالمي صورتحال جو سنڌ ۽ ملڪ جي حالتن تي ڪو به مثبت اثر نه پيو آهي، جنهن سبب ساڳيوئي قرلٽ ۽ مارا ماري وارو نظام نه رڳو جيئن جو تيئن برقرار هو پر مظلوم ۽ محڪوم طبقن جون معاشي، سياسي ۽ سماجي حالتون اڳ کان به وڌيڪ خراب ٿي چڪيون هيون، ان ڪري قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جو سوال ۽ سامراجي مداخلت ۽ جمهوريت جي حقيقي بحالي، اڳ جيان ئي اهم سوال هئا، ته ٻئي پاسي مذهبي انتهاپسندي ۽ لساني دهشتگرديءَ کي رياستي سرپرستيءَ ۾ پروان چاڙهيو پئي ويو.

اهو ئي سبب هو جو هن اهي سوال مرڪزي ادارن ۾ پيش ڪرڻ ۽ انهن تي مدلل بحث ڪرڻ شروع ڪيو ته "پارٽيءَ جي اسٽيبلشمينٽ" ۽ سربراهه کي اهي نظرياتي بحث خطري جي گھنٽي محسوس ٿيڻ لڳا ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ سازشي رٿائون جُڙڻ شروع ٿيون ۽ انهن تي عمل ڪندي ڊاڪٽر محبت برڙي ۽ ڪيترن ئي ٻين نظرياتي سرگرم ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي غداريءَ جا ٺپا هڻي، ڪين پارٽيءَ مان نيڪالي ڏني وئي.

ان صورتحال ۾ به ڊاڪٽر محبت ماٺ ڪري ويهڻ بجاءِ روزانو "جاڳو" ۽ "سنڌ" اخبار ۾ ڪيترائي ڪالم لکي پارٽيءَ جي تبديل ٿيندڙ پاليسين، حڪمت عملين ۽ پارٽي جي قيادت جي به چاپڙائيءَ واري ڪردار کي عوام آڏو وائکو ڪيو. جڏهن کيس يقين ٿي ويو ته سندس سموريون سفارتي ۽ سياسي ڪوششون بيڪار آهن ۽ سندس لاءِ سياست جون بند گهٽيون اجا به وڌيڪ سُڪڙجي سوڙهيون ۽ اونداهيون ٿي چڪيون آهن، تڏهن هن مايوس ٿي قوم کي بيقدري هجڻ جون گاريون ڏيڻ بجاءِ پنهنجي خدمتن جو رخ تبديل ڪري علمي، ادبي، سياسي، سماجي ڪمن ۽ لکڻين طرف ڌيان ڏنو. سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا جي نالي سان هڪڙي وڏي رٿا جوڙي ۽ ان تي ڪم ڪرڻ لڳو. ان لاءِ هن ذاتيون ۽ ديهون، پسون، راڳ، ساز، ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ۽ ڪپڙا، وڻ، ٻوٽا، ٻاڃيون، گاهه، پرزا، اوزار ۽ ليکڪن جون لسٽون ٺاهيون، جيڪي الف اکر تائين مڪمل ڪيون هيون ۽ ان رٿا هيٺ مواد سهيڙڻ جي مهم پڻ هلائي، توڙي جو کيس اها به ڄاڻ هئي ته هيڏي وڏي رٿا، فرد بجاءِ ادارن جو ڪم آهي پر پوءِ به هن ان اصول کي رهنما بڻائيندي ته: سڀ ڪم جو جيترو ۽ جيڪو به ڪم ڪري سگهجي ٿو، سو ضرور ڪرڻ گهرجي.

ان ڪم دوران کيس اهو به محسوس ٿيو ته سائنسي اصطلاح سازيءَ کان سواءِ انسائيڪلوپيڊيا جو ڪم اڌورو آهي، تڏهن هن سائنسي اصطلاح سازي تي پڻ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اها کوٽ پوري ڪري سگهجي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاح سازي ڪرڻ ۽ لفظ گهڙڻ لاءِ بنيادي گس ٺاهيا. هن "ٻول گهاڙيٽو" مضمون ۾ پنجاهه مختلف موضوعن جا سيٽ ٺاهي پيش ڪيا ۽ ٻئي مضمون "سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي" ۾ سنڌي، اصطلاحن لاءِ انگريزي توڙي فارسي ۽ سنڌي ترتيبن تي بحث ڪيو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گڻن کي پڻ نروار ڪيل هو. سندس ان تحقيق کيس هڪڙي اڳرائي لاءِ اتساهيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن "ٻول جو ٻڻ" ۽ "ٻوليءَ جو ٻڻ" جهڙين اهم تحقيقن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ڊاڪٽر محبت برڙي کي سنڌي علم و ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ سان جنون جي حد تائين لڳاءُ هو، هن علمي ۽ تحقيقي ڪم کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ ٿي چاهيو. ان ڪري سندس گهڻو وقت تحقيق ۽ مشاهدي ۾ گذرڻ لڳو. هن سنڌي ٻولي جي سٽاءَ ۽ سنڌي لفظن جي باطن ۽ جوڙجڪ کي سمجهي ورتو هو، جنهن جو اظهار سندن هيٺين مضمونن ۾ نمايان نظر اچي ٿو. (1) هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ، (2) ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي، (3) استدلال جو اهو طريقو غلط آهي، (4) هِڪُ: حقيقت ڇا آهي، (5) جامع سنڌي لغات جو جائزو، (6) الفابيٽ/ رسم الخط/ اسڪرپٽ: ڪجهه اعتراض ۽ ڪجهه انومان.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي شاگردن لاءِ هڪڙو سولي سنڌيءَ ۾ ”ڌرتي منهنجو گهر“ ڪتاب پڻ لکيو. هن علم الانسان (اينٿروپالاجي) ثقافت، سوشيالاجيءَ، جاگرافيءَ ۽ ٻين موضوعن تي پڻ مضمون لکيا، جن مان ڪجهه مضمون ”ماٺهو ۽ ماٺهپو“ ڪتاب ۾ شامل آهن.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن مان هن وقت تائين مختلف موضوعن تي هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن:

**تصنيفون:**

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا- محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر (1998ع).
2. ماڻهو ۽ ماڻهپو (مضمون)- محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر (1999ع).
3. اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون- محبت ٻرڙو (گرامر)، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، (2000ع).
4. يادون ۽ سڪون (ڪهاڻيون)- محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2001ع).
5. ٻوليءَ جو ٻڻ (لسانيات)- محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر (2002ع).
6. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (لسانيات، گرامر)، محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2003ع).
7. شعور (فڪري مضمون)- محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر (2004ع).
8. سنڌ: حڪمران، اير ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام (سياسي مضمون)، محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2006ع).
9. ٻول جو ٻڻ (لسانيات)- محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2007ع).
10. ڌرتي منهنجو گهر (سائنسي مضمون)- محبت ٻرڙو قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2009ع).
11. فلسفو: هڪ مطالعو، محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2012ع).
12. ضميري پڇاڙيون (گرامر)- محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2013ع).
13. فطرت، سائنس ۽ سماج- محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ( (2015ع).
14. محبت جا خط- محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، (2016ع).

سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب




ڪتاب: شاعري ۾ جيئندڙ شخص

موضوع: اينٿالاجي

سهيڙيندڙ: رڪيل موراني

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2018ع

قيمت: -/600 رپيا

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ. ڄامشورو



غلام محمد لاکو

# شڪارپور جون چار صديون

شڪارپور جي تاريخي شهر کي هن سال، چار صديون مڪمل ٿيون. اڄ جو هيءُ ميڙاڪو شهر جي چئن صدين مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان منعقد ٿي رهيو آهي. اهڙي علمي جلسي ڪرڻ تي، شڪارپور جي اديبن، دوستن، عالمن ۽ صحافين کي جَس هجي!

آءٌ خليل موريائي صاحب، نذير احمد شاڪر بروهي ۽ محترم اياز ابڙي جو ٿورائتو آهيان، جن مون تي بار بار زور وڌو ته، آءٌ نه رڳو شڪارپور جي چئن صدين مڪمل ٿيڻ تي، ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيان، ليڪن ان جلسي جي صدارت جو شرف به مان حاصل ڪريان. اهڙي عزت، آدرڀاءَ ۽ همت افزائيءَ لاءِ سچ ته آءٌ انهن دوستن جو شڪرگذار آهيان.

جلسو لڳ ڀڳ چار ڪلاڪ هليو آهي. ڪافي دوستن شڪارپور شهر جي تاريخ، تهذيب، تعليم، ادب، ريتن رسمن تي گفتگو ڪئي آهي. ان ريت شهر جي تاريخي اهميت، وڌيڪ اُجاگر ٿي آهي. محترم زُبير سومري جلسي جي ڪاروائي، تمام صبر سان ۽ سهڻي نموني سان هلائي، ان لاءِ هيءُ نوجوان جَس لهڻي.

هن علمي مجلس ۾ شڪارپور جي بنياد واري سال تي به بحث ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ شهر جي بنياد واري سال يعني ته، سن 1026هه/1617ع کي تڪراري نه بنائڻ گهرجي. اگر ان حوالي سان ڪا نوس علمي ڄاڻ حاصل ٿئي ته پوءِ، ان تي بحث ڪري نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

مير علي شير قانع ٺٽوي لکندڙ آهي، جنهن ڪلهوڙا دور جي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ شڪارپور شهر جو ذڪر ڪيو.

آءٌ تاريخ جو شاگرد آهيان، انڪري ماضي پرست آهيان. ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ شاهه فقيرالله علوي، جيڪو آيو ته اولهه کان هو، پر شڪارپور جي شهر ۾ اچي ٽڪيو. وفات بعد هن جو ڪفن دفن به هن شهر ۾ ٿيو. تصوف جي حوالي سان هن جون لِکتون، خاص اهميت رکن ٿيون. علوي مرحوم جا ڪتاب ڪابل، قنڌار، ڪوئيٽا ۽ پشاور مان شايع ٿيندا رهن ٿا. هن جا لکيل خط، سنڌ جي سياسي ۽ علمي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. اهي خط، فارسيءَ ۾ آهن ۽ ”مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي“ جي نالي سان ڇپيل آهن.

1843ع کان پوءِ انگريزن جي دور ۾، فارسي- عربي ٻولين جي جاءِ، سنڌي- انگريزي زبانن کي ملي. ان هوندي به شڪارپور جي منشي عطا محمد پنهنجي دور جي اتهاس کي فارسي زبان ۾ ”تاريخ تازه نوائي معارڪ“ جي نالي سان لکي محفوظ ڪيو. هن ڪتاب ۾ ميرن- ٽالپرن جي دور، ان دور جي افغانستان جي حالتن ۽ سنڌوماٿر طرف انگريزن جي وڌندڙ دلچسپيءَ بابت گهڻو مواد موجود آهي. ڪرڙيءَ جي جنگ جي باري ۾، هن جي ڏنل ڄاڻ ڪافي مفيد آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، منشي عطا محمد کي افغان لکندي، هن جي باري ۾ اڻ وڻندڙ گفتگو ڪئي آهي. جَس هجي پروفيسر امين الله علوي صاحب کي، جنهن بعد ۾ مضمون لکي ثابت ڪيو ته عطا محمد افغان نه هو، پاڻ سنڌي هو ۽ ذات جو ٻگهيو هو. هن (عطا محمد) پنهنجي ڪتاب ۾، هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾، ان وقت سِنڌ ۾ جيڪو سياسي ڀونچال هو، سنڌي عوام وڏي آزار ۾ هو، ۽ خاص ڪري شڪارپور ۽ اتي جو عوام، جنهن مصيبت مان گذريو ٿي، ان سڄي ماجرا کي منشي

صاحب محسوس ڪيو، ۽ تاريخي ڪتاب لکي محفوظ ڪيو. هيءُ ڪتاب فارسي زبان ۾، آقا عبدالحئي حبيبي افغانيءَ ايڊٽ ڪيو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي 1959ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جي ڇپرائڻ ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جي گهڻي دلچسپي هئي. جڏهن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڇپيو ته، ان مان ڪي حصا خارج ڪري، تاريخ جو وڏو نقصان ڪيو ويو.

ديني تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان، ويجهي ماضيءَ ۾، شهدادڪوٽي عالمن جي هڪ شاخ جو سلسلو، ۽ ٻيو همايوني استادن جي شاخ جو سلسلو، نه رڳو سنڌ ۾ خدمت ڪندو رهيو، ليڪن انهن جي شاگردن ۽ پوئلڳن جو سلسلو، پنجاب ۽ بلوچستان تائين پکڙيل هو. انهن عالمن جون جاري ڪيل مذهبي فتوائون، فارسي زبان ۾ آهن. ڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل، ته ڪي اڻ ڇپيل حالت ۾ ملن ٿيون. هي ٻئي ديني تدريسي سلسلا، شڪارپور جي ايپاس ۾ خاص اهميت رکن ٿا. انهن جو ذڪر مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، پنهنجي لکڻين ۾ ڪيو آهي.

سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ نئون تعليمي سرشتو وجود ۾ آيو. پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول، ۽ اعليٰ تعليم لاءِ ڪاليج کُليا. سنڌ ۾ ابتدائي طور ٽي ڪاليج کُليا. اهي ٽي ڪاليج سنڌي هندو سيٺين، ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي ڪوشش ۽ ڏوڪڙن سان وجود ۾ آيا.

شروع ۾ ڪراچي، پوءِ حيدرآباد ۾ ڪاليج شروع ٿيا. هنن ٻن ڪاليجن کان پوءِ، سنڌ ۾ ٽيون ڪاليج سال 1933ع ۾ شڪارپور ۾ برپا ٿيو. هيءُ ڪاليج ٻن سيٺين: چيلا سنگهه سترامداس بجاج ۽ سيتلداس تيرٿداس پنجابي، پنهنجي ذاتي رقم مان تيار ڪيو. اڄ تائين هيءُ تعليمي مرڪز: سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور (C and S, College) جي نالي سان موجود ۽ مشهور آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور جا ماڻهو، سنڌ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾، اعليٰ تعليم ۾ اڳڀرا رهيا.

جديد سنڌي ادب ۾ شڪارپور جو نمايان ڪردار آهي. انهن مان هرهڪ ڪردار پنهنجي جاءِ تي چنڊ وانگر روشن آهي. لطف الله بدوي مرحوم، شيخ اياز، ثميره زرين، نياز همايوني، آغا سليم، حبيب الله ڀٽو، محمد حنيف صديقي، آغا بدر عالم دراني، نورالدين سرڪي، شمس سرڪي، مولانا محمد قاسم، مولانا محمد ابراهيم (ڳڙهي ياسين جا بزرگ) ۽ مولانا عبدالڪريم چشتي، ادبي دنيا جا تمام وڏا نالا آهن. اڄ هتي انهن کي ياد نه ڪرڻ وڏي زيادتي ٿيندي. ناليري عالم مولانا دين محمد وفائيءَ جو تعلق به، هن ضلعي سان هو.

ادب ۽ اديبن جي ذڪر ۾، ڪتب خانا موجود هئا، ليڪن ڳڙهي ياسين ۾ آغا بدر عالم دراني، مولانا محمد قاسم، مولانا دين محمد وفائي ۽ مولانا محمد ابراهيم جا ڪتب خانا به وڏي اهميت وارا هئا. مون کي خبر نه آهي ته انهن ڪتب خانن جي ڇا صورتحال آهي؟ انهن ماڳن ۽ ڪتب خانن کي ڏسڻ لاءِ، جرمن خاتون اسڪالر ڊاڪٽر انيميري شمل ۽ مولانا اعجازالحق قدوسي، مشهور عالم پير حسام الدين راشديءَ سان گڏ، شڪارپور ۽ ڳڙهي ياسين جا پيرا ڪندا هئا.

انگريزن جي دور ۾ برصغير ۾، جديد صحافت جا بنياد پيا، ڇاپخانا لڳا، اخبارون جاري ٿيون، ۽ ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. اوائلي دور ۾ شڪارپور جي مرزا مخلص علي ۽ سندس خاندان، فارسي ۽ سنڌي اخبارون جاري ڪيون. انهن اخبارن جا نالا: مفرح القلوب، ۽ مطلع خورشيد هئا. هيءُ اخبارون هند ۽ سنڌ کان علاوه، ايران ۽ افغانستان تائين به وينديون هيون. مرزا مخلص علي 1877ع ۾ وفات ڪئي. هن جي خاڪي جسم کي شڪارپور جي مِٽيءَ، ابدي آرام لاءِ جاءِ ڏني.

پريس جو ذڪر نڪرندو ته پبلشرز جو حوالو به ايندو. ان ڏس ۾ به شڪارپور جو چڱو ڀلو ڪردار آهي. منشي پوڪرداس، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز، توڙي اڄ جي دور ۾ مهراڻ اڪيڊمي، سنڌي ادب، بولي، تاريخ ۽ ثقافت جي خدمت ۾ سرگرم آهن.

هنن ادارن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

تمام وڏو علمي ڪم جيڪو موجوده دور ۾، شڪارپور جي پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب ڪيو آهي، ان جو ذڪر نه ڪجي ته آءٌ پاڻ کي گنهگار سمجهندس. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو سيرت طيبه "سيرت هاشمي" جي نالي سان ڇپرايو آهي. هيءُ رڳو ترجمو ڪونهي، پر تخريج، تقديم، تشريح ۽ تحقيق وارو نهايت عُمدو ڪم آهي. هڪ هڪ لفظ تي، نالي ۽ ماڳ مڪان تي زير، زبر، پيش ڏيڻ سان، ڪتاب جي وڏي اهميت ٿي پئي آهي. سچ هيءُ آهي ته آءٌ ڪنهن ڊگري ڏيندڙ اداري جو سربراهه هجان ها ته، هن ڪم تي اسرار احمد علوي صاحب کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيان ها.

شڪارپور جي شهر ڇئن صدين جو سفر طئه ڪيو آهي. شهر جي تاريخ تي لکندي "مهر" قبيلي جي ڪردار ۽ دور کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. هن جلسي ۾ ان قسم جو ذڪر ٿيو آهي ته، دائودپوٽن جو ڪردار ظاهري طور، ڪلهوڙن سان ويڙهه جي پس منظر ۾ سامهون اچي ٿو، پر اسان کي ڪيپي ته تحقيق ڪندي، مهرن جي جاکوڙ کي به ظاهر ڪجي. البت هيءُ خاطري آهي ته، شڪارپور جي شهر ۽ ماڻهن، انگريزن جي سنڌ فتح ڪان پوءِ (1843ع) سُک، ترقي، توڙي امن امان جا ڏينهن ڏٺا. جديد تعليم، تجارت جي واڌ ويجهه، ۽ ريلوي لائين جي اچڻ سان، هيءُ شهر ترقيءَ جي رستي تي گامزن ٿيو. چارلس نيپيئر نئين سنڌ جي نقشي ۾، صرف ٽي ضلعا وجود ۾ آندا. ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. ان مان هن شهر جي اهميت جي خبر پوي ٿي. ليڪن سال ٻن ۾ انگريزن کي هن علائقي جي سرحدي اهميت ۽ بدامنيءَ کي ڏسندي، هڪ وڌيڪ ضلعو ناهڻو پيو. ان ضلعي کي اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ (جيڪب آباد) نالو ڏنئي، ان لاءِ جان جيڪب کي عملدار مقرر ڪرڻو پيو. نئين ضلعي جي اهڙي نه جوڙجڪ ڪئي وئي جو، ان جو تعلقو ڳڙهي خيرو، جهڏوڪ: شڪارپور جي حفاظت جو فرض سرانجام ڏيندو هجي. ان پس منظر ۾ هن شهر جا سيٺ ۽ ڪاروباري ماڻهو، ڪابل قنڌار ڪان نڪري، سمرقند بخارا تائين وڃي پهتا، ۽ پوءِ پنهنجي واپار کي سڄي دنيا ۾ ڪٽي ويا. ان ڪري جڏهن ڪلاڊ مارڪووٽس ڪتاب لکيو، تڏهن شڪارپور- حيدرآباد جي واپارين کي، سڄي دنيا ۾ ڳوليندي، هڪ بهترين ڪتاب تيار ڪيائين، ان جو نالو هن طرح آهي:

Claude Markovits: "The Global world of Indian Merchants", Cambridge University Press, 2000.

مارڪووٽس سنڌي سيٺين کي هندستاني واپاري لکيو آهي. سنڌين کي هندستاني لکڻ زيادتي آهي. ڪتاب جا سنڌي ۽ اردو ترجما ڇپجي چڪا آهن.

نئين دور ۾ سياسي جماعتون اُڀريون ۽ سياستدان پيدا ٿيا. هن مجلس ۾ شهيد الهه بخش سومري جو ذڪر ڪرڻ لازم آهي. سندس شهادت سان، سنڌي ماڻهو يتيم ٿي ويا، ۽ اسان اڄ به سياسي يتيم آهيون. نورالدين سرڪي صاحب، ليو ٽالسٽاءِ جو ڪتاب ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب "نيٺ ڇا ڪجي؟" نالي سان ڇپيل آهي. سچ هيءُ آهي ته اسان سنڌي، اڄ جتي بيٺا آهيون، ان ڪري اهو سوال اڄا به موجود آهي!

اوهان جي وڏي مهرباني. مون اوهان جو گهڻو وقت ورتو!!

(26 نومبر 2017ع تي، شڪارپور ۾ منعقد ٿيل علمي سيمينار جي موقعي تي، ڪيل صدارتي تقرير)

حڪمراني ڪرڻ لاءِ مغل روايتن کي مانُ ڏيڻ ۽ پيروي ڪرڻ جو پڻ ڪيو. هندستان جا ماڻهو مغل حڪومت جي سختي ۽ سفاڪي جا هيراڪ ۽ عادي بڻجي چڪا هئا ۽ روشن خيال ۽ لبرل نظام کي مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا جيڪو يورپ ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري زور وٺي ويو هو. انهيءَ ان ڳالهه تي وڏو بحث مباحثو ڪيو ويو ته مغل حڪومت پنهنجي مزاج ۾ ظالم هئي يا نه، ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪردار ۽ ان جي استبدادي اختيار جي استعمال جي پڻ نندا ۽ مذمت ڪئي وئي.

ٽيون دانشور اليڪسي ڊي ٽاڪويل آهي، جنهن "ڊيموڪريسي ان آمريڪا اينڊ ڊي فرينچ رووليوشن" ڪتاب تحرير ڪيو. هو دانشور هئڻ سان گڏوگڏ سياستدان پڻ هو، جنهن اهم سياسي فيصلا سازيءَ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. هي سامراجيت جو دؤر هو ۽ يورپي طاقتون تهذيب جي نالي ۾ آفريقي ۽ ايشيائي ملڪن کي بينڪيتون بنائڻ واري ڪم ۾ مصروف عمل هيون.

1830ع ۾ فرانس، الجيريا تي حملو ڪري ان کي پنهنجي بينڪيت بڻايو. ٽاڪويل هن عمل جي مڪمل طور حمايت ۽ مدد ڪئي. الجيريا واري معاملي ۾، بينڪيت جو فرانسيسي طريقيڪار بلڪل مختلف هو. رڳو ملڪ کي بينڪيت بنائڻ ۽ ان جي وسيلن جي زبردستي ڦرلٽ ڪرڻ واري ڳالهه تي زور نه هو، پر الجيريا جي تشخص کي مسخ ڪرڻ ۽ مٽائڻ ۽ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان ان کي فرانس ۾ جذب ڪرڻ تي زور هو. فرانسيسي ترڪ وطن ۽ مهاجرن جي الجيريا ۾ زميني ملڪيت تي قبضو ڪرڻ خاطر رهائش اختيار ڪري مقامي آبادي مٿان مڪمل ريت غلبو ڪرڻ واري عمل جي حوصلا افزائي ڪئي وئي.

ٽونسڪيو ان رٿ جي حمايت ڪئي، جنهن ۾ الجيريا کي فرانس جو صوبو بنائڻ واري جي گهر ڪئي وئي ۽ الجيريا ان (فرانس) جي ٻولي، مذهب ۽ شناخت اپنائي ۽ پنهنجو پاڻ کي فرانسيسي تهذيب ۾ سمائيو. هن بار بار اهو دليل ڏنو ته بينڪيت هجڻ ڪري فرانس جي عظمت جو عڪس بلند ۽ چٽو نظر آيو. اهڙي طرح، هن فرانس جي ان عمل جي همت افزائي ڪئي، جنهن ۾ بينڪيت واري پاليسي تان هٿ نه ڪڻڻ جي ڳالهه شامل هئي.

ٽاڪويل جي ذهن ۽ دماغ ۾ ان وقت گهڻو ڪري آمريڪي نمونو هو، جڏهن هن هيءَ تجويز ڏني هن نموني هيٺ، مقامي آمريڪي آبادي خدشن تائين محدود هئي ۽ سڄي ملڪ کي آمريڪي بنايو ويو. ساڳي طرح، ٽاڪويل الجيريا جو تشخص مٽائڻ چاهيو، ۽ اهڙي طرح، زندگي جي سمورن پهلوئن ۽ نظامن ۾، فرانسيسي حڪومت جي غلبي تي اسرار ڪيو.

دؤر حاضر جي تاريخ ۾، اهو ظاهر آهي ته الجيريا جي ماڻهن کي فرانسيسي حڪومت مان جوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ آزادي رت سان رڱيل جنگ وڙهڻي پئي. فرانس کي الجيريا تان هٿ ڪڻڻ ۽ اُتان نڪرڻ لاءِ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سان مجبور ڪيو ويو.

هنن ٽن مفڪرن سان گڏوگڏ، ٻين يورپي دانشورن پڻ پنهنجي قلمي ڪم ذريعي پنهنجي پنهنجي تعصب ۽ نسلي برتري جي نشاندهي ڪئي آهي. اڪثر دانشورن سامراجيت جي حمايت ڪئي ۽ ان جي جابرانه حڪومت کي جائز قرار ڏنو. مشرقي مطلق العناني يورپي ضابطي کي مختلف بينڪيتن مٿان مضبوط ڪيو ۽ آبادڪارن جي درندگي ۽ بربريت وارن عملن جي پني نپي.



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڊاڪٽر غلام علي الانا جو شمار انهن عالمن ۾ ٿئي ٿو، جن پنهنجي پياري ٻاجهاري ٻوليءَ جي ”فدائي“ هئڻ جو حق ادا ڪيو آهي. سراج ميمڻ چوائيءَ ته: ”هن کي پنهنجي ٻوليءَ سان، ”فنا في اللسان“ جي حد تائين عشق آهي(1).“ هن محقق جي ڪتابن جا موضوع، علم، ادب، تاريخ، تمدن، ثقافت، آثار قديم، موسيقي ۽ خاص طور سنڌي ٻولي ۽ لسانيات آهن. ٻولي ۽ لسانيات جي حوالي سان سندن خدمتون ڪنهن به وسارڻ جوڳيون نه آهن. هن وقت تائين پاڪستان جي ٻين ٻولين ۾ لسانيات جي حوالي سان ٿيل ڪم ۾ سڀ کان گهڻو ڪم سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ٿيو آهي. لسانيات، سنڌي ٻولي، ادب ۽ نثر سان تعلق رکندڙ الانا صاحب جي ڪجهه ڪتابن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

**سنڌي صورتخطي:** ڊاڪٽر الانا 1963ع ۾ لکيو ۽ پهريون ڇاپو 1964ع ۾ شايع ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ايم.اي سنڌيءَ جي نصاب ۾ مقرر هن ڪتاب جي بابن جا عنوان هن ريت آهن: ”سنڌي ٻوليءَ جي لپي ۽ قدامت جا اهڃاڻ“، ”ديسي سنڌي رسم الخط جا ڏار ڏار نمونا“، ”خواجڪي سنڌي صورتخطي“، ”عربي- سنڌي صورتخطي“، ”چچنامي ۾ لکيل سنڌي لفظ“، ”البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل سنڌي لفظ“، ”مخدوم ابوالحسن جي سنڌي“، ”رسم الخط لاءِ سرڪاري ڪاميٽي“، ”ايلس واري صورتخطي“، ”ايلس جي ناهيل صورتخطيءَ جون خصوصيتون“، ”سُر (Vowels)“ ”شد“، ”جزم“، ”تنوين“، ”همزو“، ”گهٽا سُرَ“، ”وسرگائي“، ”ايلس واري صورتخطيءَ ۾ لفظن جي صورتن ۾ اختلاف“، ”هاڻوڪي صورتخطيءَ ۾ عام خاميون“. مٿين عنوانن کي سهڻي ۽ سولي نموني سان مختلف وزنائتن دليلن ۽ حوالن سان سمجهايو ويو آهي. سنڌي رسم الخط جي ابتدا لاءِ ڊاڪٽر لکي ٿو ته، ”سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي-سنڌي رسم الخط جي ابتدا 864ع ۾ جاحظ جي ڪتاب ”رسالة فخر السودان في علي البيضان“ ۾ نج سنڌي لفظن کي عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ سان ٿي. انهيءَ عرصي کي سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿئي هڪ سؤ سال کن گذريا هئا. هن رسم الخط ۾ اڳتي هلي چچنامي جي مصنف البيروني ۽ ٻين ماهرن ۽ محققن پنهنجي نموني سڌارا ۽ واڌارا آڻي، ان کي وڌيڪ معياري بڻايو(2).“



ڊاڪٽر الانا، اصطخري، بشاري، مقدسي، ابن نديم، ابن حوقل، البيروني ۽ ٻين جي حوالن سان ثابت ڪيو آهي ته، ”سنڌي ٻولي اسلام جي آمد وقت نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها ڌار ڌار رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي(3).“

”سنڌي صورتخطي“ ڪتاب پنهنجي موضوع جي حوالي سان نه فقط موضوع تي مواد جي کوٽ جو پورائو ڪري ٿو، بلڪ معياري ۽ مدلل معلومات

مهيا ڪري ٿو، جنهن ۾ انگريزيءَ جي ڪتب آيل اصطلاحن جا نعم البدل سنڌي لفظ ڏنل آهن ته جيئن صوتيات جي شاگردن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. هيءَ ڪارائتو ڪتاب عرصي کان شاگردن ۽ استادن لاءِ مفيد رهيو آهي. ڊاڪٽر الانا جي ئي لفظن ۾ ته،

"هن ڪتاب لکڻ جو خاص مقصد آهي ته سنڌي زبان جا عالم، استاد، تعليمي ماهر ۽ عربي رسم الخط جا ڄاڻو سنڌيءَ جي موجوده صورتخطيءَ جو گهرو مطالعو ڪن".

ڊاڪٽرعبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته، "ڊاڪٽر الانا جي هن ڪتاب کان اڳ سنڌي زبان ۾ رسم الخط جي اڀياس لاءِ مواد هڪ هنڌ گڏ ٿيل نه هو ۽ ان کي پهريون ڀيرو تنقيد جي تارازيءَ ۾ پروفيسر غلام علي الانا توريو. هن ۾ ڊاڪٽر الانا واضح طور ڄاڻايو آهي ته رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ فرق محسوس ڪرڻ گهرجي(4)."

**سنڌي نثر جي تاريخ:** 1966ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيو ۽ پوءِ به ڇاپا ڇپيا آهن. خاص طور فقط سنڌي نثر جي موضوع سان لاڳاپيل هن ڪتاب جي ادبي تاريخن ۾ وڏي اهميت آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين جي لکڻ موجب ته: "هن ڪتاب جي اهميت ٻين ادبي تاريخن، موجود هئڻ جي باوجود انڪري برقرار رهي، جو هيءَ بنيادي طرح نثر جي مختلف صنفن جي باري ۾ مواد رکي ٿو، جيڪو اڳ ۾ ايترو تفصيل سان ڪنهن به نه ڏنو هو. هن ڪتاب جي ترتيب عام ادبي تاريخن کان مختلف آهي ۽ هيءَ ڪتاب نثر جي باري ۾ ڀيرائتو احوال ڏئي ٿو(5)."

پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي نثر جي اوسر، ننديرام دور، قليچ دور، سنڌي نثر جا سرچشما، نثر جون خصوصيتون، موضوع، عبارت جون خوبيون ۽ نثر جا قسم بيان ڪيل آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ اناويهن سنڌي نثر نويسن جي سوانح سان گڏ سندن ڪتابن جو جائزو ڏنل آهي، جن ۾ سورنهن هندو، ٻارنهن مسلمان نثر نويس شامل آهن. انهيءَ برابريءَ جي امتزاج سان هن ڪتاب مان سنڌي مسلمان ۽ هندو ليکڪن جي لکڻين جي نمونن ۽ سندن ڪم جي باري ۾ ڪارائتي ڄاڻ ملي ٿي. هيءَ ڪتاب ادبي تاريخ جي حيثيت کان علاوه سوانح نگاريءَ جي مَدَ ۾ پڻ جڳهه والاري ٿو. اهم سنڌي نثر نويسن جي سوانح علمي ۽ ادبي خدمتن سان گڏ ٻوليءَ جي جائزي لاءِ سندن تحريرن مان حوالا ڏنل آهن. ديوان ننديرام سيوهاڻي، آخوند لطف الله، محمد اسحاق، شمس الدين بلبل، لالچند امرڏنومل، علامه عمر بن محمد دائودپوٽو، محمد صديق مسافر، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، عثمان علي انصاري ۽ ٻين نثرنگارن جو ذڪر آهي.

"ڊاڪٽر الانا جي هن تاريخ کان اڳ ڪنهن به ڪتاب ۾ سنڌي نثر ۽ نثر نويسن جو تفصيلي احوال آيل نه هو. هن کان اڳ نثري صنفن بابت مقالا ته گهڻا لکيا ويا هئا، پر نثر جي وصف، قسمن، ابتدا ۽ تاريخ سان گڏ وڏن سنڌي نثرنگارن جو مڪمل ذڪر ڪنهن به هڪ ڪتاب ۾ ٿيل نه هو". (6)

**سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي:** هيءَ ڪتاب، جولاءِ 1979ع ۾ شايع ٿيو. لساني جاگرافيءَ جو مطالعو ۽ اڀياس زبان جي تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. ڊاڪٽر الانا جو هيءَ ڪتاب هن ڏِسَ ۾ هڪ اهم قدم آهي. هن ڪتاب تي کين 1979ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايوارڊ ۽ 1981ع ۾ پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان ايوارڊ عطا ٿيو. ڇهن بابن تي مشتمل هن لساني جاگرافيءَ جي بابن جا موضوع هن ريت آهن: "سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا"، "ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ"، "ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ"، "راجستان ۾ ڦهلاءُ"، "بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اثر"، "سرائيڪي ايراضيءَ ۾ سنڌي زبان جو ڦهلاءُ". سنڌي ٻوليءَ جي مٿين ايراضين ۾ پکڙجڻ ۽ ڦهلاءَ جي سببن جي ڄاڻ

ڏيڻ لاءِ انهن علائقن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد، ”سنڌي قبيلن جي حڪومت“، سنڌي ٻوليءَ جي انهن ايراضين ۾ حيثيت، سماجي، سياسي، اقتصادي، مذهبي، علمي ۽ ادبي ناتا، ٻولين جا بنياد ۽ ٻولين ۾ صوتي هڪجهڙائيون ۽ ٻيا موضوع چٽائيءَ سان بيان ڪري، ڊاڪٽر الانا لساني جاگرافيءَ جي اهميت ڄاڻائي آهي. سنڌي زبان جي لهجن جي ڄاڻ ڏيندي ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته،

”جاگرافيائي حالت جي لحاظ کان سنڌي زبان اترادي يعني سريلي، لاڙي، وچولي، ٿري، ڪوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي لهجن ۾ ورهايل آهي. اهي لهجا وري مقامي لحاظ کان ننڍين ننڍين گروهن ۽ محاورن (colloquials) ۾ ورهائي سگهجن ٿا. نه فقط ايترو، پر هر لهجو ۽ محاورو وري ڪرت، ڌنڌي ۽ پورهئي جي لحاظ کان ننڍين ننڍين مقامي محاورن ۾ ورهايل آهي(7).“

لساني جاگرافيءَ ۾ سنڌي زبان جي پکيڙ جي سببن ۽ وسعت جي ڄاڻ ملي ٿي. پکيڙ جي سببن ۾ باهمي شاديون، سماجي ناتا، سياسي رشتا، مذهبي ۽ روحاني لاڳاپا، آسپاس جي ايراضين سان تعلقات ڄاڻايل آهن. سنڌي زبان جي پکيڙ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، بلوچستان، راجستان سان گڏ قديم سنڌ جي ملتان صوبي تائين ڏسي ويئي آهي. هيءُ ڪتاب پڻ مٿين ڪتابن وانگر هائر ڪلاسن جي نصاب ۾ شامل ۽ شاگردن ۽ استادن لاءِ مفيد آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس**: جون 1989ع ۾ شايع ٿيو. 400 صفحن جو هيءُ ڪتاب، خاص سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي احوال تي مشتمل آهي، ”هن ڪتاب ۾ آيل سڄو مواد تازو ۽ نئون آهي، سواءِ هڪ يا ٻن بابن جي، جيڪي سه ماهي مهراڻ ۾ مقالن جي روپ ۾ اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا(8).“ هن ڪتاب جي ٻارهن بابن جا عنوان، ”لسانيات مقصد ۽ اهميت“، ”علم صرف ۽ سنڌي ٻولي“، ”علم نحو ۽ سنڌي ٻولي“، ”سنڌي ادغام“، ”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نحوي بناوٽون“، ”علم لسان ۽ سچل جو ڪلام“، ”سنڌي ٻوليءَ جو مزاج“، ”سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا ۽ ابتي ٻولي“، ”سنڌي ٻوليءَ جي قديم تاريخي حيثيت جو اڀياس“، ”سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام، ان جو مستقبل ۽ ترقيءَ لاءِ تجويزون“، ”رسم الخط جي ابتدا ۽ اوسر“، ”قديم سنڌ جو رسم الخط“، ”سنڌي لپي“، ”رسم الخط جي قدامت جا اهڃاڻ“، ”لوهاڻڪو، ارڌناگري ۽ ٻنيور وارو رسم الخط“، ”سنڌي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين ۽ تهذيبن جو اثر“، ”عربي ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ جا لفظ“، ”دنيا جي ٻين ٻولين جا مکيه ۽ مشهور خاندان“. ٻوليءَ جي اڀياس جي باري ۾ ڊاڪٽر الانا لکيو آهي ته، ”علم السان، انسان ذات جي سيني ٻولين جي اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ جو علم آهي. هي هڪ اهو علم آهي، جو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميڙن، صوتين، صرفين، فقرن، لفظن ۽ جملن جي بناوت ۽ ترتيب يعني صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي اصولن ۽ عملن بابت مواد مهيا ڪري ٿو(9).“

هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، صورتخطي، رسم الخط، علم صرف و نحو، ڪلاسيڪل شاعري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده مقام جي ڄاڻ ڏئي ٿو.

**سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا**: سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان 2006ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب جا 13 ئي باب سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ اوسر کي تفصيلي نموني ڄاڻائين ٿا. شروع جي ٻن بابن ۾ علم اللسان جي ماهرن جي راين تي بحث ڪندي، ڊاڪٽر الانا زبان جي تهذيبي، تمدني ۽ سماجي ڳانڍاپي کي لازم ملزوم قرار ڏنو آهي ته گڏ انساني فطري ۽ قدرتي ورثي يعني ٻوليءَ جي اوسر جي اهميت ڄاڻائي آهي. ٽئين کان ٻارهين باب تائين سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر ڏنل آهي، انهيءَ کي ڊاڪٽر الانا ”سنڌو ماٿر جي قديم دور کان، موجوده مقام تائين“ ٽن عنوانن

۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ "سنڌي زبان جي حيثيت"، "سنڌي ٻوليءَ جي معياري حيثيت" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي اعليٰ معياري حيثيت" آهن. آخري باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۽ ترقيءَ لاءِ تجويزون ڏنل آهن. عنوان مطابق هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقا جي معلومات تي مبني آهي، پر حقيقت ۾ هن ڪتاب جو هڪ اهم رخ اهو به آهي ته انهيءَ ۾ "سنڌي نثر" کي سهڻي پيرايي سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ خاص طور سنتو ماٿر جي مهرن لاءِ مقرر ٿيل ملهه، ديسي لفظن جون لڙهيون، اسلام کان اڳ واري سنڌي ٻوليءَ جو سٽاءُ، رگويد ۽ چچنامي ۾ سنڌي لفظ، وزن، تور، وقت جي ماپ، طرفن، ڏسن، ڏينهن لاءِ سنڌي لفظ، قديم سنڌي نثر ۾ ڪم آندل قديم ٻوليءَ جو نمونو، لوڪ ادب، نثري ادب، ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي نثر، اصطلاحن ۽ پهاڪن جو اڀياس، ترجمو ٿيل پهاڪا، سنڌي ٻوليءَ جو پٽرنامو، سنڌي ٻوليءَ جي دفتري لکت جو هڪ نمونو 1859ع ۽ ٻيا ذيلي عنوان سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي نثر جي اوسر تي وضاحت سان روشني وجهن ٿا.

منهنجي نظر ۾ ڊاڪٽر الانا جي سڀني مٿين ڪتابن جي اڀياس کان پوءِ هڪ اهم رُخ سامهون ٿي آيو آهي، سو آهي سندن سنڌي نثر جي ترقيءَ لاءِ ورتل ڪوششون. سنڌي نثر جي تاريخ، هن موضوع تي سندن مڪمل ڪتاب آهي، پر سندن ٻين تحريرن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي نثر جي بنياد، اوسر، ارتقا ۽ موجوده مقام ۽ حيثيت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. بلاشبه اهو چئي سگهجي ٿو ته لسانيات، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي نثر تي ڪم ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نالو اهم محققن ۽ عالمن ۾ شمارڻي ٿو. شخصي طور پاڻ اڻ ورچ، نيڪ دل، بااخلاق انسان آهي. اعليٰ حوصلي ۽ همت سان اڄ ڏينهن تائين علم و ادب جي تحقيقي ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙيندو ۽ نوجوان طبقي جي رهنمائي ڪندو اچي. علمي جستجو ۽ ڄاڻ کي وڌائڻ ويجهائڻ ئي سندن منشا آهي.

### حوالا:


(1) ميمڻ، سراج الحق، (مهاڳ)، "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2006ع، ص 6.

(2) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي صورتخطي"، (ڇاپو ٽيون)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص 90.

(3) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي صورتخطي"، (ڇاپو ٽيون)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص 91.

(4) جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1994ع، ص 30.

(5) ميمڻ، فهميده حسين، ڊاڪٽر: "ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، 1992ع، ص 148.

(6) جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1994ع، ص 15.

(7) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "لساني جاگرافي"،ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص 9.

(8) ساڳيو حوالو، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، 1987ع، ص 5.

(9) ساڳيو حوالو، ص 3.

ڊاڪٽر سعيده شفيق ميمڻ



# واچوڙن ۾ لاٽ
# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ’لطيفيات‘ تي ڪيل ڪم جو جائزو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو شمار پاڪستان جي انهن چند عالمن ۾ ٿئي ٿو جيڪي پنهنجي ذاتي مفاد کي پاسيرو رکندي، انهيءَ وسيع تر قومي مفاد لاءِ ڏينهن ۽ رات ڪم ڪندا آهن.

اهڙا اڪابر جنهن قوم يا خطي کي ميسر ٿيندا آهن، اهي قومون زنده رهنديون آهن ۽ اهي عالم هن فاني دنيا مان وڃڻ کان پوءِ به پنهنجي علم جي وسيلي انهيءَ قوم جي رهنمائي ڪندا رهندا آهن، انهن جو جو ڪيل ڪم انهن جي لکيل ڪتابن ۾ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ، سنڌي زبان ۽ ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جيترو ڪم ڪيو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن ڪيو هجي يا ائين لکڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته ايترو معياري ڪم ڪنهن شايد ڪيو هجي! انهن جي ڪيل ڪم تي جڏهن نظر وجهون ٿا ته اسان تي حيرانيءَ جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي، يقيناً هُو پنهنجي ذات ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو.

هن تحقيقي مضمون ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي ’لطيفيات‘ جي سلسلي ۾ ڪيل ڪم جو جائزو ورتو آهي. ’لطيفيات‘ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي ڪافي عالمن، محققن تحقيق ڪئي آهي، لکيو آهي، پر اڃا سوڌو تشنگي برقرار آهي. شاهه سائين رح جيڪڏهن پنهنجي بيتن کي ’آيتون‘ سڏيو آهي ته بلڪل صحيح سڏايو آهي ڇو ته انهن بيتن ۾ اهڙي اثر آفريني آهي جو هر دفعي پڙهڻ سان ڪا نئين معنيٰ ذهن ۾ اچي ٿي.

ڊاڪٽر بلوچ، فطرت کان ڪجهه اهڙو مزاج کڻي آيا هئا جيڪو مسلسل جدوجهد تي يقين رکي ٿو ۽ گڏوگڏ بيپناهه عاجزي به سندن شخصيت جو حصو هئي، ۽ هي اهو ماڻهو هو جنهن جي ڪري قدرت ڪانئس ايترو وڏو ڪم ڪرايو. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌائي ٿو، جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته ”توهان پاڻ کي لوڪ ادب جو ماهر سمجهو ٿا يا تاريخدان؟“ ته جواب ڇيائون ته:

”آءٌ ماهر نه آهيان، باقي انهن ٻنهي شعبن جي حوالي سان مون ڪافي ڪم ڪيو آهي، ماهر ٿيڻ/هجڻ تمام مشڪل ڪم آهي.“ (2006/7ع، ص 35)

ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجي پيدائشي خطي يعني سنڌ سان تمام گهڻو دلي لڳاءُ هو، انهيءَ باري ۾ هُو خود لکي ٿو ته ”ڪوبه ڪم وڏي منصوبه بندي يا گهڻو پئسو منظور ڪرائڻ سان نه ٿيندو آهي، بلڪ اهو محبت جي جذبي سان ٿيندو آهي. سوال آهي ته توهان ڪيتريقدر ڪميٽيڊ آهيو يا توهان کي ڪيترو شوق آهي. آءٌ ڇو ته ڳوٺاڻي علائقي سان تعلق رکان ٿو ۽ انهن ماڻهن سان تعلق يا فطري وابستگيءَ جي ڪري انهيءَ ’محبت‘ کان واقف هيس. تحقيق يا ٻيو ڪوبه ڪم منهنجي زندگيءَ جو مقصد نه هو، پر اها منهنجي ’محبت‘ هئي. مون ڪڏهن به ڪنهن ڪتاب لکڻ جو معاوضو نه ورتو آهي، پئسا وٺي ڪم ڪرڻ کي مون هميشه غلط سمجهيو آهي، اڄ ڏينهن سوڌو مون جيڪو به ڪم ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ڪنهن کان هڪ پئسو به نه ورتو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته اها علم جي زڪوات آهي.“ (2007ع، ص 24)

سنڌ ۽ شاهه لطيف رح هڪٻئي سان جُڙيل آهي. شاهه سائين رح سان هر سنڌي محبت ڪري ٿو، پر ڪجهه ماڻهو انهيءَ محبت ۾ ايترو اڳيان وڌي ويندا آهن جو لطيف رح انهن جي حياتيءَ جي هر گوشي ۾ وسندو آهي. هُو هڪ لمحي لاءِ به لطيفي خيال ۽ فڪر کان آزاد نه ٿيندا آهن. ڊاڪٽر بلوچ

تي 'عشق لطيف' چانيل هو، سن 1966ع ۾ هن شاهه سائينءَ جي شاعريءَ تي تحقيق لاءِ هڪ جامع منصوبو ثقافت ڪميٽيءَ جي سامهون پيش ڪيو، جنهن اهو منصوبو منظور ڪندي اهو سمورو ڪم ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪيو.

منصوبي جي مطابق سڀ کان پهريائين شاهه سائينءَ جي سوانح جي باري ۾ قلمي ماخذ جيڪي اڄ سوڌو شايع نه ٿيا آهن، انهن کي سنواري، سڌاري شايع ڪرايو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ هن سڀ کان پهريائين مير عبدالحسين سانگيءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب 'لطائفِ لطيفي' جي تصحيح ڪري، فارسيءَ ۾ هڪ مختصر مقدمو لکيو، جنهن ۾ ڪتاب ۾ بيان ڪيل ڪمزور حڪايتن جي نشاندهي ڪيائين.

تحقيقي رٿابنديءَ جو ٻيو نظريو ڊاڪٽر بلوچ اهو طئي ڪيو ته شاهه سائين جي ڪلام جا جيترا به رسالا ترتيب ڏنل آهن، انهن مان هرهڪ ۾ ڪجهه مختلف ڪلام مليل آهي. ڪنهن ۾ گهٽ آهي ته ڪنهن ۾ وڌيڪ آهي. انهيءَ مان لڳي ٿو ته سمورو ڪلام شاهه سائين جو چيل نه آهي. انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ هينيان تحقيقي معيار مقرر ڪيا ته جيئن اصلي ڪلام ۽ صحيح پڙهڻي اختيار ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

1- رسالن جي تعداد جو معيار
2- رسالن جي قدامت جو معيار
3- سنڌي زبان ۽ بيان جي خاصيت جو معيار
4- رسالن وچ ۾ تقابلي مطالعو
5- اعليٰ شاعريءَ جو معيار
6- اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار

1- پهرئين ٽن معيارن مطابق مطالعي هيٺ آيل رسالن جو تعداد مقرر ڪري انهن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ چونڊيو ويو، جملي 50 قلمي ۽ 16 ڇپيل رسالا تحقيق لاءِ مطالعي هيٺ آندا ويا ۽ انهيءَ کان سواءِ شاهه جي شعر جو اعليٰ فهم رکڻ وارن سگهڙن ۽ فقيرن سان ملاقاتون ڪري شاهه جي رسالي جو هڪ جامع ۽ معياري رسالو ترتيب ڏنو ويو. هن معيار هيٺ ڪلام جو صحيح تلفظ سمجهه ۾ آيو ۽ ڪافي نامڪمل شاعري مڪمل ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته، "ٻنيهن سالن جي محنت ۽ عرق ريزيءَ سان بالآخر هي مرحلو طئي ٿيو ۽ پنجاهه قلمي ۽ سورهن ڇپيل رسالن جي مطالعي ۽ تقابلي جائزي کان پوءِ شاهه جو پنهنجو ڪلام زيرن، زبرن ۽ صحيح صورت ۾ معياري ترتيب ۽ معنيٰ سان گڏ ظاهر ٿيو آهي. رسالي جي آخر ۾ جيڪو ڪلام شاهه سائين جو ثابت نه ٿيو آهي، اهو 'رسالي جو ڪلام' لکي شايع ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ تفصيلي مقدمي هيٺ علمي ۽ ادبي تنقيدي معيار واضح ڪيا ويا آهن ۽ هر بيت جو سبب ۽ تشريح به ڏني ويئي آهي ته هيءُ ڇو شاهه جو ڪلام نه آهي.

(بلوچ، ص: ڪ، 2012ع)

سنڌن تحقيق مطابق اندازاً ٻه هزار هڪ سؤ اسي بيت (2180) ۽ هڪ سؤ چاليهه (140) وايون شاهه سائين جو پنهنجو ڪلام ثابت نه ٿيا. ظاهر آهي ته اهو ڪلام مختلف رسالن ۾ شامل هو. جڏهن ته شاهه سائينءَ جي پنهنجن بيتن ۽ واين جو تعداد ٽي هزار ٽي سؤ ويهه آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو لکي ٿو ته: هن معيار هيٺ ڪجهه اهڙا بيت جيڪي ٻين رسالن ۾ شاهه سائينءَ جا سمجهيا ويا هئا، انهن کي ڊاڪٽر بلوچ رد ڪيو آهي. مثال طور شاهه سائين جو هڪ بيت جيڪو سُر يمن ڪلياڻ ۾ آهي ۽ ڪافي مشهور به آهي

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو.

مٿئين بيت لاءِ هو سمجهي ٿو ته هيءُ بيت شروعاتي دور جي رسالن ۾ نه آهي ۽ خيال جي مناسبت سان به هيءُ بيت شاهه سائين جو نه ٿو لڳي، انهيءَ ڪري ته عزازيل دراصل تڪبر ڪيو هو. انهيءَ کان پوءِ وارو بيت به انهيءَ خيال کي رد ڪري ٿو ۽ سڀني رسالن ۾ يڪسان موجود آهي.

اکر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪئاءِ،
جيئن پيرئين ۽ پانئين، ايڏانهن ايئن نه آ،
ان سرڪيءَ سنڌو ساءِ، پڇج عزازيل کي.

سڀ کان وڏي ڳالھ اها تہ پنهنجي ڪم تي ڪامل اطمينان هجڻ جي باوجود هُو پنهنجي مقدمي ۾ لکي ٿو: "اگر ڪو پڙهڻ وارو ڪنهن بيت جي ڪا اختلافي معنيٰ اختيار ڪرڻ چاهي يا اها صحيح سمجهي تہ هُو ائين ڪري سگهي ٿو، اها قلبي وسعت آهي ۽ اهائي اها صفت آهي، جيڪا کين ٻين کان ممتاز بڻائي ٿي."

ڊاڪٽر بلوچ جو اهو سچو تحقيقي ڪم بلاشڪ تہ وڏي اهميت جو حامل آهي، پر هڪ نُڪتو جيڪو انهيءَ سڄي ڪم جو جائزو وٺڻ کان پوءِ ذهن ۾ پيدا ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ جهڙي اڪابر سُرن جي روحاني رازن کي چو کولي نہ بيان ڪيو. ٿي سگهي ٿو تہ هن جي خيال ۾ هر پڙهندڙ يا تحقيق ڪندڙ کي اهو حق آهي، تہ هُو پنهنجي سمجھ ۽ فهم مطابق معنيٰ کي اختيار ڪري. انهيءَ ڳالھ جي ثابتي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي هيٺين راءِ مان ملي ٿي." ڊاڪٽر بلوچ جو سمورو ڌيان شاهہ جي ڪلام جي مستند متن تي رهيو ۽ سندس خيال ۽ وٽن ايترو وقت نہ هو جو شاهہ جي شرح کي هٿ ۾ کڻن.

(سومرو، 2015/9ع)

اها هڪ پڌري حقيقت آهي تہ شاهہ جي بيتن جي فڪر ۽ فلسفي کي هر شارح پنهنجي ذهن مطابق اختيار ڪيو آهي، جڏهن تہ شاهہ سائينءَ جا ڳوڙها خيال هڪ اهڙي تشريح گهرن ٿا جيڪي 'روح' جي باري ۾ انساني عقيدن کي صحيح رُخ تي آڻڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن. اهو ڪم ڪنهن حد تائين ڊاڪٽر بلوچ جهڙو عالم ڪري سگهيو ٿي. مثال طور: سُر ڪلياڻ يا يمن ڪلياڻ ۽ سُر آسا ۾ جيڪي باريڪ صوفيانہ نُڪتا آهن، انهن جي تشريح ڊاڪٽر بلوچ جهڙو عالم ئي ڪري سگهيو ٿي، سُر ڪلياڻ جو هي بيت اهڙي عميق تشريح ٿو گهري.

عشق جي اسباب کي پر ۾ پڇيائون،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخر 'والعصر جو' ايهين اتائون،
تهان پوءِ آئون، سڪان ٿي سلام کي.

تصوف جي انتهائي باريڪ ۽ نازڪ نُڪتن کي ظاهر ڪندڙ هيءُ بيت صرف هڪ نہ بلڪ شاهہ سائينءَ جو پورو رسالو اهڙن ڪيترن ئي رازن کي اجا پنهنجي اندر ۾ سانديو پيو اچي توڻي جو ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين شاهہ سائينءَ جي بيتن جي پارکوئن اهي ڪوششون ڪيون آهن، تاهم اجا سوڌو تشنگي برقرار آهي.

## حوالا:


1- بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "علم ڪان عالم تائين"، 2007ع، حيدرآباد: سنڌ مائڪ موتي تنظيم، قاسم آباد، ص35

2- ايضاً، 2007ع، ص 42

3- بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "شاهہ جو رسالو"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2012ع، ص ف.

4- سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر: "شاهہ جو رسالو"، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2012ع، ص س

5- بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "شاهہ جو رسالو"، 2013ع، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، ص ف

6- سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر: "شاهہ جو رسالو"، 2015ع، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 9



مرزا ڪاظم رضا بيگ

# شيخ عزيز:
## لطيف شناس، صحافي، محقق، تاريخدان ۽ دانشور

سنڌ ڌرتيءَ، انيڪ عالمن، شاعرن، اديبن، صحافين، درويشن ۽ سياستدانن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي ڪارنامن سان دنيا کي جرڪائي ڇڏيو. اهڙن صحافين، محققن، تاريخدانن ۽ دانشورن مان شيخ عزيز به آهي، جنهن علمي، ادبي، صحافتي ۽ سياسي ميدان ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمايو.

9- ڊسمبر 1938ع تي حيدرآباد ۾ جنم وٺندڙ عبدالعزيز شيخ المعروف شيخ عزيز پٽ احمد شيخ (مرحوم احمد شيخ، پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر جي عهدي تي فائز هو، ڪيس شاهه عبداللطيف جي رسالي تي ڪافي عبور حاصل هو). ابتدائي تعليم حيدرآباد جي سرڪاري اسڪولن مان حاصل ڪئي. 1955ع ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1968ع ۾ ٿامسن ڪاليج آف جرنلزم لنڊن مان صحافت ۾ گريجوئيشن ڪئي. مطالعي جي شوق کيس علم وفضل جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو.

شيخ عزيز، تاريخ، سياست، ادب ۽ صحافت وغيره جي شعبن ۾ جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا ۽ جيڪي گل بوٽا پوکيا، تن جي خوشبوءِ گهڻي عرصي تائين سنڌ ۾ باقي رهندي.

شيخ عزيز، سنڌ جو ناميارو اديب ۽ صحافي هو. هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جي انيڪ اخبارن ۾ جانفشانيءَ سان رات ڏينهن ڪم ڪيو. صحافت ۾ هن پنهنجي عمر جو سڄو عرصو گذاريو، ۽ صحافت جي ذريعي هن سياست ۾ قدم رکيو، ۽ تصنيف و تاليف جي ميدان ۾ به صحافت ئي هن جي رهنمائي ڪئي.

شيخ عزيز پنهنجي صحافت جو آغاز 1957ع ۾ ڪيو، جڏهن سندس عمر 19 سال هئي سڀ کان اول روزاني ’ڪاروان‘ حيدرآباد جو 1957ع کان 1958ع تائين سب ايڊيٽر، 1958ع کان 1961ع تائين



روزاني ’عبرت‘ جو سب ايڊيٽر، 1961ع کان 1965ع تائين سينيئر سب ايڊيٽر روزاني ’عبرت‘ مقرر ٿيو. 1961ع کان 1975ع تائين روزاني ’عبرت‘ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، ۽ 1966ع کان 1976ع تائين ’عبرت‘ ميگزين جو ايڊيٽر رهيو. بحيثيت ڪالم نگار 1975ع کان 1976ع تائين 1976ع کان 1980ع تائين هفتيوار 'Sindh observer' جو ايڊيٽر رهيو. 1977ع کان 1980ع تائين ايڊيٽر ’سنڌنيوز‘ رهيو. 1980ع کان 1982ع تائين اسسٽنٽ ايڊيٽر ’جنگ‘ ڪراچي ٿيو. 1982ع کان 1987ع تائين ميگزين ايڊيٽر روزاني ’حريت‘ ڪراچي ٿيو. 1987ع کان 1989ع تائين نيوز ايڊيٽر روزاني ’حريت‘ رهيو. 1989ع کان 2000ع تائين سب ايڊيٽر روزاني ’ڊان‘ ڪراچي رهيو. ايڊيشن انچارج ۽ نائيٽ ايڊيٽر روزاني ’ڊان‘ 2000ع کان 2008ع ٿيو ۽ ان سال ئي رٽائرڊ ٿيو.

ان کان علاوه شيخ عزيز حيدرآباد پريس ڪلب جو 1963ع کان 1966ع تائين صدر رهيو. صدر حيدرآباد يونين آف جرنلزم 1905ع ۾ رهيو. 1978ع کان 1980ع تائين وزيٽنگ پروفيسر، ڊپارٽمينٽ آف جرنلزم يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو رهيو. 2008ع ۾ ميمبر بورڊ آف گورنرس، مرزا قليچ بيگ چيئر، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو رهيو. 2008ع کان 2010ع تائين وائيس چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو رهيو. پاڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ ڪالم لکيا، جيڪي سياسي، سماجي، ثقافتي، تاريخي، موسيقي، ادبي، لوڪ ادب ۽ حالاتِ حاضره جي موضوعن تي آهن. سندس هڪ مقالو "عالمي غلامي" جي عنوان سان سال 2003ع ۾ هانسبرگ ۾ ٿيل عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي شايع ٿيو. جيڪو بعد ۾ اقوامِ متحده پنهنجي سرڪاري رڪارڊ جو حصو بڻائي ڇڏيو. شيخ صاحب جي علمي، ادبي ۽ صحافتي ڪارنامن جي مطالعي مان اِها پلي پَٽ پروڙ پوي ٿي ته پاڻ سنڌي صحافت ۽ ادب جي ڪيڏي نه وڏي خدمت ڪئي آهي.

سنڌي ادب، صحافت، تاريخ، لوڪ ادب، تهذيب وثقافت ۽ لغات ۾ شيخ عزيز جون خدمتون ۽ سرگرميون نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪيون آهن. سندس خاموش، مخلص، بي لوث ۽ سرگرم علمي شخصيت ۽ علمي ڪارنامن تي تبصري ڪرڻ لاءِ هڪ مختصر تحرير ناڪافي آهي. پاڻ پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ علمي ۽ ادبي خدمتن جي طفيل شهرت دوام جي مقام تي پهتو. پاڻ هڪ مُشاق ۽ بلند پايه جو صحافي، اديب، تاريخدان ۽ ماهرِ لغات هو، بلڪ هڪ سخن فهم ۽ نقاد به هو. ايترين خوبين جو هڪ هنڌ گڏ هُجڻ پنهنجي جاءِ تي ڪرامت کان گهٽ نه آهي. هڪ اعليٰ پايه جو صحافي ۽ ڪُهنه مشق اديب هجڻ جي ثبوت ۾ سندس مضمون ۽ مقالا ۽ ڪتاب پيش ڪري سگهجن ٿا. افسوس جو اهڙي علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ سنڌي صحافت جو آفتاب 7 آڪٽوبر 2018ع تي هميشه هميشه لاءِ غروب ٿي ويو. اِناللهِ و اِنا اليه راجعون!

شيخ عزيز مرحوم جيتوڻيڪ هڪ متوسط گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو، پر پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ جدوجهد سان ڪمال جي ان مقام تي پهتو، جنهن تائين رڳو ڪن خاص ماڻهن لاءِ مخصوص سمجهيو ويندو هو. پاڻ پنهنجي مثالي جدوجهد سان اهو به واضح ڪري ڏيکاريو ته، انسان پنهنجي زندگي پاڻ ٺو سنواري دل لائي ڪم ڪرڻ سان، هر مخلص فنڪار، خاڪ کي اڪسير ۽ پٿر کي گوهر بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. فقط يقين ڪامل، مسلسل جدوجهد، دل جي سچائيءَ جي ضرورت آهي.

شيخ عزيز جي زندگيءَ جا به مکيه ۽ اهم حصا هئا. هڪ ته هن علم جي تحصيل ۽ تڪميل لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو ۽ ٻيو سليقي ۽ نيڪ شعاريءَ سان وقت گذارڻ، خرافات کان پڇي علم ۽ فڪر جي دنيا ۾ مقام پيدا ڪرڻ. سندس زندگيءَ جي مثالي جدوجهد مان ثابت ٿئي ٿو ته ڏک مورڳو سونهان ۽ ساٿي ٿي هلن ٿا.

**ٽن سورن کي شاباس، جن پرت پچائي پنهل سين!**

شيخ عزيز قابلِ احترام شخصيتن مان هو. مستقبل جو مؤرخ جڏهن موجوده دور جي علمي، ادبي ۽ صحافتي تاريخ لکندو ته شيخ عزيز جي ذڪر کان سواءِ ان کي هرگز مڪمل ڪري نه سگهندو، ڇو ته شيخ عزيز جن صحافتي، ادبي، تاريخي، لوڪ ادب، لطيف شناسي ۽ لغات جي سلسلي ۾ تاريخ جي ورق ورق تي اهڙا يادگار نقش ڇڏيا آهن، جن کي ڪنهن به صورت ۾ ميٽي نه ٿو سگهجي، ۽ هُو پنهنجي دور جو مختلف موضوعن تي تمام گهڻو لکندڙ عالم، محقق، مؤرخ، تاريخدان، لطيف شناس ۽ صحافت جو روشن ستارو هو. سنڌي ٻولي اهڙي محسن ۽ عظيم الشان صحافي ۽ اديب کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سندس علمي، ادبي ۽ صحافتي ڪارنامن ۽ سوانح تي ڪو مفصل ڪتاب لکيو وڃي.

اِها به سنڌ جي تاريخ، ادب، لوڪ ادب لطيفيات ۽ صحافت جي خوشقسمتي چئجي، جو ان هڪ مصروف شخصيت کان پنهنجو خراج اوڳاڙيو،

جنهن زندگيءَ جون حسين يادون ۽ عيش و آرام ڇڏي صحافت، ادب ۽ تاريخ کي پوري زندگي ارپي ڇڏي، ۽ جنهن جي ڏينهن رات انهماڪ کي ڏسي، اهو اندازو نٿي ٿي سگهيو ته هيءُ عظيم صحافي، اهڙين مشغولين جي باوجود، سنڌي ادب ۽ تاريخ وغيره جو اهڙو پاڪيزه ۽ سنجيده ذوق شوق ساهه سان سانديندو رهيو. هن پنهنجي زندگيءَ جي پوري جدوجهد ۽ جهاد کي مجاز قرار ڏنو ۽ هميشه حقيقت شناس رهندو آيو.

شيخ عزيز جي مطالعي جي وسعت مان اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو، ته ڪنهن علمي يا تحقيقي مسئلي تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مسلسل گفتگو ڪندو هو. دليل ۽ نتيجي جي پختگي، فڪرو نظر وارن ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو. وڏا وڏا صاحبِ مطالع ماڻهو اهو ئي محسوس ڪندا هئا گويا جيڪو ڪجهه به شيخ صاحب چيو آهي، اهو هنن، نه ڪٿي پڙهيو آهي ۽ نه ڪٿان ٻڌو آهي! سندس نگاهه جي اها اهليت سندس وسيع مطالع، وسيع غور فڪر ۽ مشقت جو نتيجو هئي. حقيقت ۾ مون سندس لکيون ايتريون پڙهيون ناهن، جيترو شيخ عزيز لکيو آهي.

شيخ عزيز جي تحقيقي ۽ تاريخي مقالن، مضمونن ۽ ڪالمن جو وڏو تعداد، سنڌ ۽ پاڪستان جي معياري رسالن ۽ اخبارن ۾ محفوظ آهي. سندس هر مقالو، مضمون ۽ ڪالم، تحقيق ۽ مطالعي جو نچوڙ آهي. سندس اندازِ بيان وڻندڙ آهي، جنهنڪري تاريخ جهڙن خشڪ مقالن ۾ به هڪ قسم جي ڪشش پيدا ڪئي اٿس. هُو پنهنجي صوري ۽ معنوي انفراديت جي لحاظ سان پنهنجي دَور جي عالمن، اديبن ۽ صحافين ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ هو. سندس صحافتي ۽ ادبي خدمتون ۽ تحريرون هڪ خاص معيار تي رسيل هيون، جيڪي پنهنجي دلنشين اسلوبِ بيان ۽ سليس اندازِ تحرير جي ڪري وڏي اهميت رکن ٿيون. سندس تحقيقي، تنقيدي مقالن ۽ ڪالمن (جيڪي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ آهن) کي "باقيات الصالحات" جو درجو حاصل آهي، جن جي دائميت ۽ تازگي تيسين قائم رهندي، جيسين سنڌي زبان قائم ۽ دائم رهندي ۽ سنڌي سباجهڙا هن ٻاجهاري ٻوليءَ کي جهنگن، جهرن ۾ جهونگاريندا رهندا.

شيخ عزيز جي ڪتابن ۽ مقالن ۽ ڪالمن ۾ تاريخ ۽ تحقيق جي جهلڪ نظر اچي ٿي. سندس لفظن جو انتخاب نهايت وڻندڙ ۽ اندازِ بيان دلنشين آهي. سندس زبان استادانه، منطقي ۽ پُختگيءَ سان ڀرپور نظر اچي ٿي. سندس ڪتابه ڪالم ۽ مقالا پڙهندڙن ۾ شگفتگي ۽ ڪشش پيدا ڪن ٿا. لطافت، جامعيت رنگيني ۽ اثرانگيزي سندس تحريرن جا اهم عنصر آهن. ٻوليءَ جي سلاست، صحت، بندش جي پختگي، استدلال، لفظن جو انتخاب ۽ ترڪيبن جي جامعيت جي لحاظ سان شيخ عزيز جون تحريرون پنهنجون مَٽ پاڻ آهن.

51- 1952ع وارن سالن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "جامع سنڌي لغات" جي تياريءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، ته شيخ عزيز پنهنجي وڏي ڀاءُ شيخ محمد اسماعيل سان گڏجي ڊاڪٽر نبي بخش خان جو هٿ ونڊايو، محنت ۽ جستجوءَ سان هن قيمتي مواد مهيا ڪرڻ ۾ ڏينهن رات جانفشانيءَ سان ڪم ڪيو. وري سال 1954ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، تڏهن به شيخ عزيز هڪ مددگار ڪارڪن جي حيثيت ۾ وڏو ڪم ڪيو. پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ستت ئي محسوس ڪيو ته شيخ عزيز لغات نويسي، لطيفيات ۽ لوڪ ادب ۾ به وڏو تجربو رکي ٿو.

شيخ عزيز جون علمي، ادبي ۽ تاريخي خدمتون سنڌ واسين جي اکين آڏو رهيون آهن. هُو هڪ نهايت محنتي انسان هو. ادب، صحافت ۽ تاريخ جو وڏو

پارکو هو. کيس آفرين هجي جو سنڌ جهڙي سرسبز ۽ شاداب علائقي بابت وڏا ڪشالا ڪري، هن نهايت مفيد جاگرافيائي، تاريخي ۽ سماجي معلومات قلمبند ڪئي. هن ورهين جا ورهيه سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ جا سفر ڪري تحقيق ۽ تلاش لاءِ جُهد ڪيا، سنڌ جو تاريخي مواد ۽ لوڪ ادب، لوڪ شاعري ۽ لوڪ ڪهاڻيون هٿ ڪيون ۽ علمي پيرايي ۾ ان کي سهڻو ڪري لکيو.

شيخ عزيز پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي جواهر پارا سنڌي ٻوليءَ کي ڏئي ويو آهي، اُهي صدين تائين سنڌي قوم کي لاڀ ڏيندا رهندا. هن پنهنجي محنت سان صحافت، ادب، لطيفيات، لوڪ ادب، لغت ۽ تاريخ جو دامن ڪيترن ئي اهم موضوعن سان مالا مال ڪيو آهي. شيخ عزيز ان سلسلي ۾ مختلف ڪتاب ۽ مقالا پڻ سهيڙيا. اهڙي طرح لوڪ ادب جي حوالي سان سندس مقالا ۽ ڪالم پڻ تمام گهڻي اهميت جا حامل آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ ريفرنس بڪ جي حيثيت رکندڙ آهن، جنهنڪري شيخ عزيز کي سنڌي لوڪ ادب ڪليڪشن پروجيڪٽ ۾ 1957ع کان 1960ع تائين، بحيثيت ريسرچ اسسٽنٽ (پارٽ ٽائم) مقرر ڪيو ويو. تحقيقي ڪم فقط ڪتب خاني ۾ ويهي ڪتابن جي ورق خواني تائين محدود ناهي هوندو، ان لاءِ جهرجهنگ ۾ جهاڳڻا پون ٿا ۽ انهيءَ حوالي سان لوڪ ادب بابت مواد جي ميڙي چونڊ لاءِ شيخ عزيز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ شيخ محمد اسماعيل سان سنڌ جي انيڪ ڳوٺن ۾ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ سنڌي لوڪ ادب جي صنفن تي تمام گهڻي بنيادي مواد حاصل ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ساٿ ڏنو. لغت نويسيءَ جي شعبي ۾ شيخ عزيز جون ڪيل خدمتون ڪنهن به ريت فراموش ڪرڻ جهڙيون نه آهن. شيخ عزيز، لغت نويسي جي تحقيقي ڪم ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ شيخ محمد اسماعيل سان بحيثيت ريسرچ اسسٽنٽ (پارٽ ٽائم) 1956ع کان 1957ع تائين سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪيو. بلڪ ريسرچ اسسٽنٽ (پارٽ ٽائم) سنڌي ۽ اردو ڊڪشنري تيار ڪرڻ ۾ گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد طرفان 1956ع کان 1957ع تائين پڻ ڪم ڪيو.

شيخ عزيز، شاهه لطيف جي وجد انگيز ڪلام ۽ سيرت کان به ڏاڍو متاثر هو. شاهه عبداللطيف تي ڪتاب، مقالا ۽ ڪالم لکندي جيڪي جواهر پارا، سندس قلم مان نروار ٿيا، اهي سندس خيال ۽ فڪر جي وسعت ۽ گهرائيءَ جي ساک ڀرين ٿا. لطيف سائينءَ جي هر لفظ هر بندش ، هر بيت، هر وائيءَ ۽ هر ڪافي تي سندس عالمانه نگاهه هئي. شاهه لطيف جي سوانح، فن ۽ فڪر جي تعارف ۾ جيڪي سندس لکڻيون آهن، اُهي لطيفيات ۾ وڏو مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. شيخ عزيز کان لطيفيات متعلق جن به پڙهيو هو، اُنهن جو چوڻ هو ته شاهه جي رسالي تي سندس راءِ هڪ ماهرِ فن کان گهٽ نه هئي. اهڙيءَ طرح شاهه سائين جي سوانح ۽ فلسفيانه افڪار و فن تي پڻ عالمانه نگاهه هئس، بلڪ لطيف جي سوانح حيات جا مختلف پهلو نهايت تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيائين، شيخ صاحب، سوانح حيات کان علاوه شاهه سائينءَ جي دور، تاريخي واقعن، سير وسفر، شاهه سائينءَ سان لاڳاپيل تاريخي ماڳن ۽ شهرن جو ذڪر، شاهه جي ٻولي ۽ ان جي صرفي ۽ نحوي بناوت تي عالمانه انداز ۾ لکيو آهي. تحقيق جي حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران 1993ع ۾ تحقيق جو طريقهٔ ڪار جي موضوع تي ورڪشاپ ۾ ”تحقيق ڪيئن ڪجي“ جي عنوان تي ليڪچر ڏنا ۽ جنهن کي بعد ۾ مقالي جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. ساڳئي اداري پاران 1993ع ۾ ”شاهه لطيف تي تحقيق“ جي عنوان سان ٿيل ورڪشاپ ۾ پڻ اهم ليڪچر ڏنا، جيڪي بعد ۾ مقالي جي صورت ۾ شايع ٿيا.

ذي شعور انسان جي هر دور ۾ تاريخ سان دلچسپي رهي آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته کيس پنهنجي ماضيءَ سان تمام گهڻو چاهه آهي.

ماضيءَ جو مطالعو، حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو، اهوئي سبب آهي ته سنڌ جو مؤرخ، محقق ۽ تاريخدان شيخ عزيز شروع کان ئي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ آهي.

شيخ عزيز جا سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب، مقالا ۽ ڪالم ڏسي اهو ٿو معلوم ٿئي ته هن انهن موضوعن تي لکيو آهي، جيڪي تاريخ جي ڪتابن ۾ يا ڪنهن گمنام ڪتبخاني جي زينت بڻيل هئا، جن کي ڪنهن به پڙهڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي، ان جو وڏو ۽ چٽو مثال شيخ عزيز جا انگريزيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب، مقالا ۽ ڪالم آهن. سندس مشهور ڪتاب "Notes on Sindh" نمايان حيثيت ماڻي چڪو آهي.

شيخ عزيز جي صحافتي خدمتن کي مدِنظر رکندي ڪيترن ئي ادارن کيس پرڏيهي ملڪن ۾ موڪليو. 1995ع ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو وزيراعظم طور جاپان جي دوري تي وئي ته پاڻ سان شيخ عزيز کي به گڏ وٺي وئي. شيخ عزيز نه فقط اتي جا ادبي ۽ صحافتي ادارا ڏٺا، پر عالمن ۽ ماهرن سان رهاڻيون به ڪيون. اڪثر ادارن ۾ نهايت پرمغز ۽ پرجوش تقريرون به ڪيون ۽ مقالا به پڙهيا. هن پنهنجي ملڪ جي صحافتي سڌاري لاءِ جاکوڙيندي پنهنجي سموري زندگي صحافت کي ارپي ڇڏي. اهوئي سبب آهي جو سندس صحافتي خدمتن جو اعتراف نه فقط سنڌ ۾ ڪيو ويو بلڪ پاڪستاني ۽ پرڏيهي مستشرقين به سندس تخليقن مان استفادو حاصل ڪيو. پاڪستان ۽ پرڏيهه جا وڏا وڏا محقق سندس صحافتي ڪالمن ۽ ايڊيٽوريل مان حِظ حاصل ڪري چڪا آهن. هِت اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته شيخ صاحب صحافت جي ميدان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن پنهنجي جامع خصوصيات جي لحاظ سان بين الاقوامي شهرت حاصل ڪئي، جديد سنڌ جي فڪري ۽ علمي ارتقا ۾ سندس صحافتي خدمتون بلند مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. جيڪڏهن کيس جديد سنڌي صحافت جو باني چئجي، ته بيجا نه ٿيندو.

شيخ عزيز ڪچهريءَ جو مور هو، جنهن به محفل ۾ پاڻ موجود هوندو هو، اُها ڪچهري ٻنهه پيئي ٻهڪندي هئي. هميشه نرم لهجي ۾ پيو ڳالهائيندو هو، مشڪندو ۽ مرڪندو هو. سندس مرڪڻ ۽ مشڪڻ ۾ به حُسن ۽ دلاويزيءَ جا عجيب رنگ پسبا هئا. هُو منافقت ۽ ڪج ادائي کان پري هو، تنهنڪري هر ڳالهه ڦهڪائي ڏيندو هو، ڳالهين جو ڳهير هو، ڳالهه مان ڳالهه ڪندي تحقيق جا نوان موڙ پيو نروار ڪندو هو، پر ٻڌندڙن جو سُرور جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويندو هو، ٽڪ جو ته وٽس نالو ئي نه هو. اهوئي سبب آهي جو سندس دماغ ۽ زبان، تحقيق ۽ علميت جي رنگ سان رڱيل هئا.

شيخ عزيز جي وسيع ۽ غيرمعمولي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي اوارڊ (2004- 1998ع) ڏنا ويا. 1998ع ۾ سلور جوبلي اوارڊ آف ايڪسيلينس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڏنو ويو. 2000ع ۾ ڊيپلائي ايڪسيلينس اوارڊ آف جرنلزم سان نوازيو ويو. 2001ع ۾ ترقي پسند لٽريري اوارڊ، صحافتي شعبي ۾ اعليٰ ڪارڪردگي طور ڏنو ويو.

سنڌ جي تاريخ، صحافت، تهذيب وثقافت صدين کان قديم آهي، جنهن جا نقش، شيخ عزيز جي ڪتابن، مقالن ۽ ڪالمن ۾ تمام گهٽي تحقيقي ۽ علمي انداز ۾ چٽيل آهن. سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ سندس ڪتابن، مقالن، ۽ ڪالمن جي هڪ ڊگهي فهرست موجود آهي، جن جي وضاحت هن مضمون ۾ ناممڪن آهي. پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ سياست، صحافت، سماجيات، علم و ادب ۽ موسيقي وغيره جي سوين موضوعن تي هزارين مضمون پڻ لکيا، ان سان گڏ هن ڪيئي ڪتاب به پنهنجي



سليم چنا

# گُڊ باءِ، ماءِ فرينڊ!
# (ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي پيڀنا)

نور نبي (تنوير عباسي) خيرپور رياست جي ڳوٺ سوڀي ديري ۾ 7 ڊسمبر 1934ع ڌاري جنم ورتو ۽ اُتي ئي ابتدائي تعليم ورتي سندس والد خان صاحب گل حسن عباسي ڪليڪٽر ٿي رٽائرڊ ٿيو.

تنوير عباسي اعليٰ تعليم ڪراچي ۽ حيدرآباد مان ورتي. هُن ڊاڪٽري ايل.ايم.سي. حيدرآباد، ڄام شوري مان پاس ڪئي. ميڊيڪل ڪاليج ۾ تعليم دوران حيدرآباد جي علمي، ادبي ڪچهرين ۾ تمام گهڻو اٿيو ويٺو هو. تنهنڪري سندس شاعريءَ جي اصلاح ٿيندي رهي ۽ اُن ۾ پختگي ايندي رهي. هُو خاص طور تي ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل، غلام محمد گراميءَ ريڊيو پاڪستان تي الياس عشقي وٽ به ادبي اَڄ اُجهائيندو رهيو. هُو سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ترقي پسند لڏي جو باني ٻيلي هو. تنهنڪري سندس جديد خيالن ۾ وسعت ايندي رهي ۽ اڳتي هلي سنڌي ادب جي جديد دور جي بلند پايه شاعرن جي صف ۾ اچي بيٺو. تنوير وٽ شروع کان ئي سهاڄهي سُهڻي ۽ مٺڙي ٻولي هُئي. هن پنهنجي جديد سنڌي نظم ۾ وسعت پيدا ڪئي. غزل ۾ نيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪيا واين ۽ دوهن کي خوبصورت امرت رس جهڙو روپ ڏنو. هُن جي شاعري جو پهريون ڪتاب ”رڳون ٿيون رباب“ سونهن پري شاعريءَ جو سنگم آهي ۽ ڪاليج ۾ پڙهائي دوران الياس عشقيءَ جي همت افزائي ڪرڻ تي اردو ۾ سنڌي ادب جي مختصر تاريخ لکي.

سندس پهرئين شادي تمام ننڍي عمر ۾ ٿي، جنهن مان ڪيس اولاد به آهي، پر سندس اُها شادي ڪامياب نه ويئي. پوءِ 1964ع ۾ ڊاڪٽر قمر عباسيءَ سان بسنت هال حيدرآباد ۾ شادي ڪري خيرپور وڃي ڦول باغ جي ويجهو ”سنڌ اسپتال“ جي نالي پنهنجي خانگي اسپتال کولي، ٻئي زال مڙس اُتي پريڪٽس ڪرڻ لڳا. جو ته تنوير شروع کان ئي سرڪاري نوڪريءَ جي خلاف هوندو هو.



تنوير عباسي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي خوبصورت احساسن جو شاعر هو. هن وٽ لطيف ۽ نفيس جذبن جي ترجماني ڪندڙ ٻولي موجود هُئي. سندس غزل ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جي ڀرمار ڪانهي، پر سندس غزل نج سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي. اُن ۾ دلفريبي، دلڪشي ۽ مصري، ماکيءَ جهڙي مناڻ آهي.

هن جا موضوع انسانيت، محبت ۽ مٽيءَ سان اُنسيت وارا آهن. هُن جي شاعري ۾ فن جا اعليٰ قدر شروعاتي دور کان موجود آهن. تڏهن ئي ته سال 1969ع ۾ ٽماهي ”مهراڻ“ جي شاعر نمبر ۾ ايڊيٽر غلام محمد گراميءَ پاران سنڌ جي جديد شاعرن واري فهرست ۾ تنوير عباسيءَ جو نالو شيخ اياز عبدالڪريم گدائي ۽ حيدربخش جتوئي کان پوءِ چوٿين نمبر تي ڏنو آهي.

مهراڻ جي ’شاعر نمبر‘ ۾ تنوير جي نظم ”عشق جي بازار“ ڪانپوءِ هي غزل ڏنل آهي. جنهن مان خبر پوي ٿي ته شروع کان وٺي ئي تنوير

"اُهو ڏينهن ڏسڻ جي آس اٿر. جڏهن هٿيارن جو آخري ڪارخانو به بند ٿي ويندو ۽ اُهائي منهنجي سڄي زندگي خواهش رهي آهي. تنوير جيڪو انتهي تجربن، نت نون موت مار ڌماڪن کان هڪ ابهم ٻار وانگر هراسجي ويندو هو، تنهن انٽرويو ۾ چيو هو ته

"ادب جي به اخلاقيات ٿئي ٿي، ۽ مزاحمتي ادب به اُهي حدون نٿو اورانگهي سگهي. هِن نفيس مزاج شاعر باوقار انداز سان وڌيڪ چيو ته "ادب جي هر عظيم ڪم پويان هڪ پيغام ٿئي ٿو ۽ ڪو به ليکڪ ڪنهن پيغام کان سواءِ نٿو لکي. تنوير عباسي سڄي حياتي لکڻين ۾ ڀرپور مقصديت جي حمايت ڪئي. هُو چوندو هو ته ليکڪ ماڻهو وندرائيندڙ نه هوندا آهن.

تنوير تمام گهڻا سال تحقيقي ڪم ۾ مصروف رهيو، پر هو پنهنجو تخليقي ڪم به جاري رکندو آيو. هِن اسلام آباد ۾ وڃي پنهنجي تخليقي ڪم کي اڳتي وڌائڻ ٿي چاهيو.

تنوير سچل چيئر جي ڊائريڪٽريءَ کان متضاد عليحدگي کانپوءِ پنهنجي سر تحقيق ۽ تخليق جي مرحلن مان گذريو.

حساس دل رکندڙ هِن انسان جو شوڪت جماڻي، رشيد ڀٽي ۽ ٻين گهاٽن دوستن جي گذاري وڃڻ تي يا لڏي وڃڻ تي مايوس ٿي ويو هو ۽ سچل چيئر واري ڪم ۾ مددگار طور ڪم ڪندڙ ساٿي محمد علي حداد جي وفات کانپوءِ وڌيڪ اداس ٿي ويو هو.

تنوير هڪ صوفي منش انسان هو، جنهن ۾ ڌرتيءَ سان پيار به شامل هو. تنوير عباسي سنڌ جي ڪيترن ئي صوفين جا احوال قلمبند ڪيا. هُن خوش خير محمد هيسباڻي، نانڪ يوسف ۽ ٻين تي پڻ تحقيقي ڪم ڪيو.

هُو مسلسل محنت ۽ جدوجهد ۾ يقين رکندڙ اسڪالر هو. هُو روشنيءَ جو ڳولائو هو. سندس روشن دماغي جو هڪڙو ثبوت توهان کي هِن شعر مان مِلي سگهي ٿو.

جوت جلندي رهي لاٽ ٻرندي رهي
جي نٿا مڃ مڃائي سگهو دوستو
چٽنگ چولي ۾ پنهنجي لڪائي هلو
روشني زندگي آ، اها زندگي
ڪنهن امانت جيان دل سان لڳائي هلو.

تنوير سچل چيئر جو باني هو. حميد سنڌي سندس ڪم جو قدر ته نه ڪيو، پر مُرڪوئي ڪيس انهيءَ سيٽ تان هٽائي ڇڏيائين. ڪيس انهي ڳالهه جو ڏاڍو ڏک رسيو هو. جنهنڪري هو ڪجهه عرصو بيمار به رهيو، پر گهڻي ڀاڱي تنوير زندگيءَ جي مليل نعمتن مان خوش هو. ڪيس ڊاڪٽر قمرعباسي جهڙي وفادار ونِي، سرمد جهڙو ذهين پٽ، جنهن ننڍي عمر ۾ ولايت مان پي ايڇ ڊي ڪئي. ڪيس قدرت ڀاران روبي، پارس، مارئي جهڙيون هونهار ۽ هوشيار ڌيئرون مليون. تڏهن ئي ته تنوير مليل نعمتن مان خوش ٿي، بي اختيار هيئن چئي ٿو وجهي:

ٿورا ٿو مڃان دل سان، مالڪ جي اڳيان هردم،
جنهن مهر ڪري مون تي. بخشي هيءَ سعادت آ.

تنوير نوجوان اديبن لاءِ هڪ اتساهه ڏيندڙ ادارو هو. هُو تمام گهڻو ۽ سٺو پڙهندڙ هو. تنوير جديد ۽ قديم علمن بابت ڄاڻ جو ذخيرو پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو هو. سندس سرمد جو گهر، علم ۽ ادب جي اُڃايلن لاءِ هڪ مِٺو چشمو هو. تنوير سنڌي ادبي سنگت سان اڌ صدي تائين ساٿ نڀايو. تنوير "هائيڪو" جي صنف کي قبوليت ۽ مقبوليت ڏيارڻ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، تنوير جيڪو نوجوان اديبن جو آئيڊيل هو سو پاڻ متعلق چوندو هو ته:

نه ڪو مان خدا، نه ڪو مان رسول،
مان تنوير آهيان، پوان شل قبول.

تنوير جنهن پنهنجي مطالعي جي ميز تي 1990ع واري ڏهاڪي جي ليکڪ "اسٽيفن هاڪنگ" جي "بليڪ هول" کي به رکيو ته صوفي شاعر فقير خوش خيرمحمد هيسباڻي جي ڪلام کي به آڏو رکيو. تنوير جي چمڪندڙ اکين مسيحائيءَ جو پيشو اختيار ڪندي انساني جسم کي طبي لحاظ

تنوير تمام گهڻو پڙهيل، لکيل ماڻهو هو پر وٽس صوفين وارو رنگ به موجود هو. کيس ڪيترن ئي ادبي ادارن جي سربراهه ٿيڻ جون آڇون ٿيون. پر پاڻ اُهي قبول ڪو نه ڪيائين. جو ته هُن پنهنجي حصي ۾ اختلافن جا انبار آٿڻ نه پئي چاهيا. هو ته چوندو هو ته،

”شل ابد تائين رهي، رنگ سلامت گل جو،
هير جيان پاند ۾ خوشبوءِ ئي ڪٽي ويندا سين.“

تنوير جنهن کي اسلام آباد ۾ ڦڦڙن ۽ گُردن ۾ سخت تڪليف واري حالت ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) ۾ داخل ڪرايو ويو هو سو تمام جلد مسڪرائيندي ۽ ڳالهائيندي وفات ڪري ويو.

”تون جي چپ ٿي وئين، تنوير ته ڪوبه نه شعر ٻڌائيندو،
دل وارن جي دردونن جي محفل ڪير مچائيندو.“

تنوير اسلام آباد وڏي آس ڪٺي پنهنجي اڪيلي پٽ سرمد وٽ وڃي رهيو هو، پر اُتي ٻارنهن ڏينهن مَسَ گذاريائين.

”پُر ٿي مليو هو پيالو ليڪن چُپَ تي آئي ڪين سگهياسين.
هڪڙي حياتي حاصل ٿي هُئي سا پي ماٺي ڪين سگهياسين.“
(تنوير)

تنوير جي ننڍي ڀيڻ ڊاڪٽر نيلم عباسي لڙڪ لاڙيندي چيو ته:

”هو منهنجو ڀاءُ ئي نه پر مون کي اولاد وانگر سمجهندو هو. جڏهن مان ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندي هيس ته اڪثر مون سان ملڻ ايندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪندو هو. ادا مون کي ڳلي لڳائي منيون ڏيندو هو. وئڪيشن ۾ گهڻو ڪري مان ادا تنوير جي گهر خيرپور رهندي هئس ۽ ادا مون کي ڪلنڪ ۾ ويهاري مريض جي چڪاس لاءِ چوندو هو ۽ جڏهن مان ڪنهن مريض جو مرض صحيح نه سمجهي سگهندي هيس ته هو مون کي ڏاڍا ڏڪا ڏيندو هو ۽ پوءِ سمجهائيندو هو. ادا تنوير هو ته ايم.بي.بي.ايس، ڊاڪٽر پر شايد دنيا جي ڪا اهڙي ميڊيڪل ڪوجنا هوندي، جنهن جو ادا مطالعو نه ڪيو هجي، جنهن سبب گهڻين ڊگرين وارا پروفيسر ۽ ڊاڪٽر به سندس تعريف ڪندا رهيا. ادا جي وڏي ۾ وڏي خواهش هُئي ته جيئن سرمد منهنجي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهڙي ريت مان سرمد جي نانءَ سان سڃاتو وڃان. جيڪو سرمد سندس حياتيءَ ۾ پورو ڪيو. اسلام آباد ۾ سندس ننڍي عمر ۾ پي.ايڇ.ڊي ڪرڻ ۽ قابليت کي ڏسندي يونيورسٽي جي استادن کيس چيو ته سرمد اسان تنهنجي والدين سان ملڻ ٿا چاهيون. ادا تنوير ٻارن سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. اڪثر ٻارن سان ٻارن واريون حرڪتون ڪندو هو. منهنجي وڏي پٽ کي چوندو هو ته تون سرمد جي مهانڊي آهين. تو ۾ سڀ حرڪتون سرمد واريون آهن.“

ناميارو اديب غلام حسين رنگريز کيس هنن لفظن سان ڀيٽا ڏني آهي ته:

”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي دنيا ۾ صوفيائي مزاج جو سچو، صلح پسند، وطن دوست ۽ انسان پرست تنوير عباسي نه رڳو سٺو شاعر، نقاد ۽ محقق هو، پر پنهنجي وجود ۾ هڪ ادارو به هو. جنهن ڪيترن ئي نوجوانن جي ذهن جي آبياري ڪئي ۽ جديد سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ پتوڙيو.

”رڳون ٿيون رباب“ جو شاعر تنوير جهڙو هو طبيعت ۾ نهنو. تهڙي هُئي سندس شاعري، هُو ڪنهن سانتيڪي نهر جيان هو. جيڪا پهاڙن ۽ پوٺن تان سرمدي نغما آلاپيندي، اُجايل ڌرتيءَ جي تُونس اُجهائيندي اڳتي وڌندي رهندي آهي. تنوير عباسي سچل چيئر کان وٺي، لطيف سائين جي شاعريءَ جي اڀياس ۽ اوڪ ٻوڪ تي جيڪو پيار جو پورهيو ڪيو سو وساري نٿو سگهجي.“

سلطانه وقاصي پنهنجي ڪالم ۾ لکيو آهي ته:

تنوير عباسي جيڪو سدائين ڪِلمڪ رهيو. هُن پنهنجي شاعري ۾ محبوبہ کي مٿانهون مقام ڏنو. سندس هي شعر اُن ڳالھ جو شاهد آهي.

"تنهنجي گهٽيءَ جي مِٽي سِڙي،
پنهنجو ڪعبو ٿاهيو آ مون.
ڪنهن سان نفرت ڪري نہ سگهندس،
چو جو توکي چاهيو آ مون.

تنوير عباسي نہ فقط پنهنجن مداحن ۾ مقبول هو، پر هو پنهنجي خاندان جي ٻارن ۾ بہ ايترو ئي مقبول هو. سندس وفات ڪانپوءِ ڀاڻيجي ظهور احمد عباسيءَ چيو تہ: "ماما تنوير جي گهر جڏهن بہ اسان ويندا هُئاسين تہ عيد جو رنگ محسوس ٿيندو هو. ماما تمام زنده دل هو. ماميءَ کي تنگ ڪرڻ لاءِ هميشہ کيسي ۾ هڪ انڊين فلمي اداڪاره جو فوٽو رکندو هو. پڇڻ تي ٻڌائيندو هو تہ هيءَ منهنجي آئيڊيل آهي، جنهن تي مامي ڪاوڙجي ويندي هيس ۽ پوءِ کيس پرچائيندو هو. آخر ڏينهن ۾ ڦي نسيم پڇيس توهان جي کيسي ۾ تصوير آهي، اُها تہ ڏيکاريو، دل تي هٿ رکي چيائين: "دل ۾ آهي. کيسي مان گم ٿي وئي تہ چاهي ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيڻ لڳو."

تنوير عباسيءَ جي گهر ڀاتين جا تاثرات ترتيب ڏيندڙ صفدر عباسي عوامي آواز ۾ پنهنجي مضمون جي پڇاڙي ۾ لکي ٿو تہ:

تنوير عباسي تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ لفظن جي خوشبوءِ پوري نہ پوندي. اسين چاهيون ٿا تہ سندس گهر جا ڀاتي چاهين ٿا تہ جيڪو درس تنوير اسان کي ڏئي ويو آهي، اُن پيغام کي اڳتي هلايون تہ جيئن هُن جو روح خوش ٿئي. دعا آهي تہ شل هِن ڌرتيءَ تي اهڙا تنوير روز جنم وٺن ۽ خدا پاڪ تنوير عباسيءَ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرماءِ آمين."

تنوير عباسي 1988ع ۾ سنڌ قومي اتحاد جي هڪ اهم گڏجاڻي ۾ سن پهتو هو، جتي جي.ايم.سيد جي سَڏ تي سڄيءَ سنڌ جا ساڃاھ وند ۽ سياڻا سيبتا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سياستدان، اديب ۽ شاعر انهيءَ بحث ۾ حصو وٺي رهيا هُئا تہ سنڌ قومي اتحاد جو نالو "سنڌي قومي اتحاد" رکجي يا "سنڌ قومي اتحاد". انهيءَ موقعي تي تنوير عباسي پنهنجو رايو ڏيندي، "سنڌ قومي اتحاد" جي حق ۾ ايترا تہ مضبوط وزندار ۽ سگهارا دليل ڏنا جو اعتراض ڪندڙ اهم شخصيتن رسول بخش پليجي، حميده کهڙي ۽ قمر ڀٽيءَ سوڌو ڪيترن ئي اُن کي پوءِ قبول ڪري ورتو. تنوير چيو هو تہ: "سنڌ اسان جي ماءُ آهي. ۽ سنڌ قومي اتحاد نالي رکڻ سان سنڌ جي جاگرافيائي حدن جي تحفظ ۽ سلامتيءَ جي ضمانت ملي ٿي. بلڪ سنڌي قومي اتحاد مان صرف قوم پرستي واضح ٿي ٿئي. پر سنڌ قومي اتحاد مان اسان جي وطن دوستي بہ ظاهر ٿي ٿئي ۽ اسان ڇاڪاڻ تہ قوم پرست هجڻ سان گڏ وطن دوست بہ آهيون ۽ اسان جي قوم پرستي نسلي يا لساني نہ، پر وطن دوست قوم پرستي آهي. اُنڪري هِن اتحاد جو نالو "سنڌ قومي اتحاد" ئي صحيح آهي. سندس ان وري راءِ کي اڪثريت تاڙيون وڄائي قبول ڪيو هو.

مٿئين واقعي مان سندس سياسي شعور ۽ حب الوطنيءَ جي خبر پوي ٿي.

هاڻي اچو تہ تنوير عباسي جي جيون خاڪي کي سندس علمي قابليت ۽ تخليقي ڪارنامن جي فريم ۾ ڏسون.

اصل نالو: نورنبي عباسي.

پيءُ جو نالو- گل حسن عباسي.

پرائمري تعليم- سوڀي ديرو، جنم ڳوٺ.

سيڪينڊري تعليم- اين.جي.وي هاءِ اسڪول ڪراچي هائر سيڪينڊري تعليم- ڊي.جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج ڪراچي، ڊاڪٽري تعليم- لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري مان 1960 ۾ پاس ڪيائين.

حسينه ساند



# عورتن ۾ پاڻ مارڻ وارا واقعا

سنڌ جي عورت آخر ڇو ٿي پاڻ ماري. اهو سوال هر طرف کان ٻڌڻ ۾ ته اچي ٿو ۽ ان جا ڪارڻ به هر ماڻهو ڄاڻي ٿو، پر هن ظالم سماج ۾ ان جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ ڪير به تيار نه آهي.

سنڌ ۾ عورتن جي وڌندڙ پاڻ مارڻ واري رجحان ۾ اسان جو معاشرو سڀ کان وڌيڪ ذميوار آهي، اسان جي معاشري ۾ عورت کي ڪنهن پاليل جانور کان وڌيڪ حيثيت نٿي ڏني وڃي ۽ ان کي رڳو ٽن وقتن جي ماني عيوض قربانيءَ جو اهو جانور بڻايو ٿو وڃي، جنهن کي ڪنهن به وقت بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي قربان ڪيو وڃي.

وري جي اسان جي قانون کي ڏٺو وڃي ته اهو به نسورو انهن ظالم عنصرن جي طرفداري ڪندي نظر اچي ٿو، جيڪي جيئن چاهي عورتن جو استحصال ڪري سگهن ٿا، پوءِ مجبور عورت وٽ سواءِ پاڻ مارڻ جي ڪو ٻيو رستو بچندو ئي ناهي. عورت ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسجندي پيسجندي نيٺ وڃي پاڻ مارڻ وارو رستو اختيار ڪري ٿي.

عورتن طرفان پاڻ مارڻ جي اصل ذميوار عورت نه پر هيءُ معاشرو آهي، جيڪو هن کي اذيتن جا انبار ڏئي پاڻ مارڻ ڏانهن همٿائي ٿو ۽ عورت کي هن ناسور سماج ۾ ايترو ته اڪيلو ڪري ٿو ڇڏي جو هن وٽ پاڻ مارڻ کان سواءِ ڪا ٻي واھ ئي نٿي بچي. هيءُ معاشرو جي چاهي ته عورتن کي به انسان سمجهي ان کي پنهنجا حق ڏئي انهن واقعن کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، پر هن ڪاريهر نانگن واري معاشري ۾ اهو ٿيڻ ائين آهي جيئن ٻٻرن کان ٻير گهرجن.

سنڌ ۾ عورتن جا وڌندڙ پاڻ مارڻ وارا واقعا ڪيترائي سوال اڀارين ٿا ته ڇا اسان اهي ئي آهيون جن جي ثقافت ۽ تهذيب موهن جي دڙي واري آهي، ڇا اهو ئي معاشرو آهي، جنهن ۾ لاکيڻي لطيف پنهنجي آفاقي شاعريءَ ۾ رڳو عورتن کي سُرن جو سنگيت بڻايو آهي ڇا اسان اڃا به ان ئي جاهلاڻي معاشري ۾ رهون پيا، جنهن ۾ عورتن کي جيئري دفن ڪيو ويندو هو، ڄمڻ وقت ئي معصوم نياڻين کي موت جي ابدي ننڊ سمهاريو ويندو هو.

اسان جو هيءُ معاشرو پاڻ کي معتبر ته سمجهي ٿو ۽ هن دنيا مان وڃڻ بعد جنت جي طلب به رکي ٿي ته پوءِ آخر ڇو اهو معاشرو نياڻين کي پنهنجو حق ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندو رهي ٿو ڇا ڪنهن نياڻيءَ جي لڄ لٽي يا ان جي لوئي لاهي اسان جنت جا طالب ٿي سگهون ٿا، ڪڏهن به نه. اسان جو مذهب اسلام چٽيءَ ريت اهو سبق ڏئي ٿو ته انسانيت جي پرچار ڪريون اسين ته پنهنجي ئي گهر ۾ رهندڙ پنهنجي ئي نياڻين کي رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ڪريون ٿا ۽ انهن کي ايترو ته هيسايون ٿا جو اهي ويچاريون پاڻ مارڻ جهڙو وڏو قدم کڻڻ تي مجبور ٿيو وڃن.

عورت هر قدم تي مرد جي ٻانهن ٻيلي آهي، پوءِ اها چاهي ڪهڙي به روپ ۾ هجي، پوءِ آخر ڇو اسان ان سان ايترو ظلم ڪريون ٿا ڇا اسان جا ضمير اڃا ناهن جاڳيا يا اسان انسان جي روپ ۾ ڪي وحشي جانور آهيون جن کي رڳو انسانيت جو ويس ڍڪيل آهي.

هاڻي گهڻو ٿيو اسان کي پنهنجين عورتن کي اهي حق ڏيڻا ئي پوندا جن جون اهي حقدار آهن ۽ ان ريت ئي اسان پنهنجي معاشري ۾ عورتن جي وڌندڙ پاڻ مارڻ وارن واقعن ۾ گهٽتائي آڻي سگهون ٿا. ◙

الطاف ملڪاڻي

# منهنجو ڪاڇو

حقيقت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ته، سنڌ علم، ادب جو مرڪز رهي آهي. سنڌ جا قديم شهر پوءِ اهو پاٽ جو شهر هجي يا وري ٺٽو نگر، پر اُتي علم جا اهڙا ته روشن سج اُڀريا آهن، جن اوڀر کان اولهه ۽ اُتر کان ڏکڻ تائين پنهنجي علم جو نور ڦهلايو آهي. انتهائي ڏک جي ڳالهه آهي ته سنڌ تي جڏهن به ڪنهن ٻاهرين حملي آور راتاهو هنيو آهي، ته اُنهن ظالمن سڀ کان اول سنڌ جي علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي ورثن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ٺٽي جي وڏين لائبررين کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. مخدوم بلاول جهڙن عالمن ۽ ڏاهن کي شهيد ڪرايو ويو، اها ته سنڌ جي ماضيءَ جي علمي ادبي تاريخ جي ڳالهه آهي، پر جديد دور ۾ ٿر جو رائچند رانوڙ هجي يا حيدرآباد جو مرزا قليچ بيگ هجي، محمد عثمان ڏيپلائي هجي يا غلام محمد گرامي هُجي، محمد ابراهيم جويو هجي يا عطا محمد ڀنڀرو، پير حسام الدين راشدي هجي انهن سڀني روشن خيال علمي شخصيتن پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي. اها انهن ڏاهن جي علمي خدمت آهي، جو سنڌن ڇڏيل اڌوري ڪم کي اڄ جي نئين نسل جا اديب، محقق تاريخدان، شاعر ۽ استاد اڳتي وڌائي رهيا آهن.

جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، جاگرافي نه رڳو بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر اُنهن ماڳن مڪانن، تاريخي آثارن، ۽ قبرستانن کي ڊاهڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪي سنڌ جي شاندار ماضيءَ جا شاهد آهن، پر اهو سنڌ جي روشن خيال ۽




سجاڳ نسل جو ڪارنامو آهي، جو باوجود ڏکين حالتن ۽ وسيلن جي اڻهوند به انهن سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ جاگرافيءَ کي بچائڻ جا جتن پئي ڪيا آهن. اهڙن روشن خيال ۽ سجاڳ قلمڪارن ۾ نورحسين ڪلهوڙي جو نالو به اچي ٿو، جنهن پنهنجي ڌرتي ماءُ جي محبتن جو قرض لاهڻ خاطر ڪڏهن خيال جي آسمان تان شعرن جي صورت ۾ پرت پريو آهي ته وري ڪڏهن هڙان

وڙان خرچ ڪري، دوستن ڪان مليل خطن جي خوشبوءِ کي ڪتابي صورت ڏني آهي ته ڪڏهن خوبصورت ڪهاڻين جو ڪتاب، "پنل اڪڙيون"، ڇپرايو آهير، پر انهيءَ ڪان وڌيڪ هن ڏاهي انسان جيڪو ڪم ڪيو آهي سو آهي سندس پنجن سالن جي مسلسل اوجاڳن جي نتيجي ۾ سامهون آندل ڪتاب "منهنجو ڪاڇو."

ڏنو وڃي ته جاگرافيائي، تاريخي، ثقافتي ۽ اقتصادي حوالي سان ڪاڇو، سنڌ جو اهو شاهوڪار حصو آهي، جتي فطرت جا انوکا اسرار اڃا به پوشيده آهن. انهن اسرارن تان پردو کڻڻ لاءِ ۽ ڪاڇي جي شاهوڪار تهذيب کي دنيا آڏو آڻڻ لاءِ ماضيءَ ۾ ايتريون ڪوششون ناهن ٿيون. جيتريون اسان جي عالمن اديبن ۽ ڏاهن کي ڪرڻ گهرجن.

تازو نورحسين ڪلهوڙي جو آيل ڪتاب "منهنجو ڪاڇو" اُها ڏيئي جي لاٽ آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ مستقبل جا محقق ڪاڇي جي شاندار تهذيب کي روشن صبح جيان دنيا آڏو ظاهر ڪري سگهن ٿا.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ڪتاب "منهنجو ڪاڇو" انتهائي جاکوڙ، محنت ۽ محبت سان لکيل هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو ڪاڇي واسين جي ڏکن، سورن، تڪليفن کي نه رڳو اسان آوڏو وائکو ڪري ٿو، پر انهيءَ سان گڏ هن ڪتاب مان ڪاڇي جي شاهڪار تهذيب، تمدن، توڙي مالامال اقتصادي وسيلن جي ڄاڻ پوي ٿي. هيءُ ڪتاب، ڪُل ستن بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪاڇي جي تاريخ، جاگرافي، اقتصادي، تهذيبي، تمدني اهميت اُجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪاڇي جي زراعت، رزق مال، جهنگلي جيوت، جابلو ٽڪرين نئين، ڍنڍن، ڍورن، پاڻيءَ جي وهڪرن، ڪنبن، چشمن، آبشارن سميت رسمن، رواجن، راندين، ۽ سموري ثقافت بابت تمام گهڻي ڄاڻ ۽ معلومات ڏني وئي آهي. يقيني طور تي ڪتاب "منهنجو ڪاڇو" هڪ اهڙو ريفرنس بُڪ آهي، جنهن ۾ ڪاڇي بابت گهڻو ڪجهه موجود آهي.

هيءُ ڪتاب نه رڳو قيمتي معلومات ۽ لفظن سان سينگاريل آهي، پر هن آرٽ پيپر ۾ موجود رنگين تصوير ۽ البم ڪاڇي جي شاهوڪار تهذيب جو اڪين ڏٺو ساکي آهي. هن محنت طلب، ڪارنامي لاءِ نورحسين ڪلهوڙو مبارڪ جي لائق آهي، ۽ هو وڏي جس لهڻي، جنهن پنهنجي جنم ڀومیءَ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ جو واس نه رڳو سنڌ واسين کي، پر ڏيهه، پرڏيهه ۾ موجود هر سنڌيءَ کي ونڊائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان جا سرڪاري، توڙي غير سرڪاري علمي، ادبي ۽ پبلشنگ ادارا، اهڙن محنتي ۽ جاکوڙي قلمڪارن، اديبن ۽ محققن جي همٿ افزائيءَ لاءِ اڳتي اچن. سندن محنتن ۽ ڪاوشن کي پٽرو ڪرڻ لاءِ ليکڪن جي ڪتابن کي ڇپرائڻ بلڪ هِنن کي اُنهن جي محنتن جو معاوضو به ڏين ۽ هٿي ونڊائن ته جيئن سنڌ جي ماضي حال جي شاهوڪار تهذيب، تاريخ، ثقافت نه رڳو دنيا آڏو اچي، پر اُها مستقبل ۾ به محفوظ رهي ۽ اسان جي ايندڙ نسل جي رهبري ۽ رهنمائي به ڪري سگهي.

◙

اوقاف کاتي جي چيف ائڊمنسٽريٽر منور علي مهيسر پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ هن نفسا نفسيءَ جي عالم ۾ صرف صوفي ازم ئي اسان کي بچائي سگهي ٿو. هن چيو تہ سنڌ اها سرزمين آهي، جنهن جي ڪک ۾ انيڪ درويش، عالم، فاضل ۽ صوفي موجود آهن، جن جو بنيادي فلسفو ئي امن، آشتي، محبت ۽ انسان دوستي هئي ۽ اهي سڀ خصلتون اسان جي بزرگ علامہ ميان غلام محمد مهيسر ۾ موجود هيون.

**ايس ايس پي غلام اظفر مهيسر** پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ چيو تہ علامہ غلام محمد صاحب جي شخصيت جا مختلف روپ ۽ زاويا آهن، جن جو بہ هڪ سبب آهي، انهن کي علم جو اهو عظيم فيض سندن وڏڙن کان ورثي ۾ مليو، ٽينءَ پيڙهيءَ کان علم جو اهو تسلسل هلندو آيو. ساڍا ٽي سؤ سال اڳ بہ ماڻهن جي علمي پياس بجهائڻ لاءِ هن خطي ۾ انهن بزرگن قلمي ڪتاب ۽ ڪلام پاڪ جا نسخا هٿن سان لکيا، ان وقت جيٽوٽيڪ پرنٽنگ پريس جو وجود نہ هو، تنهن هوندي بہ انهن پنهنجو علمي پورهيو سنڌ جي مختلف علائقن ۽ درسگاهن تائين پهچايو، جيڪو اڄ سنڌ جي اوائلي لائبريرين ۾ ضرور موجود هوندو. مولوي فقير محمد مهيسرؒ جو لکيل قلمي ڪتاب 'ڪنز الدقائق' پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن جي ترجمي لاءِ ميان شفيق احمد ڪوشان آهي. اڄ هن پنڊال ۾ مختلف مڪتبہ فڪر جي هزارين ماڻهن جو گڏ ٿيڻ بہ اها ثابتي آهي تہ ساڍيون ٽي صديون اڳ ٻاريل ان لاٽ جو تسلسل اڃا قائم آهي.

**ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ** پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ميان صاحب جي مڪمل سوانح عمري، سندن فتوائون ۽ ٻيو علمي مواد ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجي تہ جيئن ايندڙ نسل تاريخ جو اهو اهم باب پڙهي سگهي.

سيد گل محمد شاهہ بخاريءَ چيو تہ منهنجي خوشنصيبي آهي تہ ماضيءَ ۾ شهدادڪوٽ جي جنهن درسگاهہ ۾ علامہ غلام محمد مهيسر جن پڙهيا، ان درسگاهہ سان منهنجو بہ واسطو رهيو آهي علامہ صاحب عظيم استادن جا عظيم شاگرد ثابت ٿيا، جن پنهنجي استادن جي ڏنل فيض جو ڦهلاءُ بہ فراخدليءَ سان ڪيو ۽ سوين عالم فاضل پيدا ڪيا، پاڻ سادگيءَ جو هڪ شاندار مثال هئا.

**درگاهہ پير جو ڳوٺ جي پير سيد عثمان شاهہ راشديءَ** پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ اسان جي وڏڙن بزرگن جو مهيسر خاندان جو پراڻو واسطو رهيو آهي، پير سائين محمد بقا شاهہ جا ٻهريان استاد بہ مهيسر هئا. تنهن دور کان وٺي درگاهہ پير جو ڳوٺ ۾ مهيسر استادن کي خاص عزت ڏني ويجي ٿي. پير سائين روضي ڌڻيؒ جي حضرت غلام محمد مهيسر سان خاص انسيت رهي.

**مخدوم نديم هاشميءَ** چيو تہ ميان غلام محمد مهيسر جن جيترا وڏا عالم، اڪابر ۽ الله جي ويجهو هئا، اوترا نِوڙت ۽ شفقت وارا مهربان هئا. علامہ صاحب جن درگاهہ کهڙا جي مشهور درسگاهہ ۾ ڪيترائي سال 'شيخ الجامعہ' طور تدريسي خدمتون انجام ڏنيون ۽ سوين شاگردن کي پنهنجي فيض سان منور ڪيو، سندن اهو فيض هن وقت بہ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جاري آهي.

**پروفيسر اڪبر مهيسر** پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ حضرت غلام محمد مهيسر جي شخصيت تي نظر وجهون تہ محسوس ٿيندو تہ گويا پاڻ 'سوره العصر' جو تفسير هئا، انهن جي زندگي اڄ جي دور ۾ هڪ مثال آهي.

**رياض حسين وساڻ** پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ زندگيءَ جي مسئلن ۾ اسين اهڙو تہ جڪڙجي چڪا آهيون جو اسان کي سڪون جي تلاش رهي ٿي، ۽ اهو حقيقي سڪون علامہ غلام محمد مهيسر جهڙن بزرگن جي ديري تي اچي نصيب ٿئي ٿو.

ان موقعي **سيد محمد بچل شاهہ جيلاني، منظور اڄڻ، ممتاز رڏ، ايڊووڪيٽ رحمان مهيسر، شفقت علي مهيسر** ۽ ٻين پڻ خطاب ڪندي بزرگن کي خراج پيش ڪيو. پروفيسر **فدا حسين مگهڙ** پنهنجي مقالي ۾ بزرگن جي سوانح تي تفصيل سان روشني وڌي ۽ **پروفيسر سرور سيف** پنهنجي مقالي ۾ ميان غلام محمد سائين جي استاد صاحبان جو ذڪر ڪيو.

ادبي ڪانفرنس سان گڏ **سگهڙ ڪچهريءَ** بہ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن سگهڙن پنهنجو فن پيش ڪري داد ماڻيو.



عبدالرزاق ڪلهوڙو

# توسان نينهن نئون ڪو ناهي

## (قنبر ۾ آڪاش انصاريءَ سان ملهايل رهاڻ جي رپورٽ)

آرٽس ڪائونسل آف قنبر- شهدادڪوٽ (رجسٽرڊ) جو پهريون پروگرام، سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان رهاڻ ملهائڻ جي صورت ۾ ٿيو. هيءُ پروگرام ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال قنبر ۾ ٿيو، صدارت به ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ ڪئي. خاص مهمان جلمي چانڊيو هو.

اعزازي مهمانن ۾ علي آڪاش، ڊاڪٽر ايوب جروار، ڊاڪٽر نظير احمد شيخ، ڊاڪٽر احسان دانش، رياضت ٻرڙو ۽ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان قنبر- شهدادڪوٽ جو چيئرمن ڀائو درمحمد ٻرڙو هئا. اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض رضوان گل ادا ڪيا.

ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جا هم ڪلاسي ۽ دوست ڊاڪٽر علم الدين انصاري، ڊاڪٽر خالد نظاماڻي، ڊاڪٽر خالد گل نظاماڻي پڻ موجود هئا. هن پروگرام ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي به مجتا اوارڊ هڪ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان قنبر- شهدادڪوٽ طرفان ٻيو قنبر- شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي پاران ڏنا ويا. پروگرام ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي وڌيڪ مانُ ڏيندي پنجاهه اجرڪن جا تحفا ۽ خوبصورت گلدستا پيش ڪيا ويا. ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي مانَ ۾ سڄو هال ۽ اسٽيج تي ويٺل ماڻهن پورا پنج منٽ اُٿي تاڙيون وڄايون.

سڀ کان پهرين پروگرام جي شروعات لطيف سائينءَ جي وائيءَ سان ڪئي وئي، جيڪا بهترين انداز سان سائل سڪندر ٻڌائي. ان کان پوءِ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا ۽ گلدستا پيش ڪيا ويا.

سڀ کان پهريان آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان قنبر جي چيئرمن ڀائو درمحمد ٻرڙي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته: هي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان رهاڻ ۽ مجتا جو پروگرام گهڻو وقت اڳ ٿيڻ کپندو هو، اُهو ٿورو دير سان ٿيو آهي، پر وري به خوش آهيون ته جتي سڄي سنڌ جي باشعور ماڻهن طرفان سنڌ جي انقلابي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي سنڌ ۾ جيئري ئي مانُ ملي رهيو آهي. ان بهترين عمل ۾ اسان به شامل آهيون، جيڪو سندس حق آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ايل.ايم.سي ۾ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، ڊاڪٽر خليل قاضي، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر منير پرڳڙي، ڊاڪٽر منير ابڙي، ڊاڪٽر ولي عباسي، ڊاڪٽر اعجاز نظاماڻي، ڊاڪٽر ايوب جروار، ڊاڪٽر جاويد مري ۽ ٻين باشعور ڊاڪٽرن سان گڏجي هن سماج ۾ بهتري آڻڻ لاءِ باعمل سياست جي شروعات ڪئي، جيڪا علم، عمل ۽ ڪردار جي ڪري سڄي سنڌ سڄاڳ ٿي پئي، ان ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو وڏو ڪارنامو اِهو هو جو هُن پنهنجي انقلابي شاعريءَ ذريعي سڄي سنڌ جي شعور کي جاڳايو ۽ تيز ڪيو. اهو سندس وڏو ڪارنامو اڄ به جاري ۽ ساري آهي، اسان قنبر وارا خوش نصيب آهيون جو ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان 40 سالن کان سنڌ ۾ شعوري سڄاڳيءَ جي سفر جا همسفر ساٿي رهيا آهيون.

ڀائو درمحمد ٻرڙي وڌيڪ چيو ته: جڏهن به سنڌ ۾ شعور ۽ جدوجهد جو علم بلند ٿيو آهي، اسان قنبر واسين ان جو ساٿ ڏنو آهي. اسان جو ان ناتي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان نظرياتي رشتو رهيو آهي، جيڪو سمورن رشتن کان مٿانهون آهي، ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان هيءُ مجتا رهاڻ ملهائڻ وارو پروگرام به منهنجو هڪ خواب هو، جيڪو اڄ پورو ٿيو، اڄ هِتي قنبر ۾ سڄي سنڌ جا باشعور ساٿي گڏ ڏسي ۽ پنهنجو انقلابي ڪردار رکندڙ دوست ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ

ڪي ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي شهر قنبر ۾ ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. سڄي سنڌ جي باشعور ماڻهن کي قنبر گهڻيون عزتون ڏنيون آهن، هيءُ پروگرام به ان شعوري جاڳرتا جو تسلسل آهي، جيڪو جاري ۽ ساري رهندو. اسان هجون نه هجون، شل اوهان کي ياد هجون. وري به ٻاهران آيل سمورن مهمانن کي دل جي گهراين سان ڀليڪار چئون ٿا.

ان کان پوءِ پروفيسر منظور علي ڇڄڙي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي شاعريءَ تي ڳالهائيندي چيو ته: ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي شاعري قومي ۽ انقلابي شاعري آهي. اسان وڏا خوشنصيب آهيون جو سڄي سنڌ جي سجاڳي آڻيندڙ انقلابي ماڻهن جي سٿ ۾ رهيا آهيون ۽ ڊاڪٽر آڪاش انصاري به ان سٿ جو هڪ ڪاهوڙي ڪردار آهي.

رياضت ٻرڙي ڳالهائيندي چيو ته: اڄ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ منهنجي ڪنڌ تان چمي ورتي، تڏهن مون کي پنهنجو پاءُ ۽ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جو پيارو دوست ۽ سڄي سنڌ جو سڄاڻ ڪردار پاءُ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ياد اچي ويو. هن وڌيڪ شاعريءَ تي ڳالهائيندي چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري هن دؤر جو بهترين ترجمان شاعر آهي.

ڊاڪٽر احسان دانش پنهنجو ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ تي لکيل مضمون "آڪاش جي شاعريءَ تي اڌورا ويچار" ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي سنڌي قوم جو ۽ هن دؤر جو مڪمل ترجمان شاعر طور پيش ڪيو.

علي آڪاش پنهنجي تقرير ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي پنهنجي شهر قنبر ۾ اچڻ تي ڀليڪار ڪندي چيو ته: هيءُ منهنجو شهر، سياسي ۽ ادبي شهر آهي، جنهن به هن شهر جي علم جي سُرڪ چکي سو سڄي حياتي سچ ۽ سونهن جو ساٿاري رهندو. مون به علي آڪاش تخلص، آڪاش انصاريءَ جي شاعريءَ مان متاثر ٿي پاڻ تي نالو رکيو هو. هن وڌيڪ چيو ته: سنڌ جو ٻهريون مزاحمتي شاعر شيخ اياز آهي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري ان جو تسلسل آهي. وڏا شاعر، اديب ۽ انقلابي، سياستدان، جدوجهد مان ڦٽي نڪرندا آهن. اڄ سياسي طرح ملڻار آهي، ملائيت، ڊڪٽيٽرشپ، ۽ دهشتگرديءَ جو راڄ آهي ۽ پوءِ به سنڌي قوم لاوي جيان پچي رهي آهي، شايد ڪو جلد وڏو ڌماڪو ٿيڻو آهي.

ڊاڪٽر نظير شيخ پنهنجي تقرير جي شروعات هن ڳالهه سان ڪئي ته: قنبر منهنجو شهر آهي، جنهن جي شعوري دستي جي اڳواڻي ڀائو درمحمد ٻرڙي ڪئي، جيڪو اڄ تائين متحرڪ آهي، اهڙا جاڳرتا پيدا ڪندڙ پروگرام ڪندو پيو اچي، اسان سڀني کي پنهنجو انقلابي ڪردار رکندڙ منظر ڪرڻ جو جيڪو سبق ڏنو آهي، ان تان ڪڏهن ڪونه هٽيو آهي، جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي سڄي دنيا ۽ مظلوم قومن جي سائنسي انقلابي ڄاڻ ڏني، جنهن جو تسلسل ڊاڪٽر آڪاش انصاري آهي، جامي چانڊيو آهي، اسان سڀ آهيون. جتي به اسان جا دوست آهن، اتي سنڌ جي آئت ۽ روشنيون ڪندڙ ڏيئا آهن. اسان ٿڪيا نه آهيون، حق سچ جي واٽ تي هلندا رهنداسين، جنهن ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي شاعري اسان لاءِ مشعل راهه هوندي.

ان کان پوءِ جامي چانڊيي، ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ تي ڳالهائيندي چيو ته: ڊاڪٽر آڪاش انصاري جمالياتي، آدرشي ۽ انقلابي شاعر آهي. منهنجي خواهش آهي ته ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ تي لکان ۽ ضرور لکندس. ڊاڪٽر آڪاش سان تمام گهڻو وقت گڏ رهيو آهيان. هر وڏي تخليقڪار ۽ مفڪر جي پويان هڪ سلسلو ڳنڍيل هوندو آهي، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ پنهنجي جڳهه ناهي ورتي آهي. جامي چانڊيي وڌيڪ چيو ته: ڪڏهن شاعري دل وندرائڻ لاءِ ۽ ڪڏهن شاعري خوش آمد لاءِ ڪئي ويندي هئي. اڻويهين صديءَ ۾ جن انقلابي نظرين جنم ورتو، جنهن ۾ روسي، چيني، ويٽنامي انقلاب آيا پوءِ فڪري شاعري ۽ ادب جي شروعات ٿي. جڏهن دنيا ۾ ڏکيا دؤر ايندا آهن،

تڏهن ئي جديد تاريخ جڙندي آهي. جيئن ون يونٽ جو دؤر، ايم آر ڊي دؤر ۾ سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ وطن دوستي پيدا ٿي ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي ٻولي پنهنجي آهي هن پنهنجي شاعريءَ جو پنهنجو نظام جوڙيو آهي، آڪاش جي شاعري تمام گهڻي مقبول رهي آهي ڇو تہ هن عوام جي مجبورين ۽ مسئلن کي پنهنجو سمجهي ڪنيو آهي. هيءُ سنڌي قوم جي هر مسئلي جو ترجمان ۽ سونهون رهيو آهي. هر انقلابي شاعر مزاحمتي بہ هوندو آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري رڳو مزاحمتي نہ، پر مڪمل انقلابي شاعر آهي، آڪاش جا نظم ڪمال جا آهن، حسن درس بہ آڪاش کان متاثر رهيو هو. خيال، احساس ۽ فڪر شاعريءَ جو لازمي حصو هجڻ گهرجن، پر اجوڪا شاعر خيال کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا ۽ فڪر رهجيو وڃي.

قنبر کي پليجي صاحب ايٿنس جو خطاب ڏنو هو. قنبر جو سقراط ڊاڪٽر محبت ٻرڙو هو. اڄ وري بہ ان قنبر جي علم، ادب، شعور ۽ عملن جو سڄاڳيءَ جو مالڪ پائو درمحمد ٻرڙو آهي، جيڪو جاڳي ۽ جاڳائي ٿو.

صدارتي تقرير لاءِ جڏهن آڪاش انصاري اُٿيو تہ اسٽيج سميت سڄي هال جا ماڻهو اُٿي بيهي ڊاڪٽر آڪاش انصاري کي مانُ ڏيندي مچتا ۾ تاڙيون وڄائيندا رهيا. جيڪو پيار جو سحرانگيز منظر ڏسڻ وٽان هو. قومون پنهنجي ترجمان شاعرن کي پيار مان داد هينئن بہ ڏينديون آهن.

چوطرف گلن جي ورکا هئي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري واقعي شاعريءَ جو آڪاش محسوس ٿي رهيو هو. آڪاش انصاري صدارتي خطبو ڏيندي چيو تہ: قنبر سنڌ جو واقعي ايٿنس آهي، جنهن سان منهنجو گهرو تعلق رهيو آهي. مون کي عوام جي محبتن ۽ ڏنل عزتن جيئاريو آهي. مون کي منهنجي پياري دوست پائو درمحمد ٻرڙي ۽ ٻين ساٿين حوصلو ڏئي نئين زندگي ڏني آهي. اهڙا ساٿي مون لاءِ رت جون بوتلون رهيا آهن. ماڻهن جي محبتن ئي مون کي مرڻ نہ ڏنو آهي.

مون کي قنبر اچي خوشي ٿي آهي. مان نوجوانيءَ ۾ بہ ڪيترا دفعا قنبر آيو آهيان. مون زندگيءَ ۾ جيئن پنهنجي شهر بدين کي پنهنجو سمجهيو آهي، ائين منهنجو ٻيو شهر قنبر رهيو آهي. قنبر سنڌ جو واقعي دماغ رهيو آهي. مان وري پائو درمحمد ٻرڙي جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن سدائين محبتن جون مالهائون پارايون آهن. مان آيل سڀني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن مون کي گلدستا ڏنا، اجرڪ پارائي وڏي عزت بخشي آهي. سنڌ جي ماڻهن جي محبتن ۽ دعائن مون کي نئون جنم ڏنو آهي.

ان کان پوءِ هن پنهنجي انقلابي شاعري جهونگاري ٻڌائي ۽ ويٺل ماڻهو واهہ واهہ ڪندا رهيا. پنهنجي شاعريءَ مان هيءُ سمورا نظم بهترين انداز سان پڙهي ٻڌايا:

1. وقت جي چيچ ۾ زندگيءَ جو چلو ٿي پيو گهرگهلو يار جلدي مِلو
2. تنهنجي مستان اکڙين ماريو
3. رُني راتڙي اديون مون کي رهاڻيون رنگ وسري ويا
4. تون ڪهڙي ديس جو رمتو آهين
5. زندگي ٿي وئي تجربا تجربا
6. ٻڌايو فرقا فروشن جي پيشوائن کي
7. اڄ هلي سنڌ کان شجرو پڇون
8. يادگيرين جا سيلاب ايندا
9. مڃون ٿا اسان جون زبانون بہ پاڙئون پٽائي سگهو ٿا
10. جنهن نہ مٽيءَ جي خوشبوئن کي چاتو هجي
11. پٽڪي پنهنجو ڏگ وجي جيئن پکيڙو منجهہ گگن جلاوطن جلاوطن
12. هي جيون ناهي ڪو جر ڦوٽو
13. او امان او امان او امان اومان...
14. ماں تو رونا نہیں
15. شهر جي مدرسن ۽ منصوبن
16. توسان نينهن نئون ڪو ناهي

17. هر ساري ڪائنات جو محور هجان ها مان
18. جڏهن ڪنهن به بادل ولهاريون وسايون الائي چو
اوهان جون اکيون
19. هائي ته آڪاش اوٽ ۾
20. وقت جو ويڻ جيسين وهي نه ٿو
21. هي رهزن
22. مان هليو چو هليو ويس
23. اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا.

پروگرام جي پڄاڻيءَ تي، ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي پيارن، مداحن، پَرستارن، دوستن کيس وڏي پيار جي گهيري ۾ آڻي، ڪن سيلفيون، ڪن تصويرون ڪي آٽوگراف، ڪي هٿ ملائي پنهنجي پنهنجي انداز سان سانس پيار جو اظهار ڪري رهيا هئا، جيئن عظيم قومون پنهنجن انقلابي شاعرن سان محبتون ڪنديون آهن، اڄ ائين ئي محبت جي شهر ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي سچو ڏينهن محبتون ۽ پيار ملندو رهيو. جواب ۾ پُرهجوم محبت ۽ پيار ڪندڙن کي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جواب ۾ مُرڪي، ڪيڪاري، هٿ ٻڌي ياڪر پائي ڪجهه لفظ پيار مان اظهاري پيار جو جواب پيار ۾ ڏئي رهيو هو، وري به هڪ انقلابي شاعر سان عوامي پيار ۽ مچتا جا منظر ڏسڻ وٽان هئا.

ڪڏهن به نه وسارڻ جهڙا محبت ڀريا منظر نيٺ سج لهڻ مهل پورا ٿيا. هرهڪ دوست ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي شاعريءَ جون سِٽون يا سندن ڳالهايل پيار جا جملا ياد ڪندو پنهنجي پنهنجي منزل طرف روانو ٿي ويو. شال سڄي سنڌ ۾ اهڙا خوشين جا ڏينهڙا اچن جو هرهڪ ماڻهو پنهنجي پيار جو اظهار آزاديءَ سان ڪري سگهي. سڀ خوش، آزاد ۽ آباد هجون.

◙

سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب




ڪتاب: اسان جو قلم هڪ عَلم
موضوع: اينٿالاجي
ليکڪ: حميد سنڌي
ڇاپو پهريون: 2018ع
قيمت: -/600 رپيا
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ. ڄامشورو

◙

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري نميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻہ عدد ڪاپيون ايڊيٽر 'مهراڻ' کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.
7. مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نہ رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نہ رهندو.

■

سچل سرمست جي 198 هين ساليانِي عرس جي موقعي تي ناميارِي آرٽسٽ محترم سعيد منگيءَ
جا تاهيل خوبصورت شاهڪار












## سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو تعارفي اجلاس



سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' جي سربراهيءَ ۾ تاريخ 16مئي 2019ع تي بورڊ جي تعارفي اجلاس ۾ ساڄي کان: ڊاڪٽر نواز علي شوق، سيد حاڪم علي شاهہ بخاري، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ، سرفراز احمد راڄڙ
کاٻي کان: احسان الله لغاري (ڊپٽي سيڪريٽري تعليم کاتو)، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، عبدالقادر منگي، جسٽس (ر) سيد ارشاد علي شاهہ ۽ سيد شبير علي شاهہ 'هاتف' موجود آهن



سنڌي ادبي بورڊ جي تعارفي اجلاس کانپوءِ شريڪ ميمبرن جو چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' سان ورتل گروپ فوٽو